# DIWALI MUSICAL HANGAMA 2020 & HAPPY NEW YEAR 2021

**Programme Sponsored by Shri Nandlal Bathija**




*Courtesy by:*

**JAGDISH KANJHAN**

M.D. COMPUTER CARE GROUP, DUBAI.

# سنڌو - 2021

( 1983 کان لڳاتار شايع ٿيندڙ ساليانو اَدبي رسالو )

سمپادڪ

**نند ڇڳاڻي**

سال : 2021

## سنڌو يوٿ سرڪل

(رجسترڊ پبلڪ ٽرسٽ)

سيڪشن-22، اُلهاسنگر - 3

PIN : 421 002

Tel. 00-91-251-2734916

هيءَ مخزن شري سندر ڏنگواڻي - جنرل سيڪريٽري سنڌو يوٿ سرڪل - سيڪشن-٢٢، سنڌونگر-٣، ٢٠٠ ٤٢١، پاران سُڏا آفسيٽ پرنٽرس، پرنس مارڪيٽ، سنڌونگر-٣، ٢٠٠ ٤٢١، وٽان ڇپائي پڌري ڪئي.

**اِظهار جي آزادي برقرار رکي ويئي آهي.**

اُن مان اِئين نہ سمجهڻ کپي تہ سمپادڪ، ڇپائيندڙ ۽ ڇپيندڙ، ڇپيل مواد ۾ هڪ ٻئي سان سهمت آهن. اِئين سمجهڻ غلط ٿي ٿيندو.

ڊاڪٽرس، نرسز ۽ هاسپيٽل اِسٽاف

فرنٽ لائين ورڪرس، شيواڌاري،

جِن بيروزگارن کي اَناج، روڪ سهايتا ڪئي.

پوليس، اَئڊمنسٽريشن ۽ صفائي ڪامگارن

ناالي

ڪووِڊ جانباز جوڌن

( Covid - Warriors )

جِن نشڪام سيوا معرفت

اِنسانيت جو شاندار مثال قائم ڪيو.

# ❁ فهرست ❁


| نمبر | سرو | ليکڪ / ترجمان | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1 | سمپادڪيه | نند ڇڳاڻي | 7 |
| 2 | ڪاسائي (ڪهاڻي) | ولي رام ولڀ | 9 |
| 3 | ڪامل ڪلاونت ڪَنور | ايم. وِي. پيِماڻي | 14 |
| 4 | پرسرام ضيا | واسديو موهي | 19 |
| 5 | ڪسي ڪُشته نه شد، از قبيله ما نيست | طارق قُريشي | 23 |
| 6 | مين بوڪر پرائيز | شوڪت حسين شورو | 40 |
| 7 | ڳالهڙيون ڪُتيون ناهن | قاضي خادم | 43 |
| 8 | جادوءَ جو اُستاد - هاسانند | صاحب ٻجاڻي | 47 |
| 9 | اَدب جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ ترجمي جو ڪردار | ولي رام ولڀ | 56 |
| 10 | راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي | جڳديش لڇاڻي | 61 |
| 11 | تعليمدان راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي | ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميجا 'آشا' | 66 |
| 12 | سنڌي ساهتيه جو ٻين ڀاشائن ۾ ترجمو | نامديو تاراچنداڻي | 68 |
| 13 | (۱) تورو دت (۲) تعصب | پرمانند ميوارام | 72 |
| 14 | پدم شري هوندراج دکايل - هڪ ڪهاڻيڪار | مينا گوپ روپچنداڻي | 75 |
| 15 | چينمل پرسرام گلراجاڻي | غلام اَڪبر لغاري | 79 |
| 16 | رابيندر ناٿ ٽئگور | ظفر | 80 |
| 17 | محبتي موسيقار ماستر چندر کي پيتا | نموش تلريجا | 81 |
| 18 | پروفيسر دادا رام پنجواڻي | نموش تلريجا | 82 |
| 19 | نعر ۽ تڪبير ۽ چانهه جو ڪپ | واٽس اَئپ | 84 |
| 20 | اَدب : وبا جي ڏينهن ۾ منهنجو بهترين ساٿي | ڪليم ٻٽ | 85 |
| 21 | سنڌي ٻولي ۽ ڊجيٽلائيزيشن | بشير اَحمد سومرو | 92 |
| 22 | ڪروڌ | شريمتي پريا سٽپال | 94 |
| 23 | عورت ۽ مرد خانداني ڇُڳي ۾ ٽي سُنا تا لڳن | عديل مهر | 96 |
| 24 | تبت، ڪئلاش ۽ سنڌوُ | قادر دائود پوٽو | 99 |
| 25 | منهنجو دوست - پرهلاد خوشحالداس ڪرمواڻي | ڏولڻ راهي | 103 |
| 26 | سنڌيت جي جوت | تمنا مٽلاڻي | 105 |
| 27 | جيئڻ به هڪ ڪلا آهي! | اَرجن چاولا | 106 |
| 28 | ڪهاڻيءَ جي سگهه | ڪليم ٻٽ | 107 |

| نمبر سرو | ليک / ترجمان | صفحو |
|---|---|---|


29..... سنڌي اَلفابيٽ ۽ ٻوليءَ تي روشني ......... واٽس اَئپ ......... 109

30..... ڊاڪٽر غلام علي الانا ......... طارق عزيز شيخ ......... 111

31..... نياز ۽ نئڙت وارو چينو لالواڻي ......... سريتا شرما ......... 115

32..... تاريخ جا ڪاتب! ساري ساري لکندو وڃ ......... ڊاڪٽر غلام علي اَلانا ......... 117

33..... **شاعري / نظم**

واسديو موهي / 118؛ ڪيمن يوُ. موُلاڻي / 118؛ اِسحاق سميجو / 118؛ اَرجن چاولا / 119؛
ماهين هيسباڻي / 119؛ اَحساس ابڙو / 119 ؛ نادِيا مسند / 120 ؛ جابر حسين چاچڙ / 120؛
نسيم بخاري / 120 ؛ ڍولڻ راهي / 121 ؛ ناري لڇواڻي / 122 ؛ مُرلي گووندداڻي / 122 ؛
ڊاڪٽر خادم منگي / 123 ؛ پِريا وڇاڻي / 125 ؛ چندرلال ناڪر ’غافل‘ / 125 ؛
گووردن شرما ’گهايل‘ / 126 ؛ اَرون ٻاٻاڻي / 126 اَياز گُل / 127 ؛ اِنجنيئر ڊاڪٽر عبدالستار
ساند / 127 ؛ گوپ ڪمل / 128 ؛ ٻلوُ چوئٿاڻي / 128 ؛ دروپدي چندناڻي / 128 ؛
شادبي ڪنعيو / 128 ؛ نند ڪمار سنمکاڻي / 129 ؛ ڪنعيو ’ماندو‘ / 129 ؛ ڪي. ٽي. دادلاڻي / 129 ؛
ڪنعيو شيواڻي / 129 ؛ گوپ گولاڻي / 130 ؛ ذبيح عباسي / 130؛ مرزا مراد علي بيگ ’سائل‘ / 130

**سنڌو يوٿ سرڪل جي سنڌو اَدبي ڪلاس جا اَديب ............ 131-141**

گيتڪار گووندا / 131؛ واشديو واڌواڻي / 131؛ هوتچند پهوجا ’هوت‘ / 131 ؛ روي ڪمار
تيجوُجا / 132 ؛ اَئڊووڪيٽ موهن ويرومل روهڙا / 132 ؛ چندر تلريجا ’سڄڻ‘ / 133 ؛
ڪروٽا (سوني نيپاڻي) / 133 ؛ پرنسيپال مينا هريش سياڳاڻي ’شمع‘ / 133 ؛ ساڌو مٽائي / 134 ؛
اَنجلي روهڙا / 134 ؛ واشوُ برجواڻي / 135 ؛ جيون واڌواڻي / 136 ؛ هرداس پوهوجا ’داس‘ / 136 ؛
نيتا لالواڻي / 137؛ هري چوئٿاڻي ’هري‘ / 137

34..... سنگهرش - سمپرڪ - شيوا ڪاريہ ......... نانڪرام نارائڻداس منگلاڻي ’سنڌو سپوت‘ .. 138

35..... صبر ......... جئديو ايس. وگاريا ......... 139

36..... درشٽانت : (١) سنڪلپ جو اَثر ......... رميش موٽواڻي ......... 140
....... (٢) آفيم جي عادت (٣) تنهنجو مُلهه پئسو!
.... (٤) اَميري ۽ فقيري

37..... لاڪ ڊائون - هڪ يادگار نعمت ......... مونا هريش روپاڻي ......... 142

# سمپادڪيم ...

ها - هي لڳاتار ٻيون سال آهي، جو ڇپيل چنڊ جو مها اُتسوَ اَسان سرڪل - اُلهاسنگر ۾ عوام سان گڏ ڪونہ ملهائي سگهيا آهيون. ڪووڊ-19 - مهاماريءَ ڪري آسماني توڙي زميني حالتون سٺيون ڪونہ آهن. سرڪاري سطح تي بندش ڪري ٻندنن جو لاڳو ڪرڻ ضروري آهي. هن سال بہ تياريون ٿي ويون جو يڪدم لاڪ ڊائون ۽ ميڙ، ملاڪڙي، ملاقات تي سخت ٻندن وارو حڪم جاري ٿي چڪو آهي. انڪري حال سنڌوءَ جي سافٽ ڪاپي عوام آڏو رکجي ٿي. جيئن ئي حالتون سٺيون ٿيون تہ ”سنڌو-2021“ هارڊ ڪاپي بہ پهچائڻ جي ڪوشش ڪبي.

مهاماري - ڪووڊ-19 نئين سر منهن ڪڍيو آهي. سرڪاري بندوبست زور شور سان چالو آهن. هر شخص کي پنهنجي سنڀال پاڻ لهڻي آهي. سرڪاري نيمن جو سختيءَ سان پالن ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل رکڻو آهي. پڳوان ڀلي ڪندو.

سرڪل ۾ ڪجهہ سالن کان ميرچنداڻي ٽرسٽ - پشپ هري فائونڊيشن پاران (100) ۽ مسٽر رامچنداڻي پاران (50) غريب وڌوائن ۽ گهرجائو ڪٽنبن کي راشن شيوا هر مهني چالو آهي. گذريل سال لاڪ ڊائون ۽ ٻين اَڻرن ڪري غريب گُهرجائو ڪٽنبن جو اَنگ وڌندو ويو ۽ مهانگائي بہ چوٽ چڙهي ويئي. سرڪاري مدد ۾ ڪابہ گهٽتائي ڪونہ هئي پر پوءِ بہ سرڪل ڏانهن گهٽڻ جون اُميد ڀريون نظرون رهيون. سيڪريٽري سُندر ڊنگواڻي ۽ شري هريش روپاڻي جي نشڪام سيوائن رنگ لاتو. هريش روپاڻيءَ معرفت شري جگديش ڪانجهن ۽ اُنهن جي ساٿين شنڪرداس منواڻي، وجيہ نرسنگهاڻي جي وقتائتي مدد ڏيڻ واري راشن جو مقدار ۽ ملهہ ٻيڻو ڪيو ويو. هاڻ اهو اَنگ اَٽڪل 500 تي اَچي بيٺو آهي. سرڪل ۾ سيواڌاري لسٽون ٺاهڻ ۾ پورا آهن جيئن - اُلهاسنگر 2-1 ۽ 5-4 وارن کي اُتي سهوليت ڀريئي جڳهہ تي راشن ڏجي جيئن وڏڙيون ڀري کان ڀَري ڪٽڻ کان ڇُٽي پون.

ممبئي جي نهچل ايسراڻي فائونڊيشن جي مالي مدد ملي ته اَنگ (1000) هزار بہ پهچندو. ها - سرڪل جا ميمبر سڀ نشڪام سيواڌاري آهن، ان ۾ بہ رايا نٿا ٿي سگهن. ڪنهن جي ڪيل سيوا اَجائي نہ ويندي آهي. سِڌو - اَڻسِڌو اُن جو اَثرائتو فائدو ضرور ملندو. ايشور ڪنهن کي بہ چِڏڻ وارو ڪونہ آهي. غريبن جي سيوا پرڀوءَ جي سيوا آهي. ٻين کي سُکي ڪرڻ سان جيڪا خوشي ۽ آنند پراپت ٿيندو آهي، اُن جو مُلهہ اَمُلهہ آهي. ڀڳوان سڀ جو ڀلو ڪندو. آسرو نام جو.

**- نند ڇڳاڻي**

5 اَپريل 2021، سنڌونگر.

**قلم تازو :** ويجهڙائيءَ ۾ ڪيترا ڊانوير سرڪل جي بانيڪارن سان رابطو رکي، روبرو ڏڻ وار موجب مٺائي - ميوو ۽ ٻيون ڪاڌي جون شيون وغيره ورهائي وڃن ٿا. غريبن جي آسيس ضرور رنگ لائيندي. (نند)

# Chander Manghnani



پريزيڊنٽ شري چندر منگهاڻي
جا ٻه اکر.....

***President's Message....***

7th April 2021

Dear Sunder,

Cheti Chand joon Waadhayoon.

In such a difficult situation of COVID-19, I learnt from you that our trust is remaining very active and support service activities viz. helping students by giving them books, fees & minority community certificate for admission despite CORONA outrage, monthly distribution of ration to poor and needy widows etc.

All those members who are giving services fearlessly, they are CORONA WARRIORS. We salute them.

I am proud that Women Wing also remain very active and kept many virtual programmes on ZOOM, YOUTUBE & FACEBOOK. My compliments to them specially their President Smt. Mona Haresh Rupani.

I am sure this phase will also pass away and we will meet again in cultural programmes.

My best wishes for Annual Cheti Chand Programme & best year ahead.

Your partner in progress,
**Chander Manghnani**

# ڪاسائي

✍ ترجمان : ولي رام ولڀ

مول ليکڪ : ڪي. ٽي. محمد (مليالم)

علي ڪاسائيءَ کي اِئين لڳو ڄڻ سندس ڪاتي هڪ چمڪندڙ مڇي وانگيان مُرڪي رهي هجي. سندس جسم سان لڳل اها ڪاتي اَڄا تائين وٽس آهي ۽ مُرڪي رهي آهي. سندس چيلهه سان لڳل مياڻ ۾ اها اَڄا تائين چپ چاپ پيل آهي. اَڄ تائين اها بنا ڪنهن منت ميڙ جي سندس چيو مڃيندي آئي آهي. پر اَڄ هوءَ هڪ اَحسان فراموش وانگر ڏانهس نهاري مُرڪي ڏئي ٿي.. ڪيترن ئي موقعن تي هو سندس ڪا پرواهه نه ڪندو هو، پر اَڄ نه سهڻ جوڳي درد کيس چئني طرفن کان گهيري ورتو آهي. لڳيس ٿو سندس دل جو ڦوڪڻو ڄڻ ڦوڪجي ڦوڪجي ڦاٽي پوندو. کيس محسوس ٿي رهيو آهي ته سندس سامهون هڪ خوفناڪ جبل بيٺو آهي ۽ اَڻڇاتل خواهشن سان ڀريل طاقت کيس سڏي رهي آهي.

علي ڪاسائيءَ لاءِ سندس ڪاتي زندگيءَ جو سهارو آهي - ساٿي آهي، پر اَڄ جڏهن هوُ پنهنجي ڪمري ۾ گِهڙيو ته سندس دل ۾ طوفان اُٿي رهيو هو. انهيءَ کان بچڻ لاءِ ڪاتي ڪڍڻ ئي کيس ٺيڪ لڳو. هوُ اها ڪاتي ڪمري ۾ پيل هڪ بينچ جي ڪنڊ تي رکي ٿو ڇڏي ۽ پوءِ بنا اَک ڇنڀئي کيس ڏسندو رهي ٿو. ڇپري جي سوراخن مان اُس اَندر اَچي رهي هئي. هوُ اتي ئي بيٺو رهيو. ڪاتي ئي سندس زندگي آهي. ڪاتيءَ کي پري اُڇلائي، هو پنهنجو پاڻ کي نٿو ڏسي سگهي. هيءَ هڪ ڪاتيءَ جي ڪهاڻي آهي. اَندر اُس مرڪي ڪاتيءَ جي ڌار تي پوي ٿي. چانديءَ جهڙي چمڪندڙ انهيءَ ڪاتيءَ مان روشني ظاهر ٿي رهي آهي. ٻڪرين ۾ ورتل علي ڪاسائي انهيءَ روشنيءَ کان ڇرڪي پيو. اوچتو کيس لڳو ڄڻ ڪاتي کيس ڏسي مُرڪي رهي هجي.

ٻڪرين جي سرحد جي پرئين پار پهچي، سندس اَکيون ۽ دل لوليون ڏئي ٻڪرين کي پيار سان سمهاري رهيون هيون.

اها لالچ ٿي سگهي ٿي ۽ چريائپ پڻ. سندس ٻڪريون بي انت ساراهه وانگي وڌي رهيون هيون. رت ۾ وهنتل اهو ٻار سندس نگاهن آڏو نچڻ لڳو. اهو ٻار ئي کيس ٻڪرين جي ٻرندڙ باهه ۾ گِهلي آيو هو. اِئين لڳي ٿو ڄڻ هوُ هوريان هوريان لڙڪ ڀريل اَکين سان ڏسندو ڏانهس وڌي رهيو هجي، پر انهيءَ ٻار کي جهلي ڇيري اُڇلڻ يا ٻُرانڊڙي پائڻ ۾، هوُ پنهنجو پاڻ کي هميشهه مجبور سمجهندو رهيو آهي.

سندس دل جو اَندريون جلوس اَڳتي وڌي رهيو آهي. ماڻهن جو نه، ٻڪرين جو، ڍڳين جو، ڪُڪڙين جو. بيشمار جانورن جي انهيءَ جلوس جو خاتمو نٿو ٿئي. انهيءَ طرف کان نظرون هٽائڻ کان هوُ قاصر آهي. کيس هر شيءِ صاف نظر اَچي رهي آهي.

ڇا انهن سيني جي ٻچين ۾ ٻاڙهيون پيتيون ٻڌل آهن - بلڪل ٻاڙهي رنگ جون پيتيون؟ نہ، نہ، اهو رت آهي، جيڪو ڄمي پٿر تي ويو آهي. انهن سيني جون ٻچيون سڌيون ناهن. ڪپجي لٽڪي رهيون آهن. جسم کان جدا ٿيڻ ڪري رت جون نديون وهي رهيون آهن. انهن سيني جي ٻچين تي ڪاتيءَ سان وار ڪنهن ڪيو آهي؟

ڏسڻ ۾ تيز، ڇُهڻ سان وار ڪندڙ، سندس ڪات سامهون رکيل آهي. پر ڇا رڳو هڪ ڪاتيءَ جي سِرَ تي سموري غلطيءَ جو اِلزام مڙهي سگهجي ٿو؟ پوءِ ڏوهي ڪير آهي؟

علي ڪاسائيءَ جون ٻُٽيون ڏانهس آڱريون کڻي ٿيون. سندس دل ۾ اُهو جلوس ختم نٿو ٿئي ۽ نہ ئي شايد ختم ٿيندو. لاشن جو هي تمام وڏو جلوس ڏسي، هوُ ڏجي وڃي ٿو. اُداس ٿي هو پنهنجو پاڻ کي وساري ٿو ويهي.

اهو هڪ ...

اهو جلوس ختم ٿيو يا نہ؟ پر انهن جانورن جي وچ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جو مٿو نظر اَچي ٿو. هوُ غور سان ڏسي ٿو - ’ڪير آهي؟‘

شڪل سُڃاڻڻ ۾ نٿي اَچيس. پر هوُ اَجنبي بہ ناهي. هوُ ڪيس سُڃاڻي ٿو. پوءِ بہ هوُ ڪير آهي؟ ڪير آهي؟ هو ڏجي وڃي ٿو. هڪ اَڻڄاتل يا ڄاتل اِنسان. علي ڪاسائيءَ کي اِئين لڳو، ڄڻ هو پگهر ۾ وهنجي رهيو هجي ۽ ڏپ وچان سندس قدم ٿِڙي رهيا هجن.

ڀڄي وڃان؟ هن هڪ ڀيرو سوچيو. ڀڄڻ جو اِرادو بہ ڪيائين، پر سندس پير ڪجهہ نہ سگهيا. انهيءَ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هڪ تکي ڪاتي چمڪي رهي هئي. غيبات وانگر هوُ ڏانهس وڌي رهيو آهي. علي ڪاسائي ڏڪڻ لڳو. هن ڌانهن ڪري چاهي، پر، ڪيس مُرڪندڙ ڪاتي نظر اَچي رهي آهي. هوُ اها ڪاپي هٿ ۾ مضبوطيءَ سان جهلي ٿو.

اها ڪاتي بيشمار ڇهرن کي، ٻڪرين کي، ڍڳين کي، ڪُڪڙين جي ٻچين کي چيريندي نڪري وئي آهي ڇا؟ هن جي دل کي اها وري بيچين ڪري ڇڏي ٿي. اها ڪاتي اَڄا بہ سندس هٿ ۾ آهي، هن سوچيو، اهي جانور ايذاءَ جي شدت کان ڇڙيون هڻي مري ويا آهن. انهن کي مرندي هن ڏٺو آهي ۽ جيڪڏهن اَکيون آهن تہ انهيءَ ڪاتيءَ پڻ ڏٺو. سندس پريشانيون وري پڙڪي اُٿيون آهن. ماڻهن ڪيس ڪاسائيءَ جو نالو ڏنو آهي. خدا جي اصولن سان ٽڪر نہ کائيندڙ ماڻهو مذهب جي نظر ۾ مسيحا آهي.

اَهڙي قسم جا ماڻهو ئي جانورن کي کُهي سگهن ٿا. نفرت جوڳي ڪم لاءِ، مارڻ ۽ قتل ڪرڻ جهڙا لفظ اِستعمال نٿا ڪري سگهجن. اهو تہ مذهبي فريضو آهي. مذهب جي مقدس نالي ۾ اَسان جي اَبن ڏاڏن عظيم انسانن بہ قرباني ڏني هئي.

جڏهن هوُ هن هنڌ جي جانورن کي کُهڻ جو ڪم قبول ڪري ونئي ٿو تہ ڪم کي ڪل پوڳ ۽ گناهہ پريو نٿو سمجهيو وڃي. سندس يقين ئي ڪيس بي-يقينيءَ جي حالت ۾ وجهيو ٿو ڇڏي. سندس روح بہ ساٿ ڏئي ٿو. دنيا جي سيني شين ۾ انسان جي لاءِ ئي دنيا جون سموريون نعمتون آهن ...

علي ڪاسائي اَهڙيءَ طرح هڪ حفاظتي مرڪز ۾ پهچي وڃي ٿو. شايد هزارين اِنسانن جا هڏاوان پڃرا جڻ ساڻس مقابلو ڪري رهيا هجن، ٽنگيل ٻڇين وارن جانورن جو جلوس هر هر سندس دماغ ۾ اُڀري رهيو آهي. اُهي سندس آڏو دل لوڏيندڙ تڪليف ڪان تڙپي رهيا آهن. رت جو چشمو ڪيڏو ٻاڙهو آهي! اهو ندين ۾ بدلجي ويل لڳي ٿو. هنن جانورن جو رت به ته انسان جي رت جهڙو ٻاڙهو آهي. موت جا ٺهڪ گونجي رهيا آهن. ختم ٿيندڙ روح موڪلائي پيا وڃن. هن هٿ ڏانهن ڏٺو. ڪيس اِئين لڳو جڻ ڪاتي بيقصور هجي، پر مان ڇو بيقصور ناهيان؟ هن ڪاتيءَ وانگر، ڇو نٿو مُرڪي سگهان؟ ڪاسائيءَ پنهنجو پاڻ ڪان پُڇيو. سندس دل ڳُهريو ته ڪنهن چرئي وانگر کِلڻ لڳي. جانورن کي مارڻ جو گناهه ته پنهنجي مذهب جي ڪري هو برداشت ڪندو - اهو سوچي، هن اهو قبول ڪيو هو ته ڪيس بقصور سمجهيو ويندو.

پر اَڄ ڪيس شڪ ٿو لڳي ته اَڄ سندس پنهنجي عقيدي تان اعتماد کڄي رهيو آهي.

هوُ سوچڻ لڳو : ’نه ته منهنجي دل ۾ اَهڙو زلزلو ڇو پيو اَچي؟‘

اهو ٻار سندس اَکين اَڳيان ايندو رهي ٿو.

”علي، ڀلا هن ڪُڪڙ کي ڪُهي وٺ، ناني مهمان ٿي آيل آهي.“

ڪجهه دير اَڳ، مموڪُتيءَ لاءِ هڪ ٻڇي ڪپي هٽائين. جڏهن مموڪُتي هن ڪُڪڙ کي ڪڍي آيو هو ته اُنهيءَ جي پويان سندس پٽ به روئندو رڙندو آيو هو.

”هي ڇو ٿو روئي؟“ مولڪا پڇيو.

”هن جي ڳالهه ڇڏ، هي مارڻ نه ڏيندو. انهيءَ ڪري روئي ٿو.“ مموڪتي جواب ڏنو.

”بابا، هن کي نه مار!“ ٻار روئندو رهيو.

”ٻار جي ڳالهه تي ڌيان نه ڏي.“ مموڪتي ڪڪڙ جا پير ۽ کنڀ قابو ڪندي چيو : ”ها ڪڪڙ ڪيس ساهه ڪان به وڌيڪ پياري آهي. سڄو ڏينهن ڪارائيس ٿو. پهرين ڪيس ڪارائي ٿو، پوءِ پاڻ ڪائي ٿو. هيءُ اَهڙو ٻار آهي.“

ڪاسائي ڪاتي ڪڍي، انهيءَ جي ڌار تي هٿ ڦيرڻ لڳو. ٻار ڪُڪڙ کي جهلي روئڻ لڳو :

”نه، مان مارڻ نه ڏيندس، مارڻ نه ڏيندس.“ هن ضد ڪيو.

ٻار جي ڳالهه ٻڌڻ ڪانسواءِ، ڪاسائي ۽ مموڪُتي پنهنجو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. مموڪُتي ڪيس هڪ پاسي پري ڪيو. هو ٻي آسري ٿي روئندو رهيو. ٻيا ڪجهه ٻار به اُتي مِڙي آيا هئا ۽ خوشيءَ وچان ڪُڪڙ جي ڪُسجڻ جو تماشو ڏسي رهيا هئا. ڪاسائي برتن ۾ ٿورو پاڻي ڪڍي ڪُڪڙ جي چهنب ۾ وڌو. پاڻي پي مرڻ نيڪ ٿيندو آهي. ماريندڙ مارڻ ڪان اَڳ پاڻي ڏيڻ نه وساريندو آهي.

ڪاسائيءَ ڪڪڙ جي ٻڇي جهلي ڪُهڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هن خدا جو نالو وٺي ڪاتي ڪڪڙ جي ٻڇيءَ تي وهائي ته ٻار دانهن ڪئي :

”اَلا ... تون مون کي ڪُهي ڇڏ!“ چوندو، اهو ٻار انهن ٻنهي جي وچ ۾ اَچي بيٺو ۽ ڪُڪڙ

کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڪِرِي پيو. ڪاسائي ۽ مموڪتي ٻئي ڳڙجي ڇرڪي ويا. علي پنهنجي ڪاتي هڪدم ڇڪي ورتي.

ڪتي ڪاتي ٻار جي جسم کي نه ڇيري ڇڏيو هجي! هوُ ٻڏجي ويو. ڪُڪڙ کي ڇاتيءَ سان لڳائي، ٻار اَڃان روئي رهيو هو. ڪُڪڙ جي ٻچيءَ مان رت وهي رهيو هو.

مموڪتيءَ کي ڪاوڙ اَچي ويئي. هن ٻار جي هٿن مان ڪُڪڙ کسي ورتي ۽ ڪيس ڌڪو ڏئي پري ڪري ڇڏيائين.

”بابا، اَسان وانگر هن کي به سور ٿئي ٿو. هن ۾ به ساهه آهي نه؟“ ٻار روئندي چيو. نه سهڻ جوڳي سور ڪان ڪُڪڙ جي ڇهنب مان جهڪو آواز نڪتو. ٻار ۾ ڪُڪڙ جي سور ڏسڻ جي قوت نه هئي. هن چيو، ”تون گناهه ڪرين ٿو، اَلله توکي دوزخ ۾ وجهندو.“

علي ڪاتيءَ تي لڳل رت ڌوئي رهيو هو. ٻار جي ڳالهه کيس ڇرڪائي ڇڏيو هو. مموڪُتيءَ جا چپ ڏڪي رهيا هئا، پر ٻار کي روڪي نٿي سگهيو. نيٺ مموڪُتيءَ ٻانهه تي ٻار کي به چار ٿڦڙون وهائي ڪڍيون.

ٻار چيس ته سندس قميص تي رت لڳو آهي. پر مموڪُتي ڄڻ ٻڌو ئي ڪونه.

”واهه ڙي تنهنجو پيار!“ هن نهايت طنز سان چيو.

سندس پٽ بيهوش ٿيڻ وارو هو.

”مان هن جي لاءِ مار کائڻ لاءِ به تيار آهيان.“ ٻار چيس. سندس ڳالهه مموڪُتيءَ جي سمجهه ۾ نه آئي. هن ڏٺو ته ٻار جي ساڄي ڪُلهي مان رت وهي رهيو هو. هاڻي هن ڏاڍي غور سان پُٽس ڏانهن ڏٺو. ٻار جون اَکيون پيليون ٿي رهيون هيون.

ٻار ڪرڻ وارو ئي هو ته مموڪُتي ڏانهن ڪئي : ”مولي ڪڪا!“

علي ڪاسائي ڏڪڻ لڳو. ڪاتي سندس هٿ مان ڪِرِي پئي. هوُ مٿانئس رت ڌوئي نه سگهيو.

ڪنهن جو رت آهي؟ ڪڪڙ جو يا ٻار جو؟ ڪاتيءَ ڏانهن ڏسڻ جي منجهس قوت نه هئي. سندس ڪنن ۾ ٻار جو آواز گونجي رهيو هو :

”اَسان وانگر هن کي به سور ٿئي ٿو. اَلله مٿان هي سڀ ڪجهه ڏسي وينو، ياد رک!“

”ڪُڪڙ ڦٿڪي رهي آهي، جيڪا پوين پساهن جي درد ۾ مبتلا آهي. عليءَ کي اها به خبر آهي ته رُڳو اِنسانن کي ئي نه، جانورن کي به سور ٿيندو آهي. ڇا رُڳو اِنسان ئي جيئڻ چاهي ٿو؟ يا سڀ ساهوارا جيئڻ چاهين ٿا ....؟“

هو پريشان ٿيڻ لڳو.

اِنسان جي مارينڌڙ ڪان انسان نفرت ڪندا آهن، پر هنن ڳڏام جانورن کي مارڻ تي ڪا پابندي ناهي؟ جنگ جي ميدان ۾ کيس موت جو ناچ ياد اَچڻ لڳو.

زندگيءَ جي حقيقت ڇا آهي؟ ڪنهن انهيءَ جي قيمت جو اندازو لڳايو آهي؟ دل ۾ خيال ڪَرَ ڪڻ لڳا. انهيءَ ٻار کي هوُ بددعا ڏئي نه سگهيو. سندس ڳالهائڻ جي قوت گهٽ ٿيڻ لڳي. ڇا سندس يقينن ئي کيس بيعزت ڪيو آهي! اَڄ تائين مون جنهن مذهب جي خدمت ڪئي آهي.

ڇا ... اهو ئي مذهب اَڄ مون کي ڇڏي رهيو آهي؟

هو ٻڏڻ لڳو. کيس اَکيلائپ ڪُٽڻ لڳي.

ڪاتي سندس هٿ ۾ ڏاڍوڪِلي رهي هئي. انهيءَ جو هٿيو باه وانگر تپي رهيو هو. عليءَ کي پنهنجو هٿ سڙندي محسوس ٿيو. سندس دل ۾ ويندڙ جلوس کھڙو نعرو لڳائي رهيو آهي؟

ٻار جو آواز - اهو ئي آواز- سندس ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي. انهن جانورن جي وچ ۾ اهو شخص، ڏنڊلي صورت وارو اهو شخص، ڏانهس وڌندو اَچي رهيو آهي. سندس هٿ ۾ جهليل ڪاتي، هن جي پنهنجي ڪاتيءَ جهڙي لڳي رهي آهي. هن ڪاتي مضبوطيءَ سان جهلي - اها چمڪي رهي هئي، نه، اها مُرڪي رهي هئي. کيس اِئين لڳو ڄڻ ڪاتي سندس هٿ مان نڪرڻ چاهيندي هجي. هڪ ٻچيءَ کي سُڃاڻي، اها ٻي ٻچيءَ ڏانهن وڃي رهي آهي. سندس اَکين ۾ ٻجلي ڊوڙي وئي. کيس ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿي آيو. ڊپ ۾ ونجي، هوُ ڇريو ٿيڻ لڳو هو.

سندس ساه تيزيءَ سان هلڻ لڳو، اهو اَجنبي، جنهن کي هو سُڃاڻي ٿو، ڇا کيس گُهٽو ڏيئي رهيو آهي؟ سندس ساه گُهٽجڻ لڳو. ڇا هوُ مري رهيو آهي؟ هن انهيءَ لٽڪندڙ ٻنڌڻ کان آزاد ٿيڻ گُهريو ٿي، پر هوُ ناڪام رهيو. اُنهيءَ شخص جو ڪاتيءَ وارو ساڄو هٿ ڏانهس وڌي رهيو هو. علي ليلائڻ لڳو. سندس دماغ ڦري ويو. اَکين آڏو ڪاتي ۽ ڪپيل ٻچيون نچڻ لڳيون. ٻچيون ڪپجي رهيون آهن. منجهانئن وهندڙ رت جمي ڪارو ٿي ويو آهي.

آخري پساه جي تڪليف کان ساهوارو تڙپي رهيو آهي ۽ تڙپي تڙپي مري ويندو آهي. ڪاتيءَ تي رت ڪنهن جو آهي؟ ڪُڪڙ جو يا ٻار جو؟

اِنسان جو رت آهي؟

مولي ڪڪا جو هٿ مٿي ڪجي ويو. هن ڪاتيءَ تي هڪ تيز نظر وِڌي. ڇا ڪاتي اَڃا به مُرڪي رهي آهي. هوُ پاڳل ٿي ويو. هن پنهنجا ڏند ڪرٽيا -

ڪاتي ... ٻچيون ... رت ...

اهي سڀ راڪيٽ وانگر سندس صورت ۾ ڊوڙڻ لڳا. ٻچيءَ ۾ سِرڪڻ سوڙهي ٿي وئي هئي. هو اِئين تڙپڻ لڳو ڄڻ ساه گُهٽجي رهيو هجيس. کيس محسوس ٿيو ڄڻ پنهنجو پاڻ کي سنڀالي نه سگهندو هجي ۽ سندس خيال سموريون سرحدون پار ڪري ويندا.

وري به ڪاتي ... ٻچيون ...! ڪاتي ٻچيءَ ڏانهن تيزيءَ سان هلي ٿي. ڪاتي موت جو روپ اختيار ڪري رهي آهي. ٻچي ڪپجي وڃي ٿي. رت وهي اَچي ٿو. موت ... وري ڪاتي ... وري ٻچيون ... وري موت!

سندس هٿ ڪاتي جهلي، تيزيءَ سان هليو.

گوشت ڪپجڻ جو هڪ آواز - بس؟

علي ڪاسائيءَ جي ٻچيءَ مان هڪ بي-معنيٰ آواز نڪتو. سندس ڪپڙا رت سان پرجي ويا. ڪاتي هٿ مان ترڪي هيٺ ڪري پئي - هوُ ڪري پيو.

رت ۾ ٻڏل اُها ڪاتي اَڃا به مُرڪي رهي هئي!

ꙮꙮꙮ

# ڪامل ڪلاونت ڪَنور

✍ ايم. وي. پيماڻي (اونا)

سونهاري سنڌ جي تپوڀومي. پنهنجي لاثاني سڀيتا سبب پوري وِشوَ ۾ پرسڌ آهي. اَهڙيءَ پوتر ڀونءِ منجهان وقت بہ وقت اَهڙن مهان رشين-مُنين، سادو-سنتن، صوفين-درويشن، پيرن-فقيرن جنم ورتو، جن عوام ۾ پنهنجن مهان سنسڪارن سان نہ صرف ويدانت، اِخلاق، پريم، ديا، ڌيرج، ميل-ميلاپ ۽ صداقت جا ٻج ڇٽيا، بلڪ اَهڙي پوتر ڀونءِ خاطر، ضرورت پوندي، قرباني ۽ شهادت پڻ ڏني.

اَهڙي پوتر ڀونءِ منجهان ڪنور نالي هڪ ڪامل درويش اَوتريو. سندس جنم سنڌ صوبي جي سکر ضلعي جي 'جروان' ڳوٺ ۾ ۱۳ اَپريل ۱۸۸۳ع ۾ ٿيو. سندس پتا جو نالو تاراچند ۽ ماتا جو نالو تيرٿ ٻائي هو. ٻئي درويش سُڀاءَ جا هئا. سندن جيون هري ڀڳتي، سنتوش ۽ سادگيءَ ڀري هئي. تاراچند ننڍو ڪُڙمي هو. تنهن سواءِ هڪ ننڍڙو هَٽُ پڻ هُئن. سادگيءَ ڀريو جيون نرواھ ڪندا هئا. ٻنهي جي من ۾ اؤلاد جي خواهش هئي. سو اُن وقت جي ڪامل سنت ڪوتارام جي آسيس سان کين پٽ جي پراپتي ٿي. اُنهيءَ سنت آسيس ڏيندي اِنهيءَ پريوار کي چيو تہ هن ٻالڪ جو نالو اَسان 'ڪنور' رکون ٿا. جيئن ڪنول جو گل ٽڙي پکڙي پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائيندو آهي، تيئن هي ٻالڪ 'ڪنور' پڻ ڪنول گل جيان ساري جڳت ۾ خوشبوءِ ڦهلائيندو. ٿيو پڻ اِئين. گُرن جي آسيس سان ڪنور ننڍپڻ کان ئي ڇل-ڪپٽ، لوڀ-لالچ، نفرت-رنجش، تعصب ۽ تنگدليءَ کان دور رهي سدائين رَب جي رضا تي راضي رهندو هو.

سنت ڪوتارام، تاراچند کي آسيس ڪندي اِهو چيو هو تہ پٽ جي وڏي ٿيندي، شيوا لاءِ هو کيس دربار جي حوالي ڪندو. سو ڪنور ماءُ پيءُ وٽ گُرن جي اَمانت طور پَليو-نپيو. ۱۰ سالن جي عمر ۾ ڪنور کي ڳوٺ حيات پتافيءَ جي شداڻي دربار ۾، گائڪي جي ماهر ڀائي هاسارام وٽ سنگيت سکيا جي تعليم لاءِ موڪليو ويو. جٿ راڳ-راڳڻين جي مڪمل وديا پائي هو سنگيت علم ۾ پَڙُ ٿيو.

اِنهيءَ وچ ست ڪوتارام پرلوڪ پڌاريا. سو رهڙڪيءَ جي دربار ۾ سندن پٽ سائين سترامداس کي سندن گادي نشين بڻايو ويو. سائين سترامداس پڻ سچا ۽ ڪامل درويش هئا. هو پڻ موسيقي ۽ ڀڳت ۾ ماهر هئا. سندن دربار سچي ڀڳتي ۽ ڀڳت سان چانيل هئي. سو سائين ڪوتارام کي ڏنل وچن موجب، ڪنور جي ماءُ پيءُ پنهنجي لاڪيڻي لال ڪنور کي سچي صدق ۽ شرڌا سان، اَهڙي ڪامل سنت سترامداس جي چرڻن ۾ اَرپڻ ڪيو. جتِ اَهڙي پورڻ ڪامل ستگروءَ جي رهبريءَ ۾ گيان، ڌيان، ڀڳتي، ڀڳت، يوگ، ويراڳ جا گڻ پائي، ڪنور سچي سمجهہ ۽ صدق جو مالڪ بڻيو. کيس آتم گيان پڻ پراپت ٿيو. من مان اَوديا مٽندي، چٽ، چيتنونت بڻيو. سندس اَنيوي نيڻ کليا. گروءَ جي مهر پائي ڪنور، ”سنت شرومڻي ڀڳت

ڪنوررام'' بڻجي پيو.

ڳُرن جي آڳيا سان ڪنور پنهنجو سارو جيون خلق ۽ پراڻي ماتر جي خدمت ۾ اَرپي ڇڏيو. ايتري قدر جو پڇاڙيءَ جو سِرُ ڏيئي سنڌ ۽ سنڌين جي شان رکيائون. اَهڙو لاڪيڻو شش پراپت ڪري سائين سترامداس پڻ ڏاڍا سُرها هئا. اَهڙي نماڻي ڪنور کي ساڻ ڪري هو سنڌ جي ڪنڊ-ڪڙڇ ۾ ڀڳتي ۽ ڀلائيءَ جي ڪارين لاءِ پنهنجي سُريلي شش ڪنور سان گڏ ڀڳت وجهندا هئا ۽ عوام جي شيوا ڪندا هئا. سائين سترامداس جي پرلوڪ پڌارجڻ تي اِها ساري جوابداري ڪنور جي ڪُلهن تي آئي. جنهن کي هن بخوبي نڀايو. پنهنجي ستگروءَ جي آڳيا موجب ڪنور پنهنجي آواز ۽ آلاپ کي ڳُرن جي سوڪڙي ڄاڻي هميشه لاءِ ڀڳوان جي ڀڳتي ۽ شڀ ڪارين ۾ اَرپي ڇڏي.

سائين ڪنوررام گيت-سنگيت ۽ نرتيہ جي جوڙ جا نہ صرف مالڪ هئا، بلڪ فنائي صلاحيتن جا پڻ ڏڻي هئا. هو اَڪثر اَسُر ويلي ئي ڀڳت وجهندا هئا. ڀڳت وجهڻ کان پهرين هو مٿي تي ٻاڌهي پڳ، ڪنن ۾ ڪنڊل، جسم تي جامو، ڳچيءَ ۾ بوچڻ ۽ پيرن ۾ ڇير جا ڳُهنگهرو ٻڌندا هئا. ڀڳت وجهندي جڏهن هو مڌر واڻي آلاپيندا هئا، تڏهن ساري خلق پنهنجي سُڌ-ٻُڌ ڪوهي ويهندي هئي. هو پنهنجي اَڻمت عبارتي آلاپ ۽ ڇير جي ڇمڪي سان نرتيہ ڪندي جڏهن وَجد ۾ اَچي جُهمريون پائيندا هئا، تڏهن سڄو ماحول جهومي اُٿندو هو ۽ روح پڻ رقص ڪرڻ لڳندا هئا. اَهڙي جادوئي اَثر سان ساري خلق پڻ مستيءَ ۾ جهومندي هئي ۽ ڀڳت مٿان ٻلهار پيئي ويندي هئي. ڀڳت وجهندي هو جهولي ڪٽي ڦهلائيندا هئا. جت هزارين رُپيا سندس جهوليءَ ۾ اَچي پوندا هئا. هن درويش اِهو پئسو ڪڏهن بہ پنهنجي لاءِ ڪتب نہ آندو. پنهنجي ستگروءَ جي آڳيا 'سر مٿي ڪري'، مليل پئسي کي ستگروءَ جي سوکڙي ڄاڻي، اُتي جو اُتي مُنيون ڀَري-ڀَري، غريبن، دين-دکين، محتاجن، پيڙتن، ڳُهرجائن، لوُلن لنگڙن، اَنڌن-منڊن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. ڳُهرجائن ۾ هندو-مسلم، برهمڻ-هريجنن کي سمان سمجهندا هئا. سندس اِلاهي ڀڳتي اَنيڪ پروپڪاري ڪارين سان پڻ جُڙيل هئي. جنهن منجهان گئوشالائن، ڌرمشالائن، اِسڪولن کي دان ڏيڻ، جهرڪين-ڪبوترن جي داڻن لاءِ رقم ڏيڻ، ڪُتن جي روٽيءَ لاءِ دان ڏيڻ، ماڪوڙين ۽ ٻين ننڍن جيون جي ٻوُر ۽ گذر لاءِ جهول ۾ آيل رقم ڏيڻ وغيره. تنهن سواءِ سفيد پوش ڳُهرجائن ۽ وڌوائن کي گهر ويني مدد ڪندا هئا. هنن ڪيترن يتيم ۽ مفلس نياڻين جو وهانءُ رچائي سندن گهر وسايا. اَسين ڏسي سگهنداسين تہ سائين ڪنوررام صاحب صحيح معنيٰ ۾ اِنساني خدمت جا ادارا ۽ اِنسانيت جا مسيحا هئا.

هو هندو مسلم ايڪتا جا مجسم هئا. هڪ دفعي هڪ ڳوٺ جي مُکيءَ ۽ وڏيري جي وچ ۾ تڪرار ٿيو. سو وڏيري مسلمانن کي منع ڪئي تہ توهين ڀڳت تي نہ وڃجو. اُن ڏينهن جيئن ڪنور، ڀڳت شروع ڪرڻ کان اَڳ چيو، چئو سري رام، تہ وڏي آواز ۾ سيني چيو سري رام، پر پوءِ هن مسلمانن کي ڪلمو پڙهڻ لاءِ چيو تہ ڪو آواز نہ آيو. تنهن تي ڪنهن شخص ڀڳت کي

ٻڌايو تہ مکيءَ ۾ وڏيري جي تڪرار ڪري مسلمان ڪين آيل آهن، اِهو ٻڌندي ئي ڪنور، چير چمڪائيندي وڏيري سان ملڻ ويا. اِهو ڄاڻي وڏيرو پٽاشن جو ٿالهہ کڻي ڊوڙندو رستي تي ئي ڪنور وٽ پهتو، ڀڳت ڪي پيرين پوندي چيائين، سائين توهان ڇو تڪليف ڪئي، نياپو موڪليو ها تہ مان هليو اَچان ها. ڀڳت وراڻيو، مان مسلمانن ڪانسواءِ ڪيئن ڀڳت وجهندس؟ وڏيرو خوب شرمسار ٿيو. سڀ مسلمان آيا ۽ ڪنور پوءِ ئي ڀڳت شروع ڪئي. سنت ڪنور ڇوت-ڇات ۽ ڀيد-ڀاوَ کان پڻ هزارين ڪوهہ پري هئا. هڪ دفعي هڪ هريجن، سندس ڀڳت سامهون، ڦاٽل ڪپڙن ۾ اِها مراد کڻي آيو تہ جيڪڏهن سائين چير جي چمڪي سان مونکي ڀاڪر پائيندا تہ مونکي ٻار ڄمندو. سائين ڪنور جڏهن اِهو ڄاتو تہ اُتِ ويٺل ساري هجوم جي نفرت جي پرواهہ نہ ڪندي، اُن هريجن کي ڀاڪر پائي سندس مراد پوري ڪئي ۽ ڀڳت ۾ اَرداس پائي خلق کي چتايو تہ اَبا پاڻ سڀ هڪ ئي ايشور جي سنتان آهيون. ڀيد ڀاوَ وري ڪهڙو؟ اِهو ڏسي پرجا دنگ رهجي ويئي ۽ ڪنور مٿان ٻلهار ويئي. هڪ دفعي مهاتما گانڌي سنڌ جي سکر شهر ۾ آيو. گانڌيءَ ٻاپوءَ کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ سنڌ جي سيني علائقن مان ماڻهن جو سيلاب اُٿلي پيو. ايڏي ڀيڙ سبب ڇوڪاري ڇوٻول مچي ويو. آيوجڪ ۽ پوليس پڻ ماڻهن کي شانت ڪرائڻ ۾ ناڪامياب رهيا. اُتِ ڪامل پرش ڪنوررام پڻ آيل هو. بانيڪارن جي وينتيءَ تي ڀڳت صاحب اِسٽيج تي چڙهي ويو ۽ ڪن تي هٿ رکي سُريلي آواز ۾ آلاپ جو ڪيائين،

”آئون نماڻو مسڪين، تو در ڪريان پڪار،

خلق ساريءَ ۾ وَسي، ٻڌج تن جو آڌار،

وَسَ ۾ تنِ ڪَر يار، تہ ٻيڙو سنگت جو پار ٿئي.“

اَهڙو سوز ۽ درد ڀريو آواز ٻڌي ساري خلق خاموش ٿي ويئي. اِها ڪرامت ڏسي مهاتما گانڌي اَصل دنگ رهجي ويو. هو اُٿي کڙو ٿيو. ڪنور کي ڀاڪر ۾ ڀريائين ۽ سندس پُراَثر سنڌي گائڪيءَ جي تمام گهڻي ساراهہ ڪيائين.

هڪ دفعي ڪنوررام ڀڳت وجهي رهيا هئا. موڄ مٽل هئي. اُتِ هڪ مائي پنهنجي ٻالڪ کي لولي ڏيارڻ لاءِ آئي. ڪنوررام ٻالڪ، مائيءَ کان ورتو ۽ ٻالڪ کي لولي ڏيڻ لڳو. ٻالڪ کي لولي ڏيندي ڪنور صاحب محسوس ڪيو تہ ٻالڪ ۾ چرپر نہ آهي. ٻالڪ تہ مئل آهي. هاڻ جيڪڏهن مئل ٻالڪ مائيءَ کي ڏيندس تہ مائي چوندي تہ مون تہ توهانکي جيئرو ٻالڪ ڏنو هو، توهان لولي ڏيندي ٻالڪ ماري وِڌو. سو هن پنهنجو ستگرو ۽ ايشور کي ٻاڏائيندي سوز ۽ درد منجهان پُڪاريو،

”نالي اَلک جي، ٻيڙو تار منهنجو،

نذر آهيان مان نماڻي، مونکي آڌار تنهنجو.“

سندس اَنتر جي پُڪار ستگرو ۽ پرماتما ٻُڌي. ٻالڪ ۾ چرپر ٿي. ٻالڪ جيئرو ٿيو. پوءِ ٻالڪ، مائيءَ کي ڏيئي ناراض ٿيندي اُنهيءَ مائيءَ کي چيو تہ اَمان اَوهان کي اِئين نہ ڪرڻ

ڪپندو هو، جو مون جهڙن ناچيزن کي پڻ قدرت جي ڳجهه ۾ هٿ وجهڻو پوي. تنهن ڪانپوءِ ڪنور صاحب ڪنهن به ٻالڪ کي لولي نه ڏني.

مالڪ جي مهر ۽ ستگروءَ جي ٻاجهه سان ڪامل ڪنور اَهڙن اَنيڪ چمتڪارن سان ڇانيل آهي. پر انهيءَ سواءِ ڪنور کي قدرت ۽ ستگروءَ جي مهر سان گيت، سنگيت، گائڪي، ناٽڪ ۽ نرتيه ڪلا جي جوڙ جي انمول ڏات پڻ ملي هئي. جنهن سان هو اَنيڪ صلاحيتن جو مالڪ بڻيو هو. سنڌي لوڪ سنسڪرتي ۽ سنڌي لوڪ ورثي جي اَهم صنف ڀڳت ڪلا کي ڪلاڌر ڪنور پنهنجي آمد سان بلنديءَ تي پهچايو. جنهن سبب ساري عوام ۾ نه صرف ڀڳت جو مان مرتبو وڌندي ڀڳت ڪلا کي چار چنڊ لڳي ويا، بلڪ ڀڳت ڪلا سبب سنڌي گائڪيءَ کي راڳ-راڳڻين ۽ آلاپ جا نوان ماڻ مليا. ڪلاونت ڪنور ڀڳت وجهندي جڏهن سنڌي لوڪ ڪٿا ۽ پريم جا قصا ڪٿندو هو تڏهن اُنهن قصن جا ڪردار جنسي ساڪار ٿي پوندا هئا، نه صرف ايترو بلڪ اُهي ڪردار شائقن جي روح کي رڱي، سندن نيڻن جو نير بڻجي پوندا هئا. قرب جا ڪُنل قدردان، ڪنور مٿان موهت ٿي ڪنور مٿان ٻلهار ويندا هئا.

اَهڙو درويش، جنهن سماج مان هِنسا، ڌارمڪ ڀيد-ڀاو، ڪٽرتا ۽ سماجڪ اوڻاين کي تڙي ڪڍي سماج ۾ سڄاڳي آندي، جنهن ڪامل درويش جي اِلاهي آلاپ ۽ ڇير جي ڇمڪي ساري سنڌي عوام جي تتل روحن کي سڪوُن بخشيو ۽ دين-دکين-دردمندن جا دک دور ڪيا، تنهن ڪنور جا ساري سنڌ ۾ سندس پروپڪاري ڪارين ۽ ڪرشمئي ڪرامتن جا ڏونڪا وڄڻ لڳا. لازوال شاهڪارن پُر اَهڙو خدائي درويش پڻ مذهبي ڪٽرپڻي جو شڪار بڻيو. اَهڙي ڪامل درويش کي هي فاني سنسار ڇڏڻ جي سرس تڏهن لڳي، جڏهن ٣٠ آڪٽوبر ١٩٣٩ع جي رات، روڪ ڪائيندي، گره سندس هٿن منجهان ڪِري پيو. بروقت پنگت کي چاڻ ڏنائون ته اَبا ڌرتيءَ تي اَسانجو داڻو-پاڻي پورو ٿيو. ۽ ٿيو پڻ اِئين، ١ نومبر ١٩٣٩ع رات جو رُڪ جي اِسٽيشن تي ڪي بندوق-ڌاري مسلمان ڪنور وٽ آيا، پيري پئي هنن ڪنور کان آسيس گُهري ته سائين اَسان جي اَرداس اَگهايو. ڪامل ڪنور جي نوراني نظر تنهن وقت ئي اُنهن ۾ پنهنجو ڪال پَسيو. پر ڏسو ته صحيح اَهڙي خدائي فرشتي جي دل ۽ دَيا. هن سِڪ ۽ حُب مان نه صرف کين آسيس ڏني بلڪ قرب منجهان پرسادي ڏيندي چيو ته اَبا اَوهان جنهن ڪم لاءِ آيا آهيو، اُهو ڪامياب ويندو. اِئين چئي ڪنور ريل ۾ دريءَ وٽ وينو. گاڏي هلندي، ڌان-ڌان جي آواز سان گوليون ڇٽيون جيڪي ڪنور جي ڪُلهي ۽ سيني مان آرپار نڪري ويئون. بروقت ئي ڪنور جي مُک منجهان رام نڪتو. سندس نشوَر ديهه منجهان روح پرواز ڪري نڪري ويو. سنڌ جي پاون ڌرتي اَهڙي روحاني رهبر جي رت ۾ رڱجي ويئي. سنڌ ۽ سنڌ جي ساري خلق خوب رُني. سيني اِهو ڄاتو ته اَهڙي درويش بنان هاڻ سنڌ ۽ اَسين سنڌي نڌڻڪا بڻجي وياسين. اَهڙي مهان سنت ۽ مهان نائڪ لاءِ اَڄ پڻ سنڌين کي بيحد آدر ۽ ڀاؤ آهي. ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌين، سندس نالي تي ڪالونيون، ڌرمشالائون، اسڪول، ڪاليج، روڊ، رستا ۽ چونڪن تي

ڪنور جا پتلا بڻايا. ڀارت سرڪار پڻ اهڙي مهان سنت جي ياد ۾ ٽپال ٽِڪلي ظاهر ڪري ڪيس هميشه لاءِ اِتهاس ۾ اَمر ڪري ڇڏيو.

جيتوڻيڪ ساريرڪ طور سائين ڪنور اَڄ اَسان وٽ موجود نه آهي، پر اَڄ پڻ رڪارڊ ٿيل سندس روحاني راڳ ۽ ڪلام، توڙي مڌر آواز ۽ آلاپ سنڌين جي روحن کي روئاريو ڇڏين. اَڄ پڻ ڀارت ۾ اَنيڪ اِسٿانن تي سندس ياد ۽ نالي سان هلندڙ ڪلياڻڪاري ۽ پروپڪاري ڪاريه سنڌين ۾ سرهاڻ ڦهلائي ڪيس سرهو بڻائي رهيا آهن.

”سنڌي قوم جي اَهڙي سچي سنت، ڪامل درويش ۽ مهان ڀڳت کي صد-صد سلام!“

**(آڪاشواڻيءَ تان پرسارت ٿيل رچنا)**

ؤؤؤ

# شاهه عبداللطيف جا بيت

**سر مومل راڻو-** هَلو، هَلو! ڪاڪِ تَڙين، جتي نِينهَن اُڇَلَ؛
نه ڪا جَهلَ نه پَلَ، سَيُڪو پَسي پِرينءَ کي.

**سمجهاڻي :**

(اي عاشقو!) مومل جي ڪاڪ محل ڏي هلو، جو اتي عشق ۽ محبت جو درياءَ اڇلون پيو ڏئي. (حسن خود بيتاب آهي) اتي ڪا روڪ ٽوڪ ناهي، (ڪنهن کي منع ناهي) جيڪو به اچي ٿو، سو محبوب جو ديدار ڪري ٿو.

**سُرُ يمن ڪلياڻ -** اَڻَ چوندَنِ مَ چئو، چَوندَنِ چيو وسارِ،
انئي پهرَ اَدب سين، پَرِ اهائي پارِ،
پايو مُٺهن مُونن ۾، غُربَت ساڻ گذارِ،
مُفتي منجهه وهارِ، ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٿئين.

**سمجهاڻي :**

نه چوندڙن کي ڪجهه نه چئو ۽ چوندڙن جو چيو وساري ڇڏ. اٺ ئي پهر نياز سان اِها روش وٺندي اچ. گوڏن ۾ ڪنڌ وجهي مسڪينيءَ سان گهار. اندر ۾ فتويٰ ڏيندڙن (ضمير يا وويڪ) کي بيدار رک ته پوءِ قاضيءَ جو محتاج نه ٿين.

(داستان انون، بيت 12)

ؤؤؤ

**('واٽس اَئپ' تان ورتل)**

# پرسرام ضيا

✍ **واسديو موهي**

شاعريءَ جا ڪيترا ئي رنگ ٿين ٿا. اڪثر اِئين مڃيو ويندو آهي تہ شاعري شاعر جي اُڌمن / جذبن جي ترجماني آهي. هڪ طرح اُها شخص جي اندر جي اُٿل پُٿل کي زبان ڏئي ٿي. پر ڪي شاعر اهڙا بہ ٿيندا آهن جي وقت جي نس پرکي اُن مطابق رچنائن جِي تخليق ڪندا آهن. آزاديءَ جِي لڙائي هلندي ڪيترا اهڙا ڪوي ٿيا جن عوام کي بيدار ڪرڻ ۽ جنتا ۾ جوش جاڳائڻ لاءِ ديش ڀڳتيءَ جا گيت لکيا. ۽ عوام بہ اُنهن گيتن کي چپن تي رکندو هو، پيو جهونگاريندو هو. ڀارت جي ڀين ڪوين سان اسانجو لوڪ ڪوي هوندراج دکايل اسانکي اجا ياد آهي، جنهن پرڀات ڦيرين ۾ پنهنجا گيت ڳائي لوڪن کي آزاديءَ جي هلچل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آماده ڪيو. پر ڪي اهڙا بہ شاعر هوندا آهن جيڪي وقت جي نبض تي هٿ رکندي، عوام جي دل جي ڌڙڪن کي ٻُڌندا آهن، اُن ڌڙڪن جو آواز بڻجي پوندا آهن. اُهي پرسرام ضيا (1911-1958) ٿي پوندا آهن.

پرسرام ضيا جِي زندگي، جدوجهد جي زندگي هئي، بلڪل عوامي زندگيءَ جِي ڪاربان ڪاپي - اڻ کُٽ اڻ پوريون خواهشون، اڻ کُٽ اڻ پورين بنيادي ضرورتن جو دٻاءُ، جِئڻ لاءِ ڪم ترين سهوليتن جِي عدم موجودگي، آزاديءَ کان پوءِ اُٿيل خوابن جي تارن جو تار تار ٿيڻ، ڪي اهڙيون سچايون هيون جن سان سنڌي قوم دوچار ٿي. ورهاڱي ڪانپوءِ. ضيا اِنهن ڪؤڙين حقيقتن کي نسن تي ڀوڳيو، عام شخص جي جذبن کي آتم سات ڪيو، اُنهن کي لفظ ڏنا. اِنڪري ئي شايد هو عوام جو شاعر بڻجي پيو، عوام جي دلين تي ڇانئجي ويو. ''هندو سنسار''، ''سنسار سماچار'' توڙي ''هندستان'' اخبارن ۾ ''سوُٽائيءَ'' يا ''سپاهيءَ'' جي سخنن جو بيصبريءَ سان عوام کي اِنتظار رهندو هو، اِن حقيقت کان هرڪو واقف آهي. اُهي سخن عوام جي هر فرد جو آواز هو، ڪڏهن ڪروڌ جو، ڪڏهن مزاح جو، ڪڏهن طنز جو تہ ڪڏهن معصوم ڀوڳ جو. ضيا جي شعر جي سلاست ۽ روانيءَ جو جادو بہ چوٽيءَ جو هوندو هو.

پرسرام ضيا عوام سان ٻيءَ طرح به جُڙيو. ضيا جو سڪمني صاحب، نائين محلي جا سلوڪ، رِگ ويد جي چونڊ سلوڪن ۽ ليکراج عزيز سان شريمد گيتا جو منظوم ترجمو اُن جُڙاوَ ۾ اهم هو. سنڌين جو ڌرم طرف لاڙو لڪل ڪونهي. اِنهن ترجمن کي قوم دل جي ويجهو محسوس ڪيو، اُنهن کي روحانيت سان رچيل پاتو، اُنهن کي دل سان قبول ڪيو ۽ اُنهن سان گڏ ترجمان کي به چاتيءَ لاتو. عوام جي دلين تي چانئجي راڄ ڪرڻ جو هڪ ٻيو موقعو به ضيا کي مليو، سو هو سنڌي فلمن ۾ هُن جا گيت. هند ۾ پهرين سنڌي فلم ''اباڻا'' جا گيت اڄ به اسانجي زبان تي آهن. "اباڻا" ڪانپوءِ ٻيون به فلمون آيون، جن ۾ ضيا جا گيت بيحد مقبول ٿيا جهڙوڪ "راءِ ڏياچ" ۽ "اِنصاف ڪٿي آهي؟". تنهن ڪانسواءِ سنڌ ۾ به ضيا جي گيتن کي گراموفون رڪارڊن ۽ ماسٽر چندر جي جادوئي آواز ذريعي عوام جي جذبن کي متحرڪ ڪرڻ ۾ بي مثل ڪاميابي حاصل ٿي هئي.

ضيا عوام جو شاعر نہ هو، هن عوام جي اُڏمن کي شاعراڻو جامو پهرايو. پر اِن عمل ۾ هو فني پيچرن کان بي دخل ڪونہ ٿيو. هن جو شعر هر لحاظ کان فني ماپن تي نہ صرف پورو رهيو، بلڪ تعريف جوڳو رهيو. هو پڪو پختو شاعر هو، جنهن عام چيزن کي بہ پنهنجين فني صلاحيتن جي ڪري اهڙو رنگ ڏنو جو اُهي غورطلب ٿي پيئون. اِنکي رواجي صلاحيت نہ سمجهڻ گهرجي جو اِن ذريعي شاعر جي تخليقي قوت جو انداز ملي ٿو. ضيا جي اِن صلاحيت جو احترام ليکراج عزيز جهڙي چير ڦاڙ نقاد بہ ڪيو جنهن ٻين شاعرن جي شاعريءَ جا ڇِلر لاهيندي، ضيا جي شاعريءَ جو نہ صرف قدر ڪيو پر هن سان گڏ شريمد گيتا جي انواد ۾ بہ شريڪ ٿيو. ضيا جي ديهانت تي عزيز، دلگير، سڳن، شاد، ايم.ڪمل، حاسد، لڪيمچند پريم، نرمل، سڪايل، پيئا وغيره جهڙن اٽڪل پندرهن پايي جي شاعرن ڪيس منظوم شرڌانجلي ڏني. هن قسم جو عمل ڪنهن ٻئي شاعر جي ديهانت تي نظر نہ آيو آهي.

1936 ۾ ''گلزار رنجور'' (ضيا پرسو، رنجور ڪانپوءِ ضيا ڀٽيو) شروعاتي مجموعي ئي ادبي حلقن ۾ چرپر آندي، تنهن ڪانپوءِ ''تصوير احساس'' (1943) جي اِشاعت سيني کي موهيو، سنڌي ادبي بورڊ اُنکي اِنعام سان نوازيو. اُن وقت لڳ ڀڳ سيني شاعرن تي فارسيت حاوي هئي. ضيا تي بہ هئي. هن جي شعر ۾ بہ بلبل، نرگس،

شمع، پروانا، ميءِ جا پيالا پُر هئا. پر ضيا ترت اُن خيالي دنيا کان آجپو حاصل ڪيو ۽ حقيقي آسپاس ڏانهن رخ ڪيو. هن نہ صرف موضوعن ۾ بدلاءُ آندو پر ٻوليءَ کي بہ عام فهم بڻايو. هن جيڪي پوڳيو، لکيو، ذهني عياشي کان پاسو ڪيو. موضوعن ۾ هو سماج سان ڇڻ جڙيل رهيو، سماجي مسئلا - ڏيتي ليتي، ڏيکاءُ، قوم جِي ٻوليءَ توڙي سنسڪرتيءَ طرف بي رخي هن کي اُداس ڪندا هئا. موضوعن جي حوالي ۾ هنجِي پيش ڪش رچناتمڪ رهي، هو ڪڏهن بہ اُپديشڪ نہ بڻيو. سنڌي ادبي بورڊ هنڪي سندس "ادبي گل" (اڻ ڇپيل) ڪي بہ انعام سان نوازيو. افسوس آهي جو ضيا جو ڪيترو ڪلام سندس ديهانت ڪانپوءِ روشنيءَ ۾ آيو آهي، سندس آخري ڇهاوَ کان وانجهيل. باوجود اُنجي، هنجِي شاعر طور پختگي جان تان ظاهر آهي. هنجا غزل روايتي پيچرن جا راهي هوندي بہ، ۽ ڪيترا غزل مسلسل نظم نُما، عنوانن سميت مضمون هوندي بہ، اهڙو ڪجهہ ڏيئي تا وجن جو ديرپا آهي، اڄ بہ اُهي اثردايڪ آهي:

منهنجو جنون مونکي گهڻو خوار ٿو ڪري،
هر روز نت نئون ٿو تڪيان در الائي ڇو؟

دل ۾ هجيم هڪ تہ زبان ڳالهہ ٻي ڪري،
بدتر ڪي چوڻو ٿو پوي بهتر الائي ڇو؟

اکڙيون گهڻوئي اشڪَ پکيڙين ٿيون ضيا،
موتين جو ملهہ نٿو ٿئي ڪنهن پر الائي ڇو؟

ضيا ڪٿي ڪٿي وقت کان اڳتي بہ لڳي ٿو. پنجاه سال اڳ تجسم جو اهڙو تخليقي استعمال مشڪل ملندو جهڙو هيٺ ڪوريل شعرن ۾ موجود آهي:

ٿي هوا گل گل سان گستاخي ڪري
تن کي چمندي ڪئن وجي ٿي بار بار

برف اڄ پيئي پهاڙن تي ڳري،
سمنڊ سان جنهن کي ملڻ جو انتظار

ضيا جو شعر وزن ۾ پورو آهي (اُن وقت جي تقطيع جي نيمن کي خيال ۾ رکندي)، بندش ۾ ٺُهرو آهي، پڙهڻيءَ ۾ روان آهي، ٻوليءَ جي موزونيت ۾ بي جوڙ آهي ۽ سلاست ۾ اُستاد شاعرن لاءِ مثال آهي. هُن هڪ صِنف کي کونہ پڪڙيو: غزل، نظم، قِطع، رباعي، مثنوي وغيره تي هنکي يڪسان عُبور حاصل هو. هنجي نظم جو هڪ ننڍڙو بند ڏسون جنهن ۾ "زير و زبر" لفظ جِي تخليقيت طرف ڌيان ڏيون ۽ هنجي ترقي پسند رخ طرف بہ نظر ڪريون تہ ڪئن ترقي پسند نظريي کي رچناتمڪ روپ ڏيئي سگھجي ٿو :

غريبن بيڪسن جي آهَ جو ڪهڙو اثر ٿئي ٿو؟
ٻُڌايو سرد آهُن سان فلڪ زير و زبر ٿئي ٿو؟
رئڻ وارن جو رودن روڄ راڙو ڪارگر ٿئي ٿو؟
خبر وارو اُنهن جي درد کان ڪجھہ باخبر ٿئي ٿو؟
جي ها ٿئي ٿو تہ ايڏي دير جو ڪهڙو سبب آهي؟
اجا خاموش ڇو وينو ضيا دنيا جو رب آهي؟

ضيا ٻارن کي بہ ياد رکيو آهي، سندس ٻال گيتن ذريعي. اِن لحاظ کان ضيا جِي گوناگونيت ڪافي ڌيان ڇڪائي ٿي.
پرسرام ضيا جھڙا شاعر اسانجي ساهتڪ وراثت جو حصو آهن، اسانکي اُن ورثي کي سنجوئي، سنڀالي رکڻ جِي ضرورت آهي. اسان وٽ اهڙو گھڻو ڪجھہ آهي جيڪو اسانکي سگھہ ڏئي ٿو. ڪو بہ طوفان اسانکي ڏڪائي نٿو سگھي، ڀٽڪائي نٿو سگھي جو اسان وٽ ضيا جھڙا لائيٽ هائوس موجود آهن.

ஃஃஃ

کهاڻي -

# ڪسي ڪُشتہ نہ شد، از قبيلہ ما نيست

✍ طارق قُريشي

منهنجي اندر ۾ ڏاڙهي آهي، چهري تي ڪونهي، تنهن ڪري آئون بنياد پرست ڪونہ لڳندو آهيان. پر آئون ايترو بنياد پرست آهيان جو خدا جي شان ۾ ڪابہ گستاخي برداشت ڪري نہ ٿو سگهان ۽ اهو تہ ممڪن ئي ناهي جو ڪو ملعون ۽ شاتم، خدا کي عورت چئي ۽ اها پرچار ڪري تہ خدا انسانن جي ماءُ آهي.... هن قسم جي نئين نصرانيت مون لاءِ ڪنهن بہ لحاظ کان سهڻ جوڳي نہ هئي.

آئون اسپيشل ٽاسڪ فورس جي اسپيشل يُونٽ جو چيف آهيان تنهن ڪري اڪثر سولين ڊريس ۾ هوندو آهيان. مون کي هيڊ ڪوارٽر مان هدايتون مليون تہ مون کي دادوءَ وڃڻو آهي ۽ اتي هڪڙي فتني جو جائزو وٺڻو آهي ۽ ان جو سدباب ڪرڻو آهي، يا ڪونہ ڪو حل تجويز ڪرڻو آهي.

اسسٽ ڪرڻ لاءِ، دادوءَ ۾ موجود اسپيشل ٽاسڪ فورس جو هڪڙو تجربيڪار آفيسر عقيل مهدي مون سان گڏ، ڊپٽي ڪمشنر هائوس هليو هئو. جتان پنجٽيهن منٽن جي ميٽنگ کان پوءِ اسان ڊي سي دادوءَ کي خداحافظ ڪر ي نڪري چڪا هئاسين. ٽنٽڊ گلاس واري ڊبل ڪيبن گاڏيءَ ۾، مون ڊي سي دادوءَ طرفان ڏنل فائيل کوليو، پڙهڻ کان مون عقيل کي چيو، ”جيستائين آئون هيءُ فائيل پڙهندو رهندس، تيستائين اسان جي گاڏي هلندي رهندي ۽ ڪٿي بہ بيهندي ڪونہ. پهرين فائل پڙهندس، ان کان پوءِ ٻيو ايڪشن اهو آهي تہ مان هن فتني باز سان ملڻ جو پلان ناهيندس.“ مختلفن روڊن تي گاڏي هلڻ لڳي.

مون دادوءَ ۾ پيدا ٿيندڙ ۽ تيزيءَ سان پکڙجندڙ هن فتني بابت پڙهڻ شروع ڪيو. هن فتني خلاف دادوءَ ۾ تمام گهڻا مظاهرا ۽ جلوس بہ ڪيا ويا هئا. امن امان ۾ وڏو نقص پوڻ جو انديشو پيدا ٿي چڪو هئو.

هن فتني جو نالو هئو ملهم مسجود عرف استاد محترم عرف ظهور الحق هاشمي... هن جو نالو ڪيڏو نہ مشرڪانہ ۽ گستاخانہ آهي، مون دل ۾ سوچيو.. مُلهم معنيٰ نبي... مسجُود معنيٰ خدا.

فائيل ۾ لکيل هئو تہ هيءُ شخص پنهنجي فسق وَ فجور سان پريل سوچن ۽ عملن سان سماج ۾ فساد پکيڙي رهيو آهي. هن جا خيال زنديقانہ، ملحدانہ ۽ گستاخانہ آهن. هيءُ ماٺهو ديني معاملات خاص طور تي شرعي احڪامن ۽ ڪلام خداونديءَ جي غلط تشريح ڪري ٿو، جنهن سان خلق خدا جي گمراهيءَ جو وڏو خطرو پيدا ٿي چڪو آهي. هن جي پيروڪارن جو تعداد، دادو شهر سميت، تعلقي ۽ ضلعي جي ٻين ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پکڙجي رهيو آهي. بيت المعمُور نالي هن جي آستاني تي هفتيوار ميڙاڪا ٿيندا آهن جنهن ۾ هن جا چيلا چپاٽا ۽ مت جا موڙهيل مداح هن جي ثنا خواني ۽ مدح سرائي ڪرڻ سان

گڏ، هڪ ٻئي سان پنهنجي گذريل ستن ڏينهن جي ڪارڪردگي بہ شيئر ڪندا آهن جن ۾ عام پلائي جي ڪمن جو ذڪر ٿيندو آهي. پر هنن جي عام پلائيءَ جي ڪمن ڪي ڪا گھڻي مجتا حاصل ناهي ٿي. فتنو ڦهلائيندڙ ملهم مسجود عرف استاد محترم عرف ظهور الحق هاشمي اصل ۾ هڪ رٽائرڊ ليڪچرر آهي، جيڪو ڪاليج ۾ انگريزي ۽ سائنس پڙهائيندو هئو. نوڪري دوران هن وديا ڏام نالي هڪ ڪوچنگ سينٽر قائم ڪيو هئو، جتي هو، سي ايس ايس جي تياري بہ ڪرائيندو هئو. هن جي شاگردن ۾ ڪجھ پِي اَي ايس ۽ ايڪس پي سي ايس بہ آهن. جيتوڻيڪ هن جا شاگرد جيڪي سول سروس ۾ اهم عهدن تي آهن، هن جي پرچار جي اثر هيٺ ناهن ۽ پنهنجي ملازمت ڪري رهيا آهن، البتہ هن جو احترام ضرور ڪندا آهن. هن فتني باز جا جيڪي شاگرد هن جي گمراه ڪندڙ تعليم ۽ ان جي پرچار جي اثر ۾ آهن، اهي هڪٻئي ڪي 'مالڪ سائين' چئي مخاطب ٿيندا آهن. فتني باز ملهم مسجود عرف استاد محترم عرف ظهور الحق هاشمي پنهنجي انهن ساٿين يا شاگردن ڪي 'سڄڻ ساٿي' سڏيندو آهي. دادو ضلعي جي مختلف فرقن جي عالمن، سول سوسائٽي جي نمائندن، ديني مدرسن جي مهتمم حضرات ۽ ايتري قدر جو ڪيترن ئي اديبن ۽ دانشورن ۾ هن بابت حقارت ۽ ڌڪار جا جذبا وڌي رهيا آهن پر هن ماڻهو بابت جيڪي تبصرا ٿيل آهن انهن سيني ۾ اختلاف آهي، تنهن ڪري انهن راين ۽ تبصرن منجهان اهو پختو اندازو نہ ٿو لڳي تہ هن شخص جو ڪهڙي فرقي يا مسلڪ سان واسطو آهي. صوفي طريقي جي پوئلڳن، مشهور گادي نشينن ۽ مشائخ ڪرام بہ هن شخص سان علي الاعلان بيزاريءَ ۽ بريت جو اظهار ڪيو آهي. هن جي مفسدانہ تعليم، گذريل هڪ ڏهاڪي کان هلندڙ آهي. هن جي پرچار غير محسوس طريقي سان ڦهلجي رهي آهي. هن فسادي انسان، دين ۾ بدعت جو هڪڙو نئون ٻج ڇٽيو، جيڪو هاڻي وڌي وڻ ٿي رهيو آهي. هن جي گفتگو ۾ سحر آهي جو اڪثر پڙهيل ڳڙهيل نوجوان، سياستدانن کان خائف سڄاڻ ماڻهو ۽ ڪجھ شاعر ۽ اديب بہ هن جي محفل ۾ اڪثر ايندا ويندا آهن. ملهم مسجود عرف استاد محترم عرف ظهور الحق هاشمي جي زنديقانہ، ملحدانہ ۽ گستاخانہ پرچار جو طريقو اِهو آهي تہ هو پنهنجي حلقي ۾ ايندڙ ن ماڻهن جي پاڻ ڏانهن وڌيل عقيدت محسوس ڪرڻ کان پوءِ انهن ڪي 'هم خيال' سڏيندو آهي. اهي ماڻهو جن ڪي 'هم خيال' جو لقب ملندو آهي انهن ڪي هڪڙو پاڪيٽ سائيز ڪارڊ ڏيندو آهي. ڪارڊ جو رنگ ڳاڙهو آهي، تنهن ڪري ان ڪي ريڊ ڪارڊ چيو ويندو آهي. ريڊ ڪارڊ هولڊر هڪ سينئر ڪارڪن سمجهيو ويندو آهي. ان ريڊ ڪارڊ تي بہ ڪفر ڀريا جملا ۽ قول لکيل هوندا آهن. ان ريڊ ڪارڊ جو اميج بہ فائيل ۾ اٽيچڊ آهي، ان کان علاوه هڪڙي 6 باءِ 6 جي سائيز جي پينافليڪس جو اميج پڻ اٽيچڊ آهي، جنهن تي ڪفريہ جملا ۽ گستاخانہ ڪلما لکيل آهن.

فائيل پڙهندو رهيس اڳيان وڌيڪ ڄاڻايل هئو تہ اهو پينافليڪس هن ملعون جي رهائش يا آرام واري ڪمري ۾ مائونٽ ٿيل آهي. ڪارڊ ۽ پينافليڪس تي موجود لکت سنڌي ٻوليءَ ۾ هئي، پر تحقيق ڪندڙ اداري لاءِ انهن ڪي اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو هئو. ترجمو پڙهيم، منهنجو رت ٽهڪڻ لڳو جو ڪارڊ ۾ انتهائي لغو ۽ واهيات قسم جي عبارت هئي.

لکيل هئو تہ:

”هيءُ فرمان آهي منهنجِيءَ مِنٽِيءَ خدا سائڻ جو،
خدا سائڻ فرمائي ٿي تہ ماءُ لاءِ سڀ ساراهون آهن، ۽ مان انسانن جي ماءُ آهيان.
اي انسانو ! ٻاجهارن رشتن جهڙا سڳ سياپا آهن توهان سان منهنجا.
اقتدار جي مالڪياڻي مان ئي آهيان، مون لاءِ سڀ انسان برابر.
اهڙي نظام اڏڻ لاءِ مان ئي توهان کي چاڪري سيکاريندس
مان ئي توهان جي واهرو ٿيندس.
مان ئي توهان کي رستو ڏيکاريندس.
رستوسڌريل ماڻهن جو، يعني علم وارن جو، ۽ علم کان وڌيڪ ڪو انعام ڪونهي.
سو جن بہ ڇڏي واٽ اها، اهي اوجهڙ ۾ آهن ۽ مان انهن جي ماءُ ناهيان.“

فائيل ۾ علائقي جا نَقشا بہ شامل هئا ۽ فائيل ۾ هن ملعون جو پروفائيل بہ هئو، جنهن مان خبر پئجي رهي هئي تہ ملهم مسجود عرف استاد محترم عرف ظهور الحق هاشميءَ جو اصل ڳوٺ خدا آباد آهي ۽ هن جي موجوده رهائش ۽ آستانو بيت المعمُور، ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاھ جي وچ تي موجود ڳوٺ الهه رکيو ساربان جي پِر ۾ آهي. هن بابت مختلف مڪاتب فڪر ۽ علماءِ دين جا خيال ۽ فتوائون الڳ الڳ آهن جن ۾ هن قسم جا رايا شامل آهن:

هو مهدوي آهي.
هو حلول عقيدي جو قائل آهي.
بوهري جماعت سان مشابهت رکي ٿو.
هن جو لاڙو لنواري واري پيرن ڏانهن آهي .
قادياني فرقي جي اثر ۾ رنگيل آهي.
نئين بدعت جو موجد ٿو بڻجي.
نقشبندي ۽ سهروردي طريقن کي گڏائي، اجان ڪو ٽيون طريقو ٺاهيو اٿائين
ملامتي صوفي آهي
طارق فتح جهڙو مارڪسٽ ۽ ملڪ جو غدار ٿو لڳي.
اسماعيلي مڪتب فڪر جو همدرد آهي .
لاهوري گروپ جي فنڊ تي ٿو هلي.
معتزلہ فرقي جو احياءُ چاهي ٿو
نُصيري آهي.
پرويزي سلسلي جو پيروڪار آهي.
قلندري اويسي آهي.
جاڻ فقير جو نقل ٿو ڪري.
دجالي سوچ جو آهي، فري ميسن جي ايجنڊا پيو وڌائي.

حشيشين آهي. عبدالله ابن صباح جو مريد آهي.
شيطان فقير جي خيالن تي هلڻ وارو آهي.
مشرڪ آهي.
فيمينزم جي پرچار ڪري سستي شهرت حاصل ڪرڻ ٿو چاهي.
هندو عقيدي جو آهي.
شيعو آهي، پڪو رافضي.
مروان آهي، صفا نعماني.
ڪنڏُو آهي، بي گُرو ۽ بي پِير.
بهائي فرقي جو پيروڪار آهي.
گوهر شاهي گروپ جو آهي.
اثرالاسلام جو چيلو آهي.
ذڪري مسلڪ جو آهي
مرتد ٿي ويو آهي.
زاهد خان جي "الڪتاب" ۾ وچڙيل آهي.
الحاد ڏانهن مائل آهي.
موڪل ۽ همزاد قابو ڪيو اٿائين.
راسپوٽين آهي.
نيو ورلڊ آرڊر جو پروپيگنڊسٽ آهي.
"هو ڇا به هجي، آهي ته انسان نه؟ هن جي ڪا ته ڪمزوري هوندي، هن جا ڪا ته قيمت هوندي، هن ۾ سختي هوندي ته ٽُٽِي پوندو، لچڪ هوندس ته جيڏانهن موڙبو، اوڏانهن مُڙي ويندو" مون دل ۾ سوچيو. هن جا فوٽو ڏٺم. ڪجھ پراڻا هئا ۽ ڪي تازا. هن جي مٿن مائٽن جو مختصر ذڪر به هئو، جن جو هن جي فاسد ۽ باطل افڪار ۽ عملن سان ڪو واسطو نظر نه آيو. فائيل پڙهي چڪو هئس. عقيل مهديءَ کي واپس يُونٽ آفيس هلڻ لاءِ چيو هئم.

ساڍا يارنهن ٿيا هئا. 1994ع جي آگسٽ مهيني جي رات هئي .چانڊوڪي هئي، گرمي به هئي ۽ گهُٽ به هئي. مناسب روشنيءَ وارو وڏو ڪُشادو ڪمرو هئو. فلور سيٽنگ لاءِ پٽين سان ٺُول وهاڻا رکيل هئا. اسان کي ويهارڻ کان پوءِ، ان ڳوناٺي قسم جي نوجوان جيڪو ملهم مسجود عرف استاد محترم عرف ظهور الحق هاشميءَ جي آستاني جي گيٽ تي اسان کي مليو هئو، اهو چئي هليو ويو ته "استاد محترم آرام ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ ويو آهي، هو ڪيس اطلاع ڪرڻ وڃي ٿو."
آستاني تي ان نوجوان کان سواءِ ٻيا ماڻهو نظر ڪونه آيا هئا. ڪجھ دير کان پوءِ اهو ساڳيو ڳوناٺي قسم جو نوجوان هڪڙي ٽري ۾ شربت جو ڀريل جڳ ۽ ٻه ڊوتل گلاس کڻي آيو. گلاس ۾

مشروب وجهي اڳيان رکيائين. پهرين سوچيم تہ هڪڙي بدعقيدي ماڻهوءَ جي گهر کجھ بہ کائڻ پيئڻ نہ گهرجي. پر منهنجي اندر ۾ آواز آيو تہ رزق تہ خدا جو آهي، بندو تہ ان جي گنج مان ئي، ٻين کي ونڊ ڪرائيندو آهي، تنهن ڪري انڪار نہ ڪرڻ گهرجي. مون گلاس ورتو. شربت جو ذائقو بي انتها وڻندڙ هئو. ان دوران مون ڪمري جو غيرمحسوس طريقي سان ڀيهر جائزو وٺڻ شروع ڪيو. ڪمري ۾ ڪا بہ شيءِ اهڙي ڪونہ هئي جيڪا محسوس ڪرائي تہ هيءُ آستانو ڪنهن صوفيءَ يا ڪنهن پير فقير ۽ عامل جو ٺاڪ آهي. ڪمري جو جائزو وٺندي، مون شربت پيارينڊڙ نوجوان کان پڇيو، " تنهنجو نالو ڇاهي؟"

"آفتاب احمد باريچو"

تون هن آستاني جي چڱي مڙس جنهن جو نالو ظهورالحق آهي، ان جو ڇا ٿين؟"

"مان "استاد محترم" جو 'هم خيال' آهيان"

"ڪڏهن کان؟"

"اڍائي ٽي سال ٿيا آهن."

"ان کان پهرين تون ڪيترو وقت 'سچڻ ساٿي' هئين؟"

هن مون ڏي هڪ لمحي لاءِ گهُوريو ۽ پوءِ وراڻيو، "ڏيڍ سال کن 'سچڻ ساٿي' طور تربيت حاصل ڪئي اٿم."

"ان تربيت جو مکيہ نقطو ڪهڙو هئو؟"

"پهريون نقطو هئو، من عرف نفسہ فقد عرف ربہ (جنهن پاڻ کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو). ٻيو نقطو، وفي انفسڪم افلا تبصرون (۽ مان توهان جي اندر ۾ آهيان، پوءِ ڏسو ڇو ڪونہ ٿا؟) ۽ ٽيون نقطو، الانسان سري وانا سره (انسان منهنجو راز آهي ۽ مان انسان جو راز آهيان)."

"ان تربيت ۾ ڇا ڪرڻو پوندو آهي؟"

"مظاهر جي، خلاف فطرت خاصيتن جا تجربا ڪرڻ."

"مثال طور ڪيئن؟"

پاڻيءَ مان باھ پيدا ڪرڻ يا باھ کان پاڻيءَ جو ڪم وٺڻ. "

مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. مون کي مسڪين قسم جي صورت ۽ ڄڻڪي حلئي واري هن ميسٽي نوجوان جي افلاطونيت مچرائي وڌو، رهڙ پٽيندي چيومانس، " دماغ خراب ٿيو اٿئي؟ ڇا اهو ممڪن آهي تہ باھ پنهنجي فطرت جي خلاف ساڙڻ ۽ ٻارڻ ڇڏي ڏئي؟"

نهايت بردباريءَ سان ڏنائين، مرڪي چوڻ لڳو، "سائين ! فرعوني سپاهين جو ڇاپو لڳو. تازي ڄاول موسيٰ عليہ سلام کي سندن امڙ سانئڻ ، ٻرندڙ تنور ۾ وجهي ڇڏيو هئو. باھ، پنهنجي فطرت بدلائي ڇڏي هئي. موسيٰ عليہ سلام محفوظ رهيا. نمرود جو اوڙاھ، سيدنا ابراهيم عليہ سلام لاءِ سلامتيءَ وارو گلزار ٿي ويو."

آئون اسپيشل ٽاسڪ فورس ۾ مذهبي معاملن کي درست ڪرڻ جو ماهر بہ آهيان، ڇو جو مون وٽ الازهر يونيورسٽي جي ڊگري بہ آهي ۽ مون کي پنهنجي رينڪ جو هٺ بہ هئو. مون کي محسوس ٿيو تہ

هڪڙي عام ۽ عقيدت مند قسم جي معمولي ڳوناٺي نوجوان جي اڳيان منهنجي گهٽتائي ٿي وئي آهي، سو مون هن جي جواب کي نظر انداز ڪندي چيو، ” وڃ وڃي، مسٽر ظهورالحق کي جلدي سڏي اچ، مون وٽ ٿائيم گهٽ آهي.“
مان حاضر ٿي ويس سرڪار“
آواز جو پيڇو ڪندي، بي اختيار نگاهه دروازي ڏي وئي. سٺ پنجهٺ ورهين جو شخص، جنهن جو رنگ ڳورو هئو ۽ مٿي ۽ ڇاپئين ڏاڙهيءَ جا وار سفيد هئا، ڪمري ۾ داخل ٿي رهيو هئو. مون هن کي پيرن کان وني، مٿي تائين ڏٺو. مُک تي معصوميت، انداز ۾ عاجزي ۽ چال ۾ هڪ عجيب قسم جو شان ۽ وقار هئس. مون ڏانهن وڌيو. ممڪن آهي ته هن کي توقع هجي ته آئون هن سان اٿي بيهي ملندس، پر مون ويني ويني ئي هن سان ٻن آڱرين وارو هٿ ملايو. تحڪمانه انداز ۾ پنهنجي سامهون ويهڻ لاءِ چيو هئومانس. هو منهنجي سامهون گوڏا کوڙي ويهي رهيو. مون هن جي اکين ۾ چتائي ڏٺو ۽ پوءِ پڇيو،
”ملهم مسجود تون آهين؟“
”جي ها“
”اهو مشرڪانه نالو پنهنجي مٿان تو پاڻ ئي رکيو آهي؟“
”اهو نالو مشرڪانه ته ڪونهي.“
”چو ناهي؟“ منهنجو لهجي ۾ گرمي اچي وئي. ”ملهم معنيٰ جنهن تي الهام ٿئي... الهام فقط نبين ۽ پيغمبرن کي ٿيندو آهي.“
”برابر.. پر قرآن مجيد ۾ غير نبيءَ تي به الهام ٿيڻ جو ذڪر آهي. پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهيو، توهان کي ته خبر هوندي ته دنيا جا اڪثر شاعر چون ٿا ته هنن تي شاعريءَ جي آمد ٿيندي آهي... انٽيوئشن... يعني الهام ٿيندو اٿن... مان به شاعرن وانگر ملهم آهيان، مون خدا نه خواسته پاڻ تي ڪنهن وحي نازل ٿيڻ جي يا اهڙي قسم جي ڪا ٻي فضول دعويٰ ناهي ڪئي.“
”گهڻو سياڻو نه ٿيءُ، تون ته خدا هجڻ جي دعويٰ به ڪرين ٿو؟...“
”استغفرالله“ ڏاڍي ڌيرج سان چيائين، ”مون اهڙي دعويٰ به ناهي ڪئي؟“
بڪواس نه ڪر، اهو ٻڌاءِ ته مسجود جي معنيٰ ڇاهي؟“
مرڪي چيائين، ”مسجود معنيٰ جنهن کي سجدو ڪيو وڃي.“
پوءِ....؟ تون پاڻ کي مسجود ڪيئن ٿو سڏائين؟ تون پاڻ کي خدا ٿو سمجهين نه؟“
ثُم استغفرالله من ذالڪ...“ مان پاڻ کي خدا ڪونه ٿو سمجهان، پر منهنجي نظر ۾ ته توهان به مسجود آهيو، بلڪ هي توهان سان گڏ آيل ادو، ۽ منهنجو ساٿي آفتاب احمد باريچو، بلڪ هر انسان مسجود آهي... مسجود ملائڪه آهي... آدم کي فرشتن، سجدو ڪونه ڪيو هئو ڇا؟“
سجدو ڪونه ڪيو هئو ڇا؟“
”اهو سجدو آدم عليه سلام کي يعني هڪ نبيءَ کي هئو؟“
مان، ان آدم عليه سلام جو فرزند آهيان... ان جو اولاد آهيان. مان نبيءَ جي صلب منجهان آهيان پر ايئن

ٻہ نہ ٿو چوان تہ مان ڪو نبي زادو آهيان. پر اهو ضرور آگاهہ ڪندس تہ توهان لاءِ ۽ مون لاءِ تہ قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي وَ لَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِیٓ اٰدَمَ وَ حَمَلْنٰهُمْ فِی الْبَرِّ وَ الْبَحْرِ وَ رَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّیِّبٰتِ وَ فَضَّلْنٰهُمْ عَلٰی كَثِیْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِیْلًا. (۽ اسان آدم جي ٻچڙن کي عزت بخشي، ڪين خشڪي ۽ پاڻيءَ ۾ اچ وڃ لاءِ سواري ڏني، پاڪ ۽ سهڻو رزق عطا ڪيو ۽ پنهنجي تمام گهڻي مخلوقات جي ڀيٽ ۾ خاص مهربانيون ۽ عنايتون ڪيون).

”مون کي ٻڌاءِ تہ تصوف جي ڪهڙي سلسلي سان تنهنجو تعلق آهي؟“ مون هن سان ڳالهائڻ مهل هڪ لمحي جي نرمي ڪونہ پئي ڪئي ۽ نہ وري آئون هن کي ”توهان“ ڪري مخاطب ٿيڻ جو تڪلف گوارا ڪري سگهان پيو.

”سائين منهنجا ! اسلام ۾ تصوف جي ابتدا تہ سرڪار سرور ڪونين محمد رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن کان ٿي آهي. اصحاب صفہ ڪير هئا؟ اسان جي بدقسمتي آهي تہ اسان اهڙي رهبر جي زندگي ناهي پڙهي... توهان ئي ٻڌايو تہ نبي سائين جن رڳو ٽيويهہ سال تعليم ڏني هئي ڇا؟ فاران جي وادين ۾ چاليهہ سال، هنن رسالت جي اعلان ڪرڻ کان اڳ ۾ جيڪا زندگي گذاري، اها ٻہ تہ پڙهو نہ سائين. سڄي سيرت پاڪ پڙهو پوءِ توهان کي تصوف سمجهہ ۾ ايندو. توهان کي اها خبر پوندي تہ ڪائنات جا امام، احمد مجتبيٰ محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وَآله وسلم جن ننڍي هوندي کان ئي سخي ۽ ڪريم آهن، پنهنجن پراون، پاڙي وارن، اقربا ۽ مساڪين سان ڀلائي ڪندڙ ۽ جانورن، ڪمزورن، مسڪينن، محتاجن، ضعيفن، عورتن، اسيرن، بيمارن ۽ مسافرن سان ٻاجهہ ڪندڙ آهن. ويدانتي تصوف هجي يا اسلام، هر پنٿ همہ اوست جو اعلان ئي تہ آهي. “

”هن آستاني ۾ تنهنجي خلوت وارو حصو ڪهڙو آهي، مون کي ڏيکار.“

”ها چو ڪونہ سائين، اچو تہ مان توهان کي پنهنجي رهائش وارو پورشن گهمايان.“

ملاقاتين، زيارتين ۽ سندس ساٿين لاءِ نهيل ان ڪمري مان نڪري، ان فسادي شخص سان گڏ سندس رهائش گاهہ واري پاسي آياسين. اجان تائين هن لاءِ فتني باز ۽ فسادي کان سواءِ ٻيو ڪو نالو ذهن ۾ ڪونہ ٿي آيو. الائي ڇو هو مون کي ڀهروپيو لڳي رهيو هئو. مون کي هن ڀهروپئي جي ٺڪ مان ورَ ڪيڻ ۾ دير لڳڻي ڪونہ هئي، بلڪ منهنجي اشاري تي هن جو نانءُ نشان گم ٿيڻ ۾ ٻہ ڪا گهڻي دير نہ لڳي ها، پر مون کي اجان، هن کي پڙهڻو هئو، سمجهڻو هئو، پوءِ ئي هن جي قسمت جو فيصلو ڪرڻو هئو.

هن جي سمهڻ واري ڪمري ۾ ڪا خاص ڳالهہ نظر ڪونہ آئي، سواءِ ان جي تہ ڪمري ۾ اندر گهڙڻ کان پوءِ ساڄي پاسي ڀت تي هڪڙو وڏو پينافليڪس لڳل هئو جنهن تي سنڌيءَ ۾ ڪجهہ لکيل هئو. ان پينافليڪس بابت آئون هن ملعون جي فائيل ۾ اڳ ۾ ئي پڙهي چڪو هئس. مون عقيل مهديءَ کان اکين ئي اکين ۾ پڇيو تہ تون اهو پڙهي سگهين ٿو، جنهن تي، هن ٻہ اکين جي اشارن سان انڪار ڪيو؟ مون فساديءَ کان پڇيو، هن پينافليڪس تي ڇا لکيل آهي؟

مسڪرائي چيائين،” خدا جو ڪلام“

”مون کي سنڌي ناهي ايندي، پڙهي ٻڌاءِ تہ ڇا لکيل آهي؟“

هن پڙهڻ شروع ڪيو:

”هيءُ فرمان آهي منهنجِي مِنٽريءَ خدا سائنڻ جو،

خدا سائنڻ فرمائي ٿي ته ماءُ لاءِ سڀ ساراهون آهن، ۽ مان انسانن جي ماءُ آهيان.

اي انسانو ! ٻاجهارن رشتن جهڙا سڱ سياپا آهن توهان سان منهنجا.

اقتدار جي مالڪياڻي مان ئي آهيان، مون لاءِ سڀ انسان برابر.

اهڙي نظام اڏڻ لاءِ مان ئي توهان کي چاڪري سيڪاريندي س.

مان ئي توهان جي واهرو ٿينديس.

مان ئي توهان کي رستو ڏيکاريندي س

رستوسڌريل ماڻهن جو، يعني علم وارن جو، ۽ علم کان وڌيڪ ڪو انعام ڪونهي.

سو جن به چڙي واڻ اها، اهي اوجهڙ ۾ آهن ۽ مان انهن جي ماءُ ناهيان.“

اها عبارت، منهنجي پڙهيل هئي پر هن جي اها تحرير هن جي ئي زباني يعني ”ڪلام گستاخ بَزبان گُستاخ“ مون ڏاڍي تڪليف سان ٻُڌي ۽ برداشت ڪئي.مون، خدا جي پاڪ ذات جي شان ۾ اهڙا نازيبا گفتا، شايد ان ڪري به ماڻ ڪري ٻُڌا ۽ سَنا، جو مون سان منهنجي فرضن جي ادائگيءَ دوران اهڙا عجيب ۽ غريب معاملا اڪثر پيش ايندا رهندا آهن.

ڪاوڙ تي تمام گهڻو ضبط ڪندي انتهائي سرد لهجي ۾ سامهون موجود منحوس فسادي ملهم مسجود کي چيم، ”تو پنهنجي ڪمري جي پٽ تي رب تعاليٰ جي باري ۾ جيڪا بي ادبانه ۽ گهٽيا تحرير مائونٽ ڪئي آهي، ان کان وڌيڪ دنيا ۾ مون کا به خراب لکٽي ناهي پڙهي. اي ذهني مريض شخص! تو خدا کي عورت ۽ ماءُ ۽ الائي ڇا ڇا لکيو آهي؟ تو ڪفر ۽ گستاخيءَ ۾ سڀ حدون لتاڙي ڇڏيون آهن. دل ته چئي ٿي ته توکي ٽچڪيل تيل ۾ پڪوڙن وانگر تريان، تنهنجي سيني سوراخن ۾ گندرف پري توکي باهه ڏئي ڇڏيان، توکي بکايل شينهن جي پڃري ۾ ڦِٽي ڪرايان، توکي مائونٽ ايوريسٽ جيتري اوچائيءَ تان ڪيرايان، توکي ڦاسي ڏئي تنهنجو لاش، تنگرائي ڇڏيان ۽ قيامت تائين ٽنگيل ئي رکان، تنهنجي سسي لاهي ڇڏيان ۽ ان کي فوٽ بال بنائي کيڏان... پر نه توکي ايترو آسانيءَ سان ماري به ناهي ڇڏڻو...“

مون هن کي اهو به ٻڌايو ته آئون هڪڙي طاقتور اداري جو با اختيار عملدار آهيان ۽ مان هن کي عبرت جو نشان ته ضرور بڻائيندس پر ان کان اڳ صفائي پيش ڪرڻ جا سمورا موقعا به ڏيندس. جيڪڏهن توبنهن تائب ٿيو ته سزا ۾ تخفيف به ڪرائيندس پر اهو ممڪن ناهي ته خلق کي گمراهه ڪرڻ ۽ رب جي شان ۾ ڪيل گستاخي جهڙيون حرڪتون معاف ڪندس. ”تون سڀاڻي کان روزانو صبح جو نائين وڳي يونٽ آفيس ۾ ايندين ۽ انٽروگيشن کي منهن ڏيندين. تنهنجي صفائيءَ جي بيان ۾ تنهنجي نفسياتي ڪيفيت کي پرکيو ويندو، ممڪن آهي ته تولاءِ رعايت جو ڪو رستو نڪري پئي. “

ٻئي ڏينهن نيرن ڪري، آئون عقيل مهديءَ سان گڏ جيئن ئي يُونٽ آفيس ۾ موجود پنهنجي چيمبر ڏانهن آيس ته دروازي جي ٻاهران سنتري لاءِ رکيل ڪرسيءَ تي ملعون ملهم مسجود کي وينل ڏٺم. شديد نفرت محسوس ٿيم پر ياد آيو ته مون رات سمهڻ کان اڳ ۾، دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو هئو

ته هن مڪار مُشرڪ ۽ زنديق جو قصو، پاڪ ڪرڻ لاءِ وڏي فهم ۽ تدبر کان ڪم ورتو آهي. مون پاڻ سنڀالي ورتو. پنهنجي چهري تي ماسڪ سجائي ورتم، ڪُوڙي ۽ دل آويز مرڪ سان هن ڏي نهاريم ۽ جاڙي واڙي انگريزيءَ ۾ پڇيومانس، ”استاد محترم ! توهان ته وقت جا وڏا پابند آهيو، ڪيڏي مهل آيا آهيو؟“

” مان ته ساڍي انين وڳي اچي ويو هئس. توهان جي اچڻ ۽ پنهنجي حاضريءَ لڳڻ جو انتظار پيو ڪيان“ هن ڏاڍي خوبصورت ايڪسنيٽ ۾ اهي جملا انگريزيءَ ۾ چيا.

عقيل مون ڏي مودبانه انداز ۾ ڏٺو، منهنجي اکين جي تحرير پڙهيائين ۽ ملعون مفسد کي، پنيان اچڻ جو اشارو ڪيائين.

هو اسان جي پويان پويان، چيمبر ۾ آيو. مان پنهنجي سيٽ تي ويٺس عقيل منهنجي ساڄي هٿ پاسي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ ويهندي ئي هن کي اشاري سان ئي ڪرسي آفر ڪيائين. ٺورا مڃيندي، هُو ويهي رهيو. ڪجھ لمحا خاموش رهيو ۽ پوءِ اوچتو ۽ عام انداز ۾ مون کان پُڇيائين، ”توهان شايد پاڪ پتن جا آهيو؟“ مون کي حيرت جو جهٽڪو لڳو. مون ڦرين عقيل ڏي ڏٺو ۽ پوءِ هن ملعون جي اکين ۾ پنهنجي نگاهن جون ميخون کُپائيندي چيو، ” آئون پنهنجي پُوري ڪيريئر دوران دادوءَ ۾ ٻيو ڀيرو آيو آهيان. هن يُونٽ ۾ ڪنهن کي به خبر ناهي ته آئون اصل ڪٿان جو آهيان... توکي ڪيئن خبر پئي ته آئون پاڪ پتن جو رهواسي آهيان.“

”رات توهان جي وڃڻ کان پوءِ سرڪار مسعود سائين آيا هئا، معذرت ڪندي چيائون ته منهنجي شهر جو ماڻهو آهي، دل رنجايئي، ته به ارهو نه ٿجانس. سائين جن ويندي ويندي اهو به فرمائي ويا ته ظهور الحق ! بس ايئن سمجھ ته ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾.“

”مسعود؟! ڪير آهي اهو مسعود؟“ مون هيڪاندي ٿيندڙ تجسس وچان پڇيو.

”مسعود سرڪار... يعني شيخ العالم حضرت بابا فريدالدين مسعود گنج شڪر“ هن مرڪي وراڻيو.

هن جو انداز اهڙو هئو يا هن جي جواب جو اثر، جو مون کي لڳو ته سيءَ جي هڪ لهر منهنجي ڪرنگهي جي هڏي ۾ لٿي آهي. منهنجي جسم جا وار ڪانڊارجي ويا هئا.. پر ٻئي لمحي مون پاڻ کي سنڀالي ورتو ۽ داد ڏيندي چيومانس، ”اندازو هئو ته وڏو آڙيڪاپ هوندين، پر تون منهنجي اندازي کان به وڏي مشڪري آهين.“

منهنجي هن ٺٺول يا ٽوڪ تي هن جي چهري تي ڪاوڙ جو ڪوبه تاثر ڪونه آيو. سوچيم ته مون ته ڪالھ رات کان ئي، هن سان تضحيڪ وارو رويو ۽ چيڙائيندڙ انداز اختيار ڪيو آهي، پر هيءُ بدبخت، بي دين ۽ بدعتي انسان مشتعل ٿئي ئي ڪو نه ٿو. مان اجان هن تي سوچي رهيو هئس ته عقيل هن کان پڇيو، ”دادو ضلعي کان علاوه ٻين ڪهڙن علائقن ۾ تنهنجا چيلا ۽ آستانا آهن؟“

”منهنجا دوست ته سڄي سنڌ ۾ آهن، ملڪ جي ٻين پرڳڻن ۽ علائقن ۾ ڪافي روشن خيال ماڻهو به لائيڪ مائنڊڊ آهن. باقي جيڪڏهن منهنجا نڪاڻا ٿا پڇو ته هڪڙو نڪاڻو ته ڪالھ توهان ڏسي آيا آهيو... ۽ ٻيو نڪاڻو جهمپير ۾ آهي.. قربانيءَ واري عيد، اتان جي دوستن سان گڏ ڪندو آهيان.“

”انهن دوستن جا نالا ٻُڌاءِ“. عقيل نوٽ بوڪ کڻيو، مون خفيه رڪارڊنگ آن ڪري ڇڏي.

”امام ڏنو گوپانگ، غلام نبي شورو، شاد علي سولنگي، نورمحمد جوکيو، دين محمد درس، نارو مل شاماڻي، عاشق جعفري، مراد علي برفت، نواز پليجو... ڪجهه وري انهن سڀڻن جا متر ۽ دوست به آهن پر مون کي انهن جا چهرا ياد آهن، نالا ياد ڪونه اٿم.“

”سياڻي وري نائين وڳي اچجانءِ، هاڻي تون وڃ“

هو هليو ويو. آئون هن ملعون تي سوچيندو رهيس عقيل سان ڊسڪس ڪيم ۽ پوءِ مون هڪڙي اسٽريٽجي ۽ هن بابت هڪڙي تفصيلي رپورٽ تيار ڪئي، عقيل سان ان جون ڪجهه ضروري پوائنٽس شيئر ڪيم ۽ شام جو رپورٽ ۽ اسٽريٽجي، هيڊ ڪوارٽر ڏانهن ارجنٽ ميل ۾ اُماڻي ڇڏيم.

ٻئي ڏينهن هو جيئن ئي پهتو ته مون عقيل جي سامهون رکيل، هن ملعون جو فائيل کوليو. پينافليڪس ۽ ريڊ ڪارڊ تي گستاخانه عبارت جو ترجمي وارو ڪاغذ سامهون رکيم ۽ وڏي سر ۾ شروعاتي جملا پڙهيم، ”هيءُ فرمان آهي منهنجي مِنڙيءَ خدا سائڻ جو،

خدا سائڻ فرمائي ٿي ته ماءُ لاءِ سڀ ساراهون آهن، ۽ مان انسانن جي ماءُ آهيان.“ پوءِ هن کان ڦهريون سوال پڇيم: ”هي نئون آسماني ڪلام تو مٿان نازل ٿيو آهي؟!“

”سائين ! اهو ته خدا جي ڪلام جو حصو آهي. ڦهرين سورت جي ڦهرين آيت آهي.“

هن جي ڳالهه ٻُڌي، منهنجي نس نس ۾ ڄر پڪڙجي وئي پر مون پنهنجي ڪاوڙ کي پنهنجي مٿان غالب ٿيڻ ڪونه ڏنو ۽ پڇيو، ”الحمدالله رب العالمين جو اهو ترجمو آهي؟“

مرڪي چوڻ لڳو، ”هن آيت ۾، خدا سائڻ پنهنجو تعارف ڪرائي رهي آهي ته آئون پالڻ واري آهيان سڀني جهانن جي! ... ۽ سائين ،منهنجا، ڄڻڻ واري کي مڃو يا نه مڃو، پر، پالڻ واري ئي اصل ماءُ هوندي آهي ...۽ سڀ ساراهون آهن ان ماءُ لاءِ جيڪا پالڻهاري آهي. ٻين لفظن ۾ خدا سائڻ فرمائي ٿي ته مان ئي جهانن جي ماءُ آهيان، سڀ ساراهون پڻ ماءُ لاءِ ئي آهن.... وري پوءِ الحمدالله رب العالمين کان اڳتي پڙهو، پالڻهاري فرمائي ٿي، الرحمٰن الرحيم... انگريزيءَ ۾ چئبو آهي وومب (Womb) ۽ سنڌيءَ ۾ گرڀ، ۽ سو ئي لفظ عربيءَ ۾ ٿيو رحم! ... توهان ”صله رحمي“ يا ”قطع رحمي“ جا اصطلاح ٻڌا هوندا... صله رحمي معنيٰ مائٽن سان (ماءُ جي حوالي سان يا ناناڻڪي خاندان سان) سنو سلوڪ ڪرڻ، ۽ قطع رحمي جنهن کي سخت ننديو ويو آهي جو مطلب آهي ته ماءُ پاران مليل رشتن کي ڇڏي ڏيڻ.. هڪڙو ٻيو مثال ڏيان ته سوره رحمان ۾ خدا سائڻ پنهنجي تعارف جي ابتدا ئي پنهنجي نالي سان ڪئي آهي... الرحمان، علم القرآن، خلق الانسان، علمهه الابيان.... رحمان جو مطلب ڇاهي؟ معنيٰ ماءُ جي رحم ۾ (گرڀ ۾) پيدا ڪرڻ واري/پالڻ واري... هاڻي جيڪڏهن توهان کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته اڳيان توهان پاڻ ئي الرحمٰن الرحيم... جي معنيٰ سمجهي ويندئو. يعني الرحمٰن الرحيم... جي تشريح اها ئي آهي ته:

اي انسانو! ٻاجهارن رشتن جهڙا سڱ سياپا آهن توهان سان منهنجا... پوءِ آهي مالڪ يوم الدين... ۽ ان جي وضاحت ڇاهي، فائيل کوليو، ڏسو ريڊ بوڪ ۽ ان جو عڪس جيڪو توهان جي فائيل ۾ موجود آهي ۽ گڏ ان سان آهي ترجمي وارو ڪاغذ..“

هيءُ ملعون الائي کهڙي جادوگري ڪري رهيو جو، هن کي مون وٽ موجود سندس هسٽري واري فائيل جي بہ خبر هئي.

”پر ان کان پهرين ڪجھ تاريخ ۾ جهاتي پائي ماضيءَ کي پڙهڻو بہ آهي ۽ گڏو گڏ ڪجھ عربي لفظن جو ترجمو سمجھڻ بہ ضروري آهي.“ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”سائين منهنجا! قرآن پاڪ ۾ پنجويهن چويهن نبين ۽ رسولن جو ذڪر آهي. انهن منتخب هستين تہ انساني معاشرن ۾ پيدا ٿيل خرابين خلاف جدوجهد ڪئي. مختصر ڳالھ ڪيون تہ ڪنهن زماني ۾ عامل، پوپا ۽ جادوگر ماڻهن جون متيون منجهائي وينا هئا، تہ ڪنهن بہ ئي جُڳ ۾ عام استعمال جي شين ۾ ملاوت جي خلاف تحريڪ هلي، ڪٿي هم جنس پرستيءَ ۽ زنا جي لعنت خلاف جدوجهد ٿي يا ايئن چئجي تہ انسان کي سيڪسيوئلي ٽرانسمٽڊ انفيڪشنز، ايچ آءِ وي ۽ ايڊز کان بچايو ويو. ڪو اهڙو زمانو آيو جو ماڻهن تور ۽ ماپ ۾ کوٽ کي جائز سمجهيو ۽ وقت جي رشين، سنتن ۽ پيغمبرن ان خلاف هلچل ڪئي، ڪنهن نبيءَ وياج خوري کان، ماڻهن کي بچايو، ڪنهن پيامبر مظلوم قومن کي زورآور ۽ ظالم سان وڙهڻ سيکاريو، ڪنهن رسول، خلق کي جدي پُشتي غلاميءَ مان آزاد ڪرايو، حضرت يوسف جي دور ۾ ڏڪار سان لڙائي ٿي. ذراعت ۽ آبپاشيءَ کي هٿي ملي، ڪنهن پيغمبر برابريءَ ۽ انساني حقن لاءِ آواز اٿاريو. ڇا تاريخ ۾ اهو مذڪور ناهي تہ سيني مرسلين ۽ پيامبرن کي با اثر ڏنوانن، طاقتور ۽ شاهوڪارن، تڪليفون ان ڪري ڏنيون جو انهن پيغمبرن، غلامن کي آقائن جهڙا حق پئي ڏنا، نياڻين کي زندھ پورڻ کان منع پئي ڪيو، زالن کي مارڻ کان جهليائون ٿي ۽ پاڙي وارن کي پاڻ وانگر پيار ڪرڻ پئي سيکاريائون. ٻڪئي کي ڪارائڻ سيکاريائون، مسڪين جي مهل ڪرڻ، ڪمزور تي ڪهل ڪرڻ، پکي پکڻ، پسونئڙن ۽ جيتن جانورن جي حفاظت سمجهايائون. يسوع مسيح عليہ سلام، عدم تشدد ۽ سهپ جي اها ادا سيکاري تہ ڪو تنهنجي هڪڙي ڳل تي چماٽ هڻي تہ وڌائي ٻيو ڳل پيش ڪرينس. خدا سائڻ جي اصطفيٰ بندن ماڻهن کي صوم صلات جي نالي ۾ لنگهڻ ڪاٽڻ ۽ اٺ ويھ واري مشق ڪونہ سيکاري هئي. توهان ئي ٻڌايو سائين منهنجا ! تہ جڏهن کان اخبار ايجاد ٿي آهي تہ خانقاهن، ڪليسائن، مندرن مڙهين، مدرسن، مڪتبن مسجدن، معبدن ۾ ٿيندڙ بدڪارين جون خبرون ڇو ٿيون اچن، جڏهن تہ قرآن فرمائي ٿو تہ صلات، بي حيائيءَ ۽ بدڪرداريءَ کان روڪي ٿي... پوءِ لڪين نمازي ڏسي توهان کي اهو خيال ڇو ڪونہ ٿو اچي تہ بدڪاري ۽ خاص طور تي پائبند نمازين ۾ بدڪرداري ڇو آهي؟... معنيٰ تہ يا تہ صلات بدڪرداريءَ کي نہ ٿي روڪي معاذ الله ... يا نماز نالي جيڪا مشق ٿئي پئي اها صلات ناهي... ۽ لفظ صلات جو مفهوم ئي ڪجھ ٻيو آهي..

عقيل هن جي ڳالهه تي جرح ڪندي پڇيو، ”تون ئي ٻڌاءِ تہ لفظ صلات جي معنيٰ ڇاهي؟“

”ضرور.. پر ان کان پهرين مان توهان کان هڪڙو سوال پڇان؟“

”ها، ڀلي پُڇ.“ اجازت ڏنيمانس.

”هزارين ورهين کان وني ،انسان عبادت گاهون ناهي طواف ناهي ڪندو رهيو، پنهنجي اولاد يا ڪنهن غلام جي سِسي وڍي، قربانيون ناهي ڪندو رهيو، خدا جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي لاءِ لنگهڻ

ڪاٽيندو ناهي رهيو جن ڪي اوهان روزو يا صوم چوندا آهيو. اقيموالصلات جي معنيٰ آهي ته ان نظام ۾ چاڪري ڪيو.. ڊيوٽي ڪيو.. اهو نظام قائم ڪيو،جنهن نظام لاءِ سڀني مرسلين جدوجهد ڪئي.. يعني خدا سائنڻ جي سڀني ٻچڙن ڪي هڪجهڙو ۽ هڪجيترو رزق ملي. توهان ئي ٻڌايو ته عرب امارتون، سعودي عرب ۽ ٻيا شاهوڪار ملڪ، ٻين ملڪن ۾ موجود بڪايل انسانن لاءِ يا ٻيو ته ڇڏيو پر فقط غريب مسلمانن لاءِ پنهنجا ڏوڪڙ خرچ ڪندا؟ ڪونه ڪندا...پر پنهنجي عياشين تي ضرور خرچ ڪندا. سڄيءَ دنيا ۾ قصر، محل ۽ برج اڏائيندا، ڪيسينو ۽ قمار خانا آباد ڪندا رهندا... پر نبيءَ جي امت تي خرچ ڪونه ڪندا.. توهان دل تي هٿ رکي ٻڌايو ته هزارين سالن کان انسان، جنتن جي ترغيب ڏئي، هڪڙي ياءُ جي هٿان ٻئي جو خون ڪو نه ٿو وهائي؟ ڪڏهن مورتين ته ڪڏهن عمارتن جي چوڌاري طواف ڪري ٿو، پادرين پنڊتن مولوين يا ڪاهنن ڪي صدقا، خيرات فطرا، چندا ۽ پيتا ڏئي ٿو، پوءِ وري منافع خوريءَ،حرام خوريءَ ۽ وياج خوريءَ کي پنهنجي لاءِ مُباح سمجهي ٿو؟ سائين منهنجا ! جننن ڪئلنڊر ۾ رمضان جو مهينو آهي، اهو ٻئي خليفي جي دور ۾ ترتيب ڏنو ويو هئو. رسول پاڪ جي زماني ۾ يا ان کان اڳ رمضان نالي ڪو مهينو هئو ئي ڪونه ! پلي تحقيق ڪيو، عرب ۾، مهينن جا اهي نالا ئي ڪونه هئا. هونئن به رمضان لفظ جي معنيٰ آهي باه جو درياه... يعني اهو پرآشوب زمانو، جيڪو سرور ڪونين ۽ سندن ساٿين مڪي ۾ گذاريو ... يعني رسول ڪريم سان گڏ جيڪي ماڻهو مڪي ۾ وهنڊڙ باه جي درياه (يعني رمضان) ۾ رهيا ۽ اهو پار ڪري مديني پهتا، قرآن ۾انهن کي هدايت ڪئي وئي ته جيڪي ماڻهو اهو دور ڏسي چڪا آهن اهي دفاعي لحاظ کان پاڻ کي مضبوط ڪن.. يعني صيام تي عمل ڪن ۽ صيام جي معنيٰ آهي دفاعي تربيت ڪئمپ...... هوڏانهن لنگهڻ ڪاٽڻ کي، صوم چئي، توهان جي مولوين چوڏنهن سو سالن کان توهان کي راهب ۽ ڪاهن بڻائي رکيو آهي. صلات معنيٰ، خدا سائنڻ جي مادري نظام اڏڻ لاءِ پابنديءَ سان ڊيوٽي ڪرڻ... ان نظام ۾ انصاف ۽ عدل آهي، رزق جي هڪجهڙي ۽ هڪ جيتري تقسيم آهي... جيئن هڪڙي ماءُ سڀني ٻچڙن کي ڪارائيندي آهي.“

”تون ڪيونسٽ آهين؟! مون هن ڏي هڪدم سوال جو گولو ڦٽي ڪيو.

اهو سوال ته خدا سائنڻ کان پڇو، جنهن قرآن جي سمري يعني سورت فاتحه ۾ پهرين پهرين اهو فرمايو ته الحمدالله رب العالمين...جيڪا جهانن جي پالڻهاري آهي، ڇا هن جو نظام عالمگير ناهي؟ پوري دنيا لاءِ ناهي؟ هڪ عالمگير مساوي دنيا جي ڳاله ته سڀ کان پهرين رب پاڪ ڪئي آهي.“

”اوڪي اوڪي.“ مون لاپرواهيءَ سان هن جي ڳالھ کي نظرانداز ڪندي چيو، ”تو پنهنجي ڳالھ جلدي پُوري ڪر“

”سائين منهنجا! پوءِ آهي مالڪ يوم الدين ... دين جي معنيٰ آهي نظام حڪومت ! يعني خدا سائنڻ جي حڪومت ... هڪ ماءُ جي حڪومت... اهڙي رياست جيڪا ماءُ جي هنج جهڙي هجي... مڪي ۾ مالدار ۽ با اثر ماڻهو وڏا سرمائيدار هئا ۽ ڪعبي جي زيارت لاءِ ايندڙن کي لُٽڻ ڦرڻ لاءِ مختلف اوليائن جا بت ٺاهي، انهن تي پوندڙ نذر نياز مان، مال ناهيندا هئا، انهن جي حرام خوريءَ کي، رسول پاڪ چئلينج ڪيو... مسڪينن کي متي آندو. بلال، مقداد، ابو ذر، سلمان، عمار ياسر جا رتبا متي ٿيا... وڏا وڏا

اُمراءَ ۽ ابولهبي قسم جا شاهوڪار به، انهن سان گڏ ويهڻ ۽ ساڳئي دسترخوان تي کائڻ لاءِ مجبور ٿيا. غربت، گار نه رهي. ڪارو، گوري تي سرداري ڪرڻ لڳو. عجمي سلمان فارسي، اهل بيت ٻڻجي ويو...مساوات ۽ برابري، نياءُ ۽ انصاف، انسان دوستيءَ ۽ فطرت پرستيءَ واري رياست به مديني ۾ نهي وئي... پر توهان جي مولوين، مصطفيٰ جي ان دين يعني نظام حڪومت جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو.... ياد ڪيو عراقين جي ايران سان ارهه زورائي. سچو عرب گڏجي، عجم سان وڙهيو ... ”

”پرخدا ايئن ڪٿي فرمايو آهي ته اقتدار جي مالڪياڻي مان ئي آهيان، مون لاءِ سڀ انسان برابر. اهڙي نظام اڏڻ لاءِ، مان ئي توهان کي چاڪري سيکاريندس. مان ئي توهان جي واهرو ٿيندس. مان ئي توهان کي رستو ڏيکاريندس“

”سائين منهنجا! هيءُ جو توهان ڏينهن ۾ پنج ڀيرا مسجد ۾ وڃي اُنڪ بينڪ ڪري ايندا آهيو ۽ پوءِ پاڻ کي ڪير ۾ ونهتل سمجهندا آهيو.... وري ان اٺ ويهه کي صلات به سڏيندا آهيو... ان صلات ۾ اهو ئي ته چوندا آهيو نه ته: اياڪ نعبدُ وَ اياڪ نستعين... اڪ التي ته ڊاريو ڪونه ٿا سائين...! فذڪروني اذڪرڪم جي معرفت حاصل ڪيو ڪونه ٿا... توهان اياڪ نعبدُ وَ اياڪ نستعين اجان چوندا ناهيو ته خدا سائڻ جيڪا اسان انسانن جي امڙ سائڻ آهي، اڳي ئي چوندي آهي ته: مان ئي توهان جي واهرو ٿيندس. مان ئي توهان کي رستو ڏيکاريندس.“

”ماستر ظهورالحق ملعون ! ”اياڪ نعبد“ جي معنيٰ آهي اسين فقط تنهنجي عبادت ڪيون ٿا....“

”سائين منهنجا! اوهان کي ڏيڍ هزار ورهين کان عبادت جو مطلب روزو، نماز، زڪوات ۽ مڪو مدينو گهمڻ ئي سمجهايو ويو آهي... عابد معنيٰ غلام، چاڪري ڪندڙ... جيڪو فقط ڊيوٽي ڪري.... اياڪ نعبد و اياڪ نستعين کان پوءِ اهدناالصراط المستقيم به آهي... اها صراط مستقيم يعني سڌي واٽ... پر اها سڌي واٽ ڪنهن جي؟ انعمت عليهم... معنيٰ جن کي تو انعام ڏنا... توهان ئي ٻڌايو سائين ! وڏي ۾ وڏيون نعمتون ۽ انعام ڪهڙا آهن؟... علم، حڪمت، دانائي... جن قومن ۽ ملڪن يا ماڻهن وٽ اهي نعمتون هجن ته انهن جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي؟ اهي ته لاخوف عليهم ولاهم يحزنون .. ٿي پيا، انهن کي نه ڪو ڊپ ڊاءُ هوندو ۽ نه ئي ڪو ملال..... سائين منهنجا! توهان وٽ به جهنڊن وارا، پڳن وارا، ٽُرن، قبائن ۽ عمامن وارا پير فقير اولياءَ آهن، نو لکي گودڙيءَ وارا مرشد آهن، وڏيون درگاهون ۽ وڏا شيخ الشيوخ والمشائخ به آهن، اهلحديث ۽ اهل قرآن به آهن، ديوبندي ۽ بريلوي به آهن، لشڪر ۽ جيش، حزب ۽ جمعيتون به آهن، قبا ۽ مينارا آهن، مسجدون ۽ محراب به آهن پر آغا خانين جهڙي ڪا هڪ هاسپيٽل، اسڪول، ڪالوني، ڪميونٽي سينٽر اٿو؟... ڪڏهن اسماعيلين جي ڪنهن رهائشي علائقي ۾ وڃي ڏسو.. خوبصورت ۽ گيٽڊ هائوسنگ اسڪيم، مڪمل سڪيورٽي، ڪلنڪ، جمنازيم، شادي هال، ڪميونٽي سينٽر، پلي گرائونڊز، پرسڪون ماحول، دونهين ۽ شور شرابي کان محفوظ.. نه بجلي ۽ گئس جو بريڪ ڊائون.... آس پاس نگاهه ڊوڙايو... بوهري به ايئن ئي سڪون ۽ اطمينان سان هڪڙي جنت جهڙي زندگي گذارين ٿا... مرزاين ۽ احمدين جو مثال ڏيندس ته اوهان مون کي قادياني چوندا ۽ عين ممڪن آهي ته دل ۾ هڪدم مون کي قتل ڪرڻ جو ارادو به ڪري ڇڏيو... مان ته اجان يورپي ملڪن، آمريڪا ۽

اسرائيل جا بہ مثال ڏيندس... انهن ملڪن ۾ انسانن جا تہ وڏا حق آهن ئي آهن، پر جانورن سان بہ ڏاڍو پيار ڪيو ٿو وڃي... ٻارن کي ننڍپڻ ۾ ئي ٻُوٽن ۽ وڻن سان، ماحول ۽ فطرت سان محبت ڪرڻ سيکاري ويندي آهي... قانون سيني لاءِ هڪجهڙو آهي، مجال آهي جو ڪو ٽريفڪ سگنل جي ڀڃڪڙي ڪري، يا اسپتال يا اسڪول جي اڳيان هارن وڄائي. استاد جي اچڻ تي عدالت هلائيندڙ جج، احترام ۾ اٿي بيهندو آهي، امن آهي انهن ملڪن ۾، پوليس پاڻ کي عوام جو مددگار ۽ خادم سمجهندي آهي، چُونڊيل نمائندو، ٽئڪس پيئر يعني ووٽر جي ناراضگيءَ کان ڊڄندو آهي.. اظهار جي آزادي آهي، عشق تي جهل پل ڪونهي... شريعت جي آڙ ۾ نابالغ ڇوڪريءَ سان نڪاح ناهي ٿيندو، وٽي سٽي يا ڏي وٺ واري شادي جي ڳالهہ هنن کي اَئڙجي ئي ڪونہ. فورسڊ مئريج يا ڪاروڪاري هنن وٽ ڪونهي، ملاوٽ يا ٻہ نمبريءَ جو تصور ناهي، رشوت کي لعنت ٿا سمجهن، تعليم ۽ علاج مفت آهي، بيروزگارن لاءِ وظيفو آهي... انهن ملڪن جي ويزا لاءِ، اتان جي ٻئي درجي واري شهريت لاءِ عام تہ ڇڏيو پر خاص مسلمان بہ خواب ڏسندا آهن... جنهن وٽ انهن سڌريل ملڪن جي شهريت آهي، اهو اسان جي سوسائٽي ۾ معتبر سمجهيو ٿو وڃي.... انهن ملڪن ۾ بہ خرابيون آهن، پر اتي آدميت جو احترام تہ سڀ کان اُتم آهي نہ؟ اهڙا معاشرا اڏڻ لاءِ تہ اوتار، رشي، مها پُرش، نبي ۽ پيغمبر بہ آيا... پر اهڙا معاشرا، جن جو ماڊل بہ موجود هئو، اسان جي عالمن کان اڏجي ڪونہ سگهيا؟ اسان جي نمازين کان جهاز ڪونہ ٺهيا.. انهن جو مسئلو اهو بحث هئو تہ اصحاب ڪهف جو ڪتو، ڪاري رنگ جو هئو يا سفيد رنگ جو؟ مناظرا ٿيا ۽ هڪٻئي جون ڏاڙهيون پٽيون ويون. هوڏانهن دنيا ۾ بي دين ۽ بي نمازي ماڻهن، آئيڊيل سماج ناهي ڏيکاريا....اسان کي تہ اهو لالي پوپ ڏنو ويو تہ ڪافر لاءِ دنيا آهي... پلي مزو ماڻين... مومن لاءِ آخرت ۾ اجر ۽ انعام ! ڪافر دوزخ ۾ پوندا ۽ هميشه باهہ ۾ سڙندا، جنهن ڪلمو پڙهيو هوندو، اهو جنت ۾ حورن جي پاڪرن ۾ هوندو...

سائين منهنجا! اهو مومن آهي جو ڪلمو پڙهيو اٿس يا ڪلمو ابي ڏاڏي کان ورثي ۾ مليو اٿس، اهو پلي ڌاڙا هڻي، ڦرلٽ ڪري، اسان محنت مزدوري ڪندڙ ماڻهن يعني تنهنجي منهنجي مال تي ۽ چندن، پتن، فطرن، صدقن ۽ زڪواتن تي پلجي، پرائي عورت ۽ دولت تي قبضو ڪري، يتيمن جا حق کائي، ڏيءُ جيڏيءَ سان لائون لهي ، ننڍڙن ٻارن سان بدفعلي ڪري، انهن کي قتل ڪري، لاش مدرسي سان گڏ موجود حجري يا مسجد جي ڇت ۾ لٽڪائي ڇڏي، پر اهو جنت ۾ پوءِ بہ ويندو جو، ان ڪلمو پڙهيو هئو... پر جن اشرافن، زندگيون وقف ڪري هارٽ سرجري سيکاري، جن فون ايجاد ڪئي، جن ايئر ڪنڊيشن ناهيو، جن ڪمپيوٽر ايجاد ڪيو، جن پڃگل ٻانهن جوڙڻ لاءِ راڊ ناهي، جن سيني ۾ دل جي ڌڪ ڌڪ درست رکڻ لاءِ پَيس ميڪر ڏنو، ڪڊني ۽ ليور ٽرانسپلانٽ ڪيو، زمين کوٽي توانائي ظاهر ڪئي، صنعتون ناهيون، ٽرينون هلايون، پرنٽنگ مشين ڏني، پينسلين ناهي، جن انسانيت جي خدمت ڪئي، ڪوڙهہ جي مريض سان محبت ڪئي، ان جو علاج ڪيو، جن جانورن کي مصنوعي ٽنگون ٻانهون هڻي معذوريءَ کان بچايو، جن يتيم خانا جوڙايا، اسڪول ۽ ڪاليج اڏايا، هنري مرڪز قائم ڪيا، رسرچ سينٽرز آباد ڪيا، انهن جيئن تہ ڪلمو ناهي پڙهيو، تنهن ڪري اهي صالح بندا، هميشه هميشه لاءِ دوزخ

۾ رهندا....“

هو خاموش ٿيو تہ مون ڪال بيل وڄائي، اردلي اندر آيو، جنهن کي مون چانهہ ڪٽي اچڻ لاءِ چيو. ان ڪان پوءِ هن کي غور سان ڏسندي مون چيو، ”جاهل ماڻهو ! عربيءَ ۾ ڪاف جي مٿان زبر اچي تہ ان جو مطلب آهي تہ مذڪر سان مخاطب ڪيو ويو آهي، پر جيڪڏهن ڪاف جي هيٺاب زير اچي تہ معنيٰ مونث کي مخاطب ڪيو ويو آهي. مثال طور جيڪڏهن واحد مرد کي چوڻو آهي تہ ”جزاکَ الله“ چيو ويندو. واحد عورت کي چئبو تہ ”جزاکِ الله“ چئبو. ايئن السلام عليڪَ“ واحد مذڪر لاءِ ۽ السلام عليڪِ“ عورت لاءِ ... اياکَ نعبد وَ اياکَ نستعين مان ظاهر ٿئي ٿو تہ خدا تعاليٰ پنهنجي لاءِ مذڪر جو صيغو استعمال ڪيو آهي.. جيڪڏهن ”اياکِ نعبد و اياکِ نستعين“ هجي تہ پوءِ ان ڳالهہ تي ڪو غور بہ ڪريون ها تہ خدا عورت آهي.“

منهنجي پاران ”جاهل“ چوڻ تي هن کي ڪا بہ ڪاوڙ ڪا نہ آئي هئي، اطمينان سان منهنجي جرح بڌڻ ڪان پوءِ چيائين، ”مذڪر ۽ مونث جي صيغي کي بہ اڪين تي رکجي پر پوءِ جمع ۽ واحد جي صيغن کي بہ جستيفاءِ ڪرڻو پوندو.. قرآن شريف ۾ تہ خدا پنهنجي لاءِ ڪٿي واحد جو صيغو استعمال ڪيو آهي تہ ڪٿي جمع جو!... يعني سنگيولر بہ ۽ پليورل بہ .... انزلنا (اسان نازل ڪيو)، خلقنا (اسان تخليق ڪيو)، جعلنا (اسان جوڙيو) .... حملنا (اسان سوار ڪيو) ...ڦُلنا (اسان چيو)...ارسلنا (اسان موڪليو)، اعطينا (اسان عطا ڪيو)... خدا تہ اڪيلو ۽ هڪڙو آهي، پوءِ قرآن پاڪ ۾ جمع جو صيغو ڇو آهي؟... خدا سان گڏ تہ ڪي بہ شريڪ ڪونهن، پوءِ قرآن پاڪ ۾ ايئن ڇو فرمايو ويو تہ: اسان چيو، اسان نازل ڪيو، اسان پيدا ڪيو... وغيره وغيره. سائين منهنجا! رڳو خدا جي ذات جي هيڪڙائي سمجهائڻ لاءِ چوڏنهن سو سال اڳ جي عرب کي سمجهائڻ ۾ هڪڙي مڪرم رسول ۽ ان جي آل ۽ اصحاب ڪيتريون تڪليفون سَٺيون هيون... جيڪڏهن ان زماني ۾ ماڻهن کي اهو ٻڌايو وڃي ها تہ خدا سائنڻ ٻاجهاري ماءُ آهي تہ ماڻهو هضم ڪن ها!!؟ اها ڳالهہ هن زماني جي توهان جهڙن ماڻهن ڪان بہ تہ هضم ڪونہ ٿي ٿئي. ۽ سائين منهنجا! جيڪڏهن خدا ”ولم يڪل هو ڪفواً احد“ آهي يعني ڪو نظير ۽ مثال ڪونہ اٿس... تہ پوءِ مذهبي اڪابرين، خدا کي مرد ڇو ٿا ٻڌائين؟... ڀلا جيڪڏهن خدا هڪ ٻاجهاري ماءُ ناهي تہ پوءِ خدا هڪڙو هيبتناڪ مرد بہ تہ ناهي نہ سائين !؟ ۽ توهان رب ڪريم جي صفتن تي بہ غور ڪيو تہ توهان کي محسوس ٿيندو تہ رب پاڪ ماءُ وانگر ئي پنهنجي مخلوق تي مهربان آهي سو عقل وارا تہ اهو ٿا مڃين تہ خدا، ”سائين“ ناهي بلڪ خدا تہ ”سائنڻ“ آهي.“

هڪڙي ساهي پٽي، وري چيائين، ”مولوي سڳورا، قيامت جي ڏينهن جو ذڪر ڪندا آهن ۽ روايتن جو حوالو ڏئي ٻڌائيندا آهن تہ محشر جي ميدان ۾ هر ماڻهوءَ کي پيءُ جي بدران، ماءُ جي نالي سان سڏيو ويندو، ڪڏهن سوچيو اٿوَ تہ ايئن ڇو ٿيندو؟“

”اوور فيمينزم جا شڪار مٿي ڦريل بدعتي پوڙها! قيامت ڏينهن ڪيترا ئي ولدالحرام انسان هوندا ۽ خدا انهن جا عيب ڍڪيندو، ان لاءِ ماءُ جي نالي سان پُڪاريو ويندو.“

هن مون ڏي ڏاڍي ڏک وچان ڏنو ۽ چيو، ” قيامت ۾ تہ سڀ اگهاڙا هوندا، گناهن ۽ ثوابن جو پوتا

ميل ٿيندو، اتي ته جنهن ذري برابر سنو يا خراب عمل ڪيو هوندو، ان جي سزا يا جزا پائيندو، اتي ڪهڙا عيب ڍڪيل هوندا؟ مظلوم، ظالم ڪان حق تلفيءَ جي بدلي طور يا ته نيڪيون وصول ڪندو يا وري پنهنجا گناه مٿس سٽيندو، اتي عيب ڇو ڍڪجندا جتي عيبن جو حساب ڏيڻو آهي؟ ٻيو اهو ته اهو حق ڪنهن کي ڪنهن ڏنو آهي جو، ڪنهن کي حلال زادو سڏي يا ولدالحرام چئي؟ جبري تعلق سان يا ڪٽِي ڪنهن باهمي رضامنديءَ سان ئي، پر جيڪو پيدا ٿيو، ان معصوم ٻار ڪهڙو ڏوهه ڪيو جو ان کي ولدالحرام چئجي؟ ڇا هو پنهنجي مرضيءَ سان پيدا ٿيو هئو؟ بهرالحال جيئن ٻه هجي، جيڪڏهن ڪا قيامت قائم ٿي ته اهو ڏهاڙو عورت جي تذليل نه پر تڪريم جو ڏهاڙو هوندو ۽ اهو ڏهاڙو مادري نظام جي ٻيهر شروعات هوندي.

مون فائيل ۾ ڏٺو، هن جي لغو قسم جي عبارت جو آخري جملو باآواز بلند انداز ۾ پڙهيو:

”رستو سڌريل ماڻهن جو، يعني علم وارن جو، ۽ علم ڪان وڌيڪ ڪو انعام ڪونهي.

سو جن به ڇڏي واٽ اها، اهي اوجهڙ ۾ آهن ۽ مان انهن جي ماءُ ناهيان.“...

منهنجي چپن تي طنزيا مرڪ اچي وئي. چيومانس ، ”اهي جملا پڪ سان ... صراط الذين انعمت عليهم، غير المغضوب عليهم والضالين.. جو ترجمو ۽ تشريح آهن ؟؟؟“

هن اطمينان سان هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

چانهه جو ڪپ پيئڻ ڪان پوءِ، مون هن ڪان پڇيو، ”جيڪڏهن آئون توکي چوان ته تون جيڪي ڪجهه لکين ٿو ۽ ڳالهائين ٿو، ان کي ڊس اون ڪري ڇڏ ته؟

مسڪرائي چيائين، ”فقط سوره فاتحه تي گهبرائجي وئين؟ اجان ته قرآن جون هڪ سو تيرنهن سورتون ٻيون به آهن، جن جي تفصير اجان باقي آهي... “

مون الائي ڪيئن هن شيطان صفت ماڻهوءَ کي چنبو هڻڻ ڪان پاڻ کي روڪي ڇڏيو... چيومانس، ”اڄ پنج آگسٽ آهي، مهيني ڪان پوءِ 6 سيپٽمبر تي...“

منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽيندي چيائين، عيد الاضحيٰ آهي...“

”مون کي قطع ڪلامي ڪندڙ ناهن وڻندا.“

”مون کي به قطع ڪلامي ناهي وڻندي، پر سرڪار مسعود سائين... منهنجو مطلب آهي ته شيخ العالم حضرت بابا فريدالدين مسعود گنج شڪر صاحب مون کي رات ٻڌايو هئو ته هن سال ڇهين سيپٽمبر تي أضحي واري عيد ٿيندي. “

”مهرباني ڪري پنهنجي بولتي بند رک ۽ منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻُڌ... توکي هڪ مهيني جي مهلت ڏيان ٿو... 6 سيپٽمبر ڪان، يا ايئن ئي سمجهه ته عيد ڪان 72 ڪلاڪ اڳ، جيڪڏهن تون پنهنجي تحريرن ۽ تقريرن کي سرعام ڊس اون نه ڪندين ۽ توبنهن تائب نه ٿيندين ته پوءِ تنهنجي ڪنهن به نقصان تي، مون کي افسوس ڪونه ٿيندو.... هاڻ تون وڃي سگهين ٿو....“

هن سان ڪيل ڳالهه ٻولهه تي مون عقيل سان ڪجهه ڊسڪس ڪيو، ان بعد عقيل کي ڪجهه ضروري هدايتون ڏنم. لنچ ڪان پوءِ مون رپورٽ کي فائنلائز ڪيو، پنهنجي التيميٽم کي رڪارڊ تي

رکيم ۽ اسٽريٽجي، روائيز ڪري، سڀ شيون ڊاڪيومينٽ ڪندي، هيڊ ڪوارٽر کي ارجنٽ ميل ذريعي اُماڻي ڇڏيم.

3 سيپٽيمبر، عيد الاضحيٰ کان ٽي ڏينهن پهرين، مون هن جو نمبر ٽريس ڪيو، هن جي نمبر تي جهمپير جي لوڪيشن آئي... هن منهنجي ڪال اٽينڊ ڪئي. مون هن جي سلام کي نظر انداز ڪندي پڇيو، ”ماسٽر ظهورالحق ! منهنجي پيشڪش جي باري ۾ تنهنجو جواب اڃان ناهي آيو، ڇو؟“

هن پنهنجي روايتي انداز ۾ وراڻيو، ”سائين منهنجا ! ڀٽائي سرڪار فرمائين ٿا:

توڙي هلين تڪڙو، توڙي هلين وِڪ،

لکئي منجهان لک، ذرو ضايع نه ٿئي!“

” ماسٽر! تنهنجي ان جواب جو مطلب آهي ته ...

منهنجي ڳالهه ڪٽيندي چيائين، ” آديسي اڄ مَرُ، سيان مرندو سيڪو...“

مون فون ڪال ڊس ڪنيڪٽ ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم (ايم آءِ ايس) آن ڪيم. اسٽريٽجي رڪمنڊڊ جي بٽڻ کي ڪلڪ ڪري ڇڏيم ۽ پوءِ يُونٽ آفيس دادوءَ مان چيڪ آئوٽ ڪري، ڪراچي ملير پهتس.

انهن ڏينهن ۾ ايترا گهڻا سيٽلائيٽ چينلز ڪونه هئا. اخبارون عيد جي ٽئين ڏينهن کان پوءِ شايع ٿينديون هيون. 9 سيپٽيمبر جي اخبار ۾ خبر لڳيل هئي ته عيد ڏهاڙي جهمپير ۾، مشتعل شهرين، صوفين جي هڪ آستاني تي چڙهائي ڪئي، پيرسن ظهور هاشميءَ کي لٺين، ڏنڊن، لوهي شِيخن ۽ سروٽن سان وار ڪري قتل ڪري ڇڏيو، ٽي عقيدت مند سخت ڏَڪِي ٿيا، جن کي مڪلي اسپتال نيو ويو. تفصيل موجب عيد نماز جي وقت، جهمپير جا ڪجهه شهري، پاسي ۾ موجود هڪڙي صوفياڻي خانقاهه مان، لائوڊ اسپيڪر تي زوردار انداز ۾ وڄندڙ ڌمالن ۽ صوفي ڪلامن سبب عيد نماز ۽ خطبي ۾ رخنو پوڻ جي شڪايت ڪرڻ ويا ته خانقاهه تي موجود عقيدتمندن هنن کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ گارگند ڪري روانو ڪيو. اها صورتحال معلوم ٿيڻ تي عيدگاهه ۾ موجود سوين شهري مشتعل ٿي ويا ۽ خانقاهه تي حملو ڪر ي ڏنائون. نتيجي ۾ پيرسن ظهور هاشمي ٿڏي تي مارجي ويو ۽ هن جا ٽي ساٿي شديد زخمي ٿي پيا.

نيوز اسٽوريءَ سان گڏ، هن جي لاش جو فوٽو به هئو. اخبار مان خبر جي ڪٽنگ ڪندي، مون کي اندر ۾ الائي ڇو مڪمل فرحت محسوس ڪونه ٿي، شايد ان ڪري جو هن بدبخت ۽ ملعون جي ڇڇريل چهري تي موت جو خوف يا ڪا نِدامت نظر ڪانه پئي آئي.

ڪسي ڪُشته نه شد، از قبيلہ ما نيست جو ترجمو: جيڪي ڪِين ڪُٺو، سو نه اسان جي ڪُڙم منجهان.

ꕥꕥꕥ

# مين بوڪر پرائيز
# اَدب جو ٻيون نمبر وڏو اِنعام

✍ شوڪت حسين شورو

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پنهنجين پنهنجين ٻولين ۾ ڇپيل تخليقي ادب جي بهترين ڪتابن تي سرڪار توڙي خانگي ادارن پاران هر سال انعام ڏنا ويندا آهن. پر ڪجهه انعام اهڙا آهن جن کي انٽرنيشنل ليول تي مڃتا مليل آهي. انهن ۾ سڀ کان وڏو ادبي انعام نوبل پرائيز آهي جيڪو ناول، ڪهاڻي، شاعري يا ڊراما جي ڪنهن به ٻوليءَ جي هڪ بهترين ليکڪ کي ڏنو ويندو آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ هيستائين رڳو هندستان جي هڪ ليکڪ گرديو ٽئگور کي نوبل پرائيز ملي سگهيو آهي. نوبل پرائيز کان پوءِ جنهن انعام کي دنيا ۾ مڃتا مليل آهي سو بوڪر پرائيز آهي جيڪو تخليقي ادب جي فقط هڪ شاخ ناول تي ڏنو ويندو آهي. شروع ۾ هي انعام انگريزي ٻولي ۾ لکيل ناولن تائين محدود هو، پر بعد ۾ ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان انگريزي ۾ ترجمو ڪيل ناول به انعامي مقابلي ۾ شامل ڪيا ويا.

گذريل سال اومان جي ليکڪا جوخه الحارثي کي سندس عربي ناول جي انگريزي ترجمي Celestial Bodies تي مين بُڪر انٽرنيشنل پرائيز 2019 مليو آهي, جوخه الحارثي جي عربي ناول ”سيدات القمر“ جو انگريزي ۾ ترجمو آمريڪن پروفيسر مارلن بوٿ ڪيو آهي. هي ناول اومان جي هڪ ڳوٺ ۾ ٽن ڀينرن جي ڪهاڻي آهي. مايا محبت ۾ ناڪامي بعد هڪ امير شخص سان شادي ڪري ڇڏي ٿي. عاصمه فرض جي ادائگي ۾ شادي ڪري ٿي. خوله شاديءَ جون سموريون آڇون رد ڪري پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ ويٺي آهي جيڪو ڪئناڊا لڏي ويو آهي. انهن ٽن عورتن ۽ سندن ڪٽنبن کي اومان جي روايتي، غلامي واري دؤر جي سماج ۾ ٿيندڙ تبديلين ۽ ان کي موجوده منجهيل دور ۾ داخل ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. اومان ۾ غلامي 1970 ۾ ختم ڪئي وئي هئي.

مين بُڪر پرائز ڇا آهي ۽ ان جي ڪيتري اهميت آهي، ان بابت گهٽ ماڻهن کي خبر ڪانهي. ”مين گروپ“ انگلئنڊ جي انويسٽمينٽ مئنجمينٽ بزنس ڪمپني آهي جيڪا 18 صدي ۾ قائم ڪئي وئي. ان جي طرفان فڪشن (افسانوي ادب) تي به انعام ڏنا وڃن ٿا: 1. مين بڪر پرائز، 2. مين بڪر انٽرنيشنل پرائز.

مين بُڪر پرائز 1969 کان شروع ڪيو ويو، تڏهن ان جي انعامي رقم پنج هزار پائونڊ هئي. بعد ۾ اها رقم وڌائي ڏهه هزار ڪئي وئي ۽ هاڻي پنجاهه هزار آهي. انعام ڏيڻ جو طريقہ ڪار اهو آهي تہ انگريزي زبان ڳالهائيندڙ ملڪن ۾ ، ڪامن ويلٿ ۾ شامل ملڪن سميت، انگريزي ۾ لکيل فڪشن جي ڪتابن کي جيڪي انگلئنڊ ۽ آئرلئنڊ ۾

چيپيل هجن تن جي لانگ لسٽ ناهي ويندي آهي. مين گروپ طرفان بڪر پرائز فائونديشن جوڙيل آهي، ان جو ڪم هر سال ججن جو هڪ پئنل ناهڻ آهي. ان ۾ سينيئر اديب، شاعر، ادب ذوق سياستدان، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سان تعلق رکندڙ صحافي، اداڪار شامل ڪيا ويندا آهن. اهي ناولن جي لانگ لسٽ مان شارٽ لسٽ جوڙيندا آهن ۽ پوءِ ان شارٽ لسٽ ڪيل ڇهن ناولن مان هڪ بهترين ناول جي چونڊ ڪئي ويندي آهي. ان ناول جي ليکڪ کي پنجاهه هزار پائونڊ ۽ شارٽ لسٽ ڪيل ناولن جي هر ليکڪ کي اڍائي هزار پائونڊ ڏنا ويندا آهن. مين بڪر پرائيز هن وقت ٻيو نمبر وڏو انعام ليکيو وڃي ٿو.

مين بڪر پرائز ڪڏهن ڪڏهن تڪراري به بڻجي ويندو آهي. 1971 ۾ وي. ايس. نائپال کي اهو انعام ڏنو ويو ته نقادن ۽ ميڊيا ان تي اعتراض ڪيو. نائپال جي ڪتاب In a Free State ۾ ٻه ڪهاڻيون ۽ ٽي ناويلا شامل هئا. 1974 ۾ بڪر پرائز وري تڪراري بڻجي ويو. ججن جي پئنل ۾ مشهور ناول نگار ڪنگسلي ائمس جي زال به شامل هئي جنهن پنهنجي مڙس جي ڪتاب کي ووٽ ڏنو هو. پر باقي ٻن ججن ٻين ٻن ناولن کي برابر برابر ووٽ ڏنا هئا، ان ڪري ناڊين گارڊيمر ۽ اسٽينلي مڊلٽن جي ناولن کي انعام ورهائي ڏنو ويو. 1975 ۾ فقط ٻه ناول شارٽ لسٽ تي سگهيا، جن مان رٿ جهابوالا کي سندس ناول Heat and Dust تي انعام ڏنو ويو. 1977 ۾ ججن جي پئنل جي چيئرمن فلپ لارڪن ڌمڪي ڏني ته جيڪڏهن پال اسڪاٽ جي ناول Staging On کي انعام نه ڏنو ويو ته هو دريءَ مان ٽپو ڏئي ڇڏيندو، ان ڪري ٻين ججن ان ئي ناول کي انعام ڏنو. 1981 ۾ انڊيا جي ناول نگار سلمان رشدي کي سندس پهرئين ناول Midnight`s Children تي انعام مليو. هن کان پوءِ اروندتي راءِ کي سندس پهرئين ناول The God of Small Things تي 1997 ۾ انعام مليو ۽ هوءَ هڪ ئي ناول لکڻ سبب سيليبرٽي بڻجي وئي. 20 سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ هن ٻيو ناول لکيو آهي. جي. ايم. ڪوئيٽزي پهريون ناول نگار هو، جنهن کي 1993 ۽ 1999 ۾ سندس ٻن ناولن تي ٻه ڀيرا مين بڪر پرائز مليو.

انڊيا جي ڪرن ڊيسائي پهرين نوجوان ناول نگار هئي جنهن کي سندس ٻئي ناول The Inheritance of Loss تي انعام مليو. خاص ڳالهه اها آهي ته ان کان اڳ ڪرن جي ناول نگار ماءُ انيتا ڊيسائي جا ٽي ناول شارٽ لسٽ ٿيا هئا پر هوءَ انعام حاصل نه ڪري سگهي هئي.

مين بڪر پرائز کي 2008 ۾ چاليهه سال پورا ٿيا. سالگره ملهائڻ لاءِ چاليهن ڏهاڪن جو بهترين ناول چونڊڻ جي سلسلي ۾ ججن طرفان پنج ناول شارٽ لسٽ ڪيا ويا. بعد ۾ پڙهندڙن کان آن لائين ووٽ ورتا ويا. سلمان رشدي جي ناول Midnight`s Children پهريون نمبر حاصل ڪري انعام ماڻيو. وري 2018 ۾ 50 سال مڪمل ٿيڻ تي گولڊن جوبلي ملهائڻ لاءِ دي گولڊن مين بوڪر ناول جي چونڊ ڪئي وئي. هن ڀيري پنجن ججن 51 ناولن مان

پنج ناول شارٽ لسٽ ڪيا جن کي گولڊن پنج ناول سڏيو ويو. پوءِ پڙهندڙن کي انهن پنجن ناولن مان هڪ بهترين ناول چونڊڻ لاءِ هڪ مهيني جي عرصي اندر آن لائن ووٽ ڏيڻ جو چيو ويو. ان آڌار تي مائيڪل آنداٽجي جو ناول The English Patient مين گولڊن بڪر ونر ناول بڻجي ويو. ان ناول کي 1992 ۾ بڪر پرائز مليو هو ۽ ان تي ٺهيل فلم آسڪر ايوارڊ حاصل ڪيو هو. گذريل سال جو مين بڪر پرائز اتر آئرلينڊ جي ليکڪا ائنا برنس جي ناول Milkman کي مليو آهي.

دي مين بُڪر انٽرنيشنل پرائز 2005 ۾ شروع ڪيو ويو. هي نئون انعام دنيا جي ڪنهن به ملڪ جي ناول نگار کي سندس انگريزي ۾ لکيل ناول يا ڪنهن به ٻولي مان انگريزي ۾ ترجمو ڪيل ناول تي هر ٻن سالن کان پوءِ ڪنهن به قوميت جي ليکڪ کي سندس جملي ڪم جي مڃتا طور پڻ ڏنو ويندو هو، جنهن جي رقم سٺ هزار پائونڊ هئي. ان سلسلي جو پهريون انعام البانيا جي ناول نگار اسمائيل قادرَي کي ڏنو ويو. هن کان پوءِ هر ٻئي سال جن ليکڪن کي اهو انعام مليو تن ۾ نائجيريا جو ناول نگار چنوا اچينبَي، ڪئناڊا جي ڪهاڻيڪار ايلس منرو، آمريڪا جو ناول نگار فلپ راٿ، آمريڪا جي ڪهاڻيڪار لديا ڊيوِس ۽ هنگري جو ناول نگار لاسو ڪراسناهورڪيي شامل آهن 2013 ۾ اردو ناول نگار انتظار حسين جي ناول جو انگريزي ۾ ڪيل ترجمو پڻ شارٽ لسٽ ٿيو هو. 2016 کان مين بڪر انٽرنيشنل پرائز جو طريقہ ڪار بدلائي هر سال شايع ٿيندڙ انگريزي ترجمي وارن ناولن کي انعامي مقابلي ۾ شامل ڪيو ويو، جنهن موجب دنيا جي ڪنهن به ٻولي ۾ لکيل ناول جي انگريزي ۾ ڪيل ترجمي وارو ڪتاب مقابلي ۾ شريڪ ٿي سگهي ٿو، پر اهو انگلينڊ يا آئرلينڊ ۾ ڇپيل هجي. هاڻي ناول جي ليکڪ ۽ ترجمو ڪندڙ ۾ پنجاهہ هزار پائونڊ جي رقم برابر ورهائي وڃي ٿي. شارٽ لسٽ ٿيل هر ناول نگار ۽ مترجم کي هڪ-هڪ هزار پائونڊ ڏنا وڃن ٿا. جڇ 12 يا 13 ناول چونڊي انهن مان 6 ناول شارٽ لسٽ ڪندا آهن ۽ پوءِ انهن مان هڪ بهترين ناول چونڊيندا آهن. 2016 ۾ The Vegetarian (سائوٿ ڪوريا جي ناول نگار هئن ڪئنگ)، 2017 ۾ A Horse walks in a Bar (ازرائيل جو ناول نگار ڊيوڊ گراسمئن)، 2018 ۾ Flights (پولينڊ جي ناول نگار اولگا ٽوڪارچڪ) ۽ 2019 ۾ Celestial Bodies (عمان جي ناول نگار جوخہ الحارثي) شامل آهن. مين گروپ جي چوڻ موجب هن انعام جو مقصد اهو آهي تہ ترجمي جي معيار جي همٿ افزائي ڪئي وڃي ۽ دنيا جي انگريزي پڙهندڙن ۾ مختلف ٻولين جي فڪشن لکڻ وارن کي متعارف ڪرائي ڪين مڃتا ڏني وڃي. سندن ڪتابن کي انعام ملڻ سبب انهن جا گهڻا ايڊيشن شايع ٿين ٿا ۽ فڪشن پڙهڻ وارن جو تعداد پڻ وڌي ٿو.

# ڳالھڙيون ڪُٽيون ناھن ...

✍ قاضي خادم

**(1)** اعجاز قريشي، ھڪ شاگرد اڳواڻ، يونيورسٽي استاد ۽ سِول سوسائٽيءَ جي ميمبر جي حيثيت سان تہ ھونئن ئي مشھور آھي. دوست بہ دوستن جھڙو آھي. ليڪن تازو ھن تاج صحرائيءَ جھڙي گوناگون شخصيت واري عالم ۽ ڏاھي بابت ترتيب ڏنل ڪتاب ۽ پنھنجي والد علي احمد قريشيءَ جي آتم ڪھاڻي ڇپائي نھايت وڏو ڪم ڪيو آھي. ٻنھي ڪتابن جي اَھميت پنھنجي جڳھہ تي نھايت اَھم آھي، ليڪن محترم علي اَحمد قريشيءَ جي آتم ڪھاڻي ’يادن جا ورق‘ نھايت معنيٰ خيز ۽ وڏي معلومات جو خزانو آھي. ھن ويھين صديءَ جي پھرين اَڌ واري زندگيءَ جو جنھن سادگيءَ سان ذڪر ڪيو آھي ۽ دلچسپ، ڏکيا ۽ سکيا واقعا ٻڌايا آھن، اھي ھيئنئين سان ھنڌائڻ جھڙا آھن. مون ڇو جو خود بہ قريشي صاحب کي ١٩٥٥ کان وٺي ڏٺو آھي، سنڌس ڪورٽ ۾ اَچي ڪيس ھلائڻ، عام ماڻھن سان ھلت چلت جو شاھد آھيان ۽ بابا جي واتان بہ سنڌس ذڪر ٻُڌو اٿم. تنھنڪري ھيءَ آتم ڪھاڻي وڏيڪ وڻي اَٿم. سچ پچ تہ ھر انسان جي اَندر ۾ ڪئين پراسرار تہ آھن، جيڪي ڪڏھن بہ مڪمل ظاھر ڪونہ ٿا ٿين، اَلبتہ بيان ڪرڻ سان ڪن تھن تان پردو ڪڃي ٿو. ھن دستاويز ۾ ھندوستان جي ورھاڱي کان اَڳ واري سنڌ جو ذڪر ڪيل آھي. ان دؤر جي گھر گرھستي، انساني سُڀاءَ، تعليم، ڪراچي ۽ دادوءَ جو اَحوال سنڌ مدرسي جا قصا، مختلف تحريڪن ۾ حصو وٺڻ جو بيان، بلڪل داستان جيان ٿو لڳي، جنھن جو اَکر اَکر صحيح آھي. جھوناڳڙھ ۾ قائم ڪيل نواب جي ڪاليج جو تفصيلي اَحوال، جيڪو ٽڪرن ٽڪرن ۾ بابا، چاچا حفيظ، چاچا فتح الله ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي واتان ٻڌندو رھيو ھئس، ان کي بہ چڻ تہ اَکين سان ڏسي ورتم.

ھيءَ آتم ڪھاڻي ھڪ طرح سان محمد صادق ميمڻ جي آتم ڪھاڻي ’تان کي ڏونگر ڏوريان‘ جھڙي دلچسپ ۽ حقيقي آھي. جنھن بہ ترقي پسند سوچ جو ثبوت ڏنو، اولاد کي خاص طور نياڻين کي تعليم ڏيارڻ ۽ تعليم ۾ ايتري تہ دلچسپي ورتائين جو خانبھادر محمد صديق ميمڻ سنڌي اَدبي سوسائٽيءَ ۾ بہ پاڻ سان رکيس ۽ ڇوڪرين جي اسڪول مدرسہ البنات جي بنياد وجھڻ ۾ ھن جو ھٿ رھيو.

ھاڻ اعجاز قريشي، محمد عثمان منگي تي ڪتاب پيو ترتيب ڏئي.

..... ..... .....

**(2)** ھن دؤر ۾ بہ سنڌ جي عظيم روايتي شاعر شبير ھاتف جا غزل ٻُڌي ٽڪ ئي لھيو وڃي. شبير ’ھاتف‘ غزل کي جيئاريندو پيو اَچي. اَسان تہ تمام گھڻو اَڳ ھن کي ’رباعيءَ‘ جي صنف جو وڏو شاعر سمجھندا ھئاسين، ليڪن جڏھن ھن جو غزل سنڌس واتان ٻُڌم ۽ پڙھيم تہ لڳو

ته هن جي خيال جي پرواز جو مقابلو ڪرڻ وارو شايد ئي ڪو هجي. هن جي غزل ۾ عشق، محبت، رفاقت ۽ وڇوڙي جي جذبن کي انتها تائين پهچايل آهي. شبير جي هڪ عزيز پناه علي شاهه هن جي طرفان 'جهڙو پوپٽ جو پر' شاعريءَ جو مجموعو ڏنو، جنهن جو هن چند ڏينهن اَڳ فون ڪري پاڻ مون کي ٻڌايو به هو ته دل خوش ٿي وئي. توٽي جو ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر سحر امداد ڪجهه ضرورت کان وڌيڪ لکي وئي آهي ۽ پاڻ شبير به گرامي صاحب جي باري ۾ ڪن اَهڙن جذبن جو اِظهار ڪيو آهي، جيڪو هاڻ ڪرڻ نٿو سونهي، انڪري جو گرامي صاحب هاڻ انهن ڳالهين جو جواب ڏيڻ لاءِ هن دنيا ۾ ڪونهي. بهرحال ان دؤر جي حيدرآباد، گاڏي کاتي، سلطان هوٽل ۽ افضل هوٽل (جنهن جو ذڪر مون کان رهجي ويو آهي، حالانڪ اها هوٽل هالا نوان جي هڪ ميمڻ جي هئي، جنهن جو پٽ مون وٽ سچل سائنس ڪاليج ۾ (١٩٦٧) پڙهندو هو. سندس ناني محمد عمر ميمڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪامرس شعبي جو هيڊ به هو ته ڊين به رهيو ۽ منهنجو دوست به) بهرحال جنهن وقت شبير، علي محمد مجروح، محمد خان غني ۽ سائين اسدالله شاهه حسيني شاعري ڪندا هئا ۽ مشاعرن ۾ شرڪت ڪندا هئا، تڏهن اَسان اَڃا اَدب ۾ پير ڪونه پاتو هو يا وري هئاسين ته به ترقي پسند لڏي سان گڏ هوندا هئاسين. سائين اسدالله بيخود حسيني ته مون سان گڏ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هو. تنهنڪري تمام سٺي واقفيت هوندي هئي. شبير قبله مخدوم طالب المولىٰ جن جي شخصيت جي باري ۾ جيڪي ڪجهه چيو آهي، تنهن ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي ۽ انهن جي ئي قربت ۾ بيخود حسيني يا شاهنواز شاهه عارف المولىٰ ڊنڙي وارو (جيڪو چاچا حفيظ جو دوست هوندو هو ۽ مون سان به ڏاڍو قرب هئس، پوءِ هڪ حادثي ۾ وفات ڪري ويو) يا اَحسن الهاشمي، جيڪو ڏاڏا عبدالقوي قاضيءَ جي دوست سائين منن شاهه جو پٽ هو ۽ اَسان جو حيدرآباد ۾ پاڙيسري پڻ. هن سان گهڻيون ملاقاتون ٽنڊو آدم ۾ ١٩٥٦ ۾ ٿيون، جتي هو عليڳڙهه ڪاليج ۾ اُستاد هو ۽ اتي بابا کي ڪوبه ڪم پوندو هو ته هن کي ئي چوندو هو. شبير هاتف جي شادعري هينئر، ايتري جاندار آهي، جيتري اَسان جي جوانيءَ واري دؤر ۾ هئي.

..... ..... .....

**(3)** سهراب موديءَ جي ڊائريڪٽ ڪيل تاريخي فلمن ۾ سڪندر، جهانسي کي راني سان گڏ جيڪڏهن پُڪار جو نالو نه وٺجي ته وڏي نااِنصافي ٿيندي. مِنروا مووي ٽون طرفان ٺاهيل هن فلم ۾ چندر موهن جهانگير جو رول اَدا ڪيو هو ۽ پري چهره نسيم بانو نورجهان جو - هن جنهن ريت نورجهان جو ڪردار اَدا ڪندي، جهانگير جي طرفان سنڀالڻ لاءِ ٻن ڪبوترن مان هڪ جي اُڏرڻ بعد جهانگير جي پُڇڻ تي ته اهو ڪبوتر ڪيئن اُڏامي ويو ته هن ڏاڍي سادگيءَ سان ٻئي ڪبوتر کي به هوا ۾ ڇڏيندي چيو، ”هيئن.“ تاريخي رومانس کي اَهڙي اَنداز ۾ پيش ڪرڻ سهراب موديءَ جو ئي ڪم هو. هو فلم جي اسڪرپٽ ۾ هميشه تاريخ جي پابندي ڪندي نظر ايندو هو. هن فلم جو هڪ گانو ته تمام مشهور ٿيو :

زندگي کا ساز ڀي کيا ساز هئہ،
بَڄ رها هئہ جو، اؤر بي-آواز هئہ!

ڇا معنيٰ آهي، ڇا مفهوم اَٿس - هر دؤر جو ڳانو آهي. زندگيءَ جي فلسفي تي هن کان بهتر ڪو شعر شايد ئي ملي ۽ سو بہ اَهڙي سادگي ۽ سچائيءَ سان ڳايل.

حالانڪ هن فلم ۾ جهانگير جي انصاف جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي، جيڪا اَڳيئي ڪتابن ۾ لکيل هئي، ليڪن سهراب مودي ان کي پنهنجن ڊائلاگن ۽ فلمائڻ جي اَنداز سان اَمر ڪري ڇڏيو آهي.

..... ..... .....

**(4)** شاديءَ ۾ مِٽ مائٽ، دوست احباب سڀ اَچي ويا، جن سان ڪچهريون ڪري بہ دل کي ڇڻ ڪنهن طرف بہ سڪون نہ ٿي مليو تہ ٻئي طرف نياڻيءَ جو بار جيڪو اَسان جي تہ ٿهيو پر هندو سماج سميت سيني وٽ هڪ تمام ڳرو بار سمجهيو ويندو آهي، تنهن جي لاهڻ جو اطمينان بہ هئو. ان دؤران اَمان ۽ بابا وفات ڪري چڪا هئا، ورنہ هنن جي جيتري اَٽيچمينٽ پنهنجي پوٽيءَ سان هئي، اها بہ دل ۾ هورا ڪورا مچايو بيٺي هوندي هئي. اهي سڀ سوچون تہ گهر جي ٻين ڀاتين کي بہ هيون، پر ڪنهن بہ ڪنهن سان ڪو سوال جواب نہ ٿي ڪيو. بهرحال جڏهن نڪاح ٿيو ۽ وداع ڪان اَڳ جديد رواج موجب فوٽو سيشن هليو تڏهن مون ڏٺو تہ منهنجي زال جون اَکيون ڳوڙهن سان ٽمٽار هيون ۽ رُڳو هڪ لفظ جو لوڏو ڏجي ها تہ مينهن ۾ پٽ تي ڪِرندڙ ڦڙي وانگر ڦسي پوي ها. ان وقت عجيب ڳالهہ ٿي، مونکي ڇڻ تہ خودبخود سڪون جو اَحساس ٿيڻ لڳو. مون سوچيو تہ اَڄ منهنجي ڌيءَ بہ پنهنجو هڪ نئون جهان ٺاهڻ پيئي وڃي، جتي هن جو گهر، گهر وارو ۽ وري ٻار ٿيندا. پنهنجو راڄ ۽ ڀاڳ هوندس. هوءَ تہ ٻن خاندانن جي وچ ۾ اندلٺ بڻجي رهندي، آزاد هوندي ۽ آزاد ٿيندي تہ پيءُ ماءُ، ڀائر، ڀينرن ۽ ٻين مٽن مائٽن سان کُلي طرح پنهنجي پيار جو اِظهار بہ ڪري سگهندي. اهو سوچي مون پنهنجي زال کي چيو، ”هاڻ هي سڏڪا بند ڪر، اَڄ هن لاءِ روئين پيئي ۽ جڏهن هفتي ٻن کان پوءِ هوءَ پاڻ وٽ ايندي تہ مڙس کي چوندي تہ جلدي گهر هل. آءُ چانور چُلهہ تي چاڙهي آئي آهيان، ڪٿي ديڳڙي جو تر نہ سڙي وڃي.“ اهو ٻڌي هن ڳوڙهن جي دؤران اِئين مسڪرايو جيئن سخت جهڙ مان ڪنهن ڪنهن مهل سج ليئا پائيندو آهي. ان ڪانپوءِ هن کي روانو ڪري اَسين گهر آياسين، جتي دادا مشتاق، منظور، الطاف، ظهير، بشير سڀ گڏ آيا. مون ۽ دادا رات جو وِي.سِي.آر. تي فلم برسات ويهي ڏٺي، جڏهن تہ منهنجي گهر واري ۽ ڀاڀي بہ اُتي ئي پٽ تي ليٽي آرام سان فلم ڏٺي.

..... ..... .....

**(5)** ڪراچيءَ جي صدر واري علائقي ۾ فريڊرڪ ڪيفي جارج جي ٻاهران فٽ پاٿون پراڻن ڪتابن ۽ رسالن سان سٿيون پيون هونديون هيون ۽ رڳ ويد کان قرته العين حيدر جو آگ کا

دريا، گورڪيءَ جو ناول ’مدر‘، ٽالسٽاءِ جو ’وار اينڊ پيس‘ ۽ گڏوگڏ چاند رسالي جا پراڻا پرچا، فلم فيئر جا دلپذير سيٽ، لائيف ٽائيم ۽ انهن جي هينيان لڪل ٻلي بواءِ ۽ پينٽ هائوس جا رسالا، نقوش، فنون، سيپ ۽ نيا دؤر جا خاص نمبر، آر. ايڇ. اَحمد اينڊ برادرس جا ڇپايل جاسوسي ناول، ڪڏهن ڪڏهن پوڪرداس شڪارپوريءَ جا ڇپايل سنسار چڪر ۽ جاسوسي چڪر جا دلچسپ قصا جن ۾ شرلاڪ هومز، رابرٽ بليڪ ۽ اميليا ۽ آرسين لوپن جا دلچسپ ڪردار جهاتيون پائيندا نظر ايندا هئا ۽ اَهڙا ڪئين دلچسپ ۽ اَهم معلوماتي ڪتاب تمام ٿورن پئسن ۾ ملي ويندا هئا. اهي ڪتاب گهڻو ڪري ڪتابن جي شوقينن جي وفات کانپوءِ هنن جا وارث اوڻي پوڻي وڪڻي گهر جي صفائي ڪندا هئا ۽ ڪي وري ڪتاب چور لائبريرين مان ڪتاب وٺي اُتي وڪڻي ويندا هئا ته ڪي ماڻهو غربت ۽ پئسي جي مجبوريءَ سبب پنهنجي اَبن ڏاڏن جو گڏ ڪيل ورثو تور ۾ ڏئي ويندا هئا. ڇا ته هو پر اها اَسان لاءِ هڪ جنت هوندي هئي، جنهن جو سير ڪندي اها خبر ڪانه پوندي هئي ته ڪڏهن ڏينهن گذريو ۽ ڪڏهن شام ٿي. پوءِ ڪو نه ڪو ڪتاب وٺي واپس وڃبو هو. مون اتي ڪتابن جا وڏا شوقين چڪر هڻندي ڏٺا، هڪ دلپذير شخصيت وارو قداور شخص ڪاري عينڪ پايو اوڪڙو وينو ڪباڙيءَ وارن سان ڪچهري ڪندو هو. جيڪو پوءِ معلوم ٿيو ته پير حساس الدين راشدي، سنڌ جو مورخ آهي، اِئين جميل جالبيءَ سان به اتي ملاقات ٿي ۽ ٻيا به ڪيترا ڪتابن جا شوقين اتي ملندا هئا. انهن ڪباڙين جي فٽ پاٿي جنت اَديبن جي ملڻ جو اَهڙو هنڌ هئي، جهڙو گريس هوٽل بينڪاڪ ۾ حسن پرستن جي ملڻ جو بين القوامي مرڪز. اِنڊس پبلشرس، ڪتابن جي واپاريءَ ڪي به پٽي صاحب فٽ پاٿ تان ڪڻي ان عروج تي پهچايو هو جو هن، بينظير ڀٽو جي ڪتاب ڊاٽر آف دي ايسٽ جو ترجمو پورب جائي، جيڪو مراد علي مرزا ترجمو ڪيو هو، ڇپايو ۽ منهنجي ٿيسز ”سنڌي جا نثري داستان“ توڙي خان محمد پنهور جي ٿيسز به ڇپارائي هئي.

اهي ڏينهن اهي شينهن، جمالياتي اَدب جو خاتمو آيو ۽ اِنقلابي اَدب جو زور وڌيو ته اَديبن ڪان وڏيڪ سماجوادين جو وارو اَچي ويو. سِوِل سوسائٽي ڇا پيدا ٿي ته انهن جو شوق ڪتابن تي نه بلڪ ڪتابن جي جُلدن تائين محدود ٿي ويو ۽ ظاهر آهي ته ڪباڙين ڪان تي ڪيترا ڪتاب بنان جُلدن جي ئي ملندا هئا. مونکي ياد آهي ته هندوستان مان خُشونت سنگهه ۽ قره العين حيدر جو اَنگريزي رسالو Encounter جڏهن حيدرآباد ۾ ادبيا تان نه ڪپندو هو ته هڪ مهيني بعد ان جو جلد لاهي اهو اِنڊيا واپس ڪيو ويندو هو ۽ اَدا خيرو رسالو مون کي ڏئي ڇڏيندو هو. هو ڪيترا رسالا مون کي وٺڻ نه ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته مهينو ترس، آءٌ اهو توکي مفت ۾ ڏئي ڇڏيندس.

# جادوءَ جو اُستاد ـ هاسانند

✍ صاحب ٻجاڻي

هاسانند چانڊومل ڀمڀاڻي سنڌين ۾ هڪ گهڻ پاسائي ڀهڳڻي شخصيت طور ڄاتو وَڃي ٿو. هوُ هڪ ئي وقت سچو ديش ڀڳت، پنگتي سڌارڪ، ساهتڪار، لاثاني فصيح زبان ۽ جادوگرن جو جادوگر هو.

**مختصر جيوني:**

هاسانند جو جنم سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جي ڪنڊيارو شهر ۾ 5 نومبر 1896، ڏياريءَ جي ڏينهن شري چانڊومل ڀمڀاڻيءَ جي گهر ٿيو. ٻالڪپڻ ڪنڊياري ۾ ئي گذريس. اُتي ئي هاءِ اِسڪول ۾ تعليم ورتائين. 12 سالن جي ڄمار ۾ لوڪمانيه تلڪ جي گرفتاريءَ خلاف جلوس جي اڳواڻي ڪرڻ سبب کيس اِسڪول مان نيڪالي ڏني وئي. وري اِسڪول جو منهن نہ ڏٺائين. اٽڪل 7 درجا ئي پڙهيو. ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ ڪلارڪ ٿيو. جليانوالا باغ ڪوس وقت گانڌيجيءَ جو سڏ اونائي هو نوڪري ڇڏي آيو. وري نوڪري نہ ڪيائين. جادوءَ جا کيل ڏيکاري پيو پنهنجو گذران ڪيندو هو. 1920۾ اسهڪار هلچل وقت سال لاءِ جيل پوڳيائين.

ننڍي ڄمار ۾ ئي سندس شادي هالاڻيءَ جي شري مولچند ريجهواڻيءَ جي ڌيءَ پوري ٻائيءَ سان ٿي. ٻہ ڌيئر ڄاوس. لڪشمي ۽ جسودا. هو کين پٽن سمان پائيندو هو. سنڌ ۾ ئي کين پٽن وانگر جٽيا پاتائين. لڪشميءَ جي شامداس ڦتناڻي ۽ جسودا جي اَنندرام ڦتناڻيءَ سان شادي ڪرايائين. هو آريہ سماجي ۽ ڏيتي ليتيءَ جي خلاف هو، انڪري ٻنهي نياڻين کي ڏاج ۾ پنج ڇڄا يعني چله، چڪلو، چڪي، چاڏي ۽ چرخو ڏئي هڪ انوکو مثال قائم ڪيائين. وڏي ڌيءَ لڪشميءَ جو ديهانت سنڌ ۾ ئي ٿيو.

ورهاڱي بعد ڀارت ۾ بہ جادوءَ جا کيل ڏيکاريندو هو. سندس ديهانت دهليءَ ۾ 28 سپٽمبر 1966 ۾ ٿيو.

**قدبُت ۽ شخصيت:**

هاسانند وچولي قد جو هو. چهرو ڪڻڪ رنگو، ڪيقدر اَڇاڻ ڏي مائل هوس. نہ ٿلهو، نہ سنهو. سنڌ ۾ شروعات ۾ مڇوُن، پوءِ صفاچٽ. منهن تي سدا دلڇڪيندڙ مُنڙي مشڪ.

سادو ۽ ساتوڪ ڀوڄن ورتائيندڙ، صحت جي اصولن جو پابند هو، انڪري بيماريون کانئس دور ڀڄندڙ هيون. هاڻي پڪي، سدا نروئو. 70 ورهين جي ڄمار ۾ بہ ڪڙو تڙو، سنئين ڪنڌين هلندڙ.

پهراءَ ۾ بہ نهايت سادو هو. اَڇو ڪرتو، اَڇي پتلون، چمپل پير ۾ سادو؛ وقتي سليپر. مٿي تي گانڌي ٽوپي. ها، جادوءَ جا کيل ڏيکاريندي ڪارو بند گلي وارو ڪوٽ پهريندو هو. 3-4 وڳا، بس. اُهي بہ ضرورت وقت، خاص ڪري سفر تي، پاڻ ڌوئندو هو.

سڀاءَ ۾ لذيذ طبيعت جو مالڪ هو، ملنساز. روبرو يا منهن تي هجي، پل ۾ پراون کي پنهنجو ڪري سگهندو هو. ڀهرين گڏجاڻيءَ ۾ بہ اڻين ملندو، پانءِ ورهين کان واقف آهي. اجائي اَڏمبر ۽ نخرن کان دور. ڇاجي ٽئڪسي، ڇاجي ڪار. اَڇي وڃي بس ۾. بس ناهي، تہ پنڌ ڪري کيل ۾ مقرر وقت کان اَڳ اَڇي نڪرندو. ڪم ڪار وقت گهرائيندڙن سان ٻانهن ٻيلي ٿي هڪ ٿي ٻيهندو.

جئن ڪهي ، تئن رهي. سندس ويچار ۽ وهنوار يعني قوُل ۽ فعل ۾ ڪو فرق نہ هو. سندس گهرجون تمام ٿوريون هيون. گهروُ خرچ ڪڍڻ بعد باقي ڪمايل پيسو ديش پرچار، پنگتي سڌار ۽ تعليمي توڙي سکيا دائڪ

ساهت شايع ڪرڻ ۾ صرف ڪندو هو. نه بئنڪ ۾ کاتو، نه پيسو. چي: ميڙيندا آهن پنگي. تحقيق، پرديس ۾ ديهانت وقت سندس کيسي مان صرف 26 روپيه ئي نڪتا.

15 آگسٽ 1955تي اُلهاسنگر ۾ سندس آجيان ڪندي ضيا صاحب 50 سٽن جو هڪ طويل نظم منچ تي پڙهيو هو. اِن ڪوتا ۾ هن وستار سان سندس جيوت جي پن پن پَهلُن جو ورنن ڪري سندس مڪمل شخصيت جو صحيح عڪس پسايو هو:

هٿ ۾ جادو، اک ۾ جادو، گفتگو جادوءَ پري،
هن جي هر چرپر ۾ آهي هڪ عجب جادوگري.
ٽوٽڪا هن جا نرالا، ٽوڪ هن جي رس پري
شاعري هنجي عجائب، خلق ٿئي جنهن تي چري.
پيو پري جادو، پنهنجي تقرير ۾ تحرير ۾،
ورلي اَهڙي ڪا ڪرامت هوندي ڪنهن ڪنهن پير ۾.
چانه ٻيڙي ماس کان، ۽ چلم کان چڙ تي اَچيس،
جي ڏسي تو ننگو فئشن، جوش تو ڏايو وٺيس. (گهٽايل)

**ديش ڀڳت:**

نندپڻ کان ئي هاسانند کي ديش پريم جي لوري لڳل هئي. هو 1914 ۾ اڻني بيسنٽ طرفان جاري ڪيل 'هوم رول ليگ' جو ميمبر ٿيو. 1915 ۾ گانڌيجيءَ سان ملاقات ٿيس ۽ سندس اثر هيٺ کادي پهرڻ شروع ڪيائين جا آخر تائين نه ڇڏيائين. 1918۾ ڪانگريس ۾ گهڙيو ۽ توڙ تائين ڪانگريسي ئي رهيو. پارٽ جي هر آزادي آندولن جهڙوڪ اسهڪار ۽ خلافت هلچل، (21-1920) لوڻ ستياگره (1930)، سول نافرماني هلچل (1932)، توڙي پارت ڇوڙو (1942) ۾ سرگرم بهرو ورتائين. ڪل 5 جيل ياترائون ڪيائين.

(21-1920) واري اَسهڪار هلچل واري پهرين جيل ياترا وقت سندس مالي حالت ڪمزور هئي. مشهور سوتنترتا سنگرامي شري سچانند ڦيرومل ٿاواڻيءَ جي چوڻ تي ڪنديارِي جي پائي گهمٽمل سندس ڪٽنب کي ماهيانو گهرو خرچ ڏيڻو ڪيو پر هن 24 ورهين جي سوُمان پسند، خوددار شخص سهايتا قبولڻ کان صاف اِنڪار ڪيو. چي: هلچل ۾ پيسا وٺي ڪم ڪرڻ ڪونه آيو آهيان.

ڌارئي راڄ خلاف آواز اُٿارڻ لاءِ هو سک سان ڪڏهن هڪ هنڌ نه ويٺو. هميشه طوفاني دؤري تي. تني ٽڌيءَ ڪاهي، ڪانهي ويل وهڻ جي. ڏينهن رات هل هلان. مانيءَ ٽڪر نصيب ٿيو، نه ٿيو، هن سک ڦٽئي يار جو گشت جاري. پوءِ به تازو توانو، سدا مشڪندڙ مهانبو. مجال آهه جو منهن تي ٿڪاوت يا چنتا جي هلڪي ريکا به ڏيکاري ڏئي. سنڌ جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، او ويندي ننڍڙن واهڻن ۾ به پهچي ويندو. پيو ڀاشڻ ڏيندو- ديش ڀڳتيءَ جا، پنگتي سڌارن جا، اخلاق ۽ پوِترتائيءَ جا، ڪُرسمن، نشيدار علتن خلاف، پر نهايت جادوئي نوع ۽ اَنداز ۾. سنڌ ۾ اِها چوڻي عام هئي:

هاسانند ريل ۾ يا جيل ۾، يا شيوا ۽ ٿهل ۾
جام جادو آ سکيل، اُپديش ڏئي تو کيل ۾.

**جادوگرن جو جادوگر:**

ڏيڍ سال جي عمر ۾ هاسانند جي ساڄي هٿ جون آڱريون ٺهڪندڙ چانورن جي ديگڙي ۾ جلي/ ڳري

پاڻ ڪيقدر ٻڌجي ويون. 8 سالن جي عمر کان هاسانند پنهنجن سنگتين کي اُنهن جُزيل آڳرين جي وِٿيءَ ۾ چانورن جا داڻا لڪائي جادو ڏيکاري اچرج ۾ وجهندو هو. اُتان هن کي شوق جاڳيو. هو آهستي آهستي ويو جادوءَ جون رمزون ۽ طريقا سکندو، اَڀياس ۽ رياضت ڪندو. سنجم ۽ خود ضابطي سان پنهنجين اِندرين کي وس ۾ رکيائين. ڳالهائڻ ۽ هٿن جي چرپر ۾ تکڙ ۽ چستي آندائين. اڳين نيٺ هو هڪ مڃيل جادوگر سڏجڻ ۾ آيو.

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اَڪثر سندس کيل ٿيندا رهندا هئا. آريہ سماجي هو، اِنکري پاکنڊ ۽ عام ماڻهن ۾ وهمن وسوسن، پرم پولاون جي سخت خلاف هو. اَڪثر کيل شروع ٿيڻ کان اَڳ هڪ بيت چوندو هو: نکو جِنُ جهانُ ۾..... (باقي سٽون ياد نٿيون پَون. صاحب بجاٽِي) مطلب تہ نہ جن ٿيندا آهن، ۽ نہ ڪو جادو يا ڪرامت. کليو ڪلايو ور ور ڪري دهرائيندو رهندو هو تہ جادوُ آهي زبان جي چترائي ۽ هٿن جي چستي. پنهنجي چرب زبانيءَ سان جادوگر ٻڌندڙن کي مست/ بي خيالو ڪري هٿن جي ڦڙتيءَ سان عجيب وغريب اَڻٽيڻا ڪرتب ڪري ڪين اِن وهم ۾ ٿو وجهي تہ هو اِهو جادو پسي رهيا آهن.

کيل جي شروع ۾ هاسانند تجنيس حرفيءَ واري پنهنجي ٻولي، قافيہ دار مذاقي تڪبندي ۽ ٽوٽڪن سان درشڪن کي خوش ڪري چڏيندو هو. اڪثر سِڪن جي راند سان ئي شروع ڪندو هو. اِن فن ۾ سندس ڪو ثاني ڪونہ هو. کيس سڏيندا ئي 'King of Coins - سِڪن جو راجا' هئا. جادوءَ جي لڪڙي هٿ ۾ هوندس، پيو اِن مان سڪا ڪيندو. درشڪن مان ڪنهنکي سڏي، سڪا ڳڻائيندس، ور ور. پر هر دفعي ڳڻتي غلط. ٻڌيندڙ پڇندو 'سائين، هي سڀ سڪا مون لاءِ آهن؟ مان ڪٽان؟' وراڻيندو 'اَبا، ميڙيندا آهن ينگي. خير، دل اٿيئي، تہ کڻ. رک کيسي ۾. رکيئہ؟ هڪ دفعو کيسي مان ٻاهر ڪڍي ڏيکار تہ سهين، ڏسان، گهٽا سڪا کنيا اَٿيئي؟' همراه کيسي ۾ هٿ وجهي تہ ڏسي ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن. 'اَڙي سڪا ڪيڏانهن ڪيئہ؟ گم! اَبا، جيترو مايا جي ڪِڌ پوندين، اوترو اُها پري ڀڄندءِ' ڏسندڙ وسميءَ ۾ پئجي ويندا.

پوءِ تہ هاسانند شروع ٿي ويندو. وقتي سکن جي ورکا وسائيندو، سکن ۾ ٽونگ ڪندو؛ سفيد ڪاغذ مان نوٽ ٺاهيندو، هوا مان طرح طرح جون چيزون پيدا ڪندو، بيجان شين تي حڪم هلائيندو، درشڪن جي منهن مان بيضا/ ليما ڪيندو. تيز تلوار تي ماڻهو سمهاريندو، ماڻهوءَ کي زمين کان پنج فوٽ مٿي ڪٽي هوا ۾ ليٽائي سگهندو. تاس جي پتن جا بہ سوين جادوُ ايندا هئس. سچو وقت سندس زبان هلندي رهندي. اسمن سان نهڪندڙ مذاقي ٽوٽڪا ٻڌائيندو هلندو. هندو ڌرم جي خامين ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو، پنگتي ڪُرسمن تي ٽيڪا/طنز ڪندو هلندو. ساڻ ساڻ منچ تي اَداڪاري بہ ڪندو، موقعي آهر ٽپا ڏيندو؛ ڇهري تي جدا جدا مدرائن ۾ ڦيرگهير بہ هوندس.

سڀ کان اَهم خوبي هن ۾ اِها هئي، جو وٽس دهراءُ ڪونہ هو، ساڀيائپ ڪانہ هئي. سندس کيلن ۾ گوناگونيت هئي. وقت بوقت نوان نوان جديد اِسم پيو ڏيکاريندو هو. هو سدا اَڀياسي هو ۽ غيبي طاقتن جا گپت ڀيد جاڻڻ لاءِ انگريزي ۽ هين ٻولين ۾ اٿاه ساهت پڙهي، انجو مطالع ڪري پرئڪٽس ۾ آڻيندو هو. مسميريزم، هپنوٽزم، ٽيلي پٿي، ڪليئر وائن، سائڪڪ پاور، وِل پاور، فورسنگ پاور، سيلف هپنوٽزم، وائيٽ مئجڪ، بلئڪ آرٽ (ڪاروجادو)، سئڪالاجي، ايڪاگرتي ۽ مانسڪ يوگ توڙي پتنجلي رشيءَ جي اشٽانگ يوگ جي گپت شڪتين ۽ وديائن جو بہ يوگيہ ودوانن وٽ ويهي گهرو اَڀياس ڪيو هئائين. اِنهن گپت طاقتن جو بہ هو پنهنجن کيلن ۾ ڀرپور اِستعمال ڪندو رهندو هو.

پنهنجا کيل هاسانند جادوگر صرف عام جنتا ئي نہ پر ڪيترن راجائن مهاراجائن، راج درٻارين، راج اڌڪارين کان سواءِ گهڻين ئي ڌرمي، سماجڪ، راڄنيتڪ سنسٿائن ۽ ڪانفرنسن جي پليٽفارم تي بہ ڏيکاريا هئا.

سنڌين کان سواءِ ڀارت واسين ۾ بہ سندس جادو ڪلا جي ڪافي قدرشناسي ٿي. هو بمبئي ۽ ڪلڪتي جي جادوگرن جي سرڪل جو ڪجھہ وقت وائيس پريزيڊنٽ بہ ٿي رهيو هو.

هن پنهنجن کيلن جو آنند گرديو ٽئگور، مدن موهن مالويہ، پرشوتم داس ٽنڊن، مهاتما هنسراج وغيره جهڙين مهان هستين کي ڏيکاري کانئن داد حاصل ڪيو هو.

هاسانند 1925ع ۾ راشٽرپتا مهاتما گانڌيءَ کي بہ سندس اَحمدآباد جي سابرمتي آشرم ۾ پنهنجا وگيانڪ ۽ غيبي جادو ۽ مسميريزم جا ڪرتب ملڪي محبت سان ڀرپور ڀاشڻ سان ڏيکاريا. گانڌيجيءَ خوش ٿي کلي کلي کيس آسيس ڪئي ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنائينس.

1937 ۾ هاسانند پنڊت جواهرلعل نهروءَ کي سندس سنڌ جي دؤري وقت پڊعيدن سٽيشن تي پنهنجا وچتر کيل ڏيکاريا. نهروءَ جو جادوءَ ۾ وشواس نہ، سو هاسانند جو اٽڪلون پڪڙڻ لاءِ باريڪيءَ سان جاچڻ لڳو. گهڻي ڪوشش بعد بہ هو اکيون مهٽيندو ئي رهجي ويو. نيٺ هار قبولي چيائين 'ڪمال ڪرتي هو، جادوُ نہ هوتي هُئي ڀي جادوُ ڪر ديا.'

هاسانند جي پنهنجن همعصر ڀارتي جادوگرن سان بہ سٺي سُٺاٽپ هئي. برک جادوُگر گوگيا پاشا ۽ ڪي. لعل سندس ويجها سنگتي هئا.

سندس جادوءَ جي کيلن جا نرخ معمولي ۽ واجبي هوندا هئا. مليل رقم مان بہ ڀَپل حصو پنگتي ۽ ڌرمي سنسٿائن جي گهرائيندڙ بانيڪارن کي واپس ڪندو هو سڪرت جا ڪم ڪرڻ لاءِ. اڪثر ڀالھہ ڪندو هو تہ وٽس جادوءَ جا ڪرتب ڏيکارڻ لاءِ اٽڪل 40 مڻ سامان آهي.

هاسانند جي ديهانت بعد اجمير مان ڪنهن سنسٿا جا ڪارپرداز آديپور ۾ سندس گهر آيا ۽ سندس جادوءَ جي سموري سامگري خريدي ويا.

**گانڌيڌام جي وسائڻ ۾ يوگدان:**

نوابشاه ضلعي جي هندن، لباڻن سکن ۽ زوريءَ مسلمان ڪيل پنجابي سکن کي سلامتيءَ سان ڪيڏي هند ۾ موڪلڻ بعد جولاءِ 1948 ۾ هاسانند ڪٽنب سميت آزاد ڀارت ۾ آيو. سندس دل ڏُکي، وطن جي وڇوڙي ۾ وياڪل هئي. نرواسين جي دردشا بيحال ڪري ڇڏيس. اَچي اَجمير ۾ رهيو.

ڪنهن وقت اخبار مان ڄاڻ پيس تہ ڀائي پرتاب سنڌين کي هڪ هنڌ وسائڻ لاءِ ڪڇ ۾ نئون وطن گانڌيڌام ٺهرائي رهيو آهي. اِن ڏِس ۾ هو 24 آڪٽوبر 1948 تي دهليءَ ۾ ڀائي پرتاب سان آچاريہ ڪرپالاڻيءَ جي بنگلو تي وڃي گڏيو. سندن رٿا ٻڌي کين هرطرح جو سهڪار ڏيڻ جو واعدو ڪيائين.

بس. پوءِ تہ وري ساڳيا لاٽون، ساڳيا ڇُگھہ. سانده ڪيئي سال طوفاني دؤري تي رهيو. بمبئي پرڳڻي جي سيني شرڻارٿي ڪئمپن ۾ عام ميڙ ڪري گانڌيڌام وسائڻ لاءِ سڏ ڏنائين. راجڪوٽ، اَحمدآباد ۽ جئپور ڪانگريس اجلاسن تي بہ سندس اِصرار تي گانڌيڌام وسائڻ جو سنيهو سڻايو ويو. اُن بعد لکنو، ڪانپور ۽ آگري جو دؤرو ڪيائين. وري ديواس، اِندور ۽ مهوءَ ڏانهن ڪهي ويو. اِندور ۾ تہ مڌيہ ڀارت آريہ سميلن وقت زبردست پرچار ڪري سنڌين جي نراس ۽ ناشاد دلين ۾ اُميد جو ترورو جاڳائي منجهن اُتساه اُمنگ

ڦوڪيائين. گانڌيڌام تي اخبارن ۾ ليک ۽ شعر بہ لکيائين. جدا جدا چوپڙيون شايع ڪيائين. جھڙوڪ ’ماءُ مدراس، پيءُ پوني‘، ’وطن اَسانجو گانڌيڌام‘. ڪافي شعر بہ جوڙيائين:

جلاوطنيءَ جي جلڻ ۾، جيءُ جلي ٿيو ٻاڦ،
ٿا پر ٻُڌا هٽن لاف، تہ سنڌي پالبا پيٽ ۾.
جلاوطنيءَ جي جلڻ ۾، جيءُ جلي ٿيو رک،
ناٿا مڙن لک، تہ بہ مَٽِ نہ متيءَ ملڪ جي.
جلاوطنيءَ جي جلڻ ۾، جيءُ جلي ٿيو چٽ،
تڏهن چٽندو ڦٽ، جڏهن وطن وسائبو پنهنجو. (گهتايل)

ديس پارت ۾ نئين سر سنڌ شل منهنجي وسي،
بِن وطن پرديس ۾، هرڪو پيو مونتي هسي.
ڪنڊلا جي ڪاميابيءَ لاءِ، ڪپن ٿا ڪرم وير،
ڏام گانڌيءَ جو ٻٽي، رت ڪاميابيءَ تي رسي.
پنيہ پومِيءَ ڏي هلي، ’هاسل‘ ڪو پنهنجو گهر وساءِ
توسان گڏ اولاد تنهنجو، سک حياتيءَ جو پسي. (گهتايل)

هاسل جي 50 سٽن واري گانڌيڌام تي رچيل طويل ڪوتا انوکي انداز ۾ سندس منهن مان سٽي، ٻڌندڙ پنهنجي نئين سنڌ گانڌيڌام جي سپنن ۾ کوئجي ويندا هئا: اوهان بہ پڙهي ۽ ماڻي ڏسو:

اُهو ئي ٿيندو پنهنجو وطن، پنهنجي وستي،
پنهنجي هستي، پنهنجي مستي
پنهنجو راڄ، پنهنجو ڀاڳ، پنهنجي سبزي، پنهنجو ساڳ.
پنهنجي پوليس، پنهنجا ٿاڻا، پنهنجا تيل، پنهنجا گهاٽا.
پنهنجون گايون، پنهنجون مايون، پنهنجون جايون، پنهنجون دايون.
پنهنجون ماڙيون، پنهنجا محل، پنهنجي شيوا، پنهنجي ٽهل.
پنهنجي بلڊنگ پنهنجا ماڙا، پنهنجون گهٽيون، پنهنجا پاڙا. (گهتايل)

هاسانند جو حافظو ڪمال جو هو. پنهنجا نظم بنا ڏٺي/ پڙهئي، لس ئي لس چئي/ ڳائي ماڻهن کي متوالو بڻائڻ جي صلاحيت منجهس هئي. گانڌيڌام تي رچيل سندس ڪيترن ئي گيتن جا رڪارڊ سنڌو ريسيٽلمينٽ ڪارپوريشن وارن سندس ئي آواز ۾ ڀرايا هئا. وقت بوقت اُهي رڪارڊ عام ميڙن ۽ پروگرامن ۾ وڄايا ويندا هئا (اِهي رڪارڊ سنڌالاجيءَ ۾ موجود آهن).

هاسانند کي آشا گنج اَجمير ۾ پنهنجو وڏو گهر هو. پوءِ بہ هن ٻين سنڌُون آديپور ۾ گهر (SAX-32) ورتو. اُهوئي سندس دائمي رهايش گاهہ هو.

**اديب ۽ فصيح زبان:**

هاسانند ساهت سرجڻ ۾ بہ ڪافي قلم هلايو. سندس اَڪثر ساهت سکياداڪ، قوم جي پنگتي، ڌارمڪ خامين خلاف آواز اُٿاري عوام کي سجاڳ ڪندڙ، انڪري پرچاري آهي. هن نهايت ٻي باڪيءَ سان سماجڪ

ڪرسمن جهڙڪ ڏيتي ليتي، بيجوڙ وهاڻ، اڍنگن خرچن، جوئا، نشيدار شين جي واهپي جي نهايت مذاقي ۽ طنزي نوع ۾ اوگهڙ ڪئي آهي. باون بانيٽن ۾ ڏرم گرن پنيان ته هو جنسي ڪات کهاڙا ڪڍي اَچي پنيان پيو. سندس عبارت پرڪٽي، تجنيس حرفيءَ سان ڀرپور ۽ قافيه دار نظم جهڙي دلچسپ آهي. هن 70 کان مٿي اَٽڪل 40 صفحن جون ننڍڙيون چوپڙيون شايع ڪيون. هنن ڪتابڙين جا عنوان به ڪافي چهرا ۽ چڪي وندڙ آهن، جئن ته دان ڪائي ويا دنبا (1960)، فئشن ڪين قاهو (1961)، تپ چڙهيو تماڪ (1960)، چوُچيءَ لڳي چانهه. هو مهان ديش ڀڳت ته هو ئي، اِنڪري چين ۽ پاڪستان سان لڙائيءَ وقت به ڪجهه ڪتاب لکيائين. جئن جواهر جيئرو آهي (1964)، پاڪستان جو پوتاميل (1965)، جادوگر جو جنگي ناد (1965) وغيره. 1962 ۾ هنکي سنڌ جي زيارت ڪرڻ جو موقعو مليو، هن سفرنامو لکيو: هاٽوڪي سنڌ جو سير (1963). هاسانند جو اَهم پستڪ آهي ’ٻاونجاه اکري ٻوڌ‘. هيءُ پستڪ هن ڀارت ڇوڙو آندولن (1942) وقت جيل ۾ رچيو هو. هن لاثاني پستڪ ۾ اَلف ب وار صرف ايشور اُستتي ئي نه پر نيتي ۽ سماج سڌاري تي به روح کي راحت ڏيندڙ ليک آهن. پستڪ ۾ هاسل جي تجنيس حرفي پوري عروج تي آهي. وٽس موزون لفظن جي ڪمي ئي ڪانهي. ڪتاب پڙهندي سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ تي فخر ٿو ٿئي. برک سنڌي اَديبن پيرومل مهرچند، لعلچند اَمرڏنيمل، ڪشنچند بيوس، لعلسنگ اَجواڻي، رام پنجواڻيءَ وغيره ’ٻاونجاه اکري ٻوڌ‘ جي دل کولي ساراه ڪئي آهي.

هي سمورا ڪتاب هن پنهنجي سنڌ ۾ ئي گذاري ويل وڏي ڏيءَ لڪشمي جي نالي جاري ڪيل ’لڪشمي ساهتيه مندر‘ طرفان ڇپائي پڌرا ڪيا. هن جي هنن ڪتابڙين ۾ سندس ڪي شعر به نظر اَچن ٿا. :

ڇڏ ديس پرائي جي پڇر ڪٽي،
هلي پنهنجو وساءِ نئون ڪو وطن،
کهڙو ملنڊءِ پيار پراون مان،
توکي پنهنجا گهڻو ئي ياد ٿا ڪن.

جڏهن سنڌين جي ڏکن سورن جو ورنن ٿو ڪري، تڏهن پرسرام ضيا جي ’سوٽائيءَ جي سوٽن‘ جي سِڪ ٿي لهي:

ڪري ٽڪرا سچي بت جا، چون توکي وسايون ٿا
بنا ڪاتيءَ ڪهن ويئا، چون توکي بچايون ٿا
وطن ۾ شوق تو ڪيڙا، هتي شرڻارٿي آهين
رهي پؤ ڪئمپ ۾ هاڻي، سرڳ توکي پسايون ٿا.

هاسانند جي شاعريءَ تي مٿاڇري نظر وجهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته ڪيس بحر وزن ۾ چندن جي ٿوري گهڻي ڄاڻ هئي. البت اڪثر سندس شاعري تڪبندي ئي آهي.

هاسانند پنهنجا جادوءَ جا کيل ڏيکاريندي پنهنجن ڪتابن متعلق به ٻڌائيندو هلندو هو. پروگرام جي آخر ۾ ويهي رهندو هو ٻُجڪو کولي ڪتاب وڪڻڻ. سنڌي، جن کي ڪتاب خريد ڪري پڙهڻ کان عار، سي به ڪتابن جي سستي اَگهه ۽ سندس چرب زبانيءَ تي ڇڪجي ايندا هئا. هاسانند کو ڪتاب ڪٽندو، اِن مان ڪي دلچسپ ٽوٽڪا ۽ گفتا پڙهي گراهڪن کي هرڪائيندو. ڪلاڪ کن ۾ هڪ ڪامياب سيلسمئن وانگر کوسن کوهرن جيان سڀ ڪتاب وڪڻي، بچيل چادر ڇنڊي اُٿي ڪڙو ٿيندو هو.

هو هڪ سٺو فصيح زبان به هو. سندس تقرير جي اَهم وصف هئي سندس ٻوليءَ تي ضابطو، تجنيس حرفي ۽ هم قافيه لفظن جي اڪثريت، ڪيس لفظ ڳولهڻا نه پوندا هئا. اُهي سندس زبان تي آتا وينا هوندا هئا ٻاهر نڪرڻ لاءِ. نهايت مذاقي ۽ دلڪش نوع ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو ويندو ڳالهائيندو. مجال آهه جو ڪٿي اٽڪي بيهي. منهن مان لفظ پاڻ ۽ ته قواعد ڪندا سڌي صف ۾ ٻاهر نڪري نروار ٿيندا هئا. ايڪ دو. ايڪ دو. نه ڪو گهرگهلو ۽ ٿڙڪيل لفظ. سندس گفتار ۾ مقناطيسي ڪشش سمايل هئي. ڳالهائي ته دل چوي اَجا پيو ڳالهائي، بس ئي نه ڪري.

**ٻارن سان پيار:**

هاسانند ڪي ٻار ڏاڍا وڻندا هئا. سنڌ ڪان وٺي ئي وقت بوقت جدا جدا ششوُ شالائن، ٻال مندرن ۽ ٻالڪن جي ٻارين ۾ پنهنجن جادوُ جي ڪيلن ۾ مزيدار ٽوٽڪن، ننڍڙين ڪوتائن ۽ چرچن سان ٻالڪن ڪي ٻوڏ ڏيندو رهندو هو. ٻالڪن لاءِ سندس هڪ سکيا دائڪ ڪتاب ٻالڪن جو ٻوڏ (1964) مشهور آهي. لکي ٿو:

اَچو اَچو ٻارڙا، گل گلابي هارڙا
گيت گڏن جا ڳايون، نيڪي شال وڌايون
لڳي اوهانکي واءُ نه ڪوسو، مرجهائڻ جو ملي نه موقعو
ڪومل دل ڪچڙي ۽ پتڙي، ڏٺيءَ اوهانکي منڙا ڏنڙي.

آديپور ۾ گرميءَ جي موسم ۾ رات جو ڏکهو چڊو ۽ گنجي پائي پيو ٻارن سان رانديون ڪندو هو. ڪين کلائيندو، پاڻ کلندو. وقتي پير مان ڪوئو ڪيندن، وات مان ليمو ڪيندن. مطلب ته وندرائيندڙ نموني پيو سداچار ۽ ششٽاچار طرف موڙيندو هوڻ. سندس هڪ پرولي ڪوتا ۾ ٻڌڻ جهڙي آهي:

گهمڻ وياسون باغ ۾، چرچو ڏنو مون،
هاڻ ٻڌاءِ تون، ته ڇا هو ۽ ڇا ٿيو؟
لام مان لڙڪيل ڪريو، ٻڏو ٻن جڻن،
جن ٻڏو تن نه ڏٺو، ڏٺو ٻين ٻن.
جن ڏٺو اُهي ويا ڪين، پنڌ ڪيو ٻين ٻن،
جن پنڌ ڪيو، تن ڪنيو ڪين، ڪنيو ٻين ٻن.
جن ڪنيو، تن ڪاڻو ڪين، ڪاڻو ٻين ٻن،
جن ڪاڻو تن مار نه پئي، مار پئي ٻين ٻن.
جن مار پئي تن رنو ڪين، رُنو ٻين ٻن،
جن رنو، تن دک نه ٿيو، دک ٿيو ٻين ٻن.

مختصر ۾ مطلب: ٽارَ مان ميوو ڪريو، اُنجو تڪاءُ ٻن ڪنن ٻڌو. پر ڏٺو ٻن اکين، اکين بدران ٻه پير پنڌ پيا، پيرن بدران ٻن هٿن ڪنيو، پر ڪاڻو وات ۽ ڏندن. مار وري ٻن ڳلن تي پيئي. رنو ٻن اکين. ڏک وري اکين کي نه، پر دل ۽ دماغ کي ٿيو.
اَهڙن وندرائيندڙ سکيادائڪ هدايتن ۽ سنسڪارن سان سندس پستڪ 'ٻالڪن جو ٻوڏ' پريو پيو آهي. ڳوناٽين ڪڇرين ۾ سُگهڙن لاءِ ڪافي مواد هاسانند جي هنن ٻولن ۾ ميسر آهي.

**سونهري سنڌ جو سفر:**

جون 1962ع ۾ 'شري ساڌٻيلا تيرٿ سکر ڪاميٽيءَ' طرفان بابا وڻکنڊي مهاراج جي ورسيءَ تي، ملڪ ۾ خاص نينڌ قبولي هاسانند جادوگر، پنهنجي پراڻي متر شري نترلال آسواڻيءَ سان لاهور کان وَڃي سکر پهتو. ورسيءَ جا ٽي ئي ڏينهن 17، 18 ۽ 19 جون تي ويهه هزار آيل هندن مسلمانن کي جادوءَ جا کيل ڏيکاريندي ڌارمڪ ۽ سماج سڌار تي پروچن ڏنائين. شهرن جي ٻين هندو پنچاتن جي نينڊ تي پڻ پروگرام ڏنائين.

پاڪستاني آفيسرن جي فراخدليءَ سان ڪيس روهڙي، شڪارپور، ڪنڌ ڪوٽ، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، گهوٽڪي، خيرپور ميرس، گمبٽ، ڪنڊيارو، نوابشاهه، ڪراچي، حيدرآباد ۽ ميرپور خاص جي ويزا ملي. هر هنڌ سندس سڪ ۽ شرڌا سان آجيان ڪئي وئي. جادو ڪلا سان گڏ سندس ڀڄڳٽي ٻولي ٻڌي، تاڙين جا ٺهڪا پئي پيا، هٿون هٿ پستڪ وڪامجي پئي ويس. سندس سنيهو هو 'فرقا فرق مٽايو. سچي اِنسانيت جو جامو پايو'، چي:

اَڄ رولو آهي روٽيءَ تي، وَڃي ڏوه پيو آهي ڏاڙهي ۽ چوٽيءَ تي.

سکر ۾ شيخ اَياز ڪيس گهرائي سنڌي اديبن سان گڏجاڻي رکي. ڪراچيءَ ۾ جنماشٽميءَ تي اِنڊيا آفيس مان هاءِ ڪمشنر جي سڏ تي اُتي پروگرام ڏنائين. ڪراچيءَ ۾ جي. ايم. سيد ڪيس پنهنجي بنگلي تي پارٽي ڏني. اُتي ڪافي سياستدان اَچي گڏ ٿيا. ڪراچيءَ ۾ ئي پير پاڳاري جي بنگلي تي هن پاڪستان جي پريزيڊنٽ ايوب خان ۽ ڪيترن مرڪزي وزيرن اَڳيان کيل ڏيکاري کين خوش ڪري ڇڏيو. ڪراچيءَ ۾ ڪنهن مشاعري ۾ ساجد سرشاريءَ هن تي طويل شعر پڙهيو :

سڄوري سنڌ جو آهي، وڏو فنڪار هاسانند
۽ سنڌي ساهت جو آهي، خدمتگار هاسانند
ڪسي شيرين گفتن سان، دل ساري ڪچهريءَ جي
ڏٺي جاڻي تو اَهڙو آ، خوش گفتار هاسانند.
ٿئي لحظي ۾ سنڌي ساهت جو آئيندو روشن
ٿين جي سنڌ ۾ پيدا، فقط ٽي چار هاسانند (گهٽايل)

ٻالڪن جي هڪ سڀا ۾ هڪ ٻالڪ شعر پڙهيو:

هاسانند تنهنجي هاڪ، ڇڱي هوندي هندستان ۾
هاڻ تنهنجي هاڪ، هاسل ٿيندي پاڪستان ۾
در ڌٽيءَ جي وينتي، اقبال ڪئي هٿڙا ٻڌي
'هاسل' هجي هر جا سکي، هِنَ ۽ هُن جهان ۾. (گهٽايل)

سنڌي ادبي بورڊ جي پريزيڊنٽ نبي بخش بلوچ جي نينڊ تي سنڌ يونيورسٽي هال ۾ وائيس چانسيلر ۽ ڪافي پروفيسرن اَڳيان سندس پروگرام ٿيو.

مطلب تہ هر هنڌ سندس سواڳت ٿيو. سندس تقريرون ٽيپ ڪري ريڊيو تان پرسارت ڪيون ويون. سندس پروگرامن جون فلمون ڪڍي سنيما گهرن ۾ ڏيکاريون ويون. سنڌ جي روزانين اخبارن نواءِ سنڌ، مهراڻ- ڊيلي ۽ گجراتي وطن، وڏين سُرخين سان سندس کيلن جا تفصيلوار احوال ڏنا. سنڌ جي عام خلق سندس حيرت انگيز ڪرتبن جو دل کولي سواڳت ڪيو.

پڇاڙي:

هاسانند سنڌ ڪانگريس ورڪرس جي ڪنوينشن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دهليءَ آيو هو. اُتي شري سچانند ڦيرومل سان بہ ملاقات ٿيس. چيائينس،” آڪٽوبر ۾ ناگپور ۾ پروگرام اٿم، اُتي وري گڏجنداسين.“ مگر قدرت کي ڪجھ ٻيو ئي منظور هو. اچانڪ سندس ديهانت 28 سپٽمبر 1966 تي دهليءَ ۾ ٿي ٿيو. ڪنهنکي بہ خبر ڪانہ پئي. پريا 6 ڪلاڪ سندس مرتڪ شرير ڪمري ۾ پيو رهيو. پوءِ ماڻهن کي ڄاڻ پئي. سندس اَگني سنسڪار وقت بہ سندس ڪٽنب مان ڪير حاضر ڪونہ رهي سگهيو. ڪجھ ڏينهن بعد سندس سالي جو پٽ شري نيوندرام روپچند ريجهواڻي پنهنجي سوٽ شري ڪيمنداس سان گڏ دهليءَ پهتو. سندس گورو ڪٽي هردوار گنگا ۾ وجي پرواه ڪري آيا.

سو جادوءَ جو اُستاد بہ هليو ويو. سنڌي جاتيءَ کي اَچانڪ ڏڪو رسيو. هو هر عام، هر خاص جو پيارو هو. ڪيس پاو پنل شرڌانجليون ڏنيون ويون.

دڪايل لکيو:

تياڳي تو جهڙو ڪو ورلو ٿيندو بانڪو بيپرواه،
جو لک ميڙي سگهي رکي پر دل ۾ ڪين لکن جو چاه
’ميڙڻ پنگين جو ڪم آهي‘، اَهڙو هو تنهنجو ويساه
تڏهن تہ سادي ڪاڏي تي ئي، آخر تائين ڪيئہ نباه.

هاسانند جو يادگار قائم رکڻ لاءِ موتيلعل ٻٽاڻيءَ جي پرڌانپڻي هيٺ ’هاسانند منڊل‘ جاري ڪيو ويو. منڊل طرفان سنڌي جاتيءَ جي ڪنهن اهم ٻهڳڻي شخصيت کي هر سال ڦرنڌڙ ٽرافي ۽ دائمي طور چانديءَ جو ٻلو عطا ڪيو ويندو هو. 5-7 سال اِهو سلسلو جاري رهيو ۽ پوءِ چپ چاپ بند ٿي ويو.

سنڌ گهڻيئي مهان ساڌو سنت، صوفي درويش، ديش ڀڳت، سياستدان، سماج شيوڪ، ودوان، ڪرم يوگي، فنڪار ۽ ساهتڪار پيدا ڪيا. سنڌي جاتي اَهڙن بيمثل رچ مڙسن سان ڀري پئي آهي.

اُنهن مان شايد ئي ڪو هجي جيڪو ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪنهن نہ ڪنهن جي گلا، نندا جو شڪار نہ ٿيو هجي. ڪروڙن ۾ ڪي ڪي هوندا آهن، جن جي خلاف ڪير بہ تقرير توڙي تحرير ۾ ڪجھ نہ چوندو آهي. ۽ مان سمجهان ٿو اُنهن ورلن مهان هستين مان **هاسانند جادوگر** هڪ هو.

## هاسانند جا ڪي چونڊ ڪتاب:

ٻڪريءَ جو ماس خورن تي فرياد (1963)، علم جو پٽ عقل (1984)، دان ڪائي ويا دنيا(1960)، فئشن ڪين ڦاهو (1961)، ڌرم گرو ڪين ڌاڙيل (1957)، پاڪستان جو پوتاميل (1965)، جادوگر جو جنگي ناد(1965)، وامن اوتار شاستري(1965)، ڀُٽي جا ٻئي جهان ويا (1965)، ڪشمير جي ڪناري تي قيامت جا ڪرڪات، بمبئيءَ جي بيحيائي ڪندي ڪلور ڪلياڻ ۾ (1959)، جادوگرن جو جادوگر، ٻاونجاه اکري ٻوڏ(1959)، سون ڏيو سرڪار کي سرحدن جي سنڀال لاءِ (1963)، چور چيلا ناڪر نڳ(1963)، پاڪنڊ ٽوڙ پوٿي، مايون مندرن ۾ نہ آيون تہ ڏنڌوڙي ساڌ مٽا، تپ چڙهيو تماڪ ۽ ٻيڙيءَ ٻڏي ٻيڙي (1960)، ستگرو ريديانند آٽيندو ٻاهڻ ۾ ٻائيتال (1962)، سئنيما جا گهاتڪ نتيجا (1966)، ماءُ مدراس ڀيءُ پوني (1949)، جوئاريءَ جي جوءِ (سنڌ ۾)، چوچيءَ لڳي چانهہ (سنڌ ۾)، ٻالڪن جو ٻوڏ (1964)، جواهر جيئرو آهي (1964)، سماج سڌار چتراولي (1959)، هاٿوڪيءَ سنڌ جو سير (1963)، هاسانند واڪيہ-١ (سنڌ ۾)، هاسانند واڪيہ-٢ (1965).

# اَدب جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ ترجمي جو ڪردار

✍ ولي رام ولڀ

For ages an alliance sweet

Has bound the poets to each other ...

اليگزينڊر پُشڪن جا چيل اهي مشهور لفظ مُڪمل طور تي نظم ۽ نثر جي مترجمن تي پورا لهن ٿا. اَدب جو ترجمو، ثقافتن جي وچ ۾ Mass Media جي بنيادي فارمس مان هڪ آهي. اهو فارم ايڏو بنيادي ۽ ايترو قديم آهي، جيترو خود ثقافتون. تنهنڪري ثقافت جي اُسرڻ سان ئي ترجمي جي ضرورت ٿيندي آهي. جهڙي طرح ماڻهو اَڪيلو جيئرو نٿو رهي سگهي، اَهڙي طرح ثقافت به اَڪيلي سِر اُسري نٿي سگهي. ١٣ صديءَ جي آرمينيائي نامينلسٽ فيلسوف واگرام رُبوهي (Vagram Rabuhi) لکيو هو : ”آدم جو وجود تڏهن هو، جڏهن سموري آدم ذات جو وجود نه هو.“ حقيقت ۾ خبر ناهي ته آدم جو ڪو وجود به هو. پر جيڪڏهن هو به ڪٿي ته هو اَڪيلو رهي نه سگهيو هوندو. انهيءَ جو اهو ڪارڻ ناهي ڇا ته مصنفن بائيبل جي آکاڻين ۾، آدم لاءِ حوا کي جنم ڏنو؟

ڪميونيڪيشن اِنسان جي سڀ کان اَهم ۽ طاقتور ضرورتن مان هڪ آهي. اها سندس فطرت جو حصو آهي. سماج جي ترقي، ماڻهن ۽ ثقافتن وچ ۾ ڪميونيڪيشن جي گهرائيءَ ۾ پنهنجي اِظهار جي راهه ڳولهي آهي. هن دؤر کي عام طور تي ٽيڪنالاجيءَ جو ترقي يافته دؤر چئجي ٿو. هن وقت تائين، طبعيات جي ماهرن ۽ گيتڪارن جي وچ ۾ بحث مباحثي جو ڪو سلسلو نه ٿيو آهي. جينوٽيڪ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي حقيقت ۾ هن موجوده دنيا ۾ ڏاڍي ترقي ڪئي آهي. ”ٽيڪنالاجيءَ جي دؤر“ جي اِصطلاح لاءِ Johannes Becher لکيو آهي ته : ”اهو هن دؤر جي بنيادي تاريخي ڪردار سان ميل نٿو کائي، تنهنڪري انهيءَ کي ”انسان جو دؤر“ چوڻ گهرجي. ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سان ڪلچر پنهنجي سرزمين کان وانجهجي نٿو وڃي، پر پاڻ اُن جي اَهميت وڌيو وڃي. ڪلچر ماڻهن جي اِخلاقي صورتحال آهي ۽ اَسان کي سُڌ آهي ته اِخلاقيات ۽ ترقي يافته ٽيڪنالاجيءَ جو ميل ڪهڙا ڏکوئيندڙ نتيجا آڻيندو / آڻي رهيو آهي.“

مترجم نه رڳو مختلف ٻولين جي اَدب کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿو ۽ هڪ قوم جي ثقافت جي حاصلات کي ٻي قوم جي ثقافتي خزاني سان شناسائي ڪرائي ٿو ۽ پڙهندڙن تائين اَدب جي رسائي ڪرائي ٿو. بلڪ انسان جي خاطر جدوجهد ۾، انساني اخلاقيات کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ حصو وٺي ٿو. Kornei Chukovsky لکي ٿو ته : ”وار اينڊ پيس“ جي اَيپاس سان اَڪين جو رنگ نٿو بدلجي ۽ نه ئي ڇپن جي بناوت ۾ فرق ٿو اَچي. بلڪ ڪتابن جي اَيپاس سان خود انساني بناوت نئين سر ٺهي ٿي ۽ انساني رت ۽ مهاندا به متجي ويندا آهن ...“

اهي عنايتون مترجمن جي وسيلي سان حاصل ٿينديون آهن، جن جي ڪاوشن سان ’وار

اينڊ پيس' جھڙا ڪتاب نہ رڳو ھڪ ٻوليءَ ۾ ھڪ قوم لاءِ آھن، بلڪ دنيا جي ڪيترن ئي ٻولين ۾، دنيا جي ڪيترن ئي ماڻھن لاءِ آھن ۽ اھو ٻڌائڻ ۾ ڪا شرم جي ڳالھ ناھي تہ دنيا جي ھر اَدب ۾ ھومر، دانتي، شيڪسپيئر، گوئٽي، دوستو وسڪي، وشون، نظامي، خيام، ڪاليداس ۽ ٽئگور لاءِ جڳھ آھي ۽ دنيا جي ھر ٻوليءَ ۾ اَلف ليليٰ دلچسپيءَ سان پڙھيو ويندو آھي. نہ رڳو اَھڙن عالمي شاھڪارن لاءِ، بلڪ انھن تخليقي شاھڪارن لاءِ بہ جڳھ آھي، جيڪي اَدب ۽ ڏاھپ جا مثال آھن. اھي سولائيءَ سان ٻين ٻولين جي اَدب ۾ جڳھ پيدا ڪري وٺندا آھن ۽ اُتي جي اصلوڪي اَدب جو حصو بڻجي ويندا آھن. عمر خيام جون رباعيون اَنگريزيءَ ۾ فٽز جيرالڊ جي ترجمي سان چاتيون وينديون آھن. الف ليليٰ جو اَنگريزي ۾ ترجمو رچرڊ برٽن A Thousand and One Night جي عنوان سان ڪيو آھي. ڪنھن ڪي انڪاري ٿي سگھي ٿو تہ اَنگريزيءَ جو اَصلي شاھڪار ناھي. ''ڊاڪٽر زوواگو'' جو ناول نگار نوبل انعام يافتہ بورس پيسترنڪ جڏھن حڪومت جي پابندين جي ڪري تخليقي ڪم نہ ڪري سگھيو تہ ھن شيڪسپيئر جي ڊرامن جو روسيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اھي پڙھي اصلوڪي ھئڻ جو گمان ٿئي ٿو.

''شاعري، تاريخ کان وڌيڪ فيلسوفاڻي ۽ اَھميت جوڳي آھي، ڇو تہ اھا ڪائنات بلڪ ڪيترن ئي آسمانن تان پردو کڻي ٿي، جڏھن تہ تاريخ ماڻھن جي اَحوالن سان پيري پيئي آھي.'' ارسطوءَ جا اھي لفظ شاعريءَ جي باري ۾ آھن، پر اھي لفظ عام اَدب تي پڻ پورا لھن ٿا. اَدبي تخليق - شاعري، ناٽڪ، ڪھاڻي، تاريخ کان انھيءَ ڪري وڌي حيثيت رکن ٿا، جو اھي تاريخ جا عڪس آھن ۽ مخصوص لفظن جي پيرائي ۾ ھڪ اَھڙي اُپٽار آھن، جا انھن کي آفاقي بڻائي ٿي.

شيڪسپيئر جو رچرڊ II نہ رڳو اِنگلنڊ جي پندرھين صديءَ جي زندگيءَ جو ھڪ ٽڪرو آھي، جنھن ۾ اِنگلنڊ جي رسم و رواج جو اولڙو آھي ۽ انھيءَ زماني جي ڏسندڙن لاءِ لکيو ويو ھو، بلڪ اِنھيءَ کان قطع نظر، اھو ناٽڪ، دٻاءَ ۾ آيل ڪردار ۽ ڪردارن جي خواھشن جو اَپياس آھي، جيڪي اِنسان جو بنياد آھن. پوءِ پيلي کٽي اِھو کھڙي بہ دؤر يا ڪلچر سان واسطو ڇو نہ رکندو ھجي. ''شاھنامو'' بہ اَھڙي طرح ھڪ جيئرو جاڳندو شاھڪار آھي، جو اَڄ بہ اوير توڙي اولھ جي پڙھندڙن جي لاءِ دلچسپيءَ جو سبب آھي. انھيءَ جو ڪارڻ نہ اُن جي تاريخي واقعن جون پيچيدگيون ۽ نہ ئي ايراني ڪلچر جي تفصيل ۽ وسيع بياني آھي، بلڪ فردوسيءَ جو شاعراڻو ڪمال آھي، جنھن رستم، سھراب ۽ ٻين سورمن کي اَسان لاءِ اَڄ بہ زندگي ۽ معنيٰ بخشي آھي.

اَدب جي انھيءَ صلاحيت کي آفاقيت (Universality) چئجي ٿو. آفاقي ھئڻ جي ڪارڻ، ساوتريءَ جي پاڻ اَرپڻ واري جذبي ۽ ھمٿ مان ھندستان جي عورت کي سمجھي سگھجي ٿو. شيڪسپيئر جون آفاقي انساني صلاحيتون جڏھن فرانس جي اِسٽيج تي فرينچ گفتگو ۾ پيش ٿينديون آھن تہ ڪين سھيوڳي اِنگلنڊ کي وڌيڪ سمجھڻ ۾ آساني ٿئي ٿي.

مغربي ڪلچر يوناني ڪلچر تي بيٺل آھي، جو يورپ ۾ عربي افريڪا جي رستي يوناني

ٻوليءَ جي ذريعي نہ بلڪ لاطيني جي ذريعي آيو. اَڄ اَسان ائشيلس (Aeschylus)، پليٽو (Plato) ۽ سيفو (Saifu) جا اَدبي ڪارناما اِئين مڃيو وينا آهيون، ڄڻ اَسان جي پنهنجي زبان ۾ هجن، جن ڪان چڱي طرح واقف هجون. انهيءَ لحاظ کان، ڪنهن ٻوليءَ جو اَدبي سرمايو نہ رڳو ان جي اصلوڪين تخليقي تحريرن تي بيٺل آهي، بلڪ غير ملڪي ۽ ٻين ٻولين جي ترجمي تي آهي. دنيا جون زرخيز ۽ ترقي يافتہ ٻوليون، اَنگريزي، فرانسيسي، اِسپيني، جرمن، روسي يا اِٽالين وغيره رڳو پنهنجي تخليقي اَدب ۽ مقامي تحريرن جي ڪري اَڳڀريون ناهن، بلڪ دنيا جي اَدب کي پاڻ ۾ سموئڻ جي ڪري اُتم آهن. رومن لٽريچر کي اينگلو سئڪسن ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ بعد ۾ جديد اَنگريزيءَ ۾، نہ تہ روم جي زوال کان پوءِ، انهن جي تهذيب جو خاتمو ٿي وڃي ها. اَنگريزي نثر جي زبان، جا تمدن جا زبان آهي، ايلزبيٿ اول ۽ جيمس جي دؤرن ۾ مترجمن سنواري، فيلسوفن جي فڪر و نظر جو ترجمو ڪري، لبرل سوچ کي اَڳتي وڌايو. ترجمن جي وسيلي بحر روم جي رهاڪن جا خيال يورپ تائين پهتا ۽ پوءِ ارڙهين صديءَ ۾ اِنگلنڊ ۽ هالنڊ جي نوَن بورجوائي (Dialects) فيلسوفاڻن نظرين ۽ ترقي پسند تحريڪن ڏکڻ جو رُخ ڪيو. اهو ڪم گهڻو ڪري فرانسيسي مترجمن ڪيو، جنهنڪري فرانس ۾ اِنقلاب آيو، جيڪو آمريڪي اِنقلاب جو پيش خيمو بڻيو.

ڪوبہ ترجمو تخليقي تحرير وانگي وفادار ۽ سچو تڏهن آهي، جڏهن اهو Rational هجي. هيگل مطابق : ‘‘What is real is rational, What is rational is real’’ ۽ فن اُن مهل مريو وڃي، جڏهن منجهس اَثر ڪرڻ جي قوت ختم ٿي ويندي آهي.

اِئين بہ ٿيندو آهي تہ اَهڙن ڪتابن جا ترجما ڪيا ويندا آهن، جيڪي خود سٺا نہ هوندا آهن ۽ پڙهندڙن جي اِخلاقي صحت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندا آهن، اَهڙا ترجما پنهنجي جاءِ پيدا نہ ڪندا آهن. زبان خود ڪڏهن بہ زهريلي نٿي ٿي سگهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن خراب ۽ زهريلو ڪتاب لکيو آهي تہ اهو پاڻمرادو عام طرح زبان، اَدب ۽ فن جي حدن کان ٻاهر رهندو. خاص ڪري اَهڙن ترجمن لاءِ ڪنهن خاص طرح ٺيڪ چيو آهي :

’’ڪي ترجما مختصر طور تي لاطيني لفظ Translatio جي ذريعي سمجهايا ويندا آهن، جنهن جي اَصل معنيٰ آهي : لاش کي هڪ قبر مان ڪڍي، ٻي قبر ۾ منتقل ڪرڻ.‘‘

ترجمو ڪندڙ ماهرن لاءِ ترجمو ڪرڻ تخليقي عمل مان گذرڻ برابر آهي. ڪن هالو چالو مترجمن جي اها بدنصيبي آهي تہ اُهي Copiest آهن ۽ جيتوڻيڪ ترجمو ڪرڻ هميشہ تخليقي عمل رهيو آهي. جنهن جو دليل اهو ڏيڻو پوندو آهي تہ ترجمي جو فن، تخليقي عمل جو هڪ مٿاهون فارم آهي.

اَدبي ترجمي جو ڪم ڪيترين ئي ڳالهين جي اعتبار کان اَهم آهي. انساني زندگي جي گوناگون تجربن کي اخذ ڪرڻ، مختلف علائقن جي ثقافتي ماحول کي سمجهڻ ۽ پنهنجي ماحول ۾ انهن جي پسنديده ثقافتي قدرن کي جذب ڪرڻ، ٻين ٻولين جي اعليٰ اَدبي

صلاحيتن ۽ ساهتڪارن جي نقطہ نظر کي پنهنجي زبان جي مزاج جي مطابقت سان قبول ڪرڻ، اَدبي فڪر و نظر ۽ تخليقي لڳن ۾ وڌيڪ گهرائي ۽ ڳوراڻ پيدا ڪرڻ، اَدب ان دلچسپي رکندڙن کي مختلف زبانن ۽ مختلف ملڪن جي اَدبي روايتن کان باخبر رکڻ ۽ زبان کي طرح طرح جي اَدبي تجربن جي قابل بڻائڻ ۾ اَدبي تجربن جي افاديت کان انڪار ممڪن ناهي ۽ انهيءَ لحاظ کان اهو چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ اَدب ۾ بيشمار اَدبي ترجمن سان جيڪي واڌارا ٿين ٿا، اُهي ڪافي حد تائين تخليقي اَدب لاءِ سازگار ثابت ٿين ٿا.

اَدبي ترجمي جو ڪم جيڏو اَهم آهي، اُن کان گهڻو وڌيڪ ڏکيو بہ آهي. هڪ ٻولي ڳالهائيندڙن جا فڪري لاڙا، ٻي ٻولي ڳالهائيندڙن جي اَندازِ فڪر کان ڪافي حد تائين مختلف ٿيندا آهن ۽ نہ رڳو فڪري لاڙا مختلف ٿيندا آهن، بلڪ اَندازِ بيان بہ مختلف هوندا آهن. اَهڙي صورت ۾ مترجم کي ڪيترن ئي قسمن جي آزمائش مان گذرڻو پوندو آهي.

Powel Toper جي هڪ مضمون ۾ تازي لٽرري انسائيڪلوپيڊيا جُلد ۵ جي حوالي سان ترجمي جي جيڪا وصف بيان ڪئي ويئي آهي، اُها هيئن آهي تہ :

A form of creative literary work in the process of which work existing in one language is created in another.

جهڙي طرح ترجمو هڪ تخليقي ڪم آهي ۽ مترجم هڪ تخليق ڪار آهي، اَهڙي طرح هوُ پنهنجي قومي ثقافت ۾ هڪ سرگرم عمل ڪارڪن جي حيثيت رکي ٿو. مترجم پنهنجي قوم جي ثقافت کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ هڪ اَهم ڪردار اَدا ڪري ٿو، جيتوڻيڪ سندس ڪردار تخليق ڪار کان گهٽ محسوس ڪيو ويندو آهي. هڪ ڪتاب جيڪو شاهڪار ثابت ٿئي ٿو، ٻين زبانن ۾ ترجمو ڪيو وڃي ٿو تہ تخليق ڪار جي نالي کي شهرت ملي ٿي، جڏهن مترجم هميشهہ پنهنجي اَدب جي دائري ۾ پس منظر ۾ رهي ٿو. سندس ڪردار ساڳيءَ طرح هڪ ئي اَدب تائين محدود رهي ٿو، پر ساڳئي وقت انهيءَ ڳالهہ کان ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي تہ مترجم جي مهربانيءَ سان دنيا جي اَدب جي ترقي جاري آهي.

ڪن جو خيال آهي تہ مترجم تخليق ڪارن جي ڪتابن جو ترجمو ڪرڻ ۾ پنهنجي ذهانت جي قوت وڃائين ٿا، مان اِئين چوندس تہ مترجم هڪ Blood donor وانگي هوندو آهي، چو جو اَصلي تقليق ڪار کي خون Donate ڪندو آهي، جنهن جو هوُ ترجمو ڪندو آهي ۽ انهيءَ لحاظ کان ڪيس اهو حق حاصل آهي تہ هوُ اصلوڪي لکڻيءَ کان متاثر هجي ۽ اَثر رڳو تڏهن ئي نتيجہ خيز ثابت ٿيندا آهن ۽ اَدبي حقيقت جي صورت ۾ سامهون ايندا آهن جڏهن اهي شڪل اختيار ڪندا آهن ۽ ڪڏهن بہ سُڃاڻي نٿا سگهجن، يا ڏاڍي ڏکيائيءَ سان سُڃاتا وڃن ٿا.

اصلوڪو فارم ڪيئن Recreate ڪيو وڃي، انهيءَ باري ۾ بہ انتها پسندانہ نظريا آهن. ڪن جو خيال آهي تہ اصلوڪي فارم کي ان جي پنهنجي اَدب جي مخصوص فارمس ۾ ادا ڪجي، جڏهن تہ ٻيا اَصلوڪي فارم کي پنهنجي اَدب جي فارمس ۾ منتقل ڪرڻ جا حامي آهن، پوءِ پلي اهو اصلوڪو فارم منتقل ڪرڻ جوڳو نہ هجي ۽ ترجمي جي زبان اَٽڪي پوي.

ظاهر آهي تہ ٻنهي نظرين کي آخري تہ نٿو مڃي سگهجي، اها سيني کي خبر آهي تہ

فارم، ڪنٽينٽ کان جدا نٿو ٿي سگهي. اهو نہ صحيح ناهي تہ مترجم کي ٺهيل ٺُڪيل فارم ڏنو وڃي ۽ هوُ فقط ڪنٽينٽ ترجمو ڪري. اهو مترجم تي منحصر آهي تہ هوُ ڪيئن ابتدا ڪرڻ جو فيصلو ڪري ٿو. اهي مترجم، جن پنهنجي زبان کي نئين فارم سان روشناس ڪرايو آهي، اهي گهڻو ڪري سيني ڪان بولڊ آهن. ٽالسٽاءِ جي راءِ مطابق : ترجما نئون اسٽائيل عطا ڪن ٿا، هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو آهي :

I must translate something into Russian from a foreign language to develop my memory and style.

تخليقي يا ترجمو ڪيل شاهڪار انسان جي روحاني نظر جي گهرائيءَ جي لحاظ کان ٻن حصن ۾ ورهايل ناهن، جيئن عام خيال آهي. روحاني عمل ۾ سيڪنڊ ريٽ يا سيڪنڊ گريڊ جهڙي ڪا شيءِ نہ ٿيندي آهي. تخليقي ۽ ترجمو ڪيل اَدب، روحاني عمل جا ٻہ دائرا آهن، جيڪي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن ۽ هڪ ٻئي ۾ جذب آهن.

ڪٽي پڙهيو هئم تہ ويجهڙائيءَ ۾ ويهارو ورهيہ اَڳ، شيڪسپيئر اَٺ لک ماڻهن جي گذر سفر جو وسيلو آهي، جن ۾ تنقيد نگار، اداڪارن، محقق ۽ مترجم شامل آهن. پر سنڌي يا اَڱسٽي طرح ربيلائيز، سر وانٽيز ۽ ٽالسٽاءِ سان وابستہ، اُن کان بہ وڌيڪ هوندا. گذريل دؤر ۾، روس ۾ مترجمن کي خاص ترجمي جي فن جي تعليم ڏني ويندي هئي ۽ اُتان جي سماجي زندگيءَ ۾ مترجم معاشي لحاظ کان خوشحال ترين طبقي سان تعلق رکي ٿو. جڏهن اَسان اهو چئون ٿا تہ مترجم اَدب کي مالامال ڪري ٿو، تڏهن اَسان کي اهو بہ سمجهڻو پوندو تہ سڀ کان پهرين مترجم کي عزت دار بڻايون ۽ ڪيس ماني ڳيي جي ڳڻتيءَ کان آجو ڪريون.

جنهن ملڪ جي عام ماڻهوءَ جي اِخلاقي ۽ روحاني سطح جيتري مٿانهين هوندي، سندس زندگيءَ ۾ ڪتابن جو دخل اوترو ئي وڌيڪ هوندو. انهيءَ لحاظ کان هر زبان ۾ اَدبي ترجمن کي خاص اَهميت حاصل رهي آهي. ايذرا پائونڊ مطابق : ”جيڪو دؤر تخليقي اَدب جي لحاظ کان عظيم هوندو آهي، اهو ترجمن جي لحاظ کان بہ عظيم ٿئي ٿو.“ اها عظمت، سنڌي اَدب جي موجوده تخليقي دؤر ۽ اَدبي ترجمن جي دؤر تي لاڳو ٿئي ٿي يا نہ، انهيءَ تي بحث ناهي، پر جيتري قدر سنڌي اَدب ۾ ترجمو ڪيل اَدب جي واڌاري جو سوال آهي تہ آنءُ بنا هٻڪ جي چئي سگهان ٿو تہ سنڌي اَدب جي تخليقي دؤر کي وڌ کان وڌ اَدبي صلاحيتون اَدا ڪرڻ ۾ اَدبي ترجمن جو وڏو هٿ آهي، جنهن جو ثبوت اهو آهي تہ اَسان جي سنڌي اَدب جي شروعات ئي ترجمن سان ٿي ۽ انهن ترجمن مان اُتساه وٺي اَڄ اَسان جو اَدب اُتي بيٺو آهي، جنهن لاءِ اَسان پنهنجي اَدب کي دنيا جي وڏين ٻولين جي اَدب سان ڀيٽ ڪرڻ جي همت ڪريون ٿا.

**(”سنڌي اَدب“، جنوري-ڊسمبر-٢٠٠٦، اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو)**

ꕤꕤꕤ

# راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي

✍ جڳديش لڇاڻي

1947ع ۾ ڀارت جو ورهاڱو ٿيو. ڀارت جي ورهاڱي جو گهڻي ۾ گهڻو اَثر سنڌي هندن تي ٿيو، سنڌي جاتيءَ جي وجود تي ٿيو. سنڌي ويڳاڻا ٿيا، ڏيري ڏيري پنهنجي وطن کي الوداع ڪندا رهيا. سنڌين کي ڀارت ۾ صحيح نموني رٿا مطابق ورسائڻ جي ڪوشش ڪين ڪئي ويئي. اَسان جي اَڳوانن وطن جو هڪ ننڍو ٽڪرو بہ سنڌين لاءِ نہ ورتو. اَٽڪل ٻارهن لک سنڌي هندو، پنهنجي جنم ڀوميءَ کي الوداع ڪري، ڀارت ۾ آيا. جيڪي ٻاڏيءَ جي جهاز رستي بمبئيءَ پهتا، تن کي بمبئيءَ جي آس پاس، فوجن طرفان ڇڏيل پراڻين بئرڪن ۾ رهايو ويو. پنجن هزار سالن جي شاهوڪار سڀيتا جا وارث، اعليٰ تعليم يافتہ جاتيءَ کي ڍورن وانگر، ملٽريءَ جي پراڻين لڳل بئرڪن ۾ رهايو ويو، جتي سڀيہ جيون گذارڻ جون ڪي بہ سهوليتون ميسر نہ هيون.

سنڌين جي وڏي ۾ وڏي بستي، ڪلياڻ ڪئمپ. پنجن نمبرن ۾ ورهايل. جيتوڻيڪ ڪلياڻ ڪئمپ کي سرڪاري طور ڀارت جي پهرين گورنر جنرل راجگوپال آچاريہ اَٺين آگسٽ، سومر جي ڏينهن 1949ع ۾ مٿس اُلهاسنگر نالو رکي، شهر جي ڀيڙه جو بنيادي پٿر وِڌو پر پوءِ بہ ڪلياڻ ڪئمپ نالو ڪافي وقت تائين هلندو رهيو. هاڻي اُها ڪلياڻ ڪئمپ پوري طرح ’اُلهاسنگر‘ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي.

ان وقت هرڪنهن کي پنهنجي روٽي-روزيءَ جي ئي چنتا هئي. ٻار پڙهڻ بدران رُلي-پٽڪي پنهنجو جيون برباد ڪرڻ لڳا. ڪي وري گاڏين ۾ ڪٽمنڻا، چاڪليٽ ۽ بسڪيٽ وڪڻي ’گهر‘ کي مدد ڪرڻ لڳا. پر انهيءَ اسٿتيءَ گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪيو، ڇو تہ ڪابہ سُڌريل جاتي انهيءَ اسٿتيءَ ۾ گهڻو وقت رهي نہ سگهندي آهي.

سنڌي جيئڻ ئي ٿورا ٿانئيڪا ٿيا، تہ ڪن جاتيءَ جي گهڻ-گُهرن ذريعي تعليم جو وهڪرو، اَنيڪ ڏارائن ۾ ڦُٽي وهي نڪتو، نيڪ اَهڙي طرح جيئن ڪنهن وشال پربت جي چوٽين مان اَنيڪ جل ريکائون نڪري، هڪ اَهڙي ورات ڌارا کي جنم ڏينديون آهن، جا بيشمار پٿريلي تهن کي ٽوڙي، هيٺ-مٿي، ٻيٽن ۽ ميدانن ۾ پنهنجو رستو ٺاهيندي ويندي آهي. آهستہ آهستہ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ سنڌي تعليم زور پڪڙڻ لڳي.

ڪلياڻ ڪئمپ ۾ ابتدائي دؤر ۾ جن حضرات سنڌي تعليم جي ڏس ۾ عملي ڪوششون ڪيون، ان ۾ سڀ کان اَوّل نالو جيڪو منهنجي ذهن ۾ اُڀري ٿو، سو آهي راءِ صاحب سيتلداس لوڪچند ڪيماڻي. سيتلداس ڪيماڻي شڪل جو ٺاهوڪو، قد جو پورو پنو، نقش نگار ڪشش

کنڌ، سفيد مهانڊو، گورو جهڙو اَنگريز، بت ۾ اَلبت پريل، شاندار شخصيت جو مالڪ ۽ رعبدار. ڳالهائڻ وقت سندس لهجو نهايت ئي سُلجهيل پر اعتماد وارو. پاڻ مڃائڻ جي سگهه به وٽس جهجهي هئي. هو صاف گوءُ ۽ ڏيکاءُ بازيءَ کان سدا ڏور رهيو. سچي حياتي غير تڪراري شخص بڻيو رهيو.

راءِ صاحب سيتلداس کيماڻيءَ جو جنم پهرين جنوري 1890ع شهر ڪنڊياري نواب شاهه ۾ هڪ تعليم يافته ڪٽنب ۾ ٿيو، جو هينئر پاڪستان جو حصو آهي. هن جو پيءُ لوڪچند هڪ نيڪ اِنسان ۽ پروپڪاري جيوُ هو؛ جنهن مان سيتلداس سيوا ڀاوَ جو گڻ ورثي ۾ حاصل ڪيو. سنڌ ۾ ئي هن سن 1931ع ۾ ريوينيو ڊپارٽمينٽ ۾ سرڪاري نوڪريءَ سان پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. قابليت ۽ دوانديشيءَ سبب، هن کي جلد ئي ميرپور جو مختيارڪار مقرر ڪيو ويو. اِتي ئي هن جو شاگردن سان واسطو جُڙيو. هو شاگردن کي همٿائيندو هو، انعام ڏيندو هو ۽ لڪي ڇپي غريب ۽ گهرجائو ٻارن کي مدد به ڪرڻ لڳو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ هوُ لاڙڪاڻي ميونسپل جو اَيڊمنسٽريٽر مقرر ٿيو ۽ هن ڪيترائي سُڌارا ڪيا. سرڪار سيتلداس کيماڻيءَ جي قابليت ۽ سمرپڻ ڀاوُ ڏسي، کيس 'راءِ صاحب' جو خِطابُ عطا ڪيو.

ان وچ ۾ ڀارت جو ورهاڱو ٿيو. سنڌي هندن جي لڏپلاڻ ٿي. گهڻي ۾ گهڻا سنڌي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اَچي ڳاهت ٿيا. راءِ صاحب سيتلداس به اُنهن مان هڪ هو، جنهن اَسان وانگر ڪلياڻ ڪئمپ نمبر ٻئين جي او.ٽِي. سيڪشن اَچي وسائي.

سال 1948ع. ڪلياڻ ڪئمپ لڳ ڀڳ خالي. جهنگل ۽ پراڻيون ٻئرڪون. نانگ بلائون رستي تي پيا گُهمندا هئا. رستا اوٻڙ-کاٻڙ. انڪري ئي ڪلياڻ ڪئمپ نواسي سنڌيءَ جي عوامي شاعر پرسرام ضيا لکيو :

هڪ ٻه ٽي چار، پنجون نمبر ڪئمپ،
ڪڏو کٻا وات تي بتي نڪا لئمپ.

ڪئمپ نمبر ٻئي جي او.ٽِي. سيڪشن ان وقت ڪافي مشهور هئي. گهڻي ڀاڱي حيدرابادي عامل اَچي رهيا. او.ٽِي. سيڪشن ۾ حيدرابادين ڪانسواءِ ٻيو پڙهيل طبقو به اَچي اُتي رهيو. پر پوءِ آهسته آهسته حيدرآبادي ڪئمپ ڇڏيندا ويا. بمبئي وڃي وسايائون.

پرچو وديارٿي به او.ٽِي. سيڪشن ۾ رهندو هو. سنڌ ۾ هن اِنقلابين جي ٽولي ٺاهي، اَنگريز حاڪمن جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو هو. هوُ منهنجو پاڙيسري هو ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ جو دوست به! وديارٿي منار ٺاهيائين، پر ڪامياب نه ويو. موهن ڪلپنا به هن جو اُتي ساٿي بڻيو. هاڻي اهو وديارٿي منار پٽ پيو آهي. اُتي ئي منهنجي حشو ڪيولراماڻيءَ سان ملاقات به ٿي هئي. سچل دربار به اُتي ئي هئي.

ديپڪ آشا به اُتي ڪجهه وقت رهيو ۽ پوءِ بمبئيءَ هليو ويو. ديپڪ آشا، اَباڻا فلم جي شوٽنگ به ٻئين نمبر جي او.ٽِي. سيڪشن ۾ ڪئي هئي. ٻئرڪ جي سامهون نلڪي تي، پاڻيءَ لاءِ وڏي

قطار. پاڙيءَ لاءِ جهڳڙو فلمايو ويو هو. نارو حلوائي (ڪاڇي مل حلوائيءَ وارا) ۽ ٽُن ٽُن يعني اُما ديويءَ تي، جيڪا تازو 24 نومبر 2003ع تي سرڳواس ٿي. مشهور وڪيل مولچند بنيجا بہ اُتي رهندو هو.

لعل ريجهواڻي ۽ سندس چاچو قيمت ريجهواڻي بہ منهنجي پرسان ئي رهندا هئا. اَڳتي هلي لعل ريجهواڻي، لعل پشپ بڻيو ۽ قيمت ريجهواڻيءَ قيمت 'ڪمل' جي تخلص سان سنڌيءَ ۾ شعر لکيو. لعل پشپ پنهنجين شروعاتي ڪهاڻين ۾ جيڪي ڪردار پيش ڪيا آهن، اُهي هتان جا ئي آهن؛ جن کان بہ شخصي طرح واقف آهيان پر لعل پشپ اُنهن کي مروڙي - سروڙي پنهنجي سهوليت مطابق بدلائي پيش ڪيو آهي.

واسواڻي پائرن، او.ٽي. سيڪشن ۾ اِسڪول کوليو هو، جيڪو ڪافي مشهور بہ ٿيو. پوءِ وڪڻي ڇڏيائون. موهن ڪلپنا، گني سامتاڻيءَ، لعل پشپ ۽ مون ڪجهہ وقت ان ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي. اُتي هينئر اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن جو پرائمري اسڪول هلندڙ آهي.

راءِ صاحب سيتلداس ۽ سندس پٽ ڊاڪٽر لکي بہ او.ٽي. سيڪشن ۾ اَچي ٽانئيڪا ٿيا. بئرڪ نمبر 621. بئرڪ ۾ ڀهريون بہ ڪوٺيون راءِ صاحب سيتلداس جي حوالي هيون ۽ ٽين ۽ چوٿينءَ ۾ ڊاڪٽر لکي رهندو هو. راءِ صاحب ڀهرين ڪوٺي آفيس طور ڪم آڻيندو هو ۽ ٻين سندس بيڊروم هئي. هينئر اُتي اَنيل ٽاور ٺهيل آهي. بئرڪ نمبر 620 ۾ منهنجو وچون ڀاءُ رهندو هو، هينئر اُتي سندس اولاد رهندي آهي. بئرڪ نمبر 619 ۾ دولت وڇاڻي رهندو هو. اُهي بئرڪون اَڃان سلامت آهن. اِنهن ٽنهي بئرڪن جي پٺيان کليل ميدان ۽ نالو ۽ پوءِ اَسان جي بئرڪ نمبر 590؛ جنهن ۾ اَسان جو ڪٽنب رهندو هو.

راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ هڪ سماجي ڪاريہ ڪرتا کان علاوه تعليمي کيتر ۾ بہ هڪ منفرد ۽ حسين سُڃاڻپ رکي ٿو. مان هن جي جُنوُن ۽ گهڻ-پاسائين سوچ کي پنهنجي اَکين سان ڏسي چڪو آهيان، محسوس ڪري چڪو آهيان. جڏهن اُلهاسنگر جي صحيح تاريخ لکبي تہ هڪ سماجي ڪاريہ-ڪرتا ۽ تعليمدان جي حيثيت ۾ ڪيس اَوَس ياد ڪيو ويندو، ان ۾ بہ رايا نٿا ٿي سگهن.

سن 1948ع ڌاري راءِ صاحب سيتلداس سنڌين جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ، پنهنجي ڪن ساٿين سان گڏجي سينٽرل پئنچات جي اسٿاپنا ڪئي. هن جا ساٿي هئا پرسرام مسند، راءِ صاحب منگهرمل، سلامتراءِ پرسواڻي، سخاوت چوٿواڻي ۽ ڪجهہ ٻيا. راءِ صاحب سيتلداس کي سينٽرل پئنچات ڪلياڻ ڪئمپ جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ بڻايو ويو. سينٽرل پئنچات ڪلياڻ ڪئمپ جي اَلڳ اَلڳ نمبرن ۾ پرائمري ۽ سيڪنڊري اِسڪول کوليا، جن ۾ ڪُل ملائي شاگردن جو اَنداز 156 هو. اَڳتي هلي فيبروري 1949ع ۾ سينٽرل پئنچات اُهي اِسڪول، راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ دواران اسٿاپت ڪيل تعليمي سنسٿا سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي حوالي ڪيا.

جڏهن ماڻهون روٽي-روزيءَ لاءِ جدوجهد ۾ پورا هئا ۽ ننڍڙن ٻارن لوڪل گاڏين ۾، رستن تي بسڪيٽ، ڪٽمنڙا ۽ ڪُلفيون ٿي وڪيون، تڏهن ٻارن جي تعليم لاءِ سوچڻ، اِسڪول کولڻ ۽ ماسترن جو بندوبست ڪرڻ، ڪو آسان مرحلو نه هو ۽ اهو اَڪائيو ڪم، راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاريو.

ماضيءَ جي جهروڪن ۾ نهارڻ سان، منهنجي اَکين اَڳيان انهن عالم-اُستادن جون شڪليون نمودار ٿيڻ لڳن ٿيون، جن راءِ صاحب سيتلداس جي کوليل اِسڪولن ۾ ڪم ڪيو. اُنهن مان ڪي آهن - گدومل هرجاڻي، نارائڻداس سامتاڻي، پرسرام ضيا، ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي، منوهر بيدي، جيرام روپاڻي، ديال آشا وغيره. مون به اُتان ئي سانده ستٽيهه سال، ست مهنا ۽ ٻارهن ڏينهن ڪم ڪري سرڪاري طور رٽائر ڪيو.

راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي، سنڌو ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو پريزيڊنٽ ته هو پر سرڪار وقت جي تقاضائن کي ڌيان ۾ رکي اِسپيشل ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ مقرر ڪيا، سيتلداس ڪيماڻي به اُنهن مان هڪ هو. ان وقت اَهڙن شخصن کي جي. پي. سڏيو ويندو هو. ماڻهن کي Attestation لاءِ در در ڀٽڪڻو نه پوي، انڪري، راءِ صاحب سيتلداس پنهنجي گهر جي هڪ ڪوٺيءَ کي آفيس ۾ تبديل ڪري، شرنارٿين لاءِ Attestation جي سهوليت مُهيا ڪئي.

لعل پشپ جي هڪ ڪهاڻيءَ جي نائڪا، جنهن جي نالي تان هن پنهنجو تخلص پشپ ڪنيو، اها راءِ صاحب سيتلداس جي Paid ڪلارڪ هئي. هو دستاويز پڙهي، اُنهن تي تصديقي مُهر هڻندي هئي ۽ پوءِ راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي، اُنهن تي صحي ڪندو هو. منهنجي به راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ وٽ آرتوار جي ڏينهن ڊيوٽي لڳندي هئي. ڪارڻ منهنجو وڏو ڀاءُ هو. منهنجو وڏو ڀاءُ ٽيڪچند پاڙي وارن ۾ هڪ چڱو مُڙس هو. انڪري هن جي راءِ صاحب سان صحبت جُڙي ويئي هئي. منهنجي ڀاءُ جو دعا-سلام جو رشتو، پڇاڙيءَ تائين راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ سان قائم رهيو. دُڪان تي ويندي، هوُ راءِ صاحب سان ضرور گڏجندو ويندو، جو سيتلداس ڪيماڻيءَ جو گهر رستي ۾ ٿي آيو. راءِ صاحب، هن کان آس پاس جو اَحوال وٺندو، شرڻارٿين جي تڪليفن کان واقف ٿيندو. هڪ نيڪ سماجي ڪاريه-ڪرتا جو اِهو ئي ته گڻ هوندو آهي.

مون مارچ 1957ع ۾ ايس.ايس.سيِءَ (ٻارهون درجو) جو اِمتحان پاس ڪيو. هندي ساهتيه-رتن ۽ سينير شڪشڪ سند (بي.ايڊ. جي برابر) اَڳ ئي پاس ڪري چڪو هوس. منهنجي ڀاءُ جڏهن راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ سان اِها ڳالهه ڪئي ته هن يڪدم اِنٽرويو ڪرائي، منهنجي نوڪريءَ جو آرڊر ڪڍارايو. ان وقت سنڌو ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري ناڪرداس آئلاڻي هو، جيڪو ٽئين نمبر جي

او.ٽيءَ ۾ رهندو هو. ماستر چندر سندس پاڙيسري هو. اهڙي نموني مون پنهنجي زندگيءَ جي شروعات جون 1958ع کان، سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ طرفان ٿهرايل نئين اسڪول ڪيماڙي هاءِ اسڪول ۾ ماستريءَ سان ڪئي؛ جتي مون کان اڳ ئي پرسرام ضيا ۽ جيرام روپاڻي اڏيايڪ طور مقرر ٿيل هئا. ۽ جڏهن مون سن 1961ع ۾ شادي ڪئي ته منهنجي پتني وينا کي به ڪيماڙي هاءِ اسڪول ۾ هڪ اڏياپڪا طور مقرر ڪرايائين.

جڏهن مون ماستري شروع ڪئي ته فزيڪل ايڊيوڪيشن تي ڪافي توجه ڏني ويندي هئي. اسڪول جي شروعات، اسڪول جي کليل ميدان ۾ Physical excercises ۽ Prayer سان ٿيندي هئي. جهنڊي جي سلاميءَ ڪانپوءِ سڀ ٻار پنهنجي پنهنجي ڪلاس ۾ ويندا هئا ۽ پڙهائيءَ جو شريگڻيش ٿيندو هو. انهن ڏينهن ۾ سينٽرل هاسپيٽل جي سامهون، وڏو کليل ميدان هوندو هو. جتي ڪلياڻ ڪئمپ (الهاسنگر) جي سڀني اسڪولن جا گڏيل پروگرام ٿيندا هئا. 15 آگسٽ ۽ 26 جنوريءَ تي خاص جشن ڪيا ويندا هئا. انيڪ قسمن جون رانديون ٿينديون هيون. جهنڊي جي سلامي ٿيندي هئي. راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڙي ته هوندو ئي هو، پر هن سان گڏ ڪو نه ڪو وزير به ضرور هوندو هو. ڪيماڙي اسڪول ۾ جڏهن مان ماستر هوس، اتي نند جوتواڻي پي.ٽي. ٽيچر هو. ان ڪانپوءِ سوسائٽي اسڪولن ۾ نرملا ميرچنداڻي، جيڪا شاديءَ بعد مينا روپچنداڻي بڻي ۽ گوپ روپچنداڻي Physical Instructor هئا. پوءِ هو اڳتي هلي ڪاليج ۾ پروفيسر بڻيا. گوپ روپچنداڻيءَ جئه هند ڪاليج مان بطور پروفيسر رٽائر ڪيو ۽ مينا روپچنداڻيءَ چاندي ٻائي ڪاليج، الهاسنگر مان رٽائر ڪيو.

راءِ صاحب سيتلداس جي آجيوڪا جو ساڌن اسڪول نه هئا، ۽ نه ئي ڪمائڻ لاءِ هن اسڪول برپا ڪيا هئا؛ جيئن اڄڪلهه جو اهو دستور بڻجي ويو آهي. پر هن سنڌي جاتيءَ جي پوشيه ڪي ناهڻ ۽ سينگارڻ لاءِ ئي تعليم کيتر ۾ ڪم ڪيو. هن جي آجيوڪا جو ساڌن دوائن جي فئڪٽري هئي، جيڪا هن ڪئمپ نمبر چار جي انڊسٽريل ايريا ۾ برپا ڪئي. پنهنجي سچائي ۽ صلاحيتن جي بنياد تي، هن جيئري ئي جيڪا عزت ۽ مهتا حاصل ڪئي، سا تمام ٿورن ماڻهن جي نصيب ۾ هوندي آهي. هن ڪلياڻ ڪئمپ ۾ پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ قائم ڪئي. اهڙي لاثاني شخصيت 17 آڪٽوبر 1965ع ۾، هن فاني سنسار مان چلاڻو ڪري، رب سان ملي وڃي هڪ ٿي. هو پنهنجو وارو وڄائي ويو آهي. هن جو پوکيل ٻوٽو، هاڻي شاهي درخت بڻجي، پنهنجون ٽاريون ڦهلائي، آس پاس جي صورتحال کي سرهاڻ سان واسي رهيو آهي.

ꝏꝏꝏ

# تعليمدان راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي

✍ ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميجا ’آشا‘

اُڪوڙيل سنڌين کي ڀارت ۾ وسائڻ جي ڪاريه ۾ جن بزرگ سنڌي اَڳوانن پاڻ پتوڙيو، راءِ صاحب سيتلداس لوڪچند ڪيماڻي اُنهن هستين مان هڪ هئا. هن برڊ اَوسٿا ۾ بہ جيءَ کي جفا ڏيئي سنڌونگر جي جيڪا شيوا ڪئي سا قابل ذڪر آهي.

هن صاحب جو جنم ١ جنوري سنہ ١٨٩٠ع ۾ ڪنڊياري شهر ضلع نوابشاه سنڌ ۾ شري لوڪچند ڪيماڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. اِسڪول ۾ پڙهندي هوُ سدائين پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو هو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد هن صاحب ماستري ڪئي. تنهن زماني ۾ کين ٢٥ روپيا پگهار ملندي هئي. ڪجهہ وقت بعد هن صاحب سرڪاري نوڪري ڪئي. سنہ ١٩٣١ع ۾ ڪمشنر جي آفيس روينيو کاتي ۾ رهيا. هو صاحب پنهنجي قابليت سبب ساڳئي سال ميرپور خاص ۾ مختيارڪار مقرر ٿيا. هي صاحب پنهنجي ايمانداري ۽ هوشياريءَ سبب لاڙڪاڻي ۾ اَيڊمنسٽريٽر ٿي رهيا. هن لاڙڪاڻي کي نئون روپ ڏنو. پنهنجي اَيامڪاريءَ ۾ هنن اُتي ڪافي سُڌارا آندا ۽ جس کٽيو. پڇاڙيءَ ۾ هو صاحب جيڪب آباد ۾ ڊپيوٽي ڪمشنر ٿي رهيا. اَنگريز سرڪار سندن اورچائي، ايمانداري، قابليت ۽ سندن ڪيل خدمتن جي مدنظر کين راءِ صاحب جو خطاب عطا ڪيو.

راءِ صاحب سيتلداس جي پرشارٿ سان ڪنڊياري ۾ اي. وي. مِڊل اِسڪول برپا ٿيو، جو پوءِ بي. اي. وِي. هاءِ اِسڪول جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو. هن صاحب جو علم ۾ ڪافي چاهہ هوندو هو. اِنڪري هوُ هوشيار وديارٿين کي اِنعام ڏيئي اُتساهت ڪندا هئا ۽ وڌيڪ پڙهائي ڪرڻ لاءِ همٿائيندا هئا. هوُ صاحب سنڌ ۾ سماجڪ کيتر ۾ بہ ڀرو وٺي سهٺا سُجهاوَ ڏيندا رهيا.

ديش جي ورهاڱي بعد هوُ ڀارت ۾ آيا ۽ ڪلياڻ ڪئمپ ٢ (سنڌونگر ٢) ۾ اَچي رهيا. هوُ هتي اُڪوڙيل سنڌي نرواسي ڀائرن جي شيوا ۾ لڳي ويا. هوُ صاحب ڪجهہ سال ڪلياڻ ڪئمپ جي سينٽرل پنچائت جا پريزيڊنٽ ٿي خدمت ڪندا رهيا. راءِ صاحب سيتلداس پاڻ تعليمدان هئا. کين تعليم جو قدر هو. سنڌي ٻارن کي پوري پوري تعليم ڏيڻ جي لحاظ کان هن صاحب ڪن ساٿين سان گڏجي سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي برپا ڪري جدا جدا ڪئمپن ۾ اِسڪول کوليا، جن مان اَڄ بہ هزارين وديارٿي وديا پراپت ڪري پنهنجو آئينده روشن ڪري رهيا آهن. ڪن وزيرن ۽ سرڪاري عملدارن سان سندن سٺا ناتا رهيا، انڪري هن صاحب اِسڪولن لاءِ سٺا پلاٽ هٿ ڪري ڪن اِسڪولن لاءِ نيون عمارتون ٺهرايون. سندن اَيامڪاريءَ ۾ وزير بي. جي. کير، گورنر شري پرڪاش، ميجر جنرل پونسلي، پرٿوي راج ڪپور ۽ ٻيا ڪيترائي اعليٰ شخص وقت بہ وقت سوسائٽيءَ طرفان هلندڙ اِسڪولن ۾ آيا. شري پرسرام مسند، ڊاڪٽر دريلداس تنواڻي، پروفيسر اين. اين. بنيجا، شري سخاوت چوٿواڻي، شري سلامتراءِ پرسواڻي، سردار سنتسنگهہ اوچاڻي ۽ ٻين ساٿين جي سهيوگ سان هن صاحب سنڌونگر ۾ تعليم جي کيتر ۾

ڪافي يوگدان ڏنو. هن وقت سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ طرفان پنج هاءِ اِسڪول، ٽي جونير ڪاليج ۽ ٽي پرائمري اِسڪول هلندڙ آهن.

راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻي سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي روپي باغ جو پهريون پريزيڊنٽ ۽ روح روان هو. هي صاحب ڏاڍو قدردان، دورانديش، گنيير ۽ قابل پرشاسڪ هو، سنو مهمان نواز ۽ خدا ترس شخص هو. وديارٿين ۽ اَڌياپڪن سان به سندن ورتاءُ وهنوار پريم ڀريو هوندو هو. هي صاحب اِنتظام جا به ڪوڏيا هوندا هئا. وزيرن سان رسوخ هئڻ سبب هنن ڪلياڻ ڪئمپ جا ڪيترائي مسئلا حل ڪرايا. مان سندن اِسڪول ۾ پڙهائي به ڪئي ته اَڌياپن ڪاريه به ڪيو. هوُ وقت به وقت منهنجي همٿ افزائي ڪندا رهيا. هڪ دفعي مونکي ٻڌا منڊليءَ ۾ وٺي هليا ۽ چيائون ته هر چنڊ تي هنن کي منهنجي پاران ميوو ڪارائي ويندو ڪج. ٻڍڙن ٻڍڙين جي شيوا جو اَنگ مون ۾ راءِ صاحب سيتلداس ئي وِڌو. اِنڪري مان عمر ڀر سندن اَحسانمند رهندس.

١٧ آڪٽوبر ١٩٦٥ع ۾ راءِ صاحب سيتلداس سنساري سفر پورو ڪري رب جي راه ڏانهن رمندا رهيا پر سندن برپا ڪيل اِسڪول سندن اَمر يادگار تي رهندا. سندن سرگواس ٿيڻ بعد سردار سنتسنگهه اوچاڻي، شري نوَلمل منگهواڻي، شري اُڌارام آهوجا سوسائٽيءَ جا پريزيڊنٽ ٿي رهيا ۽ هن وقت شري ڀڳوانداس منگهواڻي پريزيڊنٽ تي ڪاريه هلائي رهيو آهي. سندن سمرتيءَ ۾ سنڌونگر-٢ ۾ هلندڙ اِسڪول جو نالو شري سيتلداس ڪيماڻي هاءِ اِسڪول رکيو ويو. سندن سپتر شري سهجرام ڪيماڻي ۽ پوٽو پيارو پرڪاش ڪيماڻي به خدا ترس شخص آهن. سندن من ۾ دکين دريدرن لاءِ درد آهي. هي پيارا دکين جي خدمت لاءِ پوڄيه پتا وانگر يوگدان ڏيئي رهيا آهن.

(2002)

ؠؠؠ

## ڀاڪن جي حڪمت

✍ مرزا قليچ بيگ

- جنهن ڪوئي کي فقط هڪڙو ٻرُ آهي سو جلد ڦاسي پوي ٿو.
- ڪوئي کي هاٿيءَ جيڏي پاڇي وجهڻ جو خيال نه ڪري گهرجي.
- جيڪي شيشائين گهر ۾ ٿا رهن، تنکي پهڻ اُڇلائڻ نه گُهرجن.
- چڱي طرح شروع ڪرڻ چڱو آهي پر چڱي طرح پورو ڪرڻ انهيءَ کان بهتر آهي.
- چڱن ٻولن جو ملهه اَصل ڪونهي، مگر اُهي گهٽي ڪم جا آهن.
- جنهن خوف جي اَگ خبر ٿي پوي سو اَڌ ٽريل سمجهڻ گهرجي.
- لالچي ماڻهو چڱو ڪنهنجي لاءِ ناهي، پر پنهنجي لاءِ سڀ کان خراب آهي.
- رڇ کي پهرين پڪڙي هٿ ڪر پوءِ اُن جي کل وڪڻڻ جي ڪر.
- ماڻهوءَ کي جيئن عقل گهٽ هوندو تيئن گهٽ چاڻندو ته عقل گهٽ اٿس.

کِي-نوٽ :

# سنڌي ساهتيہ جو ٻين ڀاشائن ۾ ترجمو

✍ **ناميديو تاراچنداڻي** (ڪنوينر : سنڌي صلاحڪار بورڊ، ساهتيہ اَڪاڊمي)

دوستو، ساهتيہ اَڪاڊميءَ جي سنڌي بورڊ طرفان سال ۾ فقط هڪ سيمينار ڪرڻو هوندو آهي. هن بورڊ پاران اَڳ هڪ سيمينار هيريٽيج بابت آديپور ۾ ڪيو سين. ٻيو سيمينار ميڊيا بابت ممبئيءَ ۾ ڪيوسين. هيءُ سيمينار ليٽ ٿي رهيو آهي ۽ وري ورچيوئل ٿي رهيو آهي. اهو آهي سنڌي ساهتيہ جو ٻين ڀاشائن ۾ ترجمو. هن کان پوءِ هڪ سيمينار رٿيل آهي - جيڪو اَهڙن سنڌي ليکڪن بابت آهي، جن سڌو ئي ٻين ٻولين ۾ لکيو آهي ۽ بهتر لکيو آهي. ساڻ ئي سنڌيت جي خوشبوءِ ٻين جاتين ۾ ڦهلائي آهي.

اَڄ جي سيمينار ۾ اَسان مکيہ طور اَهڙن ترجمي ڪندڙن جي ڪمن کي هائلائيٽ ڪنداسين ۽ هنن جي قدرشناسي ڪنداسين، جن سنڌي ساهتيہ کي ٻين ٻولين ۾ خاص ڪري هندي، گجراتي، مراٺي ۽ اَنگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي جاتيءَ جو نالو ديش ۽ دنيا جي ٻين جاتين ۾ اوچو ڪيو آهي.

بيشڪ هيءُ تمام اَهميت ڀريو ڪم آهي ۽ ايترو تہ وسيع آهي جو اَسان ڪيترو بہ چاهيون، پوءِ بہ گهڻو ڪجهہ رهجي وڃڻ جو ڊپ آهي.

جيئن تہ هيءُ ڪِي. نوٽ ڇڻ تہ هڪ ڪوَرينگ ليٽر آهي - اَصلي ڪم تہ اَسان جا ٻيا ساٿي ڪرڻ وارا آهن - انڪري هِت ترجمي بابت جنرل ڳالهہ ڪرڻ جي ڪجهہ گنجائش آهي ۽ پڻ ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ڪيل انواد ڪاريہ بابت بہ ڪجهہ ڳالهائي سگهنداسين. دراَصل انواد جي ڪيتر ۾ وڏي تعداد ۾ تہ اِهو ئي ٿيندو رهيو آهي - ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو عام جام ٿيندو رهيو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪتابن جي چونڊ ۾ بہ سنجيده رهڻ جي وڏيڪ ضرورت آهي. هِت اِنڪري اَسان وٽ مکيہ طور هيءُ موضوع ٽَرِي اَچن ٿا :

(١) ترجمي جي اَهميت ۽ لياقتون.

(٢) ترجمي جي ڪم ۾ خاص طور يوگدان ڪندڙن جي قدرشناسي.

(٣) مشيني ترجمو يا Translation Tools

## (١) ترجمي جي اَهميت ۽ لياقتون :

اَڄڪلهہ جي زماني ۾ ترجمي جي اَهميت کان اَڪثر هرڪو واقف آهي. ترجمو هڪ طرح عالمن جو ڪم آهي جيڪي واَسطہ ٻنهي ڀاشائن جي بهتر ڄاڻ ۽ پڻ ٻنهي جاتين جي ڪلچر جي ڄاڻ پڻ رکندا هجن. انڪري اَڄڪلهہ ترجمي لاءِ نئون لفظ ڪم ايندو آهي Re-Creation - پُنر سرجن. اَڄ جا عالم چون ٿا، They translate Cultures والميڪي رامائڻ کي ديسي اَوَڌي ڀاشا ۾

پُنر سرجن ٿيڻ سان عام دنيا رامايڻ کان واقف ۽ متاثر ٿي. شيڪسپيئر يا ٽئگور جي ترجمن هنن کي دنيا ۾ سُڃاڻپ ڏني. هاڻ ته يونيورسٽي ليول تي ترجمن ذريعي Comparative Studies تي ڊگري ڪورس ٿي رهيا آهن. اَسان وٽ به ڊاڪٽر ومي سدارنگاڻي اَهڙي ٿيم تي Ph.D. ڪئي آهي.

ترجمو پڻ ٻين ڪيترن ڪمن جيان - تمام ڏکيو ڪم آهي. ايترو ڏکيو جو مڪيو ويندو آهي ته مڪمل ترجمو ممڪن ئي نه آهي. ماکيءَ جي شيشيءَ مان ماکي ٻي شيشيءَ ۾ اوتڻ سان ڪافي ماکي رهجي ويندي آهي - ان طرح هڪ چرچي - مذاق جهڙي ڳالهه توهان به ٻُڌي هوندي. اَنواد اَهڙي اِستريءَ جيان هوندو آهي، جيڪا يا ته وفادار هجي يا سُهڻي. سُهڻو ترجمو اَڪثر وفادار نه هوندو آهي يا وري وفادار ترجمو اَڪثر سُهڻو نه هوندو آهي. خاص ڪري اها ڳالهه ڪويتا نسبت، ان ۾ به ميٽر واري ڪويتا نسبت يا وري لوڪ ساهتيه لاءِ ۽ پڻ اصطلاحن ۽ پهاڪن لاءِ ته خاص طور لاڳو آهي.

نثر جي ترجمي بابت به ڪجهه ته ڪمپروماٽيز ڪرڻو پوندو آهي. پوءِ به حاصلات گهٽ اَهميت واري نه آهي.

ساهتيه اَڪادمي ترجمن تي به اَوارڊ ڏيندي آهي. اَلبت اُن جو مقصدي سڌي ترجمي جي اَهميت سان ئي وڌيڪ پورو ٿئي ٿو. مثال فرينچ ڪويتا اَنگريزيءَ ۾ ٿئي، پوءِ اُها هنديءَ ۾ ٿئي، پوءِ پارٽي ڀاشا ۾ ٿئي ته اهو مقصد گهڻو پورو ڪونه ٿو ٿئي. وري هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو برابر سڌو ترجمو آهي - پوءِ به اَسان هنديءَ سان ايترا ويجها آهيون جو اهو ڪم سهج ٿو لڳي. هريش واسواڻيءَ گوئا سيمينار ۾ پنهنجي ڪهاڻي 'ڪونج' پرچي مان سڌو هنديءَ ۾ پڙهي ٻڌائي هئي!

تُرت ترجمو دُڀاشي ۽ ٻهوڀاشي يا سائين لئنگويج ۾ به ڪم ايندو آهي. ساهتيه اَڪادميءَ نئشنل رجسٽر آف ٽرانسليٽرس به تيار ڪيو آهي، جن ۾ ڪي سنڌي به شامل آهن. ان ٽرانسليشن ڪلچر تي چئن ڀاشائن ۾ سمپوزيم به ڪيو آهي.

**(٢) ترجمو ڪندڙن جي قدرشناسي :**

اَسان جي هن سيمينار جو هڪ مکيه مقصد اهو به آهي ته اَسان ترجمو ڪندڙ عالمن کي ياد ڪري هنن جي ڪمن کي هائلائيٽ ڪريون ۽ هنن جي قدرشناسي ڪريون.

عام طور ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جو ڪم ئي وڌيڪ ٿيو آهي ۽ ان جي به پنهنجي اَهميت اَوس آهي. خاص ڪري هنديءَ مان اَنواد وڌيڪ ٿيو آهي. ڪهڙو سنڌي هندي ڪونه ٿو ڄاڻي - اهو سوال وري پنهنجي جڳهه تي آهي. ڪجهه خاص ترجمن جا ڪم ياد ڪريون ته ويجهڙ ۾ جڳت آڏواڻيءَ جا ٻين ڪتابن سان گڏ ستيه سائين بابا وارا اَٺَ ڳَٽيا ڪتاب، لڇمڻ هردواڻيءَ جو ڪيل گيانيشوري مهاگرنٿ - مراٺيءَ مان سنڌيءَ ۾ آهي. پرسرام ضيا جي سُکمنيءَ جو ترجمو ڀڳونتي ناواڻيءَ جي آواز ۾ گهر گهر پهتو آهي. پهلاج مسافر جو رامائڻ به لتا

پڳتياڻيءَ جي آواز ۾ آيو آهي. تلسيداس تلريجا جو رام چرت مانس سچو دوهن چوپاين ۾ به ياد ڪرڻ گهرجي جيڪو تازو ديوناگريءَ ۾ به E-Book ۾ آيو آهي، جيڪو 700 پيجن جو آهي.

اَڳ شريمان جڳت آڏواڻي، لڇمڻ ساتي ۽ بهاري ڇاٻڙيا جام ناول سنڌيءَ ۾ آندا هئا. شرت بابو سنڌيءَ ۾ ڇڻ اَسان جو پنهنجو ليکڪ ٿي ويو هو، ٽئگور جيان.

Translating India جي ذريعي ريتا ڪوٺاري گجراتي ساهتيه جي دُنيا ۾ هڪ وڏو نالو آهي. هن ڪجهه خاص ڪتاب سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ به ڪيا آهن. هن ڪيترا وڏا گجراتي ناول انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن.

جن سنڌي ترجمانن کي ساهتيه اَڪادميءَ پاران Translation Award مليا آهن - اُنهن مان به ڪي ڪتاب خاص طور اَهميت رکندڙ آهن.

هِت يشوڌرا واڌواڻيءَ جي سنسڪرت تان سنڌي ترجمي کي به ياد ڪرڻ گهرجي - ’سنڌو ڪنيا‘ اِتهاسڪ سنسڪرت ناول هڪ اَهم ڪتاب آهي.

اَسان جا سنڌي نيوز ريڊر به هڪ نه ٻئي نموني ترجمو ڪندڙ عالم رهيا آهن. چاڪيه جي وڏن گرنٿن جي انواد لاءِ شري --- شرما به داد لهڻو. اَسان هِت اَهڙن سيني ترجمانن جي ڪيل ڪمن کي ياد ڪري هنن جو قدر ڪري رهيا آهيون - جِن پنهنجي ليکي يا ڪنهن اداري لاءِ اَنواد ڪيا آهن. هڪ لکل سنڌي عالم لکي اين. پرياڻيءَ شاه جي 400 بيتن جو اَنگريزي ترجمو ڪرڻ ڪان اَڳ 7 ڪتاب ڪبير جا هنديءَ مان اَنگريزيءَ ۾ ڪيا آهن. هيري ٺڪر صاحب ڪرشن چندر جي ڪهاڻين جي وڏي ڪتاب ڪانسواءِ گوپيچند نارنگ جي اُردو شاهڪار - ’سنرچنا واد‘ جو سنڌي ترجمو ڪيو آهي. ڊرمي ڪتابن جي به پنهنجي اَهميت آهي، جن ۾ گيتا جا ڪيترا ترجما آهن، جن ۾ دلگير صاحب به شامل آهي.

**(٣) مشيني ترجمو يا Translation Tools**

ترجمو - انواد - Translation ۽ لپيانترڻ Transliteration لاءِ اَڄ ڪلهه ڪمپيوٽر - مشين جو جادو به ٿي رهيو آهي، اَلبت اَڃان ان ۾ ڪافي ڪجهه اَڌورائپ رهجي وڃي ٿي - شايد دنيا جي ڪن ڀاشائن ۾ اها اَڌورائپ تمام گهٽ هوندي - ڇو جو اَڄ Translation Tools ڪافي اَنداز ۾ لوڪپريه ٿيا آهن. گوگل ٽرانسليشن به دلڪش آهي. آن لائين ڊڪشنري ته تمام ڪارائتيون ٿيون آهن. اَهڙيون Apps سنڌ وارن جام رکيون آهن.

هڪ راز جي ڳالهه ٻڌايان. مان ڪيترا دفعا سنڌي عربي لفظن کي گوگل معرفت ڪنفرم ڪندو آهيان ۽ پڻ Spelling چيڪ ڪندو آهيان.

ويجهڙ ۾ SANGAM نالي اَهڙو هڪ سافٽ ويئر پنجابي يونيورسٽي پٽيالا جي Research Centre for Punjabi Language وارن ڊيولپ ڪيو آهي ۽ اَٽڪل 80% لپي بدلائڻ ۾ ڪامياب چيو وڃي ٿو. هن طرح ترجمو ڪرڻ وارا سافٽ ويئر به تيار ٿي رهيا آهن.

ڪيترين فلمون اَسان سِي.ڊِي. يا آن لائين ڏسندا آهيون جن ۾ ٽيڪسٽ Sub Titles لاءِ

آپشن بہ هوندا آهن ۽ پڙهڻ ۾ ٻوليءَ جا بہ آپشن هوندا آهن. توهان انگريزي ٻوليءَ واري فلم هنديءَ ۾ ڊب ٿيل ڏسڻ چاهيو تہ هنديءَ واري آپشن کي ڪلڪ ڪريو.

**اِئين گهڻو ممڪن آهي تہ اَڳتي ڪتابن جي آن لائين E-Book ۽ آڊيو بوڪ لاءِ آپشن عام ٿي ويندا. توهان پريمچند جو ناول گودان سنڌيءَ ۾ پڙهڻ يا ٻڌڻ چاهيو تہ اتي ’سنڌيءَ‘ تي ڪلڪ ڪريو. يا تہ اَڳ ڪيل ترجمو ايندو يا وري اهو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيندو ويندو. اهو ڪرشمو ڪجهہ حد تائين تہ شروع بہ ٿي ويو آهي.**

اَسان لاءِ تہ وردان ٿيندو. هزارين عربي ڪتاب ديوناگريءَ ۾ پڙهي سگهبا. پنهنجو پاڻ لپي بدلجندي ويندي ۽ ڪتاب پڙهي يا ٻڌي سگهبو.

اِئين ترجمن جي اَهميت پاڻ وڌي رهي آهي.

هونءَ بہ اَسان جي من ۾ آيل ويچار ۽ ڀاوَ لفظن جي روپ ۾ اِظهار پائڻ بہ هڪ قسم جو ترجمو ئي آهي.

اَسان جي ٻُلند آواز جو پڙاڏو بہ هڪ طرح جو ترجمو ئي آهي. اَسان جو فوٽوگراف يا آئيني ۾ ڏسجندڙ شڪل بہ ڇڻ تہ ترجمو آهي. اِئين ترجمن جي اَهميت لامحدود آهي.

اَڄ اَسان اَهڙي بهتر ڪم ڪرڻ وارن کي سلام ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. اُنهن عالمن کي سلام، جن اَسان کي هڪ ڪان وڏيڪ دنيا ڏيکاري آهي.

❀❀❀

## پهاڪن جي حڪمت

✍ مرزا قليچ بيگ

- ايذائن جي وير وٺڻ ۾ انهن جي سهڻ ڪان وڌيڪ خرچ ٿو لڳي.
- پنڻو شاهوڪار ٿئي تہ اُنهيءَ جهڙو مغرور پيو ڪوبہ ڪونہ هوندو.
- ڇنل دوستي ڳنيجي سگهندي، پر ڪڏهن بہ سَچي ٿي نہ سگهندي.
- گڏهہ کي خبر آهي تہ ڪنهن جي منهن ۾ هينگ ٿو ڏئي.
- جيڪي بگهياڙي ڪري ٿي، تنهن مان بگهڙ راضي ٿو رهي.
- جيڪو ماني پچائي نٿو سگهي، تنهنکي ڪُتو رکڻ نہ گهرجي.
- جنهن وٽ مولي آهي تنهن وٽ سيڪاڄهہ آهي.
- جيڪي جلد پچي ٿو سو گهڻو جتاءُ نٿو ڪري.
- گڏهہ جي وات ۾ ماکي وجهڻ مان ڪهڙو فائدو؟
- جيڪي حرام جي رستي هٿ ٿو اَچي سو حرام جي رستي ٿو وڃي.
- مُئل ڪتا ڪين ڏاڙهيندا آهن.
- شڪاري پکي ڳائيندا ڪين آهن.
- سيڪو ماٺهو پنهنجي ٽامي کي سون ٿو سمجهي.

# ✍ परमानन्दु मेवारामु

## (1) तोरूदत

बेंगाल पासे हिक छोकिरी तोरूदत नाले थी गुज़िरी आहे, जा 21 वरिह्यनि जे ज़ुमार में मरी वेई, पर तंहिं खां अगे॒ एतिरो इल्मु पिरायाईं, ऐं अहिड़ा किताब लिख्याईं, जो संदसि नाले जो धाको हिन्दुस्तान तोड़े विलायत ताईं वज़ी वियो।

हीअ नामकिठिए दत घराणे मां हुई, जंहिं में केतिरा आलिम ऐं शाइर थी विया आहिनि। 1856 ई. में संदसि जनमु थियो। कंहिं स्कूल में तोरू कान पढ़ी, पर खेसि ऐं वडी॒अ भेणसि आरूअ खे पिण्हनि, जो असिसटन्टु अकाऊंन्टु जनरलु हो; तंहिं अंग्रेज़ी सेखारी, ऐं हिकिडी॒अ संदसि सौटि वरी फ्रेंच बो॒ली सेखारियनि। 1869 ई. में बु॒ई भेनरूं माइटनि सां गडि॒जी विलायति वेयूं। इटाली, फ्रांस ऐं इंगलैंड में रहियूं, पर घणो फ्रांस में गुज़ारियाऊं, जिते के महिना स्कूल में बि पढ़ियूं। फ्रेंच बो॒लीअ जो अभ्यासु तमामु पको कयाऊं, अंग्रेज़ीअ खां बि वधीक; 1873 ई. में मोटी आयूं हिन्दुस्तान, जिते तोरूअ जो हिकु किताबु छप्यो जंहिं में हिकु सउ फ्रेंच शाइरनि जे शइर मां चीदा चीता टुकर अंग्रेज़ी नज़्म में तर्जुमो कया हुआईं। छोकिरीअ हिन ते वरी किथे किथे पंहिंज्यूं टीकाऊं डि॒न्यूं हुयूं। अहिड़ी गोहरि हुई। पोइ पीउ सां गडु॒ संस्कृत जो अभ्यासु कयाईं; ऐं केतिरा बैत वग़ैरह, अंग्रेज़ी शइर में तर्जुमो कंदी वेई। ''आगा॒टे भारत जूं नारियूं'' इन्हीअ सरिनामे सां फ्रेंच किताब अंग्रेज़ीअ में तर्जुमो करण लगी॒। बि॒न्ही भेनरुनि जी डा॒ढी दिलि हुई त गडि॒जी हिकिड़ो''नाविलु'' (क़िसो) फ्रेंच ज़िबान में त्यारु कजे, जो लिखे तोरू, ऐं आरू वरी मंझिसि तसिवीरूं ठाहे विझे छो त हुन खे नक़्श कढण जो उरु हो। पर आरू किताब शुरू थियण सां 18 वरिह्यनि जे ज़ुमार में मरी वेई। ऐं तोरू बि अञां किताबु पूरो करे रही कीन त कालु झटे वियुसि।

इन्हीअ किताब खेसि फ्रांस तोड़े इंगलैंड में डा॒ढी मशहूरी डि॒नी। चवनि था त जेकडु॒हिं के डि॒हाड़ा अञां बि हयातु हुजे हा त वडु॒नि वडु॒नि क़िस्सेनवीसनि ऐं शाइरनि सां कुल्हो हणे हा।

## (2) तइसबु

हीउ कहिड़ो न उगिरो हर्फ़ु आहे। जेकर केरु बि पाण सां लगा॒इणु न घुरे। के फ़ेलिसूफ़, तोड़े इन्सानी अख़्लाक़नि या पंगति निस्बति जेके ख़्याली तसिवीरूं चिटींदड़ आहिनि, से हिन

अनूमान ते पंहिंजी ॻाल्हि ॿंधदा आहिनि त माण्हू अकिसरि अक़ुल ते था हलनि ऐं न तइसब ते। पर सचु पचु हीअं आहे त घणो करे इन्सान ज़ाति ते जेतिरो तइसब जो गहिरो ऐं आदितां प्रभाउ आहे ओतिरो अक़ुल जो न आहे, ऐं उन्हीअ तइसब सन्दीअ बदिगुमानीअ खां असुलु आजा के छिडा लभंदा। तइसबु उहो कटरु आहे, जो पुश्त बिपुश्ति जेका तरिबियत ऐं तइलीम माण्हुनि खे मिलंदी थी रहे, तंहिंजो नतीजो आहे, या मग़ज़ में को जाती ॾुंगु आहे तंहिंजो, या तबीअत में का ख़राबी आहे, या इतिफ़ाका का अहिड़ी हालति अची थी बणिजे, जंहिंकरे अंदर में इहो बदि फ़हिमु जाइ कयो बिहे। अक़ुल सां त उन जो को वास्तो ई कोन्हे; पाण चइजे त अक़ुल जे विरुधु जे आहे, त ठही अचे। जंहिं हंधि अक़ुल जो वास्तो आहे, तंहिं खां को ऊन्हो ऐं दरिमियानी आस्तानु अथसि।

तइसब जो तासीरु कहिड़ो आहे? शयूं जीअं सचु पचु आहिनि तीअं न, पर इनकरे बदिलियल ऐं टिंगविणिग्यूं ॾिसण में ईंदियूं। समिझो त को शख़्सु, आसिमान में तारनि या ॿिए कंहिं क़ुदिरती निज़ारे ॾ, कंहिं ख़ारिजु दूरिबीनीअ मां थो निहारे। मुमुकिनि आहे त शयूं बराबरि नज़रि कीन ईंदियासि। पर हुन जे लेखे त जीअं हूबहू आहिनि, तीअं वेठो ॾिसां। इहो साउ कोन्हेसि त को खरियलु शीशो आॾो अथमि। या तइसबी माण्हूअ खे मुशाबिहत ॾियणु खपे उन्हीअ शख़्स सां, जंहिंजे अखि में विॾु हुजे, जंहिंकरे शयुनि जी सची पची सूरत ॾिसी नथो सघे; ॾिसे तॾहिं, जॾहिं उहा विॾु लहेसि। इहा बदिगुमानी, पंहिंजो ख़राबु असरु हरिकंहिं इन्सानी वहिंवार ऐं कारोबार में थो ॾेखारे, छा धर्मी, छा पंगती, छा मुल्की, छा इल्मी ॻाल्हियुनि में।

ॻाल्हि ॿुधण या तोर तक करण खां अॻु, दिलि में कंहिंजे बरिख़िलाफ़ राइ ॿुधणु या फ़ैसिलो करे छॾणु, तंहिं मां दुनिया में केतिरियूं ख़राबियूं जाॻियूं आहिनि। हिक ॿिए ॾांहुं नफ़िरत थी जाॻे, जंहिंकरे केतिरा कुन्याअ थियो पवनि, ऐं बेइन्साफ़ीअ सां, हलति करे थो वेहिजे। नाअं चढ़ियो चोरु तंहिंकरे फाहीअ थो चढ़े। हाणे अहिड़ी हलति हरूभरू ग़ैरवाजिबी बि कीन चइबी। जेकी गुज़िरी वियो आहे, तंहिंजो ईंदड़ ते ज़रूरु असरु थो थिए; जंहिं शख़्स निस्बति अॻेई ख़बर अथऊं त हथ-छोहो आहे, तंहिं ते का ताज़ी तुहिमत आई, त साबिती मिलण खां अॻु झटि विसही वञिबो त चोरी कई अथसि। ''विकिए चोर जो नांउ सणाओ।''

पर जे अॻिलो साबिती ॾिए, हुज्जत उथारे त ॻाल्हि हिक तर्फ़ी ॿुधी अथव; मुंहिंजी बि ॿुधी ॾिसो, ऐं पोइ निबेरो करियो, त बि ॿुधण जी न कजे बल्कि इएं ख़्वाहिश कजे त जेकी अॻे ई दिलि में ठहिराए ऐं मञी वेठो आहियां, सो शल कूड़ु न निकिरी पवे, या त पटीअ ज़िदु ॿुधी

बीहिजे, या तसिला जहिड़ी साबिती मिले, त बि पंहिंजे ग़लति राए ते होड॒ कजे, चे, ज़रूरु के बि॒या सबब हूंदा, त अहिड़ीअ हलति खे ज़ोरावरीअ जो वरिताउ सडि॒बो। अहिड़ो माण्हू थियो ख़ुदिपसंदि ऐं जाहिलु। अहिड़ीअ हालति में जो ख़ामख़्यालु ऐं जा ग़लतिफ़हिमी दिलि ते वेही वञे, तंहिंखे रायो कोठे न सघिबो। उन जो पूरो पूरो नालो आहे तइसबु, दिलि जो कटरु। रायो तड॒हिं चइजे, जड॒हिं बि॒ए तर्फ़ जे डि॒नलनि कबी सबबनि ऐं दलीलनि जो वीचारु करे, उहो अजायो ख़्यालु दिलि तां लाहे छडि॒जे।

भला दिलि ते अहिड़ो कटरु विहे कीअं थो? कंहिं चङे माण्हूअ, या चङीअ ग॒ाल्हि निस्बति कंहिं खणी हुलायो त ख़राबु आहे। पोइ आहिस्ते आहिस्ते अहिड़ी सन्सनी वेई पखिड़ंदी, तां जो ज॒णे ज॒णे जे वाति थी वेई। वीचार या दर्याफ़त जो थियो भलो। तड॒े तौंरीअ हटि बज़ारि, उन जो सचर्चो थियण लग॒ो, बल्कि अख़िबारुनि में बि उन जी पचार थी, ऐं किताब छपिजी विया।

बसि पोइ उहा माण्हुनि जे दिलियुनि ते नक़्शु, प्रसंग मिसिलि थी वेंदी, घरु करे विहंदी। अहिड़ी ज॒मी वेंदी जो दिलि ते दागु थी बिहंदो; छो त इन्सान जो सुभाउ अहिड़ो आहे, जो जेकड॒हिं घणा ज॒णा मिड़ी अची कंहिं सएं संवाटे माण्हूअ खे वराए वञनि, ऐं उथंदे विहंदे चवन्सि त तूं चरियो थी पियो आहीं, त शकु न आहे त हू नेठि अहिड़ी ग॒ाल्हि बि विसही वञे। शल अहिड़ो फ़हमु न कंहिंजे दिलि ते विहे। जे हिक वारीअ उते घरु कयाईं त पोइ उन जो मिटणु ड॒ाढो मुश्किलु आहे।

को चवंदो त अहिड़े कटर खे पंहिंजे अंदरि जाइ डि॒यणु, अगि॒ले जो डो॒हु न आहे। बेशकि आहे। ज॒ाणी बुझी जो कमु कबो तंहिं लाइ हड॒हिं अगि॒लो हर्फ़ी थींदो। तंहिं लाइ ग॒ण ग॒ोति करे, समुझी रायो ठाहिणु, हीउ वड़ाइतो कमु आहे।

*('गुल फुल' तां)*

## پهاڪن جِي حڪمت

- خراب ڳاهه جلد ٿو اُيري.
- جيڪا موُڙي خراب رستي هٿ ٿي اَچي، سا خراب رستي خرچ ٿي ٿئي.
- جي ٿوپي پوري اَچي تہ پلي ڍڪجي.
- محنت کان سواءِ فائدو ڪونهي.

# پدم شري هوندراج دکايل

# هڪ ڪهاڻيڪار

✍ مينا گوپ روپچنداڻي

هوندراج 'دکايل' پنهنجي عمر جو وڏو عرصو ڪاويہ رچنا کي اَرپڻ ڪيو هو. جنهن عرصي ۾ هن هزارين گيت، شعر، نظمون، ڪتا ڪاويہ ۽ ٻارن لاءِ گيت رچيا آهن. هن شاعر کي ديش جي آزاديءَ ۽ سماج کي سُڌارڻ جو تمام گهڻو اونو هو. سو اُهڙيءَ جذبات وارا ديش ڀڳتي، اِنقلاب، سماج سڌاري ۽ ڌارمڪ ڀاونائن وارا گيت لکي ڳائيندو هو. آزاديءَ جي اِنقلاب جو تہ هيءُ ٻانڪو سپاهي هو. پنهنجا رچيل گيت پنهنجي ساز خنجريءَ تي ڳائي سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾، سرگسن ۽ پرڀات ڦيرين معرفت سنڌ جي جوانن کي ديش جي آزاديءَ جي ميدان ۾ قرباني ڪرڻ لاءِ للڪاريندو هو، اُتساهہ ڦوڪيندو هو تہ :

''اُٿو جاڳو جوانو ديش لاءِ آزادي گُهرجي،

ڪيو اي ڪنڌ قرباني سچائي سادگي گُهرجي.''

دکايل جا وير رس وارا شعر ۽ گيت جوانن جي دل ۽ دماغ جا ڪُلف کولي آزاد ويچار پريندا هئا. اُهڙن شعرن جي ڪري پرڌان منتري جواهرلال نهروءَ کيس قومي شاعر جو خطاب ڏنو. ڀارت جي آزاديءَ کانپوءِ هن پنهنجي باقي حياتي ديش شيوا، سماج سُڌار، سنڌين جي تعليم، سرووديہ ڪاريہ، هاري هلچل ۽ هريجن اُڌار لاءِ ڪاريہ ڪيو. ونوبا ڀاوي ۽ جئہ پرڪاش نارائڻ سان گڏ ڪاريہ ڪيائين. وطن پرستي، قرباني ۽ شيوا جي جذبي جي ترجماني ساهتيہ رچنا معرفت ڪيائين. جوانن ۾ جوش ۽ اِسترين ۾ اُمنگ پيدا ڪيائين. دادا دکايل هڪ مقبول لوڪ ڪوي آهي ۽ راشٽر ڪوي تہ آهي ئي آهي. هن شاعر دکي اِنسانن جي جيون ۾ سک جي ڌارا جو پرواهہ جاري ڪرڻ لاءِ ساهتيہ سرجڻ ڪيوآهي. دادا دکايل ڪهاڻين، ناٽڪن ۽ مضمونن معرفت بہ پنهنجي جذبات، اُمنگن ۽ اَحساسن جو اِظهار ڪيو آهي. هوندراج دکايل جي ڪهاڻين جو پهريون ڇاپو عربي سنڌيءَ ۾ 1964ع ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن جو مهاڳ فتحچند واسواڻيءَ لکيو آهي. دکايل جي جذباتي وهڪري ڇوهہ سان وهندي آسپاس جا ڪنارا ٽپي ڪهاڻي صنف جي نديءَ کي بہ ٽمٽار ڪيو آهي. هن ڌار ڌار نوَن ۽ فيلسوفاڻن شين تي ڪهاڻيون لکيون آهن. جن جي سنگرهہ جو عنوان آهي، ''مورت هردي ۾ وجايم''. هيءُ سنگرهہ ٻن ڀاڱن ۾ آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ يارهن ۽ ٻئين ڀاڱي ''زندگيءَ جون کي جهلڪون'' ۾ پندرهن آڪاٽيون آهن. هيءُ ڪهاڻي سنگرهہ 1964ع کانپوءِ

2001ع ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ آديپور مان لوڪ ساهتيہ پرڪاش ۽ دڪايل يادگار پريوار معرفت ڇپيو آهي. دادا دڪايل جو جنم 16 جنوري 1910ع ۾ لاڙڪاڻي ضلع ۾ ٿيو هو ۽ 16 جنوري 2010ع تائين سندس جنم شتابدي ملهائي ٿي ويئي.ان سلسلي ۾ اُلهاسنگر ۾ ٿيل ديوناگري سيا پاران گوشٽيءَ لاءِ مون هيءُ رايو ''دادا جي ڪهاڻين تي لکيو آهي.'' دادا دڪايل 93 سالن جي عمر ۾ 20 نومبر 2003ع ۾ پرلوڪ پڌاريا آهن.

هوندراج دڪايل جي ڪهاڻين جا موضوع ۽ وشيہ بلڪل نرالا آهن جيئن تہ 'دنيا دکن جو گهر آهي'، 'پريم ۽ پرماتما کي پائڻ لاءِ دنيا جو موہ اَجايو آهي'. دادا دڪايل جون ڪهاڻيون اُهجاڻن ۽ اِشارن وسيلي سکيا ٿيون ڏين، جن ۾ ڪو نہ ڪو سنديش سمايل آهي. هنن سيني ڪهاڻين ۾ قدرت جي نظارن جو تمام سوکيم درشن آهي. قدرت معرفت ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي من جي اَندروني حالتن، دک سک ۽ آنند مانڊ سوچ جي نظريي تي روشني وِڌل آهي. هنن ڪهاڻين جو بنياد آهي پريم ۽ پريوءَ جي هستيءَ ۾ وشواس. هر ڪهاڻي ڪلپنا جي پرن تي وهاري سئر تي ڪرائي پر بنياد اُتس دنيا ۾ وهنوار ۽ سوچ جي حقيقت. حقيقت جي بنياد تي ڪلپنا جي پرن تي هي ڪهاڻيون حقيقتوادي آدرشواد جو ميلاپ آهن. ڪي ڪهاڻيون ڏُکانت تہ ڪي سُکانت آهن. دڪايل شاعر آهي تہ هن جي ڪهاڻين مان بہ شاعراڻي شخصيت ٿي جهلڪي. هن جي ٻوليءَ ۾ رس، رواني سلاست ۽ سرلتا آهي. 'ڪنارو' ڪهاڻيءَ جا ڪردار سُڌير ۽ رميش يائر آهن. سُڌير پريم پائڻ جي ڪوشش ۾ تہ رميش دنيا جي دکن ۽ موہ کان ڇوٽڪارو پائي پريو پائڻ جي ڪوشش ۾ دنيا جو تياڳ ٿا ڪن. گهر ڇڏي پنڌڪن ٿا، ڪشٽ سهي هڪٻئي جي ويجهو اَچي وري بہ دور ٿي ويا. جو موہ ئي ماتم جو ڪارڻ آي. ٻئي يائر نديءَ جي مختلف ڪنارن تان هلندا رهيا. ٻنهي کي پنهنجون پنهنجون منزلون مليون پر پاڻ ۾ نہ مليا! جيئن بہ ڪنارا پاڻ ۾ نہ ملندا آهن. قدرت کي هڪ شخص ٻڌائي شاعر ڪهاڻيءَ جي ڪلاپڪش سان نباهيو آهي.

'نراشا' رومانوي پريم پري ۽ گهروُ ڪهاڻي آهي. هيءَ ڏُکانت آهي، جنهن ۾ نرملا، رميش ۽ ڪوشليا جو پريم تڪنڊو آهي. نرملا ۽ رميش پتي پتني آهن. رميش شاعر ۽ ڪلاڪار آهي. هو شاعريءَ ۾ محو آهي ۽ نرملا کي اِها ڳالهہ پسند ڪونهي. چاهي ٿي تہ رميش مون ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏئي ۽ پيني تي ڪنڊ ڪنڊ ڪريس. رميش جي پيار جي جذبي کي سمجهڻ واري ڪوشليا ئي آهي. نرملا رميش جي شاعريءَ مان ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ سندس سڀ شاعريون درياہ ۾ ٿي لوڙهي اَچي. اهو ڏسي رميش پاڻ کي بہ ٿو لوڙهي ڇڏي! رهجي ويون تڪنڊي جون بہ ڪنڊون نرملا ۽ ڪوشليا!

’طوفان ۽ ڏيئو‘ ڪهاڻيءَ ۾ ٻه ننڍڙو ٻار راجل آهي ڏيئو ته سندس گهر جون حالتون آهن طوفان. راجل جو پيءُ جيل جي سزا ڪاٽي گهر ٿو اچي ته اُن وقت طوفان بند ٿو ٿئي. هيءَ سُڪانت ڪهاڻي آهي.

’بانسريءَ جي گونج‘ ٻه هڪ نهايت ئي گنڀير ڪهاڻي آهي. بانسري وادڪ هڪ ڪلاڪار من جي شانتيءَ جي کوج ۾ هڪ ٽُٽل ويران مندر ۾ اچي رات جو بانسريءَ مان سوز ڀريا سُر آلاپي پنهنجي مانسڪ اَشانتيءَ جو اِظهار ٿو ڪري.

’گهونگهٽ جو پٽ کول‘ ڪهاڻيءَ جي نائڪا ستي نديءَ جي ڪناري مندر جي ڀرسان جهوپڙيءَ ۾ سورداس پتا سان رهندي هئي. مندر جو پوڄاري هڪ سنو گائڪ ڪلاڪار هو. ستيءَ جو پتا ٻه هن سان گڏ ڳائيندو هو. ”گهونگهٽ جو پٽ کول مراري ...“ جڏهن ستي ساماڻي ته هن ئي گيت تي مندر ۾ پوڄاري ڪلاڪار جي سامهون نرتيه ڪندي پراڻ تياڳيائين.

’شاعر‘ ڪهاڻيءَ جو ڪردار ٻه هڪ ڪلاڪار آهي ۽ فنتسيءَ ۾ نديءَ سا وارتالاپ ٿو ڪري. هو درٻاري گائڪ آهي پر راڄ راڻي اُشا ڪيس سُجاڻي تي وني، جنهن کي هو ڇڏي آيو هو، ڇاڪاڻ جو ڪلاڪار آزاد ۽ نرٻنڌن ٿو رهڻ چاهي، اَڄ وري هو درٻار جي ٻنڌن ۾ چو ٿو ٻَڌجي.

’فقير ۽ ڪتو‘ ڪهاڻيءَ ۾ اَميرن جي اَميريءَ ۽ غريبن سان سندن وهنوار تي طنز ڪيل آهي. هڪ نؤڪر پنهنجي مالڪ جو ڪتي لاءِ پيار ڏسي سپنو ٿو ڏسي ته مان جيڪر ٻئي جنم ۾ مالڪ جو ڪتو ٿيان!

’پير جو غوغاءُ‘ ڪهاڻي اَنڌ وشواس بابت آهي، جيڪو اَڄ تائين وڏيڪ پُختو ٿيندو ٿو وڃي.

’صوبيدار صاحب‘ ۾ صوبيدار کي ياد تي پوي هڪ حقيقت ته ڪانگريس جي آزادي هلچل وقت هڪ ماڻهوءَ گانڌيجيءَ جي ساراهه ۾ چيو ته ”مهاتما گانڌيءَ اَنگريزن کي سچ ۽ اَهنسا جي ڪنڊيءَ سان جُهڪايو آهي.“ اَنگريزن جي راڄ ۾ انهيءَ جوان کي جيل ۾ وجھو پيو هو. جڏهن جيل مان آزاد ٿيو ته چار آنا ڀري ڪانگريس جو ميمبر ٿيو هو.

”اَلڙ ٻار“ هڪ مذاقي ڪهاڻي آهي. هڪ شاهوڪار جي بنگلي ۾ مهمان آيو. شاهوُڪار سندس آدر ڀاءُ ٻه ڪيو پر مهمان اَڌ ڪلاڪ جي اَندر پان چٻاڙي ٿُڪوُن اُڇلي بنگلي جو فرش خراب ڪري ڇڏيو. آيو جو سيٺ جو پوٽو، هن فرش جي حالت ڏسي چيو، ”دادا، هتي کهڙي گدلي ڪبوتر وِٺيون لاٿيون آهن.“

”ڀارت جي ناري اَمر رهي“ هڪ اَهڙي اِنقلابي ناريءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪا اِنقلاب ۾ ڀاڱ وٺڻ ڪري گرفتار ٿي ۽ جيل ۾ ٻه هڪ ٻالڪ کي جنم ڏنو.

دادا دکايل جي ڪهاڻين ۾ مندر، ندين جا ڪنارا، جبل، جهنگل، جهوپڙيون ۽ ويرانا آهن. هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي روپ ۾ ڪي ڪلاڪار ڪڏهن شاعر تہ ڪڏهن گائڪ ۽ ڪڏهن سازيندڙ آهن.

هن ڪهاڻي سنگره جي ٻئين ڀاڱي ۾ دکايل جون لکيل ’زندگيءَ جون جهلڪون‘ عنوان سان ڪهاڻيون آهن. هيءُ زندگيءَ جون حقيقتون آهن. ليکڪ رنگين پر سرل ۽ سپک عبارت ۾ هيءُ ننڍيون ننڍيون آکاڻيون لکيون آهن، جن مان ڪي مذاقي آهن ۽ اڄڪالھ جي مِني ڪهاڻين وانگر آهن. چونڊ ۽ ٿورن اکرن ۾ وڏو مطلب تہ سمايل آهي ئي پر طنز بہ آهي، جيئن تہ ’پوڙهي جو پرٽو‘ ۽ ’پوڙهو ٿو پرٽجي‘. هيءُ پراڻيون ڪهاڻيون آهن، جنهن دؤر ۾ پوڙها ننڍين ڇوڪرين سان پرڻبا هئا. جڏهن سجاڳي آئي تہ سماج اُنهن جو هر طرح سان وروڌ ڪيو هو.

’ڳهيلي‘ ڪهاڻيءَ جي نائڪا اهڙي تہ زوراور آهي جو هن جو مڙس ڏڄي پاءُ ڪي مدد نٿو ڪري سگهي پر ساڳي زال گرهڻ وقت اَجايا دان ٿي ڪري. ٿي نہ ڳهيلي!

’ڳنڍيريءَ جا ڇوپا‘ ڪهاڻي اَڄ جي وقت بہ ساڳي اهميت واري آهي. ماڻهوُ ڪائي گند رستي تي ڦٽو ڪندا آهن!

’قصور‘ ڪهاڻي هريجن ۽ برهمڻ جي آهي. ٻنهي جون ڏيئر گڏ راند ٿيون ڪن تہ برهمڻ ڏيءَ عيوض پيءُ ڪي ٿو ماري! منگو هريجن بہ برهمڻ کي چيو، ’جي مان بہ ٻچڙو ٿيان تہ ...‘

’شيطان جو جادو‘ ڪهاڻيءَ جي وشيہ آهي تہ ڪي شيطان ماڻهو ٻن ٻين ڪي ويڙهائي باندر وانگر سڄو کيک ڪائيندا آهن. پر جڏهن سچ ظاهر ٿيندو آهي تہ سندن جادو بي اَثر ٿي پوندو آهي.

دادا دکايل سنڌ جي اَٽپڙهيل سادن سوُدن ڳوٺاڻن ۽ ڪسانن جي جيون جي حادثن جون ڪي جهلڪون ڪهاڻين جي روپ ۾ لکيون آهن. ڪم پوڻ تي شهر جا ماڻهو ۽ سرڪاري عملدار ڪين نڳين ٿا. ڪي غريب اهڙا تہ سنا ۽ سياڻا ٿيندا آهن جو ٻين جي مدد ڪري ڪين نقصان کان بچائيندا آهن. ڪي ڳوناڻا اهڙا گدلا ٿيندا آهن جو پنهنجي جهوپڙي ۾ ئي ٽڪون ۽ ڪانگهارا اُڇلائي گندگي ڪندا آهن، جيئن تہ ’گاڏر ۽ خادم‘ ڪهاڻي.

شاعر دکايل ڳوٺ سُڌار جو حامي هو سو اهڙا ويچار ڪهاڻين معرفت عام ماڻهن تائين پهچايا اٿائين. جيئن تہ هڪ پرچي نالي ماڻهوءَ معرفت ڳوناڻو ڊاڪٽر ڳوناڻن کي دوائون تہ ڏيندو هو، پر ڪين صفائيءَ ۽ صحت جا نيم بہ سيکاريندو هو. محنت ۽ شيوا جا مُلھ بہ سيکاريندو هو تہ جيئن سندن دک گهٽجن.

ꙮꙮꙮ

# چيتنمل پرسرام گلراجاڻي

✍ غلام اَڪبر لغاري (سيڪريٽري، ثقافت کاتو، ڪراچي)

چيتنمل پرسرام گلراجاڻي (1948-1885) ويهين صديءَ جي اُنهن اعليٰ درجي جي نثر نويسن مان هڪ هو، جن سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي اَدب جي واڌاري لاءِ پنهنجي سموري حياتي اَرپي ڇڏي. سنڌ جي صوفين ۽ درويشن جي ڪلام جو هن گهرو اَڀياس ڪيو. خاص طور شاهه لطيف جي ڪلام جو تہ هو عاشق هو. وري جو مٿس ڊاڪٽر اَئني بيسنت جي ويچارن جو اَثر پيو، تنهن چيتنمل کي علم توڙي عمل جي لحاظ کان سچو ٿياسافسٽ بڻائي ڇڏيو. بس، پوءِ تہ جدا جدا مذهبن جي متن ۽ سنڌي ڪلام جو اَڀياس ڪرڻ، چيتنمل جي زندگيءَ جو مول مقصد بڻجي پيو. هن اِنهن تي تمام گهڻو لکيو ۽ تقرير توڙي تحرير ذريعي اِنهن ويچارن جو ڦهلاءُ پڻ ڪيو.

چيتنمل پرسرام 1922ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ’نئين سنڌي لئبرري‘ جوڙي. اُن اداري طرفان هن ڪيترائي عمدا ڪتاب ڇپائي، سنڌي اَدب کي مالامال ڪيو. اِنهيءَ لئبرريءَ طرفان ڪتابي سلسلي ۾ پهريون ڪتاب، شاهه جون آکاڻيون (پاڱو پهريون) هو. اِهو ڪتاب هن سنہ 1922ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو. اُن بعد ٻئي سال، اِنهن آکاڻين جو ٻيو پاڱو ۽ ’شاهه جي آکاڻين جي سمجهاڻي‘ ڇپايائين. اِنهن ڪتابن مان چيتنمل جي علم ۽ اونهي اَڀياس جي پروڙ پوي ٿي. شاهه لطيف، سچل ۽ سامي سنڌي اَدب جا ٽي اَملهہ رتن آهن. اِنهن جو پيغام اَسان لاءِ بي بها ورثو آهي. اَسان کي گهرجي تہ اِنهيءَ کي سمجهون ۽ اُن جو چوڌس ڦهلاءُ ڪريون.

شاهه لطيف جي ڪلام جو ڳوڙهو اَڀياس ڪرڻ لاءِ چيتنمل جا لکيل اِهي ٽيئي ڪتاب گهڻي مدد ڪن ٿا. ڳچ عرصي کان اِهي اَڻ لڀ هئا. اِنهيءَ ڪري اِهي ٻيهر ڇپائي، شاهه لطيف جو مطالعو ڪندڙن لاءِ ميسر ڪيا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ شاهه جون آکاڻيون، پاڱو پهريون ۽ ٻيون ۽ اُنهن جي سمجهاڻي، ٽيئي گڏ ڏنا ويا آهن. اِنهيءَ کان سواءِ چيتنمل جي زندگيءَ ۽ تحقيقي ڪم توڙي سنڌي ساهت ۾ ڪيل سندس خدمتن جي معلومات پڻ ڏنل آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي 278هين عرس جي موقعي تي شاهه جي هن سچي عاشق جو هيءُ ڪتاب، شايع ڪرڻ جي رٿ، ثقافت کاتي سنڌ جي وزير سيد سردار علي شاهه ڏني. جڏهن تہ ان کان اَڳ، ثقافت کاتي ڪيترائي اَهڙا اَڻ لڀ ڪتاب شايع ڪرايا آهن، جڪي شاهه لطيف جي اوائلي دؤر ۾ تحرير ڪيا ويا هئا. اَسانکي اُميد آهي تہ حضرت شاهه لطيف جي عاشقن کي هيءُ سوکڙي ضرور پسند ايندي.

آخر ۾ آنءُ ٿورائتو آهيان، محترم مدد علي سنڌيءَ جو جنهن چيتنمل جو هي ڪتاب هٿ ڪري، ۽ ان کي ايڊٽ ڪري اَسانجي حوالي ڪيو.

**(’شاهه جون آکاڻيون‘، پبلشر نوٽ)**

ڏات نہ پُڇي ذات، جيڪو وهي سو لهي

# رابيندر ناٿ ٽئگور

✍ **ظفر**

رابندر ناٿ ٽئگور هڪ اهڙو انسان جنهن جي زندگي ڪي پڙهي ماڻهو اچرج ۾ پئجي ٿو وڃي تہ ڪيئن الله هڪ ماڻهوءَ ۾ اهڙيون صلاحيتون پيدا ڪري ٿو جڏي جيڪو هڪ ئي وقت ليکڪ، شاعر، فلاسافر، مصور، محقق، موسيقار، ڳائڻو، اداڪار، صداڪار، ڪهاڻي ڪار، فلم هدايت ڪار، رازو، مزدور، ڪتون واڻڻ، ڊکڻ بہ ان ليول جو فرنيچر ڪان سواءِ ٻيڙيون بہ ٺاهي سگهي، نوبل پرائيز هولڊر، سيلاني بہ ايڏو جو دنيا جي بيشمار ملڪن ۾ وڃي آئن اسٽائن، برٽينڊ رسل، ونسٽن چرچل، اسٽالن، مسوليني، جارج برنارڊشا، هٽلر، نهرو، گانڌي، ولڀ ڀائي پٽيل، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي، سڀاش چندر بوس، مولانا محمد علي جوهر، جناح صاحب، علامہ اقبال، جهڙن ماڻهن سان بحث مباحثو ڪرڻ. هتي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ بہ آيو هو ۽ بسنت هال يا ٿيوسوفيڪل هال حيدرآباد ۾ هن جي هڪ لکيل ڊرامي ڪي ان وقت جي سنڌي اداڪارن هن جي آڏو پيش ڪيو هو. شام جو جڏهن سنڌو درياهہ جي ڪناري تي سج لهڻ جو منظر ڏسڻ لاءِ ويو تہ هن جي وات مان نڪتل لفظ تاريخ جو حصو بنجي ويا.

سندس چوڻ هو تہ مان درياهن جي سر زمين جو رهندڙ آهيان. دنيا جا ڪيترائي ٻيا بہ درياهہ ڏسي چڪو آهيان، پر سنڌو درياهہ تي ٻيهي سج لهڻ واري منظر مون ڪي موهي وڌو آهي. گيتانجلي شاعري واري ڪتاب تي ڪيس نوبل پرائيز ڏنو ويو هو. هن جي هڪ مشهور معروف چوڻي موجب هر ٻار پئدا ٿيڻ سان ئي پنهنجو نصيب ۽ رزق ڪٽي ايندو آهي. ان ڪري جڏهن بہ ڪو ٻار پئدا ٿيندو آهي تہ مون ڪي ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ الله اڃان تائين تہ انسان مان مايوس ڪونہ ٿيو آهي. هن جي ڪيترين ڪهاڻين تان بنگالي ۽ هندي فلمون بہ ٺهيون. هن جليانوالا باغ واري واقعي جي ڪري تاج برطانيہ ڪان نائيٽ هوڊ جو خطاب احتاج ڪري نہ ورتو هو. برصغير جي ورهاڱي لاءِ هن جا مشورا ۽ سياسي سوچ ويچار شامل هئا. هن شادي بہ ڪئي ۽ ڪيس پنج ٻار هيا. ٽئگور 1861 ۾ ڪلڪتي ۾ پيدا ٿيو ۽ 1941 ۾ فوت بہ ڪلڪتي ۾ ٿي ويو. هندوستان، بنگلاديش، سريلنڪا جا قومي ترانا هن جا لکيل آهن ۽ هن جي نالي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ادارا، اڪيڊميز، ميوزيم، يونيورسٽيون قائم ڪيون ويون آهن. چليءَ جو عظيم انقلابي سوچ رکندڙ شاعر پيبلو نرودا ٽيگور ڪان تمام گهڻو متاثر ٿيو هو. اداڪاره شرميلا ٽيگور بہ هن جي خاندان مان آهي. هن بہ باقائده تعليم ڪنهن ڪاليج يونيورسٽي مان نہ حاصل ڪئي، جيڪو ڪجهہ حاصل ڪيو ان ۾ هن جو مطالعو ۽ مشاهدو شامل هو. ڪيس اعزازي ميڊلز ۽ ڊگريون مليون هيون.

☙☙☙

# محبتي موسيقار ماستر چندر کي پيٽا

✍ **نموش تلريجا،** اِندور

ناروشاهه شهر جي مٺان روز رات جو چنڊ چاڪ تي اچي چندر جو انتظار ڪندو آهي، ۽ سندس گهر ۽ اسڪول تي نظرون ڄمائي رکندو آهي، ڇو تہ چنڊ کي بہ پڪ آهي تہ ماستر چندر جڏهن بہ جنهن بہ جنم ۾ واپس ورندو تہ پنهنجي شهر جي گهٽين مان ٿيندي پنهنجي گهر ضرور ايندو.

ناروشاهه ريلوي اسٽيشن تان ريل چندر ۽ ٻين محب وطنن کي پنهنجن کان ڏور ڇڏي واپس ڪونہ وري. اُن اسٽيشن جتي ماستر چندر نئين سائيڪل تي (سڄي ناروشاهه ۾ پهرين سائيڪل ماستر چندر ورتي هئي.) پنهنجي آواز ۾ بي اختيار تي گيت ڳائيندو ۽ گُنگنائيندو هو سا اسٽيشن اُن ڏينهن کان پوءِ وڌوائُن وارو چولو پائي پنهنجي هجڻ جي بي-بسيءَ تي اڄ تائين روئندي رهي ٿي. اسٽيشن جا سڀ نشان موجود آهن پر ماستر چندر جي وڇوڙي کان پوءِ نہ ريل هت آئي ۽ نہ وري سامان وڪرو ڪندڙ جي آواز ڪڏهن اسٽيشن کي وڪوڙي ٿي. ماستر چندر جي ڳوڙهن ۽ وڇوڙي وقت نڪتل دانهن ان اسٽيشن کي ويران ۽ زبون ڪندي انهيءَ طرح سنڌ سان ريل جو ناتو ختم ڪرائي ڇڏيو، جئين چندر ڏُور رهي مٽي جي محبت ۾ تڙپندو رهيو.

ماستر چندر جيترو سُريلو راڳي هو، اوترو سنو شاعر بہ هو.
ماستر چندر جيترو درد رکندو هو، اوترو ئي دياوان بہ هو.
ماستر چندر نيازمند هو، نوڙت جي مورت هو.

ماستر چندر پنهنجي گيتن رستي سنڌي ساهتيہ ۾ امر بڻجي ويو. هُن جي ڳائيل گيتن کي اڄ بہ ٻُڌو وڃي ٿو، دنيا ۾ پکڙيل سنڌين جي دل جي ڌڙڪن ماستر چندر جي گيتن سان گڏ گڏ هلندي آهي. هُن جي آواز سُرن سان سرشار آهي. ماستر چندر جي گيت کي سوين فنڪارن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ بار بار ڳائيو آهي.

اهڙي مهان ڪوي / گيتڪار / سنگيتڪار انسان کي آءُ سر جهڪائي نمن ٿو ڪيان. پنهنجن ڪجهہ اکرن رستي پيٽا ٿو ڏيان.

ஃஃஃ

# پروفيسر دادا رام پنجواڻيءَ جي جنم ڏينهن جون سيني کي واڌايون

✍ **نموش تلريجا،** اِندور

سنڌ جائو سنڌي ٻولي جي سفير واري لقب سان ڀارت ۾ دنيا ۾ مشهوري ماڻيندڙ، ساهتڪار، عالم، موسيقار، گلوڪار، ڪلاڪار، ڊائريڪٽر، پرڊيوسر ۽ هر فن-مولا پروفيسر دادا رام پنجواڻي جن جو جنم 20 نومبر 1911 لاڙڪاڻو شهر ۾ ٿيو. سندس جو پورو نالو رام پرتاب راءِ پنجواڻي آهي. هن شروعاتي تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي جنهن کان پوءِ هُو ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي ۾ پڙهڻ پهتو. هوشيار هجڻ ڪري، اتي جي پرنسيپال ۽ پروفيسرن جو دادلو ۽ ڏُلارو ٻڻجي ويو ۽ گريجوئيشن مڪمل ڪري انهي ڪاليج ۾ ليڪچرار طور ڀرتي ٿي علمي خدمات ڏيڻ لڳو.

ان دور يعني سنڌي ادبي سنگت کان پهرين سنڌي ادبي سرڪل قائم ڪئي وئي جنهن جو صدر ڊاڪٽر گربخشاڻي، نائب صدر رام پنجواڻي، ۽ جنرل سيڪريٽري شيخ اعبدالرزاق "راز" هئا ۽ ناليوارو شاعر شيخ اياز ۽ ٻيا گهڻا ئي اديب ميمبر ٻڻيا هئا. ورهاڱي کان پوءِ نہ چاهيندي بہ وطن جي وڇوڙي ڪيس ممبئي (بمبئي) پهچائي ڇڏيو. جتي رام پنجواڻي جي جئہ هند ڪاليج ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ جا انچارج ۽ پروفيسر ٿي پنهنجي علم جي روشني سان گهڻا ئي چراغ روشن ڪيا. جئہ هند ڪاليج ۾ دادا جن جي خدمتن کي هميشہ ياد ڪيو ويندو.

۽ جڏهن ڏٺائون تہ ڀارت ۾ ٽڙي پکڙجي ويل سنڌي ماڻهن ۾ قومي وجود وڃائجي وڃڻ جا خيال زور ٺا وٺن تہ پروفيسر دادا رام پنجواڻيءَ پنهنجو پاڻ تي ذميواري عائد ڪندي ڀارت جي شهر شهر ۽ ٻستي ٻستي وڃي پنهنجي پياري ساز ”مٽڪي“ جي مڌُر ڌُن تي راڳ جي وسيلي پيغام پهچايو تہ

اسين سنڌي زنده رهنداسين، سنڌي ٿي رهنداسين،
سنڌي ٻولي ۽ تهذيب کي زنده رکنداسين.

هنن سنڌي ادب جي مختلف صنفن ۾ گهڻو ڪجھ لکيو آهي جنهن مان ڪجھ هن ريت آهن

:

**ڪهاڻيون** : انوکا آزموده، وچتر واقعا، تنهنجا منهنجا تجربا.

**ناول** : شرميلا، قيدي، چانڊني جو چمڪو، اسان جو گهر، لطيفا، زندگي يا موت، آهي نہ آهي، شل ڌيئر نہ ڄمن،

**ناٽڪ** : نئون زمانو، (ان ناٽڪ ۾ نئين زماني جي پيڙهيءَ ۽ وڇوٽي جو اظهار ڏيکاريو ويو.)

دادا پنجواڻي بہ سنڌي فلمون ”جهولي لال“، ”هوجمالو“ پڻ ناهيون. سندن جي شاعري ۾ بہ اڻ ڳُلجندڙ خدمتون ٿيل آهن.

هُنن ڪنور جيان ڇير پيرن ۾ پائي ڇيج وڌي، هُن سنڌي راڳ کي زنده رکڻ لاءِ جاڪوڙ

ڪئي. هُن مهاتماگانڌي ۽ جواهرلال نهرو آڏو به راڳ ڳائيو پر جڏهن هُن اِندران گانڌي جي اڳيان ڳائڻ جو موقعو ملڻ تي پنهنجي سنڌيت جي فرض ڪي ياد ڪندي پنهنجي مڌر آواز ۾ ڳائيندي ڳائيندي گذارش ڪري ويس ته سنڌي ٻولي کي ڀارت جي آئين ۾ مڃتا ڏني وڃي. سنڌي ٻولي جي مڃتا لاءِ جاڪوڙيندڙن ۾ جوش ڀرجي ويو. ۽ نئين ولولي سان ان مطالبي کي ايوانن تائين پهچايو. نيٺ ڪاميابي اچي قدم چُميا 10 اپريل 1967 تي ڀارتي آئين جي اٺين شيڊول ۾ قومي زبان طور شامل ڪيو ويو.

پروفيسر دادا رام پنجواڻي سنڌي تاريخ جو سنهرو ورقُ آهي، هنن کي اندر ۾ سنڌي قوم لاءِ پيڙا هُوندي هئي. جو هنن سنڌين کي گڏ ٿيڻ جا گهڻا ئي منتر ڏنا جنهن مان هڪ سائين اُڏيرو لال آهن جنهن بابت دادا ’’جئہ جهولي لال‘‘ جو نعرو هڻي چيٽي چنڊ کي سنڌيت جو ڏينهن ڪري ملهائڻ ۽ ڀڳوان جي جهانڪي سجائي سڄي شهر ۾ ميلي مچائڻ جي پرمپرا ڏني. جيڪي اڄ به دنيا ۾ مقرر ڏينهن تي ’’چيٽري چنڊ‘‘ وڏي ڌام ڌوم سان ملهائيو ويندو آهي، دادا پنجواڻي جن پنهنجي حياتي جي آخري پڙاءُ وقت ممبئي ۾ ’’سيتا سنڌو ڀون‘‘ سنڌيت، ۽ سنڌي تهذيب کي زنده رکڻ لاءِ قائم ڪرايو. جتي پاڻ سميت ماستر رانجهن، ماستر چندر، ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻين سنڌي سنگيت، راڳ ۽ ڇيج جا لوڪ ۽ ثقافتي پروگرام ڪري پاڻ ملهايو. پروفيسر دادا رام پنجواڻي جي لاڏاڻي کان پوءِ هند سنڌ ۾ مشهور ادبي جوڙي ناڪر چاولا ۽ پارو چاولا سيتا سنڌو ڀون جي ذميوارين کي پاڻ تي کنيو ۽ نڀايو. انهن جي فاني دنيا مان لاڏاڻي کان پوءِ دادا ناڪر چاولا جي همٿ واري، بهادر ڌيءُ شوڀا لعلچنداڻي ۽ سندس نندي ڀيڻ امرتا لال ’’سيتا سنڌو ڀون‘‘ کي انهي پرمپرا سان جاري ۽ ساري رکيو اچن. اڄ به لاڳيتو سنگيت جا پروگرام ٿين ٿا. سڄي ڀارت ۾ سڀ کان وڏيڪ سنڌي ڪلاڪار، فنڪار سيتا سنڌو ڀون ئي ڏنا آهن.

پروفيسر دادا رام پنجواڻي جڏهن سيتا سنڌو ڀون جي وجود جو سوچيو هوندو ته پڪ هُنن کي خبر هُوندي ته هي ڀون سنڌيت لاءِ امر سنسڪاري (تهذيبي) ڀون بڻجي ويندو. سو انهن جي سپني کي اڄ جي دؤر ۾ ساڀيان بڻايو ويو آهي.

دادا رام پنجواڻي جن کي پدمشري ايوارڊ، سنڌو رتن ايوارڊ، ساهتيہ اڪيڊمي ايوارڊ، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ايوارڊ سميت سوين ايوارڊ مليا پر انهن ڪڏهن به سنڌيت جو چولو ڪونہ لاٿو. اهڙي تاريخي ماڻهوءَ کي قوم هميشهہ ياد رکندي.

اهي وڃڻا ناهن....

اهي ورڻا آهن..

دادا جي جنم ڏينهن تي سڀ اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار، ناولسٽ، ناٽڪ نويس، گلوڪار، موسيقار، فنڪار ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ وسيل سنڌيو وچن ڪيو ته سنڌي ٻولي، سيتا ۽ ثقافت جي خدمت ڪندا رهنداسين.

پروفيسر دادا رام پنجواڻي جن جي جنم ڏينهن جون سيني کي واڌايون..

# نعرءِ تڪبير ۽ چانهه جو ڪپ

**واٽس ائپ تان**

غلام آءِ. آءِ. قاضي ڪي انگلنڊ مان گهرائي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلرشپ سونپڻ ۾ سڀ کان اهم ڪردار سائين جي ايم سيد جو هيو. پير علي محمد راشدي ان وقت جو وزير اطلاع جو چوڻ ته اسانجو خيال هيو ته جتي هاڻي لطيف آباد آهي ان جاءِ تي يونيورسٽي جو نئون ڪيمپس اڏائجي. پر قاضي صاحب جيڪو راشدي جو اُستاد پڻ هيو تنهن چيو ته نه، بابا راشدي، ڄامشورو، اڄ جيڪو ڄامشورو اسين ڏسي رهيا آهيون اهو قاضي صاحب جي ڪاوشن جو نتيجو آهي. قاضي صاحب هڪ استاد هيو. ادارو ٺاهي ويو. اڄ تائين ان اداري مان هزارين ماڻهن فيض حاصل ڪيو آهي، ڪري رهيا آهن ۽ قيامت تائين ڪندا رهندا. اداري جوڙڻ جا مقصد واضع هيا ته جيئن سنڌي قوم کي جديد سائنسي سماجي ۽ معاشي علمن کان آگاهي ڏجي.

ان کان علاوه هڪ عظيم مقصد ٻيو به هيو، جيئن ته اسين ڄاڻون ٿا، سنڌ ڌرتي جي تاريخ صدين تي محيط آهي. هي ڌرتي بيشمار تهذيبن ۽ ڪم-و-بيش ستن مذهبن جي اثر هيٺ رهي آهي.

هنن تهذيبن ۽ مذهبن جي ميلاپ سان جيڪو سماج جڙيو ان سماج اسان ۾ هڪ طرف مذهبي رواداري ۽ برداشت جو ڪلچر ڏنو. ته ٻئي طرف اسان ۾ بيشمار ڏاها ماڻهون پيدا ڪيا. انهن ماڻهن ۾ هڪ گوهر ناياب به پيدا ٿيو، پٽ ڌڻي. جيڪو هڪ ڪتاب جو مالڪ پڻ آهي. بقول قاضي لطيف دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. منهنجي زبان هن جي تعريف ڪرڻ کان قاصر آهي. هن جي شاعري ۾ جيڪي راز ۽ رمزون آهن، سمجهو ڪي سمجهن. سائين جي. ايم. سيد ڪنهن جاءِ لکيو آهي ته اسان سنڌين وٽ دنيا لاءِ هڪ پيغام آهي. قاضي صاحب به ان ارادي سان واپس وريو ته جئين سنڌين کي جديد سائنسي علمن سان روشناس ڪرڻ کان علاوه هڪ اعليٰ آدرشي انسان بڻجڻ جو درس ڏجي. ان موضوع تي قاضي جا ڪيئي مشهور ليڪچر آهن. آدرشي انسان ڇا ٿيندو آهي، ڇاڪي چئجي، ان لاءِ اسان کي لطيفي سير ڪرڻو پوندو رسالي ۾. وک وک تي اسانکي آدرشي ڪردار نظر ايندو. اسان جي دين اسلام ۾ هن جي ويجهو لفظ مومن بڻجي ٿو.

هاڻي چانهه جي ڪپ جي ڳالهه. پير حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب، 'هو ڏوتي هو ڏينهن' ۾ لکيو آهي ته اسان سنڌ جا ماڻهون به مسلمان هياسين، اسان وٽ به دين ايمان هيو. روزا نمازون. ختما درود، عيدون برادون سڀ ڪجهه هيو، پر هي عجيب قسم جا مسلمان آهن جيڪي الله اڪبر جي نعري مان چانهه جي ڪپ جو ڪم وٺي رهيا آهن.

پير تحريڪ پاڪستان دوران مولوين جي هڪ جلسي جي روئيداد بيان ڪري ٿو. مولانا تقريرون شروع ڪندا هيا ته صبح جي آذان تي وڃي بس ٿيندي هئي. مولانا پاڻ سان گڏ اسٽيج تي ڪجهه جهارو (worker) ويهاري ڇڏيندا هئا جن جي حاضرين تي نظر هوندي هئي. اڌ رات يا پوئين پهر ۾ جڏهن ماڻهن جي جلسي ۾ دلچسپي گهٽجڻ لڳندي اتي وجڻ شروع ڪندا، ننڊ پئي ايندن يا پاڻ ۾ ڳالهائيندا پيا ته پوءِ اهي جهارو قسم جا ماڻهون مولانا کان مائيڪ کسي زور زور سان نعرا هڻڻ شروع ڪندا. نعرءِ تڪبير، نعرءِ رسالت، پوءِ جيڪي وجڻ وارا ويهي رهندا، ننڊ وارا جاڳي پوندا ۽ نعرن جا جواب ڏيندا. ڏهه پندرهن منٽ حاضرين خوب نعرا هڻي، تازا توانا ٿي ويهندا. جڻ چانهه جو ڪپ پئي ويهي رهيا. ۽ وري ٻيهر مولانا جي تقرير شروع.

# اَدب : وبا جي ڏينهن ۾ منهنجو بهترين ساٿي

✍ **ڪليم ٻُٽ**

سال 2020 ڪنهن هڪ خطي لاءِ نہ پر سموري دنيا لاءِ هڪ عجيب سال ٿي گذريو آهي، منهنجي خيال ۾ هي سال انساني تاريخ جي ڏکين ۾ ڏکين سالن مان هڪ هوندو، انسانذات هڪ اهڙي وبا جي ور چڙهي وئي جنهن جو توڙ اجا تائين نہ ملي سگهيو آهي ۽ ان دوران لکين انسان زندگيءَ جي روشني کان محروم ٿي موت جي اونداهي جي ور چڙهي ويا، ذاتي طور هي وبا منهنجي لاءِ اَذيت ڏيندڙ ثابت ٿي، سال 2020 جي جون مهيني ۾ ڪووڊ 19 جي ڪري منهنجو وڏو ڀاءُ محمد عثمان ٻُٽ اسان کان وڇڙي ويو، سندس يادون اڄ بہ زهريلي نانگ جيان ڏنگهين ٿيون. ان کان پهريان مون وبائن جي باري ۾ رڳو ادب ۾ پڙهيو هو يا فلمن ۾ ڏٺو هو، پر هي اها وبا آهي جنهن مان اجا تائين پاڻ گذري رهيو آهيان، هر پل اهو خوف بہ رهي ٿو تہ ڪٿي هي وبا منهنجي ڀاءُ جيان مون کي بہ نہ ڳڙڪائي وڃي.... ڪٿي ائين نہ ٿي جو سيني ۾ سانديل هزارين ڪهاڻيون مون سان گڏ ئي دفن نہ ٿي وڃن. اپريل 2020 کان ذهني ٻڏتر ۽ بي يقيني جي عالم ۾ ڪجھ مهينن لاءِ پاڻ کي مڪمل طور ڪورنٽين ڪري ڇڏيو، سوشل ڊسٽنسنگ جي چڪرن ۾ زندگي هڪ ڪمري تائين محدود ٿي وئي، هر پل ذهن ۾ عجيب خيال ايندا رهيا، پر خوشيءَ جي ڳالھ اها آهي تہ انهن پوائتن ڏينهن ۾ ادب منهنجي پناھ گاھ بڻيو، انهن ئي ڏينهن ۾ مون پنهنجو ناول ”يوٽوپيا“ لکي پورو ڪيو، جيڪو هڪ ڊسٽوفايائي ناول آهي جنهن ۾ مون هڪ اهڙي خيالي رياست ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيڪا اتان جي شهرين جي ذهنن کي ٽڪنالاجي وسيلي قابو ڪري سندن ذهنن ۾ رڳي اهي ڳالهيون پرڻ گهري ٿي جن مان حڪمرانن جا ذاتي فائدا پورا ٿين ٿا، بي هر سوچ تي پابندي.... اها رياست خيالي بہ آهي تہ وري ساڳي ئي وقت اها اسان جي چوڦير ڪيترين اهڙين رياستن ڏانهن بہ اشارو ڪري ٿي، جتي اهو سڀ ڪجھ هڄ سوچيل سمجهيل رٿ موجب ٿي رهيو آهي. لکڻ سان گڏ ادب پڙهن جو سلسلو بہ هلندو رهيو ۽ اجا بہ هلي رهيو آهي ۽ دل جي ڳالھ اها آهي تہ جيڪڏهن اهي ڪتاب ۽ نيٽفلڪس جو ساٿ نہ هجي ها تہ مان يا تہ چريو ٿي وڃا ها يا وري پاڻ ئي پنهنجو انت آڻي ڇڏيان ها، پر سال 2020 دوران پڙهيل ناولن مون کي نئون جئيدان ڏنو، وبا سان وڙهڻ جو حوصلو ڏنو، انهن مان ڪيترن ئي ناول تي وقت سر مختلف اخبارن يا سوشل ميڊيا تي لکندو رهيو آهيان ۽ هن مضمون ۾ بہ انهن جو ئي ذڪر ڪندس. ڪجھ ڏينهن اڳ مون مشهور هندستاني ناول نگار اروندتي راءِ جو

مضمونن جو ڪتاب ”آزادي“ پڙهي پورو ڪيو آهي جنهن جو ذڪر آخر ۾ ڪندس. اهو هڪڙو ئي ڪتاب هوندو جيڪو نان فڪشن آهي باقي هن مضمون ۾ ڏنل سڀ ڪتاب ناول هوندا، اهو به ممڪن آهي ته ڪو هڪ اڌ ناول ذڪر ۾ اچڻ کان رهجي وڃي.

2020ع ۾ اهي ناول جيڪي مون پڙهيا انهن جي فهرست هن نموني آهي:

روب سنڪلئر جو سليپر 13 (2018): روب سنڪلئر جي حوالي سان مان اڳ به لکي چڪو آهيان، بنيادي طور روب فارنسڪ جو ماهر آهي، هن سندس زال (جيڪا ڪتاب پڙهڻ جي شوقين آهي) سان شرط لڳائي ته هو هڪ اهڙو ناول لکندو جنهن کي پڙهندڙ پوري ڪرڻ بنا ڇڏي نه سگهندو ۽ هن اهو ڪري به ڏيکاريو، سندس ناول سليپر 13 سال 2018 جو بهترين ٿرلر ناول آهي جنهن جي مختلف تبصرن ۾ لکيو ويو ته سال 2018 جو اهو ناول جيڪو لازمي پڙهڻ گهرجي. هن ناول جو پلاٽ دهشتگردي جي ور چڙهيل دنيا آهي. ناول جو مک ڪردار ايڊين نالي نوجوان آهي جيڪو هڪ دهشتگرد گروهه جو اهم هٿيار آهي، ننڍي لا ئي سندس پيءُ کيس افغانستان ۾ دگهشتگردن جي هڪ تربيتي ڪيمپ ۾ ڇڏي وڃي ٿو جتي کيس يورپ ۽ آمريڪا کي تباهه ڪرڻ جو درس ڏنو وڃي ٿو، ايڊين يورپ ۾ اچي رهي ٿو ۽ دهشتگردي جي ڪجهه وارداتن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو، هاڻي سندس دهشتگرد تنظيم دنيا جي مختلف ملڪن ۾ هڪڙي وقت دهشتگردي جي وڏي رٿ جوڙي ٿي جنهن سان سموري دنيا ڏڪي ويندي، پر ايڊين کي احساس ٿي ٿو ته هي سڀ غلط ٿي رهيو آهي ۽ هو سندس ئي تنظيم جو سڀ کان وڏو دشمن ٿي بيهي ٿو. هن ناول ۾ ڪردار تمام گهٽا آهن جڏهن ته ڪيترائي سب پلاٽ پڻ اٿس، پر ناول جي اٽت اهڙي ته خوبصورت نموني ڪيل آهي جو پڙهندڙ ڪٿي به منجهي نٿو ۽ دنيا کي سمجهڻ جا نوان در کولي ٿو.

تاشا ايلگزينڊر جو ٽيرس آف پرل (2009): آمريڪي ليکڪا تاشا ايلگزينڊر جو هي ناول ليڊي ايملي سيريز جو چوٿون ناول آهي، ليڊي ايملي ۽ سندس مڙس ڪولن هارگريوس برطانوي جاسوس آهن ۽ هني مون لاءِ ٽرين جو سفر ڪري ترڪي پهچن ٿا، سفر دوران کين سر وليم نالي هڪ پوڙهو برطانوي سفير ملي ٿو، جيڪو کين ورهيه اڳ سندس خاندان سان ٿيل هڪ حادثي بابت ٻڌائي ٿو جنهن ۾ سندس زال مري وڃي ٿي ۽ سندس ڌيءُ وڇڙي وڃي ٿي، سر وليم کي شڪ آهي ته سندس ڌيءُ جيئري آهي ۽ ترڪي ۾ آهي ۽ جيڪڏهن ليڊي ايملي وارا سندس ڌيءُ کي ڳولهڻ ۾ هن جي مدد ڪندا ته هو تخت برطانيا کي هنن جي سفارش ڪندو. جنهن رات هي

جاسوسي جوڙو ترڪي پهچي ٿو انهي رات محل جي ٻاهران هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي قتل ڪيو وڃي ٿو جنهن جو واسطو سلطان جي حرم سان آهي، سر وليم کي ڇوڪري جي لاش مان اهڙيون شاهديون ملن ٿيون جنهن مان ڪيس پتو پئي ٿو ته اها سندس ئي گم ٿي ويل ڌيءَ هئي. هاڻي هن جوڙي کي اهو پتو ڪرڻو اهي ته ڇوڪريءَ کي ڪنهن ۽ ڇو ماريو، ان ۾ ڪا محلاتي سازش ته نه آهي، هي ناول جاسوسي هجڻ سان گڏ ترڪي جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جي ڄاڻ به ڏيندو هلي ٿو ته محلن ۾ ٿيندڙ سازشن تان به پردو کڻي ٿو، پر ان جي ڪري پڙهندڙ ڪهاڻي کان پري ٿي وڃي ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي بوريت جو احساس به ٿئي ٿو، جڏهن ته ناول جي اڌ ۾ ئي خبر پئجي وڃي ٿي ته اڳيان ڇا ٿيڻو آهي ۽ قتل ڪنهن ڪرايو آهي، پر ان هوندي به ڪيترن ئي هنڌن تي ناول ۾ دلچسپي پڻ ايري ٿي، مان هن کي هڪ وچٿرو ناول سمجهان ٿو جيڪو نئون پڙهندڙ کي متاثر ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو.

جي ڪي رولنگ جو دي اڪابوگ (وبا جي ڏينهن ۾ لکيل ٻاراڻو ناول جيڪو آن لائين رکيو ويو 2020): هيري پوٽر سيريز جي مشهور ليکڪا جي ڪي رولنگ جو ٻارن لاءِ لکيل هي ناول دي اڪابوگ جو پهريون ڊرافٽ 2005 ۾ لکيو ويو ۽ رولنگ ان کي خاني ۾ رکي وساري ڇڏيو، اصل ۾ هي اها ڪهاڻي آهي جيڪا رولنگ سندس ٻارن کي سمهارڻ وقت ٻڌائيندي هئي، پر ڪيس ان کي ڇپائڻ جو خيال نه آيو، وبا جي ڏينهن ۾ ڪيس ان ناول جو ڊرافٽ مليو ۽ هن ان کي ايڊٽ ڪري ان جا باب انٽرنيٽ تي رکڻ شروع ڪيا، سندس مقصد اهو هو ته وبا جي ڏينهن ۾ ٻار پاڻ کي مصروف رکن، هن ناول جا 60 کان مٿي باب انٽرنيٽ تي روز جي بنادن تي اپلوڊ ڪيا ويا ۽ هيري پوٽر جيان هن کي به ساراهيو ويو، ناول جي ڪهاڻي لوڪ داستانن واري انداز ۾ ٻڌايل آهي، هڪ خيالي رياست ۾ جئين ئي بادشاهه مٽجي ٿو ته عجيب واقعا ٿيڻ شروع ٿين ٿا جن جو لاڳاپو اڪابوگ نالي خيالي حيوان سان جوڙيو وڃي ٿو اول ته ڪنهن کي به اهو يقين نٿو اچي ته اڪابوگ حقيقت ۾ موجود آهي پر پوءِ ان جو واضح نشانيون ملن ٿيون، هي ناول سولو ۽ سادو لکيل آهي جيڪو پڙهڻ دوران ڪٿي به نٿو ٿڪائي. هن ناول کي ڪتابي صورت ۾ نومبر 2020 ۾ آندو ويو.

ڪي ڊي ميڪ جو رپلز ان ٽائيم (2020): هي به هڪ مختصر سسپينس ناول آهي جيڪو 2020 ۾ اي بوڪ فارميٽ ۾ ڇپيو، هن ناول جو مک ڪردار ايمي نالي نوجوان ڇوڪري آهي جيڪا هڪ ٻئنڪ جي ڏاڙي جي وچ ۾ ڦاسي پئي ٿي، هن سان گڏ ڪيترن ئي ماڻهن جي زندگي

داءُ تي لڳل آهي، پر ايلٽ نالي ڪردار ايمي وارن جي مدد لاءِ اچي ٿو، جنهن کي شڪ آهي تہ هي ڪو عام رواجي ڌاڙو نہ پر ڪنهن وڏي سازش جي هڪ ڪڙي آهي ۽ هو ايمي سان گڏ ان جي مخلتف ڪڙين کي ترتيبوار هڪ ٻئي سان ملائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃي. هن ناول ۾ ڪهاڻي تيزي سان اڳيان وڌي ٿي ۽ هڪ ٻئي پٺيان واقعا ايندا وڃن ٿا ۽ پڙهندڙ هڪ واقعي کي ٻي واقعي سان جوڙڻ ۾ ناڪام رهي ٿو، ڪهاڻي کي سادي نموني ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ڪيترا ئي جهول نظر اچن ٿا.

اورحان پاموڪ جو دي سائلنٽ هائوس (2012): هي ادب جو نوبل انعام ماڻيندڙ ناول نگار اورحان پاموڪ جو ناول آهي جيڪو ترڪي ٻوليءَ ۾ 1983 ۾ ڇپيو ۽ ان جو انگريز ترجمو 2012 ۾ آيو. هي پاموڪ جو ٻيو ناول آهي، ناول جي ڪهاڻي فاطمہ نالي هڪ پوڙهي مائي جي ڪهاڻي آهي، جيڪا استنبول جي پوراڻي حوالي ۾ رهي رهي آهي، هوءَ گرمين جي موڪلن ۾ سندس ٻارن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهي آهي، ٻارن جي اُچڻ جي انتظار ۾ هوءَ سندس نوڪر ريسپ سان ڪچهري ڪندي گذري ويل ڏينهن کي ياد ڪرڻ لڳي ٿي، پر ريسپ جو سوٽ حسن جيڪو ساڄي ڌر جو قومپرست آهي فاطمہ ۽ سندس ٻارن کي ملڪ جي متجندڙ سياسي صورتحال ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن ناول ۾ ترڪي جي سياسي صورتحال ۽ ان جي جديديت واري سفر تي گهرائي سان لکيو ويو آهي، پر ڪردارن جي گهڻائي ۽ واقعن جي طوالت جي ڪري ناول پڙهندڙ کي ٿڪائي ٻہ اٿو. پر ان هوندي ٻہ اورحان جي ڪهاڻي پٽي جو اهو ڪمال آهي تہ پڙهندڙ هي ناول پورو ڪرڻ بنا نہ ڇڏي سگهندو، گهٽ ۾ گهٽ مون سان تہ اهو ئي ٿيو.

ڊيليا اوينز جو وئير دي ڪارڊيڊز سنگ (2018): هي ناول سال 2018 ۾ نمبر ون نيويارڪ بيسٽ سيلر رهيو ۽ ان جون لکين ڪاپيون وڪرو ٿي چڪيون آهن، ناول جو مک ڪردار 23 سالن جي ڪيا ڪلارڪ آهي جيڪا نارٿ ڪورلائين رياست جي هڪ ڳوٺ ۾ رهي ٿي، سال 1969 جي هڪ ڏينهن سندس عاشق چيز جو قتل ٿئي ٿو، ان قتل جو شڪ ڪيا ڏانهن وڃي ٿو ۽ اتان جو هڪ پوليس وارو ڪيا خلاف ثبوت گڏ ڪرڻ لاءِ جاچ شروع ڪري ٿو، ان دوران ڪيا سندس زندگي جو احوال ٻڌائڻ شروع ڪري ٿي، هوءَ ٻڌائي ٿي تہ ڪهڙي نموني سندس ماءُ جي ڇڏي وڃڻ ڪانپوءِ سندس ٻالڪپڻو تباهہ ٿي ويو، ماءُ واريون ذميواريون هن تي اچي ويون، هوءَ انهن کان سدائين پڄڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ان وچ ۾ سندس ملاقات ٽيٽ سان ٿي جنهن ڪيس

لکڻ پڙهڻ سيڪاريو ۽ پوءِ هو وڏيڪ پڙهڻ لاءِ هن کي ڇڏي ويو، جنهن ڪانپوءِ هوءَ چيز سان ملي. هن ناول جي ڪهاڻي ايتري تہ خوبصورتي سان ٻڌايل آهي جو پڙهندڙ ان ۾ گم رهجي وڃي ٿو.

شويتا بچن نندا جو پيراڊائيز ٽائورز (2018): هي بالي ووڊ جي مشهور اداڪارن اميتاب بچن ۽ جيا بچن جي ڌيءَ شويتا جو پهريون ناول آهي، جيڪو ممبئي جي وچولي طبقي جي هڪ فليٽن جي عمارت پيراڊائيز ٽائورز ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڪهاڻي آهي، هن ناول ۾ ممبئي جي وچولي طبقي جي زندگي، انهن جي مسئلن، ڏکن سکن ۽ حالتن سان وڙهڻ جي ڪٿا ڏنل آهي، سچ اهو آهي تہ ناول پڙهڻ دوران ڪيترن ئي هنڌن تي اهو احساس ٿيو تہ ناول گهڻ بالي ووڊ جي ڪنهن فلم جو اسڪرپٽ پڙهندو هجان، عام رواجي ڳالهين کي عام رواجي انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي ناول ۾ تخليقي صلاحيتن جي کوٽ بہ محسوس ٿئي ٿي، هندوستان جي گهريلو زندگي کي چٽڻ لاءِ اجايا ڊگها سين ڏنا ويا آهن، مثال طور عورتن جي ڀاڄي ڪٽڻ کان ويندي فون تي ماءُ کان ڪنهن طعام پچائڻ جي ترڪيب پڇڻ. انهن کي پڙهي ائين ٿو لڳي جڻ ليکڪا ناول لکڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهي آهي، پر سندس هٿن مان ڪهاڻي جي ڏور ترڪي رهي آهي ۽ ناول کي اجايو ڊگهو ڪرڻ لاءِ اهي ڳالهيون ڏنيون ويون آهن. هي ناول مون تي ڪو خاص اثر ڇڏڻ ۾ ناڪام رهيو.

ميوريل باربري جو دي لائيف آف ايليوز (2015): سال 2020 ۾ ناول جي اپياس دوران جيڪو ناول مون کي سڀ کان وڏيڪ وڻيو اهو مارڪو جائي فرانسيسي ليکڪا ميوريل باربري جو ناول دي لائيف آف ايليوز هو، هي خوبصورت ناول اٽلي ۾ رهندڙ ڪالرا ۽ فرانس ۾ رهندڙ ماريہ جي ڪهاڻي آهي، ٻئي يارنهن سالن جون آهن ۽ اهي جنهن دور ۾ وڏيون ٿي رهيون آهن ان دور ۾ هڪ مها جنگ ٿيڻ جو خطرو آهي، ڪالرا کي پيانو وڄائڻ جو شوق آهي ۽ جئين هوءَ هڪ ڪليسا ۾ اچي ٿي تہ کيس پيانو وڄائڻ جي اجازت ملي ٿي، پيانو وڄائيندي ئي سندس آڱريون حيرت ۾ وجهندڙ ڌنون وڄائڻ لڳن ٿيون ۽ انهن جي ڪري کيس ماريہ جا ڏيکالا اچڻ لڳن ٿا، جيڪا ٽن پوڙهين سان گڏ فرانس ۾ رهندڙ آهي، اهي اسي سالن جون پوڙهيون جادو ٽوڻي سان گڏ يوناني دوائون ناهڻ جون پڻ ماهر آهن، اوچتو بدي جون طاقتون گڏ ٿيڻ لڳن ٿيون ۽ هڪ وڏي جنگ ٿيڻ جو خطرو آهي، هڪ اهڙي جنگ جيڪا سڀ ڪجهہ تباهہ ڪري ڇڏيندي ۽ هاڻي ايلفين ڪائونسل جنهن ۾ ڪالارا جو استاد بہ آهي، جي اها ذميواري آهي تہ ٻنهي ڇوڪرين کي پاڻ ۾ ملائي، اڳڪٿين موجب جنگي نقصان کان بچڻ جي اها ئي هڪڙي واٽ آهي. ناول جي

ڪهاڻي اهڙي تہ شاندار نموني اڻيل آهي جو لڳي ٿو سڀ ڪجهہ اسان جي اکين آڏو ئي ٿي رهيو آهي، ناول ۾ اهڙا ڪيترا ئي جملا ڏنل آهن جيڪي پڙهندڙ تي سوچ جو هڪ نئون جهان کولين ٿا، مثال طور صفحي نمبر 60 تي ڪالرا جو استاد ڪيس چئي ٿو: ”بالغ ڪوڙ ڳالهائيندا آهن ۽ ٻار انهن تي اعتبار ڪندا آهن.“ يا وري صفحي 71 جو هي جملو بہ ڪمال آهي: ”سيني جنگن جا پنهنجا ئي غدار هوندا آهن.“ اهڙي ريت صفحي نمبر 97 تي ڪجهہ هي جملا ڏنل آهن: ”ڌرتيءَ بنا انسان جو روح خالي هوندو آهي ۽ ڪهاڻين بنا ڌرتي خاموش هوندي آهي.... ڪهاڻيون ياد ڪر. اهي هن دنيا ۽ ٻي هر دنيا جي ڏاهپ آهن.“ اهڙن ڪيترن ئي خوبصورت جملن سان هي ناول ڀريل آهي.

عبدالواحد سومرو جو ايلسا (2020): عبدالواحد سومرو سنڌ جو هڪ بيباڪ ڪهاڻيڪار آهي، سندس ڪهاڻين جي خوبي اها آهي تہ اهي ڌرتي جي محبت سان ڀريل هونديون آهن. هي سندس پهريون ناوليٽ آهي جيڪو مرڪ پبليڪيشن ڇپرايو آهي. واحد صاحب جو هي ناوليٽ ائين تہ رومانس جي موضوع تي آهي، جنهن جا مک ڪردار ڊاڪٽر بدر، افشان ۽ ايلسا آهن. پر هي رڳو ٻن پريمين جي پيار ڪٿا نہ آهي.... هي شهر ڪراچي سان محبت جي داستان بہ آهي. هڪ سکيو ستابو شهر ڪهڙي نموني دهشتگردن جي ور چڙهي ويو. واحد صاحب خوبصورت انداز ۾ اهو بہ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هاڻي شهر ڪراچي ۾ زنده رهڻ ڪنهن ڪرشمي کان گهٽ نہ آهي. هن ناوليٽ ۾ واحد صاحب جو ڪهاڻي ٻڌائڻ جو انداز سادو ۽ چٽو آهي. ان ۾ هو اجائي ڊيگهہ کان پاسو ڪري ٿو جيڪا ئي هن ناوليٽ جي خوبصورتي آهي. لنڊن ۾ سيٽل ٿيل افشان محترمہ ايلسا قاضي جي شخصيت کان متاثر ٿي ڌيءَ جو نالو ايلسا رکي ٿي. سندس ڌيءَ اهو نالو رکڻ جو سبب پڇي ٿي ۽ افشان ڪيس ايلسا قاضي بابت ٻڌائي ٿي. جنهن تي ڪيس سنڌ گهمڻ جو شوق ٿئي ٿو ۽ سنڌ ڌرتي جي سير لاءِ اچي ٿي پر هتي هن سان هڪ ڏکائيندڙ واقعو پيش اچي ٿو. هن ناوليٽ جي پڄاڻي ٽريجڪ آهي پر پڙهندڙ آخري پنو پڙهڻ تائين ٻڌل رهي ٿو. هي 88 صفحن جو هڪ خوبصورت ناوليٽ آهي.

اروڌتي راءِ جو آزادي (نان فڪشن، 2020): هندوستاني ليکڪا اروڌتي راءِ ڪنهن بہ تعروف جي محتاج نہ آهي، تازو ئي سندس مضمونن جو ڪتاب ”آزادي“ ڇپجي چڪو آهي، جنهن ۾ سندس 2018 کان 2020 دوران لکيل 9 مضمون ڏنل آهن، انهن مضمونن کي پڙهي ائين لڳو جڻ اسان هڪ اهڙي دنيا ۾ رهي رهيا آهيون جيڪا تيزي سان تباهي ڏانهن وڌي رهي آهي،

جمهوريت، روشن خيالي ۽ آزاد خيالي ڪوڪلن نعرن ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهن، سماج ۽ خاص ڪري هندوستاني سماج تيزي سان مذهبي رجعت پسندي جي ور چڙهندو پيو وڃي. هنن مضمونن ۾ ارونڌتي گهڻي ڀاڱي ڪشمير ۾ ٿيندڙ رياستي جبر جو ذڪر ڪيو آهي، هن مودي سرڪار جي هندوستان کي هندو رياست ناهڻ واري سازش کي تنقيد جو نشانو بڻايو آهي، هن ڪشمير کي هندوستان جو حصو ٺهڻ تي به اعتراض واريو آهي، جڏهن ته هن هندوستان ۾ نئين شهري قانون لاڳو ٿيڻ تي به سخت ردعمل ڏيکاريو آهي. سندس سياسي بيانو هڪڙي پاسي پر ادب جي حوالي سان به سندس بيانيو ڏاڍو دلچسپ آهي، هن ڪتاب ۾ سندس مختلف موضوعن تي ڏنل ڪجهه ليڪچر به ڏنل آهن، جن مان ڪتاب جو پهريون مضمون "In what language does the rain fall over tormented cities" جيڪو پيبلو نيروڊا جي هڪ نظم جو پڻ عنوان آهي ادب ۾ ترجمي جي اهميت تي آهي، هي ئي مضمون مون کي ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ دلچسپ لڳو، هن مضمون ۾ هوءَ سندس ٻين ناول ”دي منسٽري آف اٽموسٽ هيپنيس“ جي مختلف ٻولين ۾ ترجمي دوران آيل مشڪلن بابت ٻڌائي ٿي ۽ پوءِ اردو ۽ هندي کي به الڳ ٻوليون تصور ڪرڻ تي ڏک جو اظهار ڪندي ان کي ماڻهن جي وچ ۾ ويڇا وڌائڻ جي سازش چئي ٿي، سندس خيال آهي ته اردو ۽ هندي هڪ ئي ٻولي آهي ۽ 1857 ۾ انگريزن خلاف ڪيل هندوستانين جي بغاوت ڪانپوءِ اردو کي مسلمانن جي ۽ هندي کي هندون جي ٻولي قرار ڏنو ويو، جئين ته ان بغاوت ۾ مسلمانن جو انگ وڌيڪ هو ان ڪري انگريزن اها سازش ڪئي. اهڙي ريت سندس ڪشمير تي ڏنل بلڪل اهو ئي آهي جيڪو پاڪستانين جو آهي، جنهن جي ڪري هندوستاني رياستي مشنري ۽ اتان جي نالي چڙهي آزاد ميڊيا ڪيس پاڪستاني ايجنٽ ۽ هندوستان جي غدار هجڻ جا طعنا ڏئي ٿي، سندس انهي بيان ئي جي ڪري ڪجهه وقت اڳ هن تي هندستاني ميڊيا تمام گهڻي تنقيد پڻ ڪئي، پر سندس خيال آهي ته هن کي سندس ڪم ڪرڻو آهي. هي هڪ خوبصورت ڪتاب آهي جنهن ۾ عام فهم انگريزي ۾ تمام وڏيون ڳالهيون ڪيون ويون آهن.

ادب جي دنيا ڏاڍي وسيع آهي، دنيا ۾ هر روز مختلف موضوعن تي هزارين ڪتاب ڇپجن ٿا، ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان ته جيڪڏهن اهي ڪتاب اسان جي زندگي ۾ نه هجن ها ته اسان جهڙن ماڻهن جو ڪهڙو حشر ٿئي ها؟ مون کي پوري پڪ آهي ته هڪ نه هڪ ڏينهن هن سوال جو جواب مون کي ڪنهن ناول يا ٻئي ڪنهن ڪتاب مان ئي ملندو.

ꝎꝎꝎ

# سنڌي ٻوليءِ ڊجيٽلائيزيشن

✍ **بشير احمد سومرو**

(ترجمو، جيو نيوز انگريزيءَ جي ٿورن سان)

هلندڙ سال جي مئي مهيني ۾ سنڌي ٻوليءَ هڪ تاريخي مقام حاصل ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته هيءَ پاڪستان جي ٻولين مان پهرين ٻولي آهي جنهن کي اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ ۽ گوگل جي گڏيل پروگرام جي تحت يونيورسل ڊپينڊينسيز جي طرفان ڊجيٽلائيزيشن جي لاءِ چونڊيو ويو آهي.

يونيورسل ڊپينڊينسيز 2005 ۾ وجود ۾ آئي جنهن جو اهم ڪم دنيا جي ٻولين کي مشين ريڊ ايبل فارميٽ (مشين جي پڙهڻ واري صورت) ۾ تبديل ڪرڻ آهي. هن اداري اڄ ڏينهن تائين دنيا تي ڳالهايون ويندڙ 6000 ٻولين مان 100 ٻولين کي چونڊيو آهي جنهن ۾ سنڌي به شامل ٿي وئي آهي.

يونيورسل ڊپينڊينسيز جي پراجيڪٽ ۾ پاڪستان جي قومي ٻولي اردوء کي پڻ ڪنيو ويو آهي پر اردوء کي پراجيڪٽ جي لاءِ پيش ڪرڻ جي رٿ انڊيا جي طرف کان آئي آهي نه ڪي پاڪستان مان.

يونيورسل ڊپينڊينسيز جي پليٽ فارم تان سنڌي جي شموليت واري اڳڀرائي جو سهرو ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي تي آهي جيڪو ڪمپيوٽيشنل ٻوليءَ جو ماهر آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ جي رجسٽريشن جي لاءَ درخواست پڻ ڏني هئي.

ڊاڪٽر مظهر ڏوتيو پنهنجي هن ڪاميابيءَ جي حوالي سان جيو چينل سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته انساني تاريخ ۾ ڊجيٽلائيزيشن پهريان کان تيزيءَ سان دنيا جي ٻولين کي ختم ڪري رهي آهي. انگريزي اڳ ۾ ئي ڊجيٽلائيز ٿيل آهي تنهن ڪري اها محفوظ ٿي وئي آهي. ساڳي طرح سان سنڌي ٻولي پڻ يونيورسل ڊپينڊينسيز جي فريم ورڪ جي ڪري محفوظ ٿي وئي آهي جنهن جو مقصد هي ٿيو ته سنڌي ٻولي هاڻي يونيورسل ٻولي ٿي وئي آهي ۽ اها ڊجيٽلائيزيشن جي رستي تي پڻ آهي.

اقوام متحده جي مطابق دنيا جي 6000 ڳالهائجندڙ ٻولين مان 43 سيڪڙو ٻوليون خطري هيٺ آهن ته اهي جلد ختم ٿي وينديون پر يونائيٽيڊ نيشنس

ايجوڪيشنل، سائنٽيفڪ اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن (يونيسڪو) دنيا جي سڀني قومن کي چتاءُ ڏنو آهي تہ هن صديءَ جي آخر ۾ انهن مان اڌ ٻوليون ختم ٿي وينديون.

سنڌي دنيا جي قديم ٻولين مان هڪ آهي جيڪا سڄي طرف کان کٻي ڏانهن لکي ويندي آهي جهڙيءَ طرح سان فارسي ۽ عربي لکي ويندي آهي پر سنڌي ٻولي جي لنڪ سنڌو تهذيب سان ڳنڍيل آهي جنهن جي پهريان رڪارڊ ٿيل لکت وارا نمونا موئن جي دڙي مان لڌا ويا آهن ۽ انهن لکتن کي دنيا جي لسانيات جا ماهر پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

سنڌي ٻولي انگريزن جي دؤر ۾ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو حاصل ڪيو ڇاڪاڻ تہ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن کي تہ ڇڏيو پر ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دؤر ۾ بہ دارسي سرڪاري زبان هئي پر تازو ئي برطانيا ۾ موجود هڪ تنظيم ورلڊ ميپرس سنڌي ٻوليءَ کي ڳالهائيندڙن تي تحقيق ڪندي دنيا جي نقشن جو هڪ مجموعو پيش ڪيو جنهن جي مطابق سنڌ کان ٻاهر دنيا جي گهٽ ۾ گهٽ 9 علائقن ۾ 24 ملين ماڻهو سنڌي ڳالهائي رهيا آهن پر تيزيءَ سان ٿيندڙ ڊجيٽلائيزيشن جي ڪري سنڌي ٻولي پڻ خطري هيٺ هئي جنهن کي بچائڻ جي سنڌي ماڻهن جي شاندار جدوجهد بہ ٿيل آهي.

مظهر ڏوتيي ٻڌايو تہ يونيورسل ڊپينڊينسيز جي ڳڏيل فريم ورڪ جي ڪري سنڌي ٻولي 150 کان مٿي ٽري بينڪ جي ذريعي آن لائين ترجمي جي پهچ ۾ اچي ويندي. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ سنڌي اينڊڙ ڏهن سالن ۾ ڊجيٽلائيز ٿي سگهي ٿي پر جيڪڏهن حڪومت مدد ڪري جيڪا هن وقت نہ ٿي ڪري، پر جي حڪومت مدد ڪري تہ هي عمل ڇهن يا ستن سالن ۾ مڪمل ٿي سگهي ٿو.

ڊاڪٽر مظهر ڏوتيي وڌيڪ ٻڌايو تہ هڪ دفعو سنڌي ڊجيٽلائيز ٿي وڃي تہ اها انگريزيءَ سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهندي ۽ انهن ٻولين جي قطار ۾ اچي ويندي جيڪي مڪمل طور تي ڊجيٽلائيز ٿي ويون آهن.

ꕥꕥꕥ

## پهاڪن جي حڪمت

- همٿ ڪانسواءِ ڪِي بہ هٿ نہ ايندو.
- ڳلا غيبيت پاڻ تي پهڻ ٿي اُڇلائي.
- خراب ڪمن ڪرڻ وارا خراب خيالن ڪرڻ وارا آهن.
- جلد پچندڙ ميوو جلد ڪِنو ٿو ٿئي.

# ڪروڌ

✍ **شريمتي پريا سنپال**

اَسانجي من جي شانتيءَ کي سڀ کان وڏيڪ خطرو هوندو آهي ڪروڌ جو يا ڪروڌ جي پيڙا جو. گهر يا آفيس ۾ ڪم ڪندي اَڪثر اَسان پنهنجي ٻارن يا ٻانڻ سان گڏ ڪم ڪندڙن سان غُصي ۾ پِيا ورتاءُ ڪندا آهيون. اَسان جي زندگيءَ ۾ اَهڙو ڪو ڏينهن مشڪل سان گذريو هوندو جو ڪم ڪندي يا ڪنهن ٻي سنساري ڳالهين سبب اَسان جي من جي شانتي ڀنگ نه ٿي هجي ۽ ڪنهن تي ڪروڌ نه ڪيو هجي.

هڪ دفعي ڪنهن نوجوان مدر ٽيريسا کان پڇيو، ”توهان دنيا جي ڪيترن ئي حصن ۾ ڪم ڪندا آهيو، ڪٿي ٻي انصافي جا مثال، ڪارناما ڏسي ڇا توهان ڪروڌ ۾ ايندا آهيو؟“

مدر ٽيريسا مُرڪندي سُهڻي نموني ۾ جواب ڏنائين ته، ”مان پنهنجي طاقت ڪروڌ تي خرچ ڇو ڪريان؟ جڏهن مان اِها پيار تي خرچ ڪري سگهان ٿي.“

وري ڪنهن پُڇيو، ”ڇا ڪروڌ جي ڪا دوا آهي؟“

ساڳئي نموني مُرڪندي چيائين ته، ”ڪروڌ جو جواب ڪروڌ سان نه، پر شانتيڪي نموني ۾ ڏيڻ کپي.“

ان جو هڪ بهترين مثال گوتم ٻڌ جو هن ريت آهي :

هڪ دفعي ڪنهن نوجوان گوتم ٻڌ کي پنهنجي گهر روٽي جي داعوت ڏني. گوتم ٻڌ اها داعوت قبول ڪئي. جڏهن گوتم ٻڌ ان ماڻهوءَ جي گهر پهتو ته هن ڏٺو ته ان ماڻهوءَ ڪيس ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ ڪوٺايو هو ڇو ته جيئن ئي گوتم ٻڌ ان ماڻهوءَ جي گهر اَندر گهڙيو ته اُن گوتم جي مٿان ٽيڪاٽپڻي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ گڏوگڏ اَڻ وڻندڙ لفظن جو به اِستعمال ڪرڻ لڳو.

گوتم ٻڌ ان ماڻهوءَ جي وهنوار کي ڌيان سان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لڳو. آخر ۾ گوتم ٻڌ شانت ڀاوَ ۾ ان ماڻهوءَ کان پڇيو ته، ”اي نيڪ انسان، مهمان اَڪثر توهان جي گهر ۾ ايندا رهندا آهن؟“

ان شخص جواب ڏنو، ”ها ايندا رهندا آهن.“

گوتم ٻڌ ڳالهه جو سلسلو چالو رکندي پڇيو، ”جڏهن توهان وٽ مهمان ايندا آهن تڏهن توهان انهن لاءِ ڇا تيار ڪري رکندا آهيو؟“

ان شخص جواب ڏنو، ”اَسان انهن لاءِ شاهي طعام ٺاهيندا آهيون.“

گوتم ٻڌ پڇيو، ”جيڪڏهن ڪنهن سبب اُهي مهمان نه اَچن ته پوءِ توهين ڇا ڪندا آهيو؟“

ان شخص جواب ڏنو، ”اَسين پاڻ ۾ اُهي طعام کائي ڇڏيندا آهيون.“

گوتم ٻڌ چيو، نيڪ آهي. توهان مونکي مانيءَ لاءِ ڪوٺايو آهي، پر توهان منهنجي ڪنور وچنن سان مهمان نوازي ڪئي. جيڪي توهان منهنجي لاءِ ڳارين روپي طعام تيار ڪيا آهن، مان انهن کي کائڻ لاءِ تيار نه آهيان، مهرباني ڪري اهي واپس کڻو ۽ پاڻ ويهي ڪري کائو. ايترو چئي گوتم ٻڌ شانت نموني ۾ اُن گهر مان نڪري هليو ويو.

ڪيترائي دفعا اَسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اَهڙن ماڻهن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي جيڪي گندا لفظ ڳالهائيندا آهن، غلط وهنوار ڪندا آهن ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندا آهن. اَسان کي انهن جي حيثيت تي اَچڻ بدران انهن جون اُهي ڪنور وچنن واريون سوغاتون ئي قبول نه ڪرڻ کپن. پوءِ انهن جي ڪاوڙ

ڪي ڪيڏانهن بہ وڃڻ جو رستو ئي ڪين ملندو ۽ اُها اُنهن وٽ ئي ڇڏيندا سين تہ اُهي پنهنجي غصي ۽ ڪروڌ سان پاڻ کي اَڪيلو پائيندا ۽ جلد ئي محسوس ڪندا تہ هنن ڪهڙو غلط ڪم ڪيو آهي ۽ هنن ڇا ڪيو آهي؟

ڪروڌ کي وس ۾ ڪرڻ لاءِ اَسانجي اَڳيان جيڪو ڪُجھہ ٿي رهيو آهي انهيءَ جي لاءِ شانت رهجي. اَسان جي گهر جا، آفيس جا ۽ ٻيا مسئلا جيڪي بہ اَسان جي اَڳيان اَچن انهن تي ڪروڌ نہ ڪرڻ گهرجي. اَسان شانت دماغ مان اُنهن مسئلن کي حل ڪرڻ وارا قدم کڻي سگهون ٿا.

ڪروڌ اَسان جي من کي ڪشٽ ڏيندو ۽ وڌيڪ دکي ڪندو. ڪروڌ اَسان کي پاڻ بيمار ۽ بيزار ڪري ٿو. ڇو جو هر بيماريءَ جي جڙ اَهنڪار، ايڳو ۽ ڪروڌ ئي آهي. اَسان کي گُهرجي تہ ايسور جي رضا تي راضي رهون ۽ چئون، سائين، ”تيرا ڀاڻا مينا لاڳي“، ”پريو جيئن هلائين تيئن واھ واھ.“ اِها ئي سوچ اَسانکي ڪروڌ کان بچائيندي ۽ سنسار روپي سمنڊ مان پار لڱائيندي. جيڪڏهن اَسان شانت رهنداسين تہ اَسان پنهنجين سيني شڪتين کي پنهنجي ضابطي ۾ رکي هر مسئلي کي منهن ڏيئي سگهنداسين ۽ وڌيڪ ڪارگر حل ڳولهي ڪڍنداسين.

ꙮꙮꙮ

# فليش فِڪشن : شهرت جي بُک

✍ **سيف نياز**

يار مليو تہ ڪجھہ ناراض ناراض ٿي لڳو. سمجھہ ۾ نہ ٿي آيو تہ ناراض ڇا تي آهي؟ گهڻو سوچيم پر اَهڙي ڪا ڳالھہ سمجھہ ۾ نہ آئي.

چيومانس : ”خير تہ آهي! منهن قتل گدري جهڙو ڪيو اَٿئي؟؟؟“

چِڙ مان چيائين : ”ڇڏ يار، فيس بوڪ تي هيڏي شاعري ٿو رکان، نہ ڪا لائيڪ نہ ڪا ڪمينٽ!!“

هاڻي مونکي يار جي ناراضگي سمجھہ ۾ آئي ... ٺهڪ ڏيندي چيم : ”معاف ڪجان يار، اَصل ۾ مصروفيت سبب تنهنجون پوسٽون پڙهي نہ سگهيو آهيان!“

منهن خراب ڪندي چيائين : ”پڙهي ڪهڙا ڦاڙها مارينديِن! ... بنا پڙهڻ جي ئي لائيڪ ڪري ... ڪو تعريفي ڪمينٽ ڪندو ڪر ... تہ ماڻهن کي خبر پوي!“

مان ڪيس حيرت مان ڏسندو رهيس ... تہ ڪياڙي کنهندي چيائين : ”مان بہ اِئين ڪندو آهيان!“

ꙮꙮꙮ

# عورت ۽ مرد خانداني ڇُڳي ۾ ئي سُٺا ٿا لڳن!

**عديل مهر**

جهڙيءَ طرح ريتن، رسمن، روايتن ۽ ڪجهه عقيدن گڏجي اهڙي ذهنيت پيدا ڪئي آهي جو عورت مرد کان گهٽ حيثيت واري آهي تهڙيءَ ريت رد عمل جي نفسيات وري اهڙو ذهن ناهيو آهي ته عورت مرد سان گڏ گذارڻ نه پر مقابلو ڪرڻ واري هستي آهي. پاڻ ۾ هوءَ مرد مان جان ڇڏائي ئي جيئي سگهي ٿي. گڏجي رهڻ جهڙوڪ غير فطري ڳالهه هجي. جيئن ته جُڳن کان پهرين حالت رهي آهي ۽ ٻن صدين کان ٻيءَ حالت جي تحريڪ هلندڙ آهي، يورپ ۽ آمريڪا تقريبن ٻيءَ حالت ۾ آهن پر اسان وٽ نئينءَ مان اها ڳالهه آئي آهي، تنهن ڪري ان تي بحث ٿيڻ کپن، سماجي صحت جي گهرج آهي ته بيمارين کي ڄاڻجي ۽ علاج وارن نسخن جي حقيقت کي به سمجهجي ۽ اهو به ڏسجي ته بيمار معاشرا انهن دوائن سان ڇاق چڱا ڀلا به ٿيا آهن يا نه.

فطرت جي تخليقي اسڪيم اها آهي ته مرد ۽ عورت حياتيءَ ۾ هڪٻئي جا شريڪ حيات آهن. انسان اُپائڻ واري پئداواري عمل جا شريڪ ڪار آهن. ان لحاظ کان ٻيئي انسانيت جا آبادگار آهن، هو وجودن جي وٽڪاري ۽ شجرن جي شجرڪاري ڪندڙ آهن. انساني جيءَ جي جُڙڻ ڪاڻ مٽي ۽ پاڻي آهن. هڪ ٻج، ٻيو پاڻ آهي. اسرڻ ۽ نسرڻ لاءِ اهي ئي آب و هوا آهن، سندي ذات مان ذرا پئدا ڪن ٿا ۽ ننڍن مان وڏا ڪن ٿا. وجودن مان وجود جنم وٺي ٿو، انساني نسل اڳتي وڌي ٿو، ٻچن کي پالين ٿا، پرگهور لهن ٿا ۽ گهورَ به وڃن ٿا، پيءُ ماءُ جو ٿيا پنهنجن ٻارن جي پاڻ کان وڌيڪ سنڀال ڪن ٿا، اولاد کي به اول هو ٿا گهرجن پوءِ ڪو ڪاڏو پيتو تو گهرجي.

زندگيءَ کي جيڪا به معنىٰ آهي اها عورت ۽ مرد جي رشتي سان آهي، ماڻهو ناهن ڄمندا اهي رشتا پئدا ٿيندا آهن، نسل جو اصل محبت آهي ۽ ان جو مرڪز گهر آهي، گهر اهو ادارو آهي جت جنم وٺي انسان جوان ٿيڻ تائين وڏو عرصو گذاري ٿو، ان ڪانپوءِ هن جي ڪا نوڪري، ڪا آفيس ۽ ڪو ادارو آهي، ڪاروبار ۽ وهنوار آهي، اهي سڀ ڪافي وڏو ٿي وڃڻ ڪانپوءِ جا هنڌ ۽ ماڳ آهن، الڳ ئي سهي پر گهر پوءِ به هڪ وڏي ڄمار رهڻ جي جاءِ آهي.

ڪجهه وقت رشتن جي تحفظ ۾ تو رهي ۽ ڪو زمانو ماڻهو رشتن جي حفاظت ڪندو تو رهي. هڪ خاندان آهي، پيءُ ماءُ جي سنڀال آهي، ٻار ننڍي مان وڏا ٿين ٿا، شاديون ٿين ٿيون، ياتي وڌن ٿا، خاندان مان خاندان جُڙن ٿا، معاشرو انهن جي مجموعي کي چئجي ٿو. معاشرن جي تهذيب ٿئي ٿي، تهذيب جا قدر ٿين ٿا، رشتا قائم ڪرڻ، انهن کي برقرار رکڻ، نڀائڻ اسان جا سماجي قدر آهن. انهيءَ ساري سماجي سرشتي ۾ گهر هڪ بنيادي ادارو آهي، جنهن جو ايڊمنسٽريٽر مرد آهي ته مئنيجر عورت آهي. ذميواريون الڳ الڳ آهن پر مانَ مرتبي ۾ ڪو فرق ڪونهي. فرق ڪرڻ وارا فطرت جا ڏوهاري آهن،

سماج ۾ جن لاءِ سزائون تجويز ٿيل آهن. سزا جهڙي ڳالهه تي سزا اچڻ گهرجي رشتا نه ٽُٽڻ گهرجن. ڇڄندا آهن ته وري نه ڳنڍيا آهن، جڳاڙ وارو جوڙ پهريون به نه هئڻ گهرجي پوءِ به نه ٿيڻ

گهرجي. وفا کي وچ مان نہ ڪيجي، ڇو جو بيوفائي رشتن کي اهڙو ٽوڙيندي آ جو ٽُٽيءَ کي ٽاڪو ئي نٿو لڳي!.

بدقسمتيءَ سان اسان جي ٻهراڙيءَ واري معاشري جي عورت مرد جي هيسيل آ، هن جي حالت بہ نيڪ ناهي، حق بہ ماريل آهن ۽ ڪا حيثيت بہ حاصل نہ اٿس. هوءَ حيوانن جهڙي حال ۾ رهي ٿي، اهڙي عورت جي آجپي لاءِ جيتري جدوجهد ڪجي ٿوري آهي. ضرورت اجان گهٽي آهي، پر ان لاءِ عورت کي باغي ڪري مارائڻ جو ايڊوينچر ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، مگر اسان جا ڪي خاص دانشور عورت کي انتقام لاءِ تيار ڪري رهيا آهن، هڪ انتها مان ڪڍڻ لاءِ عورت کي ٻي انتها ڏانهن ڌڪي رهيا آهن. ٻهراڙيءَ جي عورت تائين تہ هنن جي ڳالهہ نٿي پهچي، شهر جي عورت کي باغي ڪري پنهنجي ٻاڙ پوري ڪري رهيا آهن. اپر ڪلاس جي عورت ڪنهن حد تائين سندن همخيال ٿي چڪي آهي، مڊل ڪلاس جي عورت جو ذهن خراب ڪري رهيا آهن. جنهن جو اهڙو ڪو اشو ئي ڪو هي جو چئجي تہ عورت پنهنجا زنجير ٽوڙي رهي آهي. حقيقت ۾ اهڙو ڪلاس اصل مجبور عورت جو ڪيس خراب ڪري رهيو آهي، اصل جدوجهد کي بدنام ڪري رهيو آهي.

جيئن انگريزن جو استعمال ٿيل لٽو ڪپڙو ۽ بوٽ چپل لنڊي بازار ۾ وڪامجي ڪري اسان وٽ نئينءَ مان استعمال هيٺ ايندو آهي ايئن انگريزن جون ڪي غلطيون ۽ غلط فهميون نظرين جي نانءَ تي اسان جا ذهن والاري رهيون آهن. انهن مان هڪ وڏي غلط فهميءَ جو نانءُ “فيمينزم” آهي، اولهہ ۾ جنهن جي سڃاڻپ آهي “عورت جو مرد سان بہ بہ هٿ ڪرڻ”، صنفي برابري جي سهڻي نعري سان ڳالهہ ٿئي ٿي ۽ پوءِ مرد خلاف نفرت جي نرسري پوکجي ٿي. برابري لفظ بظاهر خوبصورت آهي پر جهڙي برابري اولهہ ۾ ونڻ وارن ورتي ۽ ڏيڻ وارن ڏني ان کي ڏسڻ سان ماڻهو اهو چوڻ تي مجبور ٿئي ٿو تہ “ان کان اسان اتي چڱا آهيون”!

ماڻهو جيڪي فطرت واري صنفي فرق کي تضاد طور پيش ڪن ٿا، اڻبرابري قرار ڏئي برابري جو اشو ٺائن ٿا، فساد وارو فهم پيدا ڪن ٿا، ان سان هو ان پاڻيءَ کي اُوٻاري ٿهڪائي سُڪائڻ چاهين ٿا، جيڪو فطري طور تي آڪسيجن جي هڪ ۽ هائيڊروجن جي ٻن ائٽمن وارو (H20) آهي، هو عورت ۽ مرد جي گهٽ وڌ ذميوارين تي اعتراض ڪري ايئن برابر ڪرڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا جيئن آڪسيجن ۽ هائڊروجن جي حصن جي برابري ڪري پاڻيءَ کي پاڻي رهڻ نہ ڏجي.

پر فطرت جيئن پاڻيءَ کي پيدا ڪرڻ لاءِ آڪسيجن ۽ هائڊروجن جو هڪجيترو مقدار رکڻ بدران هائيڊروجن جو ڪردار سوايو رکيو، تيئن زندگي جي بقاءِ لاءِ عورت کان مرد کي طاقت ۾ ڪجهہ سوايو رکيو ۽ هن جي مٿان ذميواريون ۽ بار بہ واڌارا رکيا، اهو فرق فضيلت کي ظئہ نٿو ڪري بلڪ ضرورت کي ظئہ ڪري ٿو. فطرت جي تقسيم تي اعتراض ڪرڻ وارا حضرات پنهنجي فارمولا تي پنهنجا خاص مرد ۽ عورت ڪنهن ليبارٽري ۾ پئدا ڪن، پوءِ جيڪي وڻنن ڪم ونن، باقي قدرت جي تقسيم تہ اها آهي.

ماڻهو کي حيثيت جي برابري کي عمل جي برابري بنائڻ جي چڪر ۾ آهن. برابري جو مطلب

اهو ناهي تہ هر ماڻهو لازمي طور اهو ڪم ڪري جيڪو ٻيو ماڻهو ڪري ٿو. اهو تہ ايئن ٿيندو جو اڪ ڪان اهو ڪم ورتو وڃي جيڪو نڪ ڪري ٿو، اهو ان کي پنهنجي ڪم ڪان وڃائڻ ٿيو ٻيو ڇا! جيڪو ڪم جنهن کي سونهين اهو ڪري، اصل ڳالهہ آهي تہ هن جو قدر ٿئي، هن کي مڃتا ملي، هر ڪم جي اهميت آهي، هر ڪنهن جي اهميت آهي.

مغربي معاشري جي غلطي اها آهي تہ هن عورت ڪان مرد وارا ڪم وٺڻ شروع ڪيا، نتيجي ۾ عورت، عورت نہ رهي پر هوءَ مرد بہ نہ ٿي سگهي. مرد جي برابر بہ نہ ٿي سگهي. هن جو گهر هليو ويو، هن جا رشتا ٽُٽي ويا، هن جا ٻار رُلي ويا ۽ الائي ڇا ڇا ٿي ويا. غير فطري برابري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هڪ وڏي اڻ برابري پيدا ٿي. اولهہ جو فيملي سسٽم تباهہ ٿي ويو، معاشرو فرد فرد ٿي ويو، فرد فرسٽريشن جو شڪار ٿي ويو، عورت جي حقن جي نالي تي عورتن جا حق کسائي ڇڏيائون، وڏو ظلم ڪري ڇڏيائون. زور جي ميندي تہ لڳائي وئي پر منديءَ رنگ نہ ڪيو، عورت کي گهر ڪان ٻاهر تہ ڪڍيو ويو پر عورت وري گهر نہ موٽي.

عورت مرد جي تفريح جو سامان بڻجي وئي. مغربي معاشري جا گناهہ ڳڻيا وڃن تہ عورت ان ۾ مٽيريل جيان استعمال ٿيندڙ نظر ايندي، باقي جيستائين حقن جي ڳالهہ آهي تہ ٻن اڍائي صدين جي آزاديءَ بعد بہ هوءَ پنهنجي حقن لاءِ روئيندي نظر ايندي، مرد جي برابر ڪيل عورت مرد جي شڪايت ڪندي نظر اخي ٿي، واقعا ۽ انگ اکر ٻئين پيري رکبا، في الحال ڪيس ايسٽيبلش ڪهي ٿو.

اسان وٽ تہ نئينءَ مان غلط فهمي پيدا ڪئي پئي وڃي پر يورپ ۽ آمريڪا ان آزادي ۽ برابريءَ جا نتيجا ڏسيو وينا آهن مڪمل آزادي ۽ موقعن جي باوجود عورت اڄ بہ مرد جي ماتحت آهي، مرد جي ئي هٿ ۾ آهي تہ ڪيس ڪٿي ويهاري ڪٿي بيهاري، سبب ڇاهي، سبب اهو آهي تہ عورت فطري طور انهن ڪمن جي لاءِ نہ هئي جيڪي ڪانئس ورتا ٿا وڃن، عورت گهر جي لاءِ هئي، اولاد جي تربيت جي لاءِ هئي، ان حيثيت سان هوءَ پوري دنيا واري هئي، پر جڏهن ڪانئس گهر کسيو ويو تہ ڪٿان جي نہ رهي!

عورت ۽ مرد جو هڪٻئي سان پيٺ ۽ مقابلي جو معاملو ئي ناهي، اختلافن کي اخلاقيات جي سائنس سان، فرضن جي عدم ادائگي کي سماجي تربيت سان، تعليم سان حل ڪري سگهجي ٿو، ان لاءِ فطرت سان ڦٽائڻ، رشتا ڇنائڻ جي ضرورت ڪانهي. ماڻهو جيڪي عورت ۽ مرد کي هڪٻئي جي سامهون ڪري بيهارين ٿا اهي گهر برباد ڪن ٿا، موقعو ڄاڻي غلط فهمي پيدا ڪن ٿا، پيدا ٿيل غلط فهميون وڌائن ٿا، هو يڪدم ڪين هڪٻئي جو متبادل بڻائين ٿا. هڪ ڪانسواءِ ٻئي کي جيئي سگهڻ جي صلاح ڏين ٿا. انتها درجي جي انتها ڪن ٿا. ڪجهہ ماڻهو شرارت ڪانسواءِ ٻيو ڪم ئي نٿا ڪن.

ڳالهہ هي آ تہ فطرت کي سمجهڻ جي ضرورت آهي يا بدلائڻ جي؟ انسان جي ضرورت فطرت سان مطابقت پيدا ڪرڻ آهي يا ان سان ٽڪر کائڻ آهي؟ ماڻهوءَ کي بهتر زندگي گذارڻ لاءِ توازن گهرجي يا عدم توازن؟ جن جي بہ آهي سراسر گمراهي آهي تہ مرد ۽ عورت هڪٻئي جا متبادل آهن انهيءَ لاءِ مدمقابل آهن، ان لاءِ ڪو ڪنهن کي ٿو ورغلائي ڪو ڪنهن کي ٿو مڃرائي، ڪن جو ڪم ئي اهو آهي.

# تِبت، ڪئلاش ۽ سنڌوُ

✍ قادر دائود پوٽو

گنگا ندي، (Ganga River System) هي رِيوَرِ سسٽم، اُتر (North) ڀارت جي ندين جو هڪ عظيم الشان Network آهي، جنهن ۾ ڪم-و-بيش چاليهه ندين ۽ وڏين ندين جو پاڻي اچي Mother River گنگا ۾ شامل ٿئي ٿو ۽ گنگا کي دنيا جي ندين جي لسٽ ۾ هڪ عظيم مقام ڏياري ٿو. هي ندي 2525 ڪلوميٽر ڊگهي ٿيندي. آبڪلياڻي جي مند ۾ هن ندي جو پاڻي 20 لک ڪيوسڪ تائين به ريڪارڊ ڪيو ويو آهي. گنگا ندي اُتر ڀارت ۾ دنيا جو هڪ بهترين، انتهائي خوبصورت، سرسبز، زرخيز، ۽ هڪ گُتيل آبادي وارو River Basin جوڙي ٿي. هي ريور بيسن تقريباً چاليهه ڪروڙ ماڻهن جي رهائش گاهه آهي. جن جو روزگار Bread and Butter هن ندي جي پاڻين تي آهي. هندو ڌرم ۾ گنگا ندي کي انتهائي مقدس، حيثيت حاصل آهي. ڪيس هڪ ديوي گنگا ماتا ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو. گنگا ماتا کي هندو ڌرم ۾ پاڪ ۽ پوتر ٻڻائڻ، ٻَدِيون ۽ ڏوهه بخشائڻ، سُرڳ جي راهه ڏيکارڻ جي علامت سمجهيو ويندو آهي. هندو لوڪ گنگا ندي جي پوڄا پاٺ ڪن، هن جي پاڻي ۾ شِنَانُ ڪن. هن جو پاڻي ساڻُ ڪڻي وڃن ۽ پنهنجي فوت ٿي ويل عزيزن ۽ قريبن جي راک کي گنگا جل حوالي ڪن. ان ڪان علاوه من جون مرادون پنڻ لاءِ گنگا ندي ۾ گلن جي ڀيٽا ڏين ۽ ڏيا ٻاري گنگا جل حوالي ڪن. بقول پٽ ڌڻي، آٽيو اَڪا ڏين، ڪٿوري سمونڊ کي. (وَهون وڻجارن جون). هتي سنڌ جو سرواڻ شاعر سمونڊ کي ڪٿوري پيو سڏي. اي پٽ جا ڌڻي، دنيا ۾ توکي اهڙي ڪا به شيءِ نظر نه آئي جنهن ۾ ڪو عيب هجي. تون ته هميشهه عالم ۾ اَڇائي ئي ڏٺي (سرمو سفيدي جو). عزازيل کي به طالب سڏي وئين. باقي سڀ ٿيا سڌڙيا. نفس کي به ڀيلي ۽ سڄڻ سڏيو. ( سچ ته اهو آهي ته اهڙو رازدان ڪو ڀيو). ڏونگر ته ڀيلي، ڏونگر مون سين روءُ، ڏونگر ڏکوئن کي. دلاسا ڏجن، ڏونگر ڏس پرين جو. ڪاف نه ڏين ڪو، اي ڪُلِ زَماني جا شاعر تو جهڙي ٻولي ته ٻئي ڪنهن به نه ٻولي. قديم ويد جيڪي هتي جي لوڪن سنڌو جي ڪناري ويهي لکيا، انهن ۾ سنڌو ۽ سرسوتي کي مقدس ۽ پاڪ پوتر ڄاڻايل آهي. سندن پوڄا پاٺ جو ذڪر پڻ آهي. انهن ويدن ۾ گنگا ندي جي پوڄا پاٺ جو ڪٿي به ذڪر ڪونهي. 2000 قبل مسيح ڪانپوءِ جڏهن هڙپا تهذيب جو زوال اچڻ شروع ٿي ويو ۽ پوءِ آهسته آهسته هن لوڪن اوير ڏانهن لڏ پلاڻ شروع ڪئي، تان جو وڃي گنگا - يمنا دوآب تائين پهتا. سلطنت موريا (3rd Century B.C.) جي دؤر ۾ گنگا-يمنا تهذيب جو عروج شروع ٿيو ۽ موريا سلطنت جي Great Ashokaجي دؤر ۾ تقريباً سڄي سنڌو (ڀارتي) سڀيتا جو مرڪز سنڌو جي بجاءِ گنگا

شفٽ ٿي ويو. البت پوئين دؤر جي رگ ويدن ۾ حالات سان مطابقت رکندي، گنگا ندي کي هندو ڌرم ۾ ڪيس مرڪزي حيثيت ڏني ويئي. ڪيس مقدس ۽ پاڪ پوتر پڻ ڄاڻايو ويو. اشوڪا ته پنهنجو مرڪز ٻه گنگا ندي جي ڪناري تي آباد شهر پاٽلي پترا (اڄوڪي دؤر جو پَٽنا ٻِهار صوبي جو ڪيپيٽل سٽي) کي بڻايو. هي ئي مَهاڀارت جي عروج جو دؤر هيو. جڏهن Ashoka the Great جي سلطنت اوڀر ۾ برما جون سرحدون ٽپي ويئي ۽ اُتر ۾ افغانستان ۽ ڏکڻ اُتر ۾ سنڌو جي چولين ڪان ٻه اڳتي نڪري وڃي ايران دنگ ڪيائين. هن ئي دؤر ۾ ڌرمي ۽ ثقافتي لحاظ ڪان گنگا سيپتا عروج تي پهتل نظر اچي ٿي. گنگا جمنا جا هي علائقا موريا خاندان ڪان وٺي مغلن تائين (16th Century AD) طاقتور سلطنتن جا محور ۽ مرڪز رهيا. مغل هتان جا لوڪ نه هيا. ڌاريا حملا آور هيا. انهن جي لشڪر ۾ گهڻو ڪري ترڪ، افغان ۽ وچ ايشيا جون قومون هيون. جن جو روزگار Bread & Butter ئي قتل عام، لُٽ مار ۽ مال غنيمت تي هيو. ڀارت جيئن ته جهنگلن جبلن، ندين نالن ۽ ميدانن جي سرزمين هئي، گنگا جمنا جا هي سرسبز ۽ زرخيز ميدان جنت نظير مثل هيا، تنهنڪري هنن علائقن جون ڪافي زمينون ۽ جاگيرون، خاص ڪري گنگا جمنا دوآبه جا علائقا لشڪر جي عهديدارن ۽ وچ ايشيا ڪان مختلف وقتن ۾ ايندڙ رئيسن، معتبرن ۽ نوابن کي مال غنيمت طور ڏنا ويا. هي ئي اهي علائقا هيا جتي اڳتي هلي اردو زبان ۽ مشهور گنگا جمني ڪلچر (Which was most liked and loved once upon a time) جنم ورتو ۽ عروج تي پهتو.

گنگوتري گليشيئر مان هن ندي جي شروعات ٿئي ٿي. هي جڳهه اولهه هماليه ۾ تبت جي ويجهو ۽ ڀارت جي اُتراکنڊ رياست ۾ آهي. هن ندي کي ڀاڳيرٿي جي نالي سان به سڏيو وڃي ٿو. ڀاڳيرٿي ندي 200 ڪلوميٽر سفر ڪري، ديو پرياڳ جي مقام تي الک نندا ندي سان ملي ڪري گنگا ندي جوڙي ٿي. هتان ئي اصلي گنگا شروع ٿئي ٿي. هتان ڪان (ديو پرياڳ) ڪان آخر تائين (خليج بنگال) تائين هي ندي هندو ڌرم ۾ هڪ مقدس ۽ پاڪ پوتر حيثيت رکي ٿي. هن جي چپي چپي جي پرارٿنا ۽ پوڄا پاٺ ٿئي ٿي. گنگا جل ۾ شنان ڪيو وڃي ٿو، گنگا جل گهرن ۾ رکيو وڃي ٿو. راک کي گنگا جل حوالي ڪيو وڃي ٿو. گلن جي پيتا ڏيڻ، اڪا ڏيڻ، ڏيا ٻارڻ وغيره وغيره. الک نندا ندي جيڪا ڀاڳيرٿي سان ملي ڪري گنگا ندي جوڙي ٿي، اها پڻ 200 ڪلوميٽر ڊگهي ٿيندي. سَتو پَنٿ گليشيئر (هماليه) مان جنم وٺي ٿي. الک نندا ۾ ٻي ٻيون نديون اچي ملن ٿيون، جن جي Origin نندا ديوي پربت، بدري ناٿ، ڪيدار ناٿ (هماليه) آهي. هي سڀ هندو مت جا ڌرمي مقام آهن. هنن مقامن جي تيرٿ ياترا ۽ پوڄا پاٺ پڻ ٿئي ٿي. رياست اُترا کنڊ ۾ هردوار شهر ڪانپوءِ گنگا ندي پنهنجو رخ ڏکڻ اولهه ڪان ڦيرائي ڏکڻ اوڀر طرف ڪري ٿي ۽ اتر پرديش جي ميداني علائقن ۾ داخل ٿئي ٿي. هتي چڱو

خاصو سفر طئہ ڪرڻ ڪانپوءِ بهار رياست ۽ مغربي بنگال مان ٿيندي بنگلا ديش ۾ پهچي ٿي ۽ پنهنجو سفر خليج بنگال ۾ پورو ڪري ٿي. گنگا جي هن سفر ۾ ڪيترين ئي ندين هن جي اتر طرف کان هماليا جبل مان، ڪيترين ئي ڏکڻ طرف کان اندين پينن سولا ( Peninsular Rivers ) مان اچي ملن ٿيون. ياد رهي تہ هماليہ جي ندين ۾ Perennial Flow هر وقت وهندڙ نديون چشمن ۽ برف پگهرڻ جي ڪري) ٿئي ٿو. باقي پيننسولا جون نديون صرف مون سون جي مند ۾ نيڪ ٺاڪ پاڻي کڻي آڻين ٿيون. ٻوڏ جي مند ۾ گنگا جي وهڪري کي ٻنهي طرفن کاٻي ۽ ساڄي پاسي جون نديون ويهہ لک ڪيوسڪ تائين ٻہ پهچايو ڇڏين. گنگا جي ساڄي طرف کان هڪ عظيم الشان ندي يمنا ندي آهي. هي ندي هماليہ جبل کان نڪري ٿي. سندس ڊيگهہ 1400 ڪلوميٽر ٿيندي. هن ندي جي ڪناري تي دهلي، آگرا ۽ تاج محل آباد آهن. يمنا ندي الله آباد (پرياگ راج) ۾ اچي گنگا سان ملي ٿي. هن جڳهہ کي تروينڻي سنگم ٻہ (ٽن ندين جو ميلاپ) سڏيو وڃي ٿو. هتي گنگا، يمنا ۽ سرسوتي ٽئي نديون پاڻ ۾ ملن ٿيون. (سرسوتي هڪ گمنام ندي آهي. شايد ڪنهن زماني ۾ سندس وجود هيو. البت ويدن ۾ هن جو ذڪر آهي. ڀارت جا ڏاها، رشي ۽ مها گرو اڄ تائين پيا ڳولين تہ سرسوتي ندي ڪيڏانهن وئي). هتي گنگا ندي جو نظارو پڻ ڏسڻ وٽان آهي. هن مقام کي هندو ڌرم ۾ هڪ انتهائي مقدس ۽ پاڪ پوتر حيثيت حاصل آهي. هتي هر ٻارهن سالن ڪانپوءِ دنيا جو هڪ عظيم الشان ۽ پرامن ميڙو منقعد ڪيو وڃي ٿو. جنهن کي مها ڪنڀ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. 2001 ۾ منقعد ٿيل مها ڪنڀ ميلي ۾ دنيا جا تقريباً پنج ڪروڙ ماڻهون اچي گڏ ٿيا. يمنا ۾ پڻ ساڄي طرف (ڏکڻ) کان ٽي نديون اچي ملن ٿيون جن مان هڪ جو نالو سنڌو آهي. هڪ ٻئي مشهور ڪرنالي ندي آهي. هي ڪئلاش ۽ مانسرور جي ندي آهي. هن ندي جو گهڻو وهڪرو نيپال ۾ آهي. ياتري ڪئلاش ۽ مانسرور جي ياترا لاءِ نيپال کان هن ندي جي رستي جي چونڊ ڪندا آهن. ڀارت ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هن کي گهاگهرا جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هن جي ڊيگهہ 1100 ڪلوميٽر آهي. هي ندي سيني ندين کان وڌيڪ پاڻي گنگا ۾ آڻي ٿي. گريٽر گنگا ۽ ان جي Tributaries تي نارٿ ڀارت جا ڪجهہ مشهور شهر هي آهن : رشي ڪيش، هردوار، فتح ڳڙهہ، ڪانپور، الله آباد (پرياگ راج) ، غازي پور، مرزاپور، فرخ آباد، وَرَانسِي (بنارس)، پٽنا، مرشد آباد، پلاسي، ڪلڪتا، هاوڙا، راج شاهي، غازي پور، فريد پور، منشي گنج، نارائڻ گنج، ڍاڪا، مترا، اَيوڌيا، برِيلي، لکنئو، وغيره.

## ڪنڀ ميلو :

هي ميڙو هر ٻارهن سالن ۾ چار دفعا مختلف شهرن ۾ ملهايو ويندو آهي. الله آباد (پرياگ راج) ۾ گنگا جمنا سرسوتي ندي جي سنگم تي. هردوار (اتراکنڊ) گنگا ندي

جي ڪناري. ناشڪ ۾ گوداوري ندي ۽ اُجين ۾ شِپرا ندي تي ملهايو وڃي ٿو. لکن ڪروڙن ۾ پوري دنيا جا هندو لوڪ هن ميلي ۾ شريڪ ٿيندا آهن. ميڙو هڪ ڪان ٽن مهينن تائين جاري رهندو آهي. هن ميڙي جي سڀ کان دلچسپ ڳالهه اها آهي ته سوَن ۽ هزارن جي تعداد ۾ ناگا ساڌوُ (الف اگهاڙا) مٽي ۾ ڀيوت، ٽولن جا ٽولا، اوچتو اچي جلوس جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن. ميلي جا ياتري هنن ساڌن کي حيرت وچان پر احترام جي نظرن سان ڏسندا آهن. هي ساڌو ميڙي ۾ عجيب و غريب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڪرتب ڏيکاريندا آهن. مثلن هڪ ساڌو 20 سالن کان ٻانهَ کي اُڀو جهلي بيٺو آهي ته اڄ تائين اها ٻانهه اتي اُڀي بيٺي آهي. هڪ ساڌو ڇهه مهينا بغير کاڌي پيتي جي قبر ۾ رهيو ۽ ڇهن مهينن ڪان پوءِ ٻه جيئرو نڪري آيو. هڪ ساڌو سوَن ڪلوميٽرن جو سفر نُونِن ۽ گوڏن ڀر طئہ ڪيو. سڪندر دي گريٽ ڀارت مان ڪجهه ساڌو ۽ سنياسي فقير پاڻ سان ساڻ يونان وٺي پئي ويو. رستي ۾ هڪ ساڌو بيمار ٿي پيو ۽ ٺيڪ نہ پئي ٿيو. ان ساڌو پاڻ کي پاڻ مارڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو. سڪندر جا لشڪري ۽ جرنل حيرت ۾ پئجي ويا تہ ماڻهون پاڻ کي پاڻ ڀلا ڪيئن ٿو ماري سگهي. سڪندر ۽ ان جي جرنلن صرف اهو ڏسڻ لاءِ ته هي ساڌو پاڻ کي ڪيئن ٿو ماري اجازت ڏيئي ڇڏي. ساڌو هڪ ڪاٺين جو وڏو ڏاگهه نهرايو ۽ ان جي وچ ۾ پاڻ بيهي رهيو. چيائين باهه ڏيو. باهه ساڌو کي وڪوڙيندي ويئي ساڌو جيئن جو بيٺو هيو ايئن ئي بيٺو رهيو. سندس جسم جا عضوا هڪ هڪ ٿيندا باهه ۾ سڙندا ۽ ڪرندا ويا، تان جو سڄو سڙي ويو. مجال آهي جو پنهنجي جاءِ تان چُريو يا ڪا ڏرڙي ڀريائين. سڙندو سڙي ويو. پٽ ڏٽي سر رام ڪلي ۾ هنن ساڌو فقيرن جا پنجاهه ڪان مٿي قسم بيان ڪيا آهن، جن مان ڪجهه نالا هتي ڏجن ٿا: سامي، جوڳي، لاهوتي، ڪاپڙي، ويراڳي، سنياسي، آديسي، بيڪاري، ناگا، پوربيا، ناٿ پنٿي، ڪلپتي، موالي، ڪن وٽيا، ڪن چير، ڪن ڦاڙ، ڪن ڊار، لاگوٽيا، گودڙيا، ريڳڙيارا، مهيسي، صابري، وغيره.

ويٺي جنين ورهه ٿيا، مٿي سين ميري،

اکيون الک سامهون، پون ڏي نہ ڦيري.

(پٽ ڏٽي)

(سنڌو جو سير جاري آهي)

# منهنجو دوست

**ڊولڻ راهي**

16 مئي 1949 ۾ اجمير ڄائو **پرهلاد خوشحال داس ڪرمواڻي** منهنجو اڌ صديءَ کان همراه، هم قدم، همنفس، همدم، ٿوري ۾ چوان تہ دلگهريو دوست آهي. مٿس ڪجهہ لکڻ ڄڻ پاڻ تي لکڻ آهي. ستن ڀائرن ۾ وڏو آهي ۽ پتا جي هوندي خواه ڪانئس پوءِ وڏپڻ جا سڀ فرض بخوبي سرانجام آڻيندو رهيو آهي اڄ سوڌو. پاڻ ٽن ٻارن (ٻہ پٽ هڪ ڌيءُ) جو پيءُ آهي. ٽئي ٻار ٻارن ٻچن وارا آهن. وڏو پٽ سالن کان سنڌورڪي آهي، ننڍو اجمير ۾ ئي ڌنڌو ڪندو آهي ۽ ساڻس گڏ رهندو آهي. پاڻ چترڪاريءَ سان ننڍي لاڪُر واڳيل آهي. راجستان يونيورسٽيءَ مان چترڪاريءَ ۾ پوسٽ گرئجوئيٽ ڊگري يافتہ ۽ گولڊ ميڊلسٽ آهي. پرسڌ چترڪار **رام لعلچنداڻي سندس سهپاٺي ۽ ڀڳمٽ يار** هو. جڏهن بہ ممبئي وڃڻ ٿيندو هوس تڏهن رام سان ضرور گڏبو هو. رام هر دفعي چوندو هوس، ”ممبئيءَ آسودگي تہ ڏني آهي پر هتي من کي سڪون نٿو ملي. اجمير ۾ ڏِسُ ڪا اهڙي جاءِ ملي جتي ٻئي ڪٽنب سوڌا گڏجي رهون.“ حالتن جي مد-نظر ائين تہ نہ ٿي سگهيو پر اجمير کي مِس ڪندو هو ۽ اُتي جو ذري پُرزي حال احوال ضرور پڇندو هوس. چاڪاڻ پنهنجو شهر هر انسان جي اندر هميشهہ زنده رهندو آهي.

پرهلاد هاير سيڪنڊري پاس ڪري مون سان گڏ ٿلواڻي صاحب واري آدرش وديالیہ ۾ ماستري پيشو اختيار ڪيو. اسانجي چونڊ سنگيت ۽ چترڪاريءَ سبب ٿي، چاڪاڻ ٿلواڻي صاحب ڪلا پارکو هو. ڪجهہ سالن بعد هوُ سرڪاري بجلي وڀاڳ جو ڪارڪن ٿيو ۽ آخر اُتان 2009 ۾ رٽاير ٿيو ۽ اڄ پينشن بردار آهي. نوڪريءَ دوران نہ رڳو چترڪاريءَ وارو شوق برقرار رکندو آيو پر اُن ۾ ڊگري پڻ حاصل ڪيائين. ڪافي انداز ۾ ماڊرن گرئفڪس ۽ ٽرئڊيشنل پيئنٽنگس ناهڻ کان سواءِ اجمير مان جيڪي بہ ادبي ڪتاب شايع ٿيا، ڪم و بيش سڀني جا سر ورق هن ڊزائين ڪيا. 1968 کان اڄ تائين نارائڻ شيام، هري همٿاڻي، گوورڌن ڀارتي، هيم ناگواڻي، ڪملا گوڪلاڻي، سريش ٻٻلاڻي، ڊولڻ راهي، جيا جادواڻي، گهنشام شرما وغيره جا جيڪي ڪتاب اجمير ۾ ڇپيا، تن سڀني جا (ايڪڙ ٻيڪڙ کي ڇڏي) سرورق سينگارڻ جو جس

هنکي ئي آهي. ڪونج ۽ سُريي سان بہ قرب نيايائين. اڄ تہ ڪمپيوٽر مهاشيہ وڏي سهوليت ميسر ڪري ڏني آهي پر جڏهن سڄو ڪم هٿ جي هنر ذريعي ڪيو ويندو هو تڏهن بہ هن ڪنهن کان ڪڏهن ڪنڌ ڪون ڪڍايو ۽ پنهنجا ڪم ڪاريون سيڙائي، جوڳ پڇائي يارن جا ڪم اُڪلايائين ۽ اِهو سڄو پورهيو پيار وچان ڪيائين ۽ نہ پئسي پنجڙ خاطر. سندس پينٽنگس جا ڪجھ نماءَ بہ اجمير پشڪر جئپور وغيره ۾ ٿيا. سوامي ٽيئونرام ۽ سوامي ماڌوداس جي جيوني بہ چترن ۾ ظاهر ڪئي اٿائين جا آدرش نگر اجمير واري آشرم جي شويا وڌائي رهي آهي. هونءَ بہ سندس وڏا ٽنڊي آدم جا هئا انڪري پاڻ بہ پڪو پريم پرڪاشي آهي. هر روز ستگرن جي ڪا نہ ڪا سکيا ۽ سندر چتر وارو مئسيج واٽسپ تي ڏيڻ سان صبح جي شروعات ڪندو آهي. مان ڪا بہ نئين تخليق ڪريان تہ پهرين ڪيس موڪليان. هو تتي تئيءَ اُنکي پنهنجي ڪلپنا سان ڪمپيوٽري نقش نگاريءَ ۾ ترجمو ڪري موڪلي. مان ڪڏهن ڪڏهن عجب ۾ پئجي ويندو آهيان تہ ڪيتري سوکيمتا سان منهنجي ڀاوجڳت کي محسوس ڪري پنهنجي سوجھيءَ سان چترڪاريءَ ۾ تبديل ڪندو آهي.

ڪٽنب جو وڏو هئڻ جي حيثيت ۾ نہ رڳو پنهنجي پر ڀائرن جي ڪٽنبن سان شادي غمي ۽ ٻين ضروري ڪمن ڪارين وقت صلاح مصلحت ڪان وٺي ڪم ڪار ۾ ٻانهن ٻيلي ٻڄي حاضر رهندو آهي. سالن کان ڪيس نگري بيماريءَ بہ حلاک ڪرڻ مان ڪين گهٽايو آهي پوءِ بہ ڪم وقت يارن جي ياد ڪرڻ تي اُڏاٽو ايندو. ڪل ٽوٽڪي، چرچي گهٻي واري ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ راڳ توڙي ادب جو شوقين آهي. سندس ڀاءُ مهاديو ممڪري آرٽسٽ آهي ۽ ٻيو ڀاءُ لعل ڪرائوڪي تڪنيڪ سان ڏڪڙ تي اٿو لڳايو وينو آهي.

رٽايرمينٽ کان پوءِ وقت ڪٽڻ لاءِ ۽ ٻارن کي ٽائينڪو ۽ سکيو ڪرڻ لاءِ بہ ٽي بنگلا جوڙايا اٿائين. فطرتي طور شريف ۽ ظريف آهي، حريف تہ بلڪل نہ. مون سان، هري همٿاڻي ۽ ناڪر نيپواڻيءَ سان پختا پريت جا پيچ اٿس. گهر ۽ ٻَرَ سان توازن رکي خوش مزاجيءَ سان زندگي گذاريندو اچي. شل ڏٽي ڪيس شاد آباد رکي.

ﻌﻌﻌ

# جئہ جھولیلال - سنڌيت جي جوت

✍ تمنا مٽلاڻي (گونديا)

## اَسان ڪٿي وڃي رهيا آهيون ....؟

ساٿيو! ڪنهن به سماج جي ريڙهه جي هڏي اُن جون ريتيون-رواج ۽ پرمپرائون هونديون آهن. جيڪڏهن اَسان پاڙيءَ جي وهڪري جي اُبتي ڏِشا ۾ ترڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته اَسانکي ڪنارو ڪونه ملي سگهندو. پوءِ نه اَسان هيڏانهن جا رهنداسين ۽ نه ئي هوڏانهن جا رهنداسين.

سماج ۾ اَگر بدلاءُ ئي ڪرڻو آهي ته سڪاراتمڪ (شفي) بدلاءُ ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪم ڪرڻ گُهرجي. نڪاراتمڪ (نفي) بدلاءُ ڪڏهن به سماج جو ڀلو نه ڪري سگهندو. بنا وجهه پنهنجي اوُرجا ۽ سميه برباد ڪرڻ جو ڇا فائدو ٿيندو. هڪ ڀيرو ويچار ضرور ڪندا.

اَسانجي وڏن پاران هرهڪ ريت رواج سوچي سمجهي ڪري ٺاهيو ويو آهي. بدلاوَ جي اِن لهر ۾ جيڪڏهن ڌيءَ کي گهوڙي چڙهائڻ جي وڪالت هلي رهي ته پوءِ ڇا پُٽ کي ڊوليءَ ۾ ويهارڻ جي تياري به ڪري ورتي آهي؟ هرهڪ ڳالهه جي پنهنجي مريادا آهي.

## اَهڙو ڏيکاءُ ڪهڙي ڪم جو ...؟

اَسان ڏيکاءَ جي بيماريءَ کان جيترو پري رهنداسين اوترو ئي اَسان قرض کان به پري رهنداسين. وهانءَ ۽ مڱڻيءَ جو نينڊ رُڳو پنهنجي پرِيُن ۽ مِتن-مائٽن يا جنهنکي ضروري آهي، اُنهن کي ئي ڏيڻ گُهرجي. بِنا ڪارڻ جي خلق جمع ڪري آخر ڇا حاصل ٿيندو؟

ڊِي. جي. ۽ ٻيا طعام-جام جيئن وڏا مانڊا (پنڊال)، طرح طرح جا طعام، آرڪيسٽرا وغيره اُنهن ماڻهن لاءِ ته ٺيڪ آهن، جيڪي سمپن ۽ شاهوڪار آهن پر جيڪي ماڻهون پورا سارا آهن، اُنهن لاءِ اِهي ساڌن هڪ (ناسوُر) سنڪرمڪ بيماريءَ وانگر آهن. اَهڙي اِنتظام کي ڏسي ڪري هرهڪ ماڻهو اِن پرڪار جي اِنتظام ڪرڻ جي لالسا پالي وهندو آهي ۽ پوشيه ۾ اِها لالسا ئي قرضن کي سڏ ڏيندي آهي. اِنڪري اَچو اَسان سڀئي مِلي ڪري اَڄ پرڻ ڪريون ته ڏيکاوَ جي بيماريءَ جي پرسان به اَسان ڪونه ويندا سين ۽ پنهنجي پرِيُن کي به اِن بيماريءَ کان ساوڌان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

☙☙☙

# جيئڻ ٻہ هڪ ڪلا آهي !

✍ اَرجن چاولا

اِنساني زندگي قدرت ڪان مليل هڪ ڏات آهي. اَشرف اَلمخلوقات اِنسان سيني ساهوارن ۾ سريشٽ آهي. جيون جيئڻ لاءِ مليو آهي ۽ جيئون ٻہ سڀيئي ٿا پر جيئڻ جو ڏانءُ سڀ وٽ ڪٿي؟

اَڄ جو زمانو سُک ڀوڳڻ واري منورتي رکي ٿو. ڪو زمانو هو جڏهن اَسان جو ضرورتون صرف روٽي ڪپڙو ۽ مڪان تائين محدود هيون. پر اَڄ ضرورتون وڌي ويون آهن. اَڄ ڌن جو ئي قدر آهي. انهيءَ ڪان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ هر نوجوان کي روزي-روٽيءَ لاءِ دنياداريءَ نہ رڳو ورتڻو پوي ٿو پر سنگهرش ڪرڻو پوي ٿو. سنگهرش تناوَ طرف وٺي ٿو هلي. هر کيتر ۾ ماڻهو اَڳيِ ئي جدوجهد ۾ لڳل آهن. انهن کي هٽائي پنهنجي لاءِ جاءِ ٺاهڻ ڏکيو ڪم تہ ضرور آهي. ڏينهون پوءِ وڌندڙ ضرورتن جي پوري ڪرڻ ۾ تناوَ ڪان بچڻ مشڪل آهي. جئن جئن ضرورتون وڌن ٿيون تئن تئن ماڻهو تناوَ ۾ جڪڙبو ٿو وڃي. وقت سان گڏ ماڻهن جو ماحول ۽ جيئڻ جو رنگ ڍنگ بدلجي رهيو آهي. انهيءَ ڪارڻ عام ماڻهوءَ جي ذهني ڪيفيت يعني مانسڪتا ۽ سوچ جي صورت ۽ دائرو ٻہ بدلجي رهيو آهي. اَڄ جي يُڳ کي ڀوتڪتاوادي يُڳ چيو ويو آهي. ڀوتڪتا جو ٿُلهي ليکي اَرٿ آهي پنهنجي لاءِ زياده ڪان زياده ساڌن يا ذريعيا ميسر ڪرڻ. هر شخص ڍير ساري چيزن جو سنگره ڪري سُکي ٿيڻ چاهي ٿو. انهن شين جو واسطو ٻاهر جي دنيا سان آهي. اها بيروني يا خارجي External دنيا مان سک ماڻڻ جي ڪوشش ليکي ويندي. پر درحقيقت سک تہ اَندر جي سنسار مان اُپجي ٿو. سُک تہ اَنتر من جي اَنوڀوتي آهي. ڌن دولت سان نہ رڳو شان شوڪت وڌي ٿو پر رُتبي سان گڏ اَهنڪار ٻہ تہ وڌي ٿو. ڌن دولت اَهنڪار کي شانت ڪري ٿو پر ماڻهوءَ جي لڪل گڻن جو وڪاس نٿو ڪري.

سنسار ۾ اَڄ هر طرف اَشانتي، ڀؤ ۽ دک نظر اَچي ٿو. انهيءَ پيڙا ۾ ڀيسجندڙ ماڻهو زندگيءَ جو اَصلي سواد ڀلا ڪيئن ٿو ماڻي سگهي! اَهڙو شخص پنهنجي زندگيءَ تي ئي ڏمرجي ٿو، غصو ڪري ٿو. سوال اهو ناهي تہ ماڻهو ايترو اَشانت، دکي ۽ چنتائن ۾ ٻُڏل چو ٿي پيو آهي. پر سوال هيءُ آهي تہ جيڪا چنتا پاڻ ئي پيدا ڪئي آهي، ان جو خاتمو ڪرڻ جي ڪوشش چو نٿي ڪئي وڃي؟ عمر درازي يا بزرگي ماڻڻ لاءِ ديوي ديوتائن جي ڪرپا يا آسيس نہ کپي. وگيان چوي ٿو تہ ٿوري سوجهہ ٻوجهہ سان سؤ سالن تائين يا اَجا متي جي سگهڻ ممڪن آهي. جهڙي طرح مهان وستو کي حاصل ڪرڻ لاءِ جنهن قسم جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، تهڙي طرح جيون ۾ عمر درازي ۽ صحتمندي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ٻہ ڪري سگهجي ٿي. پر اهو سڀ انهيءَ تي دارومدار رکي ٿو تہ ماڻهو ڪيترو نيڪ نيت ٿي ڪري ڪيتري لگن سان ڪوشش ڪري ٿا ٿا حاصل ڪيو!

جيون جيئڻ يا زندگي گذارڻ جي نظريي ۾ بدلاءُ آڻڻ جي ضرورت آهي. اَڄ زمانو تيزيءَ سان بدلجي رهيو آهي. وقت سان گڏ ماحول ۽ رهڻ سهڻ جا طور طريقا ٻہ بدلجي رهيا آهن. سُک ماڻڻ جا ساڌن تہ ڪنا ڪيا وڃن ٿا پر سک ماڻي سگهڻ جي ڪلا سڀ وٽ ناهي. ڏکيو-سکيو جيون تہ سڀيئي ڪاٽن ٿا ۽ جيئون ٻہ سڀيئي ٿا پر جيئڻ جو ڏانءُ سڀ وٽ ناهي. جيئڻ ٻہ هڪ ڪلا آهي!

❀❀❀

# ڪهاڻيءَ جي سگهه

✍ **ڪليم ٻٽ**

ڪلهه مشهور ناول نگاره ايلف شفق جو تازو ڇپيل ڪتابچو : "How to stay sane in an age of division" پڙهڻ شروع ڪيم، هي 90 صفحن جو ڪتابچو ويلڪم ڪليڪشن 2020 ۾ ڇپرايو آهي، جنهن ۾ عالمي وبا ڪانپوءِ اڻيقيني واري صورتحال سان گڏ انسان جو ڌرتي تي مستقبل، انفارميشن ٽيڪنالاجي جا ناڪاري اثر، مختلف معاشرن مان برداشت جو گهٽجڻ، ڪاوڙ، ڪروڌ، بي حسي ۽ اظهار جي آزادي کي خطرا جهڙن اهم موضوعن تي ڇهه مضمون ڏنل آهن. انهي سان گڏ مختلف مضمونن ۾ ڪهاڻي جي سگهه ۽ اسان جي زندگين ۾ ڪهاڻي جي اهميت جو ذڪر ڪيل آهي. ڪهاڻي جي حوالي سان ايلف جي خيالن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ انهن مان ڪجهه ٽڪرا هتي ڏئي رهيو آهيان.

1. ڄاڻ لاءِ پڙهڻ جي ضرورت پوندي آهي ... ڪتاب، گهرائي سان ڪيل تجزيا ۽ تفتيشي صحافت. پوءِ وري ڏاهپ آهي، جيڪا ذهن ۽ دل کي ڳنڍيندي آهي، احساتي دانائي کي اجاگر ڪندي آهي. همدردي کي وڌائيندي آهي، ان لاءِ اسان کي ڪهاڻين ۽ ڪهاڻي پڙهڻ جي گهرج پوندي آهي.

2. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اسين ڏکي وقت ۾ رهي رهيا آهيون ۽ انفرادي توڙي گڏيل طور اسان ڪيترين ئي شين کي منهن ڏئي رهيا آهيون. پر پوءِ به هڪ پل لاءِ تصور ڪيو ڪتابن، ڪهاڻي پڙهڻ ۽ همدردي بنا دنيا رهڻ لاءِ وڌيڪ وڪريل ۽ هيڪلي نه هوندي.

3. هڪ ناول نگاره طور مان سمجهان ٿي ته ڪهاڻين ۾ ماڻهن کي هڪ ڪرڻ جي غير معمولي سگهه آهي، اهي اسان جي تخيلاتي سگهه کي وسيع ڪنديون آهن ۽ هوريان هوريان اسان جي همدردي ۽ ڏاهپ جي اصلي سگهه کي کولي ڇڏينديون آهن.

4. ڪهاڻيون اسان کي هڪ ٻئي جي ويجهو ڪنديون آهن ۽ اڻ ٻڌايل ڪهاڻيون اسان کي ڌار رکنديون آهن.

5. اسان ڪهاڻين جا نهيل آهيون، اهي جيڪي ٻڌائجي چڪيون آهن، اهي جيڪي هن گهڙي ٻڌائجي رهيون آهن ۽ اهي جيڪي نج پج اسان جي تخيل ۾ لفظن،

تصويرن، خوابن ۽ اسان جي چوڦير دنيا ۽ اها کهڙي نموني ڪم ڪري ٿي بابت آهن، ڪهاڻي نہ ٻڌائي سگهڻ، ماٺ ۽ بند رهڻ مطلب غير انسان ٿي وڃڻ آهي، ائين ڪرڻ اوهان جي هجڻ کي ڌڪ رسائيندو آهي، اوهان جي سياڻو هجڻ تي سوال اٿاريندو آهي ۽ اوهان کي چڙچڙو ڪري ڇڏيندو آهي. پنهنجو آواز وڃائڻ سان اسان جي اندر ڪا شيءِ مري ويندي آهي.

سچ تہ ڪهاڻي ۾ ڏاڍي سگهہ آهي. اهي نہ رڳو اسان جي پر اسان سان گڏ ٻين ماڻهن جي زندگين ۾ بہ خوشگوار بدلاءُ آڻينديون آهن. هن ڪتابچي جي هڪ ٻي خوبصورتي ايلف شفق جو خوبصورت نثر آهي، جملن جي جوڙجڪ ۽ ٻولي جي سادگي پڙهندڙ تي طلسماتي اثر ڇڏي وڃي ٿي.

ଌଌଌ

## Tirath Sabhani

Noted writer and Journalist Tirath Gobindram Sabhani was born on 24th February 1906 in Larkana, Sindh. He served as sub editor and editor of a number of newspapers. He also served as Member of Karachi Municipal Corporation. After partition, he shifted to India.

Inspired by freedom struggle, Tirath Sabhani left a good job to join Hindu (Later Hindustan daily) in 1934 to serve the cause of nation through his writings, and continued till the cause was accomplished in 1947. An amicable man of simple and polite nature Sabhani had a laudable command on ethical writings and had authored about 22 popular books in this field. After partition when he again joined Hindustan and Hindvasi he was a generous editor who opened the doors of these papers for writers of every shade of ideology.

To know more pls visit below link

http://nvmagic.com/mars/sindhi-sangat/promoters-and-preservers-of-sindhyat_1.php?page=96

# سنڌي اَلفابيٽ ۽ ٻوليءَ تي روشني

**وانس ائپ تان**

سنڌي اَلف - ب جا ٽوٽل 52 اکر آهن، جن جي بيهڪ هن وقت هينئين ريت آهي:

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڦ ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

انهن ۾ 29 اکر اُهڙا آهن جيڪي عربي، فارسي توڙي سنڌي ۾ هڪجهڙا آهن؛ اُهي هِن ريت آهن :

ا ب ت ث ج ح خ د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ل م ن و ھ ء ي.

باقي 23 اکر بلڪل جدا صورتن ۾ سنڌيءَ جا آهن، جيڪي هِن ريت آهن :

ٻ ڀ ٿ ٽ ٺ پ جھ ڃ ڄ چ ڇ ڌ ڏ ڊ ڍ ڙ ڦ ک گ ڳ گھ ڱ ڻ.

انهن اکرن ۾ ست اکر اُهڙا آهن، جن کي سواءِ نج سنڌي ماڻهن جي، ٻيو ڪير بہ صحيح اُچاري نٿو سگهي، اُهي هِن ريت آهن :

ٻ ڄ ڃ ڏ ڳ ڱ ڻ.

مزيدار ڳالهہ تہ هڪڙا ست اکر سنڌي ٻوليءَ جا اُهڙا بہ آهن، جيڪي ايڏي ساري سنڌي اَلفابيٽ ۾ شامل ناهن، ۽ انهن جي جدا شڪل جو ڪوبہ وجود ڪونهي، پر اَسين ڳالهائڻ مهل انهن کي اُچاريندا آهيون، جيڪي هن ريت آهن :

ڙ ڊ لھ ڙھ مھ نھ ۽ ڻھ.

مثال طور : پيءُ ۽ پٽ - چانھ ۽ ڪنڊ، مُلھ، وڙھ، سَنهي، سُمهڻ، ماڻهُو، وغيره.

هِتي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اَسين ڪجھ اکرن کي ’ھ‘ هرٽي ملائي انهن جي جدا صورت ڏاهيندا آهيون، پر ’ڪ‘ ڪٽ هڪ اُهڙو اکر آهي، جنهن کي نہ ’ھ‘ هرٽي ملائيندا آهيون، ۽ نڪو ڪنهن ٻئي جي اِضافي سان ان جي ڌار حيثيت ظاهر ڪندا آهيون، ۽ ساڳئي حالت ڙ ۽ ڊ جي بہ آهي، انهن اکرن جو هئڻ سنڌي ٻوليءَ لاءِ نهايت ئي لازمي آهي.

هن اَلفابيٽ ۾ هڪڙا اکر اُهڙا بہ آهن، جيڪي ٻيڻا ۽ ٽيڻا يا چئوڻا بہ آهن، جن جي ٻين ٻولين کي برابر، پر سنڌي ٻوليءَ کي ضرورت ڪونہ هئي. ليڪن اهي شامل ڪيا ويا آهن، ۽ اَسان انهن کي پنهنجي لکڻين ۾ اِستعمال ڪريون ٿا، مثال طور :

اَلف - ع - ء،

ت - ط،

ث - س - ص،

ح - ھ،

ذ - ز - ض - ظ،

ق - ڪ.

هِنن ۾ سنڌي اکر هيِ آهن : اَلف - ء (ساڳيو اکر آهي، ليڪن شڪل جدا جدا آهي.)، ت، ٿ ۽ س ٻئي سنڌي اکر آهن، ز ۽ ڪ.

هن اَلفابيٽ ۾ ڏھ اکر اُهڙا آهن، جيڪي ’ھ‘ هرٽي سان نهن ٿا يا انهن کي هڪ ٻئي جي اِضافي سان ظاهر ڪيو وڃي ٿو. اُهي هن ريت آهن : ڀ - ٿ - ٺ - جھ - ڇ - ڌ - ڍ - ڦ - ک ۽ گھ. انهن مٿان ’ڪ‘ ڪٽ تي اڳيئي روشني وِڌي ويئي آهي.

هڪڙا ٿي اکر نج عربيءَ جا آهن، جن جي بلڪل اَلگ حيثيت آهي، پر اُهي اَسان جي ٻوليءَ تي حاوي ٿي رهيا آهن. مثال طور خ - غ

ءِ ف. اِهي اَسان جي اکرن ک - گ ءِ ق، جي جاءِ والاري رهيا آهن. حيرت جي ڳالهه اِها آهي تہ اَسان جا، کوڙ سارا سنڌي پرائمري اُستاد بہ انهن کي سمجهي نہ سگهيا آهن ءِ جڏهن کو معصوم ٻار پٽي ڪٽي پڙهڻ ويهي ٿو تہ اهو خاص ڪري انهن اَکرن کي پنهنجي پيدائشي سنڌي اَنداز ۾ اُچاري ٿو. مثال طور 'خ' خچر کي 'ک' کچر چوي ٿو، 'غ' غاليچو کي 'گ' گاليچو ءِ 'ف' فانوس کي 'ڦانوس' چوي ٿو. انهن اَکرن کي سنڌيءَ ۾ اُچاريندي معصوم ٻار پنهنجو پيدائشي حق استعمال ڪري ٿو پر ٻارن کي ان جي ڏاڍي ذهني تڪليف برداشت ڪرڻي پوي ٿي. جيئن تہ اَسين هتي سنڌي اَلفابيٽ ءِ ٻوليءَ تي بحث ڪري رهيا آهيون، تنهنڪري اهو ڄاڻڻ بہ نهايت لازمي آهي تہ ماڻهن جا نيٺ سنڌي نالا ڪهڙا آهن؟ ءِ اَڄڪلهہ وري سنڌي قوم جي نالن ۾ عربي نالن جو رواج پئجي ويو آهي. هيٺ ڄاڻايل نالن مان ئي، سنڌي ٻوليءَ جي اَلفابيٽ ءِ ٻوليءَ جي چنڊڇاڻ ٿي ويندي. هيٺ ڪجهہ سنڌي ماڻهن جا سنڌي نالا پيش ڪجن ٿا :

قيمتي نالا : ماڻڪ - سونو - چاندي - روپو - هيرو - موتي - لالو - جوهر - هزاري - املوڪ - پدمون - ٻولو - نٿويا - ناٿو - ڳهٽو ءِ قيمت وغيره.

ٻوٽن، ميون ءِ وڻن جا نالا : ڦوٽو - لونگ - گل - ڦلو - سرهو - ڪيوڙو - اڪ - ڪانڊيرو - ٿوهر - تلسي - پيرون - ٻٻر - ڪنڊو - ڪرڙ - ڦوڳ - ڏاڙهون - اَنب - ميوو - ليمون - گلاب وغيره.

بادشاهي نالا : راڄا - شاهن - مير - اَمير - سورهيہ - بهادر - شيرو - مانجهي - راوت - سوڍو - سوڀو - ڦتو - دودو - دولهہ - ڏاهر - ڏهراج - شهزداو - مهراڻ - ڄام - وريام - پيار وارا نالا : منٺار - جاني - سڄڻ - سهڻو - پورو - جانب - ڍوليو - دلدار - ننڍو - دادو - منو - پوڙهو - سپاڳو - پرين - پيارو - راڻو - سڄل - سڪيلڌو - دلبر - سانول وغيره.

جيتن، پکين ءِ مندن جا نالا : پوپٽ - ماڪوڙو - پنورو - چتون - مِنو - مورو - سارنگ - ساوڻ - بادل - مينهون - ملهار - آگو - گوڙو - واسن - گاجي - بهار - پوهو - ٽڏو - گلڻ - گلزار - گل بهار وغيره.

هيٺ ڪجهہ سنڌي ماڻهن جا عربي نالا پيش ڪجن ٿا :

عبدالله - نصرالله - هدايت الله - اَمان الله - حزب الله - عبدالجبار - عبدالغفر - عبدالستار - عبدالوهاب - عبدالحڪيم - عبدالرشيد - محمد بخش - محمد عالم - محمد عمر - محمد عثمان - محمد علي - علي بخش - حسين بخش - حسن بخش - اَمام بخش - غلام الله - غلام محمد - غلام علي - غلام حسين - غلام فاروق وغيره.

ياد رکو! جيڪڏهن ڪنهن بہ سنڌي ماڻهوءَ جي نالي ۾ ح - خ - ص - ض - ط - ظ - ع - غ - ف ءِ ق - مان ڪوبہ اکر اَچي وڃي تہ فورن سمجهي ڇڏڻ گهرجي، تہ اهو نالو ڪنهن مسلمان سنڌيءَ جو آهي. جيڪڏهن اهو نالو ڪنهن مسلمان سنڌيءَ جو نہ هجي ءِ هندو سنڌيءَ جو هجي ءِ مٿي ڄاڻايل ڏهن اَکرن مان ڪوبہ اکر ان جي نالي ۾ شامل ٿيل هجي تہ سمجهو تہ گرامر ءِ ٻوليءَ جي لحاظ کان اهو نالو غلط لکيل آهہ ءِ ان کي سنڌي ٻوليءَ ۾ درست ڪري لکڻ ءِ پڙهڻ جي ضرورت آهي.

# ڊاڪٽر غلام علي الانا :

# ٻولين جو غير معمولي پارکو

✍ **طارق عزيز شيخ**

سنڌي ٻوليءَ جو ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌ جي وڏن نثرنگارن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن سنڌي ٻولي، تعليم ۽ تاريخ جي حوالي سان يادگار ڪم ڪيو. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان پنهنجو الڳ نظريو پيش ڪيو هو جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سراج ۽ پيرومل کان اجا تبديل هو. ان نظرئي جي حوالي سان سندس ڪتاب ''سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد'' پنهنجي اهميت رکي ٿو. الانا صاحب جي نظريي موجب: سنڌي ٻولي غير آريائي ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي جي قديم تهذيب ۾ ڪتل آهن ۽ جيڪا ساڳي موهن جي دڙي واري قديم ٻولي آهي. جا سئنڌو، سئنڌوي مان روپ بدلائيندي سنڌي سڏجڻ لڳي. جا مختلف ٻولين کان اثر وٺندي، جيئندي، پنهنجين خوبين ۽ انوکين ڳالهين کي پاڻ بچائيندي ۽ محفوظ رکندي، اڄ بہ پنهنجي انفراديت سان قائم رکيو بيٺي آهي.

ڊاڪٽر الانا صاحب پنهنجي نظريي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بنياد ۾ کوجکي سنڌيءَ جو دليل بہ ڏنو آهي. هن جڏهن باقي ماهرن کان مختلف نظريو پيش ڪيو هو تہ ٻوليءَ جي تحقيق ۾ جڻ لهر اچي وئي هئي. ڊاڪٽر الانا صاحب ٻولين جي سائنس واري طريقه ڪار سان نظريو پيش ڪيو هو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا تعليم جي شعبي سان وابستہ رهيو. پاڻ اسڪول جي استاد جي حيثيت سان شروعات ڪيائين بعد ۾ حيدرآباد جي مشهور تعليمي اداري سٽي ڪاليج جو ليڪچرار ٿيو، جنهن بعد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر تائين پهتو. هن انتظامي ذميوارين جي حوالي سان سنڌالاجي جو باني ڊائريڪٽر، سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فيڪلٽيءَ جو ڊين، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ۽ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي چيئرمين طور خدمتون سرانجام ڏنيون.

الانا صاحب 1962ع ۾ برطانيا مان تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آغا خان اسڪالرشپ تي اسڪول آف اورينٽ اينڊ آفريڪن اسٽڊيز لنڊن مان لسانيات ۽ صوتيات جي مضمونن ۾ ماسٽرز جي ڊگري حاصل ڪئي. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجو مقالو ''لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ'' پي ايچ ڊي طور ناميا ري اسڪالر علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي نگرانيءَ ۾ لکيو. ڊاڪٽر الانا کي اهو بہ اعزاز حاصل آهي تہ هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي ادب جو پهريون پي.ايچ.ڊي هولڊر آهي جنهن 1971ع ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي.

الانا صاحب سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. هو جڏهن سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جو چيئرمين بڻيو تڏهن ادارو ڪم جي صورتحال ۾ ٻُڏي هو. پر ڊاڪٽر الانا نيون اسڪيمون شروع ڪيون. سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان لئينگافون ڪان وٺي سنڌيانا انسائيڪلو پيڊيا تيار ڪرڻ ۾ هن محنت ڪئي جنهن کي فراموش نٿو ڪري سگهجي. هن جو سنڌي نثر جي ميدان ۾ ساراهه جوڳو ڪم ڪيل آهي جنهن جي نتيجي ۾ ڇيهارو کن ڪتاب سنڌي علم ادب جي ميدان ۾ ملن ٿا، جن ۾ ''سنڌي صورتخطي''، ''سنڌي نثر جي تاريخ''، ''ادبي اوسر''، ''سنڌي صوتيات''، ''ناصر خسرو ايراني''، ''سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽلاگ''، ''علمي آئينو''، ''سنڌي زبان جي بنيادي لغت''، ''سنڌي زبان جي وڌايل بنيادي لغت''، ''سنڌي زبان جي ڪاروباري لغت''، سنڌي ڪتابن جي ببليو گرافي، ''سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد''، ''سنڌي صورتخطي''، ''سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري''، ''لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ''، ''سنڌ جي لساني جاگرافي''، ''سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس''، ''زبان اور ثقافت''، (اردو)، ''تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ ڪا حصه'' (اردو)، ''سنڌي معلم''، ''سنڌي عمل''، ''آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جدوجهد''، ''ثقافتي ورثو''، ''سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا'' ۽ سندس آخري ڪتاب ''سنڌي ٻوليءَ جي تشريحي گرامر'' 2010ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪجهہ انگريزي ڪتاب جن ۾ "Introduction of Sindhi Literature" ۽ "Histroy of Sindh" شامل آهن.

الانا صاحب پاڻ اصل نئين شهر جي تعلقي جاتيءَ جي ننڍڙي ڳوٺ تڙ خواجہ ۾ هڪ غريب گهر ۾ 15مارچ 1930ع تي جنم ورتو. هن تعليم حاصل ڪرڻ بعد علمي ڏاهپ ذريعي وڏن مرتبن کي ماڻيو. ابتدائي تعليم اباڻي ڳوٺ "تڙ خواجا" ۾ وٺڻ بعد

مڊل تائين بنوري اسڪول ۾ پڙهيو ۽ مئٽرڪ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان ڪيائين. پنهنجي اڻٿڪ محنت ۽ اڳتي وڌڻ جي جستجو ۾ هن دنيا جي سمورين ٻولين تي تحقيق ڪندي ڪيئي زبانون سکيون ۽ پڙهيون. ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪي سنڌ جو گهڻ مطالعاتي عالم پڻ ڪوٺيو ويندو هو.

ڊاڪٽر صاحب اسڪولي زماني ۾ ڪجهه شعر پڻ چيا هئا جن ۾ "ناشاد" جو تخلص ڪتب آندائين. پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ افسانا ۽ هڪڙو ناول به تخليق ڪيائين. افسانن جو مجموعو "چور" جي سري هيٺ شايع ٿيو جڏهن ته ناول "لاش" جي ٽائيٽل سان پڌرو ٿيو هو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا باصلاحيت ۽ علمي لياقت سبب ڏيهه پرڏيهه ۾ تحقيقي مقالا پيش ڪندو هو ته دانشورن کان ويندي يونيورسٽي جي شاگردن تائين ڪيس وڏي مڃتا ملندي هئس.اهوئي سبب هو جو هن ڪي ملڪ جي حڪمرانن کان وڏي پذيرائي حاصل ٿيندي هئي. ڪيس ملڪي توڙي غير ملڪي تمغا، ايوارڊ، انعام ۽ عهدا نوازيو ويا.

1980ع ۾ 25 ۽ 26 نومبر تي اسلام آباد ۾ ڪل پاڪستان اهه قلم ڪانفرنس منعقد ٿي هئي جنهن جي افتتاحي اجلاس جي صدارت جنرل ضياء ڪئي هئي. هن ڪانفرنس ۾ سنڌ جي ناليوارن اديبن، شاعرن ۽ محققن کي دعوتون ان پيغام سان ڏنيون ويون هيون ته ڪانفرنس ۾ شرڪت لازمي ڪرڻي آهي پر ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر ضياءالحق سان جي سڏ تي سنڌ جا ارڏا عالم اديب شاعر شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو، سراج، آغا سليم، جمال ابڙو، مخدوم طالب المولىٰ، ڊاڪٽر نجم عباسي، تنوير عباسي، استاد بخاري، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، مراد علي مرزا سميت وڏي انگ ۾ شريڪ نه ٿيا جڏهن ته ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ وارن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، غلام رباني آگرو، ڊاڪٽر اياز قادري، پروفيسر قاضي خادم، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر عطا محمد حامي، بشير احمد شاهه، مرزا اسد بيگ، ڪريم بخش خالد ۽ نفيس احمد ناشاد شامل ٿيا.

ڊاڪٽر الانا صاحب کي انهيءَ دور ۾ 1983ع ۾ علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪيو ويو هو. هتي ان ڳالهه ڪرڻ جو مقصد فقط اهو آهي ته

تاريخ ڪنهن ڪي بہ فراموش نٿي ڪري. ڊاڪٽر الانا صاحب ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ هو پر ضياءَ جي آمريتي ڏينهن ۾ سرڪار جو منظور نظر هو.

الانا صاحب، سنڌ جي سرتاج شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي حوالي سان پڻ ڪافي ڪم ڪيو. هن ڪي مون، شاهہ لطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي سيمينارن کان وٺي ثقافت کاتي جي لطيف ڪانفرنسن توڙي لينگويج اٿارٽي جي پروگرامن ۾ ڀڳو ۽ اڪثر سندس تقريرن جا نوٽس لکيا. انهن مان اخباري رپورٽون ٺاهيون، مضمون لکيا ۽ حوالن طور ڪتب آندم. هن هميشہ ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ شاهہ لطيف جي ٻوليءَ کي غلط اچارڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ کان بچايو وڃي. لطيف شناسيءَ جو رجحان وڌايو وڃي ۽ لطيف سائينءَ جو پيغام پکيڙيو وڃي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جڏهن سنڌي لينگويج اٿارٽي جو چيئرمين مقرر ٿيو تہ هيءَ ادارو تحريڪ ۾ اچي ويو. سندس دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ تيزيءَ سان ڪم شروع ٿي ويو. ٻوليءَ جي حوالي سان ڪتابن جي ڇپائي، ورڪشاپ، سيمينار، ڪانفرنسون ۽ تحقيقي پروجيڪٽ شروع ٿي ويا هئا. هن سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ کي روڪڻ لاءِ ٻوليءَ جي ماهرن جا پروگرام ڪرايا. اليڪٽرانڪ ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ جي غلط استعمال تي حڪومت کي قانون جوڙڻ جون ڪوششون ڪيائين. سنڌي اخبارن ۽ سنڌي نجي ٽي وي چينلن کي صحافتي ۽ علمي ادبي ٻولي کي پابند بنائڻ تي زور ڀريندو رهيو. ان ڏس ۾ هن سنڌ جي برک صحافيءَ شيخ عزيز کي بہ صحافتي ٻوليءَ جي حوالي سان پروجيڪٽ تيار ڪري ڏيڻ لاءِ آڇيو هو. الانا صاحب جيان سنڌي لينگويج اٿارٽي کي ڪوبہ عالم يا ماهر لسانيات هلائي نہ سگهيو. هو ٻولين جو سائنسدان هو ۽ سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ کي آئي سي يو مان ڪڍي متحرڪ بڻايائين.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جهڙا ماهر لسانيات سنڌ ۾ ورلي ملندا جيڪي علمي قانون ۽ تحقيق موجب ڄاڻ رکندا هجن. سنڌ جي هن عالمي پايي جي عالم، آچر 29 نومبر 2020 تي حيدرآباد ۾ نوي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. الانا صاحب سنڌ جو عظيم سرمايو هو جنهن جو خال ڀرجڻ ڏکيو آهي. سندس سنڌي ادب، سنڌي ٻوليءَ ۽ تعليم جي ميدان ۾ ڪيل خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون.

ﷺﷺﷺ

# نياز ۽ نئڙت وارو ڄيٺو لالواڻي

✍ سرينا شرما

سنڌي اَدبي دنيا ۾ ڊاڪٽر ڄيٺو لالواڻي هڪ گهڻڪُنڊو ساهتيڪار آهي. هن جا لکيل مضمون، ڪهاڻيون، مقالا، ناٽڪ، جيونيون، سفرناما، ٻال ساهتيه، اِتهاسڪ ۽ لوڪ اَدب تي لکيل ڪتاب سنڌي ساهتيه ۾ گهڻي اَهميت وارا آهن.

مون ڪيس ڪيترن ئي سيمينارن ۾ پيپر پيش ڪندي ٻُڌو آهي. هن جا مقالا تحقيقي ۽ معلومتي هوندا آهن ۽ اَثرائتي، پڪي پختي ٻوليءَ ۾ فنائتي نموني لکيل هوندا آهن.

ڄيٺي لالواڻيءَ جو اَدب سندس جذبات، خيالات ۽ اَحساسن جو آئينو آهي. سنڌي جاتيءَ جي اَڄوڪي دؤر جي حالتن ۽ سنڌي ٻوليءَ جو گهٽجندڙ واهپو هن جي اَندر ۾ ڏُک پئدا ڪيو آهي. هوُ چاهي ٿو تہ سنڌي پنهنجي ورثي، ساهتڪ ۽ سياتڪ مسئلن کان واقف ٿين. سنڌي تهذيب ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هن جي من ۾ اَٿاهہ پيار آهي، جيڪو وقت بہ وقت هن جي لکڻين مان ظاهر ٿيندو رهندو آهي. سنڌي ريتيون رسمون، ويس وڳا، ويچار-وهنوار، سنڌي نالا نکون، سنڌي ڏڻن وارن تي هن وقت بہ وقت تفصيلوار معلومات ڏني آهي.

لوڪ اَدب جي آڌار تي لکيل هن جا مضمون سنڌي سنسڪرتيءَ کي سمجهڻ ۾ واهر ٿا ڪن. ڄيٺي لالواڻيءَ جي خيال موجب ”ڪلچر اِنسان کي قابل بڻائي ٿو ۽ هرهڪ ماحول سان نباهہ عطا ڪري ٿو. ڪلچر اِنسان کي چرتر، رفتار، اُٿڻي وهڻي، وهنوار ڏئي ٿو ۽ گڏوگڏ سوچ، سمجهہ ۽ عقل جي گَهرائِي بہ بخشي ٿو.“

لوڪ اَدب تي لکيل هن جي ڪتابن ۾ لوڪ ساهتيه جي اَلڳ اَلڳ روپن جهڙوڪ اَڳڪٿيون، پروليون، لوڪ چوڻيون ۽ لوڪ سنگيت جو تفصيل سان ذڪر ٿيل آهي. لوڪ سنگيت ۾ جيڪا مٽيءَ جي مهڪ ۽ من جي اُڇل ٿيندي آهي سا ٻڌندڙن تي بہ جادوئي اَثر ڪندي جهومڻ ۽ نچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي آهي. لوڪ سنگيت لاءِ ڪابہ دستوري تعليم، ساڌنا يا رياض جي ضرورت ڪانہ هوندي آهي. اُهو قدرتي نموني من مان ڦٽي نڪرندو آهي ۽ هڪ پيڙهيءَ کان ٻيءَ پيڙهيءَ تائين پهچندو رهندو آهي.

ڄيٺو لالواڻي لوڪ اَدب جو ڪوجنيڪ آهي، هن جا اِن وشيہ تي گهڻا ئي ڪتاب لکيل آهن. اِن ڪانسواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي اَلڳ اَلڳ موضوعن تي هن جا معياري مضمون لکيل ملن ٿا. نثرنويس جي ڪسوٽي مضمون مهيا ويندا آهن. مضمون اَدب جي اَهميت ڀري داخلي شاخ آهي. ڄيٺي لالواڻيءَ جا مضمون هن جي گَهري اَڀياس، محنت، لگن ۽ صداقت جا شاهد آهن.

سنڌيءَ جي مشهور ليکڪا پوپٽي هيرانندڻيءَ جي چواڻيءَ موجب، ”ڄيٺي اِتهاس ۽ تبصري ٻنهي سان اِنصاف ڪيو آهي. ڄيٺو مضمون نويس بڻجڻ ۽ سُٺو مضمون نويس بڻجڻ لاءِ لڳاتار

ڪوششون ڪندو رهيو آهي. مان سمجهان ٿي ته هاڻ هوُ سنڌيءَ جي ڪامياب مضمون نويسن جي صف ۾ باعزت ويهي سگهي ٿو. هوُ ڪاميابيءَ جي منزل تي پهچي ئي ويو آهي.``

هن ڪان وڌيڪ ڇا ٿو چئي سگهجي ته ڪيترن ئي سرڪاري ۽ غيرسرڪاري اِدارن مان ڪيس اِنعامن اِڪرامن سان نوازيو ويو آهي.

پر، ايترا مانَ-سنمانَ ۽ اِنعام حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ به جيئني لالواڻيءَ ۾ تِر جيترو به گهمنڊ يا هٺ-وڏائي ڪانه آئي آهي. سڀني سان پيار ۽ نئڙت سان پيش ايندو آهي. مون سان جڏهن گڏجندو آهي ته چوندو آهي ته هڪ ته تون نياڻي ۽ ٻي براهمڻي، سدائين آسيس ڪندي رهه. مان ڪيس دل سان شبِ ڪامنائون ڏيندي ايشور ڪان هن لاءِ وڏي آورجا ۽ سٺي صحت لاءِ دعاگو آهيان.
اُميد ته هوُ اَڳتي به سنڌي ساهتيه جا گهڻا پريندو رهندو.

(رچنا سنسار)

## ڇاڻ

سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪُل ۵۲ اَکر آهن، جنهن ۾ ۴ نج سنڌي، ۳ فارسي، ۱۶ سنسڪرت ۽ ۲۹ عربي ٻوليءَ جا اَکر ملايا ويا آهن. ٽٻڪا ڏنل اَکرن جو تعداد ڪُل ۳۴ آهي، جن مان ۲۰ کي مٿان ۽ ۱۴ کي هيٺان ٽٻڪا ڏنل آهن. بغير ٽٻڪن وارا ۱۸ آهن ۽ ۷۲ ٽٻڪا مڪمل اَلفابيٽ ۾ آهن. ٽٻڪن وارن اَکرن کي منقوط ۽ ٻين کي غيرمنقوط چئبو آهي.

○○○

## اَلبيروني

دنيا جو مشهور سياح، البيروني، جنهن سڄي دنيا جو سير و سفر ڪيو آهي، اُنهيءَ پنهنجي مشهور سفرنامي ۾ لکيو آهي ته، ``سڄي دنيا ۾ واحد سنڌ ملڪ آهي. جتي مسافرن کي ماني، اَجهو مفت مُهيا ٿئي ٿو.`` البيروني اڳتي لکي ٿو ته ``اهڙا ملڪ جنهن جا ماڻهون اهڙا فراخدل هجن، اهي پنهنجو وجود برقرار رکي نه سگهندا آهن. هميشه سازشن، مڪارين، نڱين ۽ منافقين جو شڪار ٿيندا رهندا آهن.``

(’واٽس اَئپ‘ تان ورتل)

# تاريخ جا ڪاتب! ساري ساري لڪندو وڃ

## ✍ ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي ٻوليءَ جي بنياد، شاهه جي رسالي ۽ راجا ڏاهر بابت اسان جي وڏڙن جو حال جيڪو ڏاڍو بيحال رهيو آهي.

- جيرام داس دولترام، ڪلياڻ آڏواڻي واري ”شاهه جي رسالي“ جي مهاڳ ۾ لکيو: ”شاهه جي رسالي جي ٻولي نه بدلايو، ڇاڪاڻ ته جي ٻولي بدلائيندئو ته ٻوليءَ جو سيڪجهه ختم ٿي ويندو.“
- اسين ماڻهو انڌو ايمان رکڻ وارا ماڻهو آهيون.
- سنڌي ٻوليءَ سان بڻ بڻياد جي معاملي تي هاجا ٿيا.
- ڪاڪي ڀيرومل وارو ڪتاب ”وڏو سنڌي وياڪرڻ“ سڄو ڊاڪٽر ٽرمپ جو ترجمو آهي.
- ڪاڪي ڀيرومل، ٽرمپ کي نقل ڪيو هو ته: ”سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتي آهي.“
- مرزا صاحب سنڌي ٻوليءَ جون الائي ته ڪيتريون شاديون ڪرايون آهن، عربن، ايرانين ...
- ڊاڪٽر بلوچ سنسڪرت واري نظريي کي چيلينج ڪيو ۽ چيائين ته: ”سنڌي ٻولي، سامي ٻولين مان آهي“ سو ڊاڪٽر بلوچ آهي. اسان 90 سيڪڙو مڃي وياسين ته سنڌي ٻولي سامي صفت ٻولي آهي.
- ڀيريون ڀيرو ڊاڪٽر بلوچ جي نظريئي کي ”سراج“ 1955ع ۾ چئلينج ڪيو هو. جنهن تي مٿس سخت تنقيد ٿي.
- رڳو محمد ابراهيم جوئي ڪيس سپورٽ ڪيو.
- مون سنڌ يونيورسٽي ۾ چيو هو ته: ”ڊاڪٽر صاحب“ ڪنٽراورشل اسڪالر آهي. جنهن ڪانپوءِ سندس خاندان جا ڀاتي مون سان ڪونه ڳالهائين.
- چچ نامي / فتح نامي ۾ جيڪي راجا ڏاهر تي ۽ مقامي ماڻهن تي ايڊيٽوريل ۾ جيڪي الزام آهن، ان تي ماڻهن اعتراض ڪري خط لکيا.
- اسين پوڄاري آهيون، قبر پرست آهيون.
- ڪي ٽي اين طرفان حميد آخوند پروگرام (اوپن هائوس ڪرايو) ڪيو هو، جنهن ۾ 6 ماڻهن کي گهرايو ويو / اجازت هئي ته بلوچ صاحب جي ڪم تي ڳالهائين. مون سوال ڪيومانس ته: ”اوهان ساموندي کي ساموندري ڪيو اها سنڌ اوهان کي ڪنهن ڏني؟“ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت ٻه پڇيم. جواب نه ڏنائين ۽ چوڻ لڳو ته تياري ڪري آيو آهين.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، سراج صاحب جي ياد ۾ ڪوٺايل تقريب ۾ خطاب ڪندي حقيقتون ريڪارڊ تي آنديون.

# غزل

## ✍ واسديو موهي

تون اَندر هوندي بہ ڏسجين ٿو سپن کي،
ڪئن لِڪايان توکي، ڇا اوڍيان توکي.

تو ۾ مون ۾ ڀيد ڪونهي، مان بٽيس تون،
هاڻ توکي مان ڪري موٽايان توکي.

هلڪي هلڪي پير سان ٿلهڻ وٺي ٿو،
بادلن جي ديس ۾ ڪوٺايان توکي.

راند لِڪ چپ ٿو ڪرين، مونکان لِڪين ٿو،
واري تي تو ۾ لِکي، ٻوڙايان توکي.

ڪيڏو نازڪ، هٿ لڳڻ سان وٿڙين سارو،
اَڇ ڪنير جوڳيءَ وٽان جوڙايان توکي.

تنهنجي سنگ ۾ عادتون ڪئن ڪئن نہ بگڙيون،
قُلف چابيءَ ۾ رکي چورايان توکي.

تو ۾ پوُريل قوُم جا اَحساس آهن،
ڪئن هلائي پاوڙا ڪوٺايان توکي.

# غزل ✍ اِسحاق سميجو

**محبت جي شريعت ۾ جدائي لازمي آهي،**
**وفا سان پيٽ جي لئہ بيوفائي لازمي آهي!**

**گرم بستر، ڪتو اُنَ جو ٿڌين راتين لئہ بهتر آ،**
**مگر شعلہ بدن پڻ انتهائي لازمي آهي!**

**ٽتل ڪنگڻ ڪٽي چنڊ جو خدا ناهي بہ سونارو!**
**مگر پائڻ لئہ ’سهڻيءَ‘ جي ڪرائي لازمي آهي!**

**بدن کي سُوم رس وانگي پيئڻ بابت نہ پڇ ڳالهيون،**
**انهي نيڪيءَ لئہ نيت جي برائي لازمي آهي!**

**مِلُن توڙي مُلن گڏجي، پراٽي ڪئي آ آلوده،**
**خدا لئہ هاڻ هڪڙي بي خدائي لازمي آهي!**

سهڻي: لطيف جي سُر سهڻيءَ واري

○○○

# گيت ✍ ڪيمن يوُ. موُلاڻي

**اسين سنڌ وارا رڳو پيار ڄاڻون،**
**نہ جهيڙو نہ جهڳڙو نہ تڪرار ڄاڻون،**
**اسين سنڌ وارا رڳو پيار ڄاڻون.**

**اسان جي حقن جي ڪري جو حفاظت،**
**اُنهيءَ سان ڪيون ٿا سدائين محبت،**
**سچو يار اُن کي ٿا سردار ڄاڻون،**
**اسين سنڌ وارا رڳو پيار ڄاڻون.**

**ڪري سخت محنت ٿا جيڪو ڪمايون،**
**ڪدي ڪجھ حصو دان پڇ ۾ لڳايون،**
**ڪرڻ ڪونہ ڪنهنجو ترسڪار ڄاڻون،**
**اسين سنڌ وارا رڳو پيار ڄاڻون.**

**دڙو آهي موهن جو پنهنجي وراثت،**
**نہ ڏاهر نہ هيمونءَ جي وسري شهادت،**
**اُنهن جا ڪرڻ خواب ساڪار ڄاڻون،**
**اسين سنڌ وارا رڳو پيار ڄاڻون.**

**اسان هر پراٽيءَ ۾ مالڪ ڏسون ٿا،**
**ذرم ذات جا ڪونہ ويڇا مڃون ٿا،**
**ڪرڻ سڀ جي شيوا ۽ ستڪار ڄاڻون،**
**اسين سنڌ وارا رڳو پيار ڄاڻون.**

**نہ ڪنهن کي ستايون نہ ڪنهن کي اُڇايون،**
**پري سڀ کي ڀاڪر گلي سان لڳايون،**
**ڏسڻ هر بشر ۾ ٿا ڪرتار ڄاڻون،**
**اسين سنڌ وارا رڳو پيار ڄاڻون.**

○○○

## وائِي (ناتو جوڙيون)

✍ اَرجن چاولا

تون هُتڙي، مان هِتڙي مونجهو،
ناحق پيا ٿا لوڙيون،
ناتو جوڙيون!

ڏوريون جن ۾ جڪڙيل آهيون،
ناهن ڪچڙيون نوڙيون،
ناتو جوڙيون!

توسان ڳانڍاپو پختو آ،
آءُ رهاڻيون چوريون،
ناتو جوڙيون!

دنياداريءَ ۾ اُلجهي،
ڇو ويهي مغز ولوڙيون،
ناتو جوڙيون!

تون مان وارو ڀيد ڀُلائي،
هر ٻنڌن کي ٽوڙيون،
ناتو جوڙيون!

وير ونجوڳ کي،
ڏيڍ جي ٻينل پاڻيءَ ۾ ئي ٻوڙيون،
ناتو جوڙيون!

تون مان گڏ پوءِ ڇا لءِ
۽ هيڏي هوڏي ڊوڙون ڊوڙيون،
ناتو جوڙيون!

سڀ پنهنجو آ،
’تنهنجي‘ يا ’منهنجي‘ جي دعويٰ ڇوڙيون،
ناتو جوڙيون!

پلڪن تي پوکيون
خوابن کي ڇا لءِ نيڻ نچوڙيون،
ناتو جوڙيون!

ناوَ اَجان وِچ سِير هَلي پئي،
ڪنهن تہ ڪناري موڙيون،
ناتو جوڙيون!

○○○

## غزل

✍ ماهين هيسباڻي

ڏياٽيون ڏياٽيون ٻري ٿي پئي
ڇٽيون چاهتن جون پري ٿي پئي.

هو چوندو هيو مونکي جانان چري
چري نانءَ تي جڻ مري ٿي پئي.

بُڏل اِنتظارن جي ٻيڙيءَ ۾ ويهي
سڪين کي ڇئي ٿي تري ٿي پئي.

ڇئي چنڊ کي ٿي پُڇي ڏي پرينءَ ڪان
اَلائي ڇو ڪبي اک ڦري ٿي پئي.

وساڻا وساڻا ستارا سيئي
ٻري ميڻ وانگي ڳري ٿي پئي.

چنيءَ ۾ ڪنيون ٿي وتي خواهشون
نٽي ڳنڍ ڪولي ڏري ٿي پئي.

○○○

## غزل

✍ احساس ابڙو

ياڪر منجھ پريندينءَ جڳ جو ڇا ويندو،
تون جو منهنجي ٿيندينءَ جڳ جو ڇا ويندو.

تون جو مون کي اوءِ ڪري ٿي سڏ ڪرين،
منهنجو ناءُ ڳنيندينءُ جڳ جو ڇا ويندو.

آءُ تہ ڪوھ جي اوٽ ۾ ويهي پيار ڪيون،
پاڻي پوءِ پريندينءَ جڳ جو ڇا ويندو.

گهر ويندي ڪو لوڪو تو کي گهوريندو،
ان کي جي بجو ڏيندينءَ جڳ جو ڇا ويندو.

منهنجي ٿيندينءَ دوزخ منجھ بہ گل ٽڙندا،
پاڻ جي ڏور جهليندينءَ جڳ جو ڇا ويندو.

○○○

# پنهنجي کوج

✍ ناديا مسند

مان ڪير آهيان؟ مان ته مان نه آهيان.
اَندر مُنهنجي ڪنهن پئي ’مان‘ اکر ٻوليو
ته مان، مان ٿيس.
مان ساهه کڻان ٿي،
زندگي ڪڏهن پنهنجي خواهش نه هئي.
زندگيءَ مونکي پنهنجي لاءِ پاڻ چونڊيو آ.
هاڻي زندگي منهنجا سڀ فيصلا ڪري ٿي ...
مان ڳوڙها نه ڳاريندي آهيان
منهنجي اکين جا لُڙڪ منهنجون ناڪام خواهشون
ڪيرائيندون آهن
اهي خواهشون پنهنجو پاڻ
دل ۾ منهنجي اُچن ٿيون
مان ڪڏهن به کهڙي ڪا تمنا دل ۾ رکي آ ....
مان محبت کي به نه چونڊيو آ
محبت پاڻ منهنجو نالو لکيو
ته مونکي محبت ٿي ويئي.
مونکي خواب به نه ايندا آهن
خوابن پاڻ فيصلو ڪيو آ
ته هو منهنجي اکين ۾ رهندا.
مان شاعر به نه آهيان،
اهي نظمون منهنجو پيڇو ڪن ٿيون،
اُچي اُچي مون کان لکائن ٿيون پاڻ کي.
هاڻي ڪوئي ته ٻڌائي مونکي
ته مان ڪير آهيان؟

○○○

# غزل

✍ جابر حسين چاچڙ

اوهان سان ملڻ جو بهانو ٿو ڳوليان،
ائين ٿو لڳي جڻ خزانو ٿو ڳوليان.

ڪچا ٻير انبڙيون پٽڻ ياد آيون،
مان پيري ۾ ننڍپڻ زمانو ٿو ڳوليان.

پڙهڻ سان مڇي پئيس ماتام من ۾،
لکڻ لاءِ اهڙو فسانو ٿو ڳوليان.

هٽي وئي هون پل ۾ سڌا تير دل تي،
مگر مان اجان هِت نشانو ٿو ڳوليان.

هي آزادي آ پر ملي نالي ماتر،
تنهين جي ڪري قيد خانو ٿو ڳوليان.

ڏڪا ٿاٻا ٿڙ ٿڙ انڌيرا لتاڙي،
اوهان لاءِ جابر سهانو ٿو ڳوليان.

○○○

# نظم

✍ نسيم بخاري

اسان ڏاڍ ڪي ڏاڍ آهي ڇيو
ڏکيا ڪونه آهيون جهڪيا ڪونه آهيون.

سدائين رهيون هن وڪون منزلن ڏي
ڪٿي ٻير پل پي رکيا ڪونه آهيو.

يلي بک يرم جي گهمون ڳاٽ اوچي
چڙيو آهي تاثر ڏکيا ڪونه آهيون.

نه بنگلن نه گاڏين نه ڏوڪڙ تي هرڪون
پنيان ڪنهن به لالچ ٻڪيا ڪونه آهيون.

سموري حياتي فڪر ۾ گذاري
سڪون رات ڪائي سمهيا ڪونه آهيون.

جبر سان سدائين ڪيو آهي جهيڙو
ڪيون ڇا شڪايت سڪيا ڪونه آهيون؟

○○○

ڊولڻ راهي

# رباعيون

(1)
هڪ طرف ٻُڪيو پيٽ ڀري ٻُڪ جي باهِ
ٻئي طرف ٻچيل جوُٺ سندو ڍير ٻه آهِ
ڪرهت سان ن ڏِسُ ٻار غريباڻي ڪي
ڏاري ڪو ٻُڪيو ٻُڪ ۾ ڪيسين ساجاهِ؟
(2)
گلڙن جو ڏِسي هار هِئون هِرڪايئه
گلڙن جي رڱو سونهن سڳنڌ ساراهيئه
جنهن ڏور ۾ پوتل هئي سندر مالا
اُن جو تہ گھڙيِ پر بہ نہ ڪو ڏيان آيئہ.
(3)
منظر بہ ڏسو پر پسمنظر بہ ڏسو
چوليون بہ ڏسو گھرو سمندر بہ ڏسو
سچ ناهي فقط سو، جو سامهون ڏسجي
ڪو شخص ڏسو اُنجو اندر بہ ڏسو.
(4)
واڏايون ڏنئہ، سال وڏو ٿيو آهيان
پر سچ تہ اهو، سال ننڍو ٿيو آهيان
هن عمر جو ليکو ئي هلي ٿو اُبتو
جئن جئن ٿو وڏي وقت، ٻُنيان ويو آهيان.
(5)
جي ننهَن ٿا وڌيِ وجن تہ پو ننهَن ڪٽجن
پر ڌيانُ رکي، جِئن نہ آڱريون ڦٽجن
تِئن اهمُ وڏو ٿئي تہ اهمَ کي ڪٽجي
پر پريت جي رِشتن جوُن نہ پاڙون پَٽجن.
(6)
آئيني چيُم- ”مون ڏي چِتائي ڏِسُ تون
سچُ مُنهنَ تي چَوَنڻ مونکان پرائي ڏِسُ تون.“
ششدرِ تہ ٿِيُس، پر پو شيشي کي چيُمِ-
”ڪنهن پل پنهنجيِ پُٺِ بہ وَرائي ڏِسُ توُن.“

ششدرِ= پريشان، مُنجهيَلُ،وائڙو

○○○

# غزل

سج آڏو ڪا ڪڪري آئيِ،
چند گھڙين لءِ اُس مُرهجائي.

جيڪا تو اُپ ڏي اُڇلائي،
سا ئي تنهنجي منهن ۾ آئيِ.

اڇا ڪڪر اُپ تي اِئن وِڙيل،
جڻ ڪنهن ڪپهہ پِڄيل ڦهلائي.

آسمان جي ڪئنواس تي،
قدرت رنگت چا تہ رچائي !

هيءَ ڳجهارت ڪير سليندو ؟
هيڏانهن ڏولي، هوڏانهن ڪائي.

ڪنهنکي چا چئجي،ڪيئن چئجي ؟
دودو ڏوڙ ، چنيسر چائي.

وڳو نہ سوڙهو، تون ٿئين چوَڙو،
درزي کھڙي پائي چائي ؟

ماءُ پيءُ ڏنو جِگر جو ٽڪرو،
تنهن کي چون ”پرائي جائي“.

من جو رکيم مانُ پرم ڪجهہ،
ايگو چڏ، اچ تون ئي پائي.

سنڌي ٻچڙن واتِ هجي شل،
پنهنجي ٻولي، پنهنجي وائي.

غزل ٻزل چا جاڻان راهي؟
اور اندر جي ٿم ورجائي.

○○○

# گيت

✍ ناريِ لچواڻي

اَڄُ ساجَنَ توکي پَسان
تُنهنجي تَن مَن ۾ وَسان
هَلُ، ڪشميرِ هَلوُن گھُمڻَ
مست فِضا واديون چُمڻَ
مَدهوشيءَ جي وِچ، نَچان
تُنهنجي تَن مَن...

رابيل گُلابَ ٻِ ٽِڙن
سوُنهن سُڳنڌ سَنگ سنگ مِلن
هي مؤسم نہ وَڃڻُ ڏِيان
تُنهنجي تَن مَن...

وَڻَ جي ڇانوَ، وَهي نَدي
موهي مَنُ ڪَلِ ڪَلِ ڪَندي
جهَلِ مونکي، نہ ڪِري پَوان
تُنهنجي تَن مَن...

ڪَڪَرن جي ڪاري گھَٽا
وَسَڻَ لڳي پُسَندا لَٽا
تُنهنجي ياڪُر ڏي ڍُڪان
تُنهنجي تَن مَن...

سيِتَل چاندوڪي وَٽي
هيرَ مَٽي گھوُنگھٽ ڪٽي
مَڌُر مِلن جا پَلَ اُڻان
تُنهنجي تَن مَن...

ooo

# غزل

✍ ناري لچواڻي (ڀوپال)

نِگاهن اَڳيان ڪنهنجي آيل لڳن ٿا،
بنان چوٽ تڏهن تہ گھايل لڳن ٿا.
ڏسي گرمي ڏاڍي گھُرايم نوان مٽ،
مگر سي اَڳيئي اُمايل لڳن ٿا.
ڇنائي ويا جي گھٽا سال اَڳ ۾،
اَجان سي ئي جيءَ ۾ سمايل لڳن ٿا.
پلاسٽڪ جي ٻوٽن ۾ آ سوُنهن ڪيڏي!
اَصل گل گلابي ڪوُمايل لڳن ٿا.
ڍُڪوُن ٿا اَسين، پر ڪٿي ڀهچنداسين؟
عقل هوش هڙئي وڃايل لڳن ٿا.
اَڙي! ڇا ڏسون اِشتهاري زمانو،
رُڳو نقلي نالا هلايل لڳن ٿا.
سوُاگت سُجن جا، جوُئارين جي جئہ جئہ،
سياڻن لءِ پادر پسايل لڳن ٿا.

ooo

# कबीर जा दोहा

✍ अनुवादक : मुरली गोविंदाणी, आदिपुर

वेनिती

1. अंतरयामी आहीं तूं, आतम जो आधारु,
   हथड़ो मुंहिंजो जे छडीं, केरु लाहींदो पार.
2. सतगुरू वडो दयालू आ, साधनि जो आधारु,
   भवसागरु त अथाह आ, पाण लगाइजि पार.
3. जिनि जिनि खे संतनि रंगियो, कीन थियनि बेरंगु,
   रोजु रोजु सूंहं बहकंदी, चढ़े सवायो रंगु.
4. सिक सुहिबत मन में न आ, नाहे तन में औज,
   सुधि नाहे उन देह मां, कीअं मिले थी मौज.
5. मुंहिंजो मूं में कुझु न आ, सभु तुंहिंजो आ हीउ,
   तोखे ई वापस कंदे, छो फथिके थो जीउ.

# نظم ✍ ڊاڪٽر خادم منگي

آءُ تہ توکي سنڌ گُهمايان.
جانان! پنهنجي جنڊُ گُهمايان.

سجُ سنڌوءَ تي ڪِرڻا ٻُرڪي،
هي ڪشمور، گڊو ٽرمل آ.
ٻيڙيءَ منجھہ مُهاڻي مُرڪي،
۽ درياءُ هِتي جَل ٿَل آ.
سِيرَ ۾ سُهڻي ناهِ اڪيلي،
ميهرُ هن سان هيل مليل آ.
پاڻ هَلي ٿا پُل تي ٻيهون،
راند رَتلَ آ، ميلُ متلُ آ.
آءُ جنڊيءَ جي پينگهي ۾ مان،
توکي لوڏي ننڊَ ڪرايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
پاڻ ڪَمونءَ جي دَنگِ هلي پوءِ،
ڌرتيءَ کي پرڻامُ ڪيون ٿا.
قادر پور جي شُعلي سان مَن!
پڙڪي اُلفت عامُ ڪيون ٿا.
نانءُ ڪُنور جو هردم تاري،
ڪُلفت جو قتلامُ ڪيون ٿا.
مومل جي ماڙيءَ تي چڙهندي،
راڻي نالي جامُ ڪيون ٿا.
گهوٽن جي هن شهر جا پيڙا،
کائي توکي گيتَ ٻُڌايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
سکرُ، هيمون ڪالاڻِيءَ جو،
روهڙيءَ ۾ بيدل جو ميلو.
مسجد منزل گاهہ ڪنڌيءَ تي،
آمهون سامهون ساڌُو ٻيلو.
محبت وارا پيئن جيئن،
نفرت وارن جو مُنهن پيلو.
مِزمانن جي مانُ وڌو آ،
جيري خاطر کُهبو ڇيلو.
۽ تون ٻيهي ڏِسُ تہ ڪيئن ٿو،
گرڙِيءَ جو ميدانُ ملهايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.

ڏوڪا، ڏنگَ، شُهارا تو ۾،
ڪارڪ جهڙي منهنجي مَنڙي!
ڪوٽَ ڏِجيءَ جي ٻُرج تان ٻيهي،
توسان ڳالهہ ڪيان مان ڳُجهڙي.
آءُ گهڙولي هر هر ڳايُون،
دل درازن جهڙي اُجري.
پاڻ نہ چاڻون ٻالي، نازڻ،
جن جا محلَ ويا سڀ اُجڙي.
پنهنجون لانڍيون، پنهنجون مَنَهِيُون،
تو لَئہ هڪڙي ڇڻِ اڏايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
رابيلن جا هارَ ڳِچيءَ ۾،
پائي هِي هُٻڪار ڪيون ٿا.
ٻيگارِيءَ جي ڪَڙَ تي ٻيهي،
سنهڙو ڪو چِٽڪار ڪيون ٿا.
شاهِي باغ ۾ چڪيون پوکي،
چوڏاري وٽڪار ڪيون ٿا.
تون بہ لکيدرِ مان بہ لکيدرِ،
هڪ ٻئي جو ديدار ڪيون ٿا.
مربن، چٽڻين، آچارن سان،
ڪُولا، برنيون، ڪُل پَرايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
پاڻ مُهين جي اسٽوپا تي،
سمبارا سان جيڪر مِلجي.
ڏاندن جو هي جوڙو جوٽي،
سون مياڻيءَ تائين هَلجي.
امرت رسُ جي مَٽَ منجهاران،
مِٽيءَ جو هر پيالو پَرجي.
موکيءَ جي مَئہ خاني اندر،
ٻَرجي، ٺَرجي، ڇا لئہ مرجي؟
ڪا ٺُڪ واري رلهي آڻي،
تو لئہ هڪڙو هنڌُ وڇايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
منڇر مان موراڪي آڻي،
ٻُوبَڪ منجھہ تَري ٿا کائون.
سيني کي ٿا سيوهڻ ڪريون،
دل سان پاڻ ڌمالَ لڳايون.
مورو، دادو، جوهي، ڪاڇو،

گورکِ تي ڪا رات گذاريون.
ڪوٽ رَنيءَ جو اوٽ ۾ ويهي،
ڌرتي ۽ آڪاشُ ملايون.
تنهنجي هٿڙن تي او سانئڻ!
ميهڙ جي مان ميندي لايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
ڀِٽَ جو سُهڻو شاهُ اهو ٿئي،
تنهنجو منهنجو ساهُ اهو ٿئي.
منزل ڏور، اڻانگو رستو،
هر وک تي همراهُ اهو ٿئي.
شاعر سڀ ستارن وانگي،
چوڏهينءَ چندر ماهُ اهو ٿئي.
راڳ رسالو، بيت سريلا،
چين اهو ٿئي، چاهُ اهو ٿئي.
اُن جي آڳرِ ويهي جيڪر،
دَنبوري تي وائي ڳايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
لالَ اڏيري جي ٽيشڻ تي،
جيڪر پنهنجو خيمو کوڙيون.
پاڻ وتائي جي ڏاهپ مان،
روز نوان ڪي رستا ووڙيون.
ڪچي قلعي جي، پڪي قلعي جي،
ڪُنگرن ڪي اچ ڀيهر جوڙيون.
هڪ ٻئي جي خوشبو ڪي ماڻيون،
هڪ ٻئي جي رنگن ڪي چوڙيون.
تنهنجين ٻنهي ويڻين ۾ مان،
شِيشي جون چُوڙيون پارايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان
مڪلي، رُوپا ماڙي پنهنجي،
ڪينجهر، ماجر ۽ چوٽياريون.
آءُ پِڻن ڪي ياڪرَ پايون،
ڌهرَ ڌهرَ ۾ ڏيئا ٻاريون.
ڪارونجهر جي ڪور مٿان هي،
مورن جون ٻُڌ رڙيون ساريون.
ڊيلن جون ڪي جڻ تہ قطارون،
پوڏيسر جون هي پاڻِياريون.
پٽر مان پاڻي ٽِي جيڪر،
تنهنجيءَ گهاگهرِ منجهہ سمايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
لاڪَ رتي آ لوئي جنهنجي،
مارئي مُورُ نہ ميرِي ٿيندي.
نانءُ عمرَ جو رَهڻو ناهي،
ڪوٽُ ڊهي هڪَ ڍيرِي ٿيندي.
ويريءَ جي اک پڇري پڇري،
آخر رڪَ ۽ ڪيري ٿيندي.
پنهنجو پاڳُ پليرو ٿيندو،
پنهنجي ڳالهہ مَٺيري ٿيندي.
تنهنجي سوني رنگ ڪي سَرتي!
هي ڏِس اجرڪُ ٿو اوڍِايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
هر سيني ۾ سنڌو ساگر،
لوٽانو هر اک جو ڳوڙهو.
ڪيٽي بندر، لاهري بندر،
پنهنجو اندر، مُور نہ سوڙهو.
پاڻ ڪلاچيءَ منجهہ رهون ٿا،
هيءَ ڪِماڙي، هِي منهوڙو.
اوڀائي جا پُٽَ سياڻا،
ڪوبہ نہ تن مان مَت جو مُوڙهو.
مانگرَ ساڻ مُهاڏو پنهنجو،
ٻيهي هُن جا مُٺَ پِڃايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
پنهنجو پيارُ بہ اٽمت آ پر،
توکان مونکان سنڌ وڏي آ.
پنهنجو پيارُ بہ ازلي، ابدي،
تنهن ڪان سانئڻ! سنڌ وڏي آ.
پينهنجي پيارَ جو ماڻُ نہ ماپو،
ها پر پوءِ پِي سنڌ وڏي آ.
پنهنجو پيار بہ اڻجهل آ پر،
سرتي! تنهن ڪان سنڌ وڏي آ.
پاڻ ٻئي هون مِٽيءَ چپٽي،
چپٽي ڌرتيءَ منجهہ ملايان.
آءُ تہ توکي سنڌ گهمايان.
جانان! پنهنجي جند گهمايان.
○○○

# ترائيل

✍ ڊاڪٽر خادم منگي

(۱)

گلن ساڻ گڏ ڪي گهڙيون گهارجن،
متان رنگ تِن جو اَسان تي چڙهي.
ستارن سان گڏجي اَکيون ٻارجن،
گلن ساڻ گڏ ڪري گهڙيون گهارجن.

وڃي چنڊ سان نيڻ ڪي ٺارجن،
رُڳو سج وانگر تو سينو ڪڙهي.
گلن ساڻ گڏ ڪي گهڙيون گهارجن،
متان رنگ تِن جو اَسان تي چڙهي.

(۲)

ايندڙ ويندڙ مون کان تنهنجي لاءِ پُڇي ٿو،
هرهڪ ويڻُ ڪهاڙي کان ٻيي تيز لڳي ٿو.
منهنجي دِل جي وڻ جو هر هر ڏارُ مُڇي ٿو،
ايندڙ ويندڙ مون کان تنهنجي لاءِ پُڇي ٿو.

روح رهيو خاموش، نہ هڪڙو لفظ ڪُڇي ٿو،
رنگ اُداسيءَ وارو ڪو رنگريز لڳي ٿو.
ايندڙ ويندڙ مون کان تنهنجي لاءِ پُڇي ٿو،
هرهڪ ويڻُ ڪهاڙي کان ٻيي تيز لڳي ٿو.

(۳)

چَيل جُملا، ڪَيل واعدا ويا توکان اِئين وِسري!
نہ توکي مُند ئي ڪا ياد آهي ۽ نہ پنهنجو تَرُ!
تڏيون راتيون ٿيون آهن ويا ڪانا سيئي نسري،
چيل جملا، ڪيل واعدا ويا توکان اِئين وسري!

ملي ماکي، مکڻ کاڻون، پوي ڪا کير ۾ مصري،
جئين ڪاڏا هئاسين پَرُ، جيئين پيتا هئاسين پَرُ.
چيل جملا، ڪيل واعدا ويا توکان اِئين وسري،
نہ توکي مند ئي ڪا ياد آ ۽ نہ پنهنجو تَرُ.

# غزل

✍ پريا وڇاڻي

سوُر سَهي سڀ سَهندي آهيان،
قلم کڻي پوءِ لکندي آهيان.

پنهنجو وِکڙيل سوچون ميڙي،
ڊهندي ٺهندي جيئندي آهيان.

گُل ٻڻجي ٿي مهڪان هردم،
خار بہ خود ۾ رکندي آهيان.

وات پلي ٿي اونداهي آهي،
جُگنوُ ٻڻجي ٻَرندي آهيان.

آهِ رُڪاوٽ راهہ سَموُري،
منزل ڏي تہ بہ وڌندي آهيان.

اک ۾ ڳوڙهو هوندو آهي،
جڳ جي آڏو کِلندي آهيان.

آهي پروسي جي عادت ۽
اُن عادت کان ڊڄندي آهيان.

شهر سڄو آ مغرورن جو،
مان بہ تہ اُت ئي رهندي آهيان.

اکڙين کان آ ننڊ رُٺل پر
پنا پوءِ ٻيي ڏسندي آهيان.

دردن جي آ محفل من ۾
مان کِٽ تنها رهندي آهيان.

○○○

# پيار ۽ حقيقت

✍ چندرلال ناڪر 'غافل'

سوچيو هيو پيار ڪري زندگيءَ جو مزو وٺبو،
ڪونہ هئي خبر پيار ۾ سک چين ويندو آ گهٽبو.

مان جيترو وڃانٿو سُرندو هن ڏي اوري اوري،
هوءَ اوترو وڃي ٿي ٿيندي ڇو مونکان پري پري.

ملي منل سان مزا ڪبا من ۾ هيا اَرمان گهڻا،
هلي ٿي جيڪو هال مون سان سڀ ٿيا آهن کٽا کٽا.

شال ڦري هن جو من منهنجي پيار جو قدر ڪري،
منهنجي رُٺل راڻي جو من مون ڏانهن جلدي وري.

ملندي پڪ مومل مونکي ڦڙندا ڏينهن آخر نہ ڪڏهن،
'غافل' هوندا زمين کان پير مٿي سُهڻي ملندي مونکي جڏهن.

گوورڌن شرما 'گهايل'

# (۱) پيڙ ۾ اَڪيلو

بس ۾ / ٽرين ۾ / جهاز ۾ / پلين ۾ /
سِنيما هال ۾ / سرڪس ۾ / ڪِلب ۾ / ۽
ڪاڪ ٽيل پارٽين / يا / ميلن ملاکڙن ۾
هر وقت، هر هنڌ، / اَڪيلائي محسوس اَٿم پيڙ ۾.

باغ ۾ ڪنهن وَڻَ هيٺان
تلاءَ جي، نديءَ جي ڪناري،
سمنڊ جي سامهون، / پهاڙي وادين ۾
جهرڻن اَڳيان / ۽
مساڻن جي ڪنهن ڪُنڊَ ۾
جڏهن جڏهن بہ وينو آهيان
پنهنجي اِرد گرد / اَڪيلائيءَ ۾
ميڙاڪو محسوسيو اَٿم.
(ميڙاڪو ويچارن جو، ڪلپنائن جو)
هِڪَ اَڪيلائي پوڳي اَٿم،
هِڪَ اَڪيلائي ماڻي اَٿم.

ꕥꕥꕥ

# (۲) غزل

هي درد ورهاڱي جو ناسُور بڻي پيو آ،
يا مرض مِٽي موٽلا يا جانِ ڇُٽي موٽلا.

آڪاس ۾ اُڏرين ۽ لهرن تي نچين، اي دِل!
ٻاڌاءِ تہ پڃري مان بس ڪونج ڇُٽي موٽلا!

شل شاهہ، سچل، سامي پُلجون نہ ڪڏهن پُلجي،
ٻوليءَ سان چاهت جو ڪو تيرُ ڇُٽي موٽلا!

مان شيخ مبارڪ سان، تنوير سان، تاجل سان،
بي روڪ ملڻ چاهيان، پر بَندُ ٽُٽي موٽلا!

تون عمر درازيءَ جي تو دُعا ڪرين دلبر!
هي وقت جُدائيءَ جو بس جلد کُٽي موٽلا!

ڪو واءُ وري اَهڙو وِڇڙيا بہ وڃن گڏجي،
شل پيار محبت جو ڪو ڦاڳ ڦٽي موٽلا!

'گهايل' جي تمنا آ، هيڪر مان ڏسان ميهڙ،
بس پوءِ يلي پراڻن جي ڏورِ ٽُٽي موٽلا!

ꕥꕥꕥ

# جيون ۾ ڪُجھ بہ ڪونهي

اَرون ٻاٻاڻي

اَلف ب کان وٺي،
گيتا ۽ قران تائين
آهن سڀ ڪوششون
سڀ وسيلا
جيون کي ڪُجھ بہ نہ مان
ڪُجھ ناهڻ جي اُميد ۾
پر جيون سدا کان سدا لاءِ
ڪُجھ بہ نہ
ڪوششون اُميدون
برقرار رهن ٿيون تہ متان
ڪُجھ معنيٰ، ڪو خال
پرجي وڃي، جيئڻ جو
ڪُجھ تہ آسرو بڻجي وڃي
پر جيون آهي سمورو
ڪُجھ بہ نہ
ڪوششون جاري تڏهن بہ رهن ٿيون
اُميدون سارتڪ تڏهن بہ رهن ٿيون
ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ جي
جيِ-توڙ ڪوشش
پر نيٺ هڪ دفعو
بيڪ جا ڪٽورا ۽
سڀ معنائون اُميدن سميت
ٽڪرا ٽڪرا پڃن ٿيون
۽ ڪُجھ بہ نہ ۾
تبديل ٿين ٿيون.

ꕥꕥꕥ

# وائي

✍ اَياز گُل

(۱)

اِئين جو وَڃي رهيو آن!
خالي گهڙو ته ناهين؟
هٿ جو رڳو اِشارو
ٽڙ ٽڙ پَڇي رهيو آن!
خالي گهڙو ته ناهين؟
هلڪو نه ٿيءُ ايڏو،
سڀ ڪان ڪڇي رهيو آن!
خالي گهڙو ته ناهين؟
وِڙهُ، ويڙهه پير ڪوڙي،
ڪاڏي پَڇي رهيو آن!
خالي گهڙو ته ناهين؟
ڪجهه حوصلو، حياتي
ڊِڇندو سُڇي رهيو آن!
خالي گهڙو ته ناهين؟
سنڌڙيءَ جو نانءُ ڪٽندي،
ٿي چو لَڇي رهيو آن!
خالي گهڙو ته ناهين؟
اِئين جو وَڃي رهيو آن
خالي گهڙو ته ناهين؟

(۲)

اَڃان تائين سُپنا
کولي نيڻن دَرَ
توکي ڳولِن ٿا!
ناهي مرهم آسرو
گهايل جذبا پر
توکي ڳولِن ٿا!
مون سان آڏيءَ رات جو
اُٿي روز اَکر
توکي ڳولِن ٿا!
جيئڻ جون آسون ڪٽي،
مُئل هي منظر،
توکي ڳولِن ٿا!
شهرن ۾ گُم ڇوڪرا!
ڪَسيون، ٻَنيون، هَرَ
توکي ڳولِن ٿا!
اَڃان تائين سُپنا
کولي نيڻن دَرَ
توکي ڳولِن ٿا!

# سائي وڻ جي ٽاري

✍ اِنجنيئر ڊاڪٽر عبدالستار ساند

مان سائي وڻ جي ٽاري آهيان،
هڪ سُهڻي سباجهي ناري آهيان،
ساوڪ منهنجي سونهن آهي،
ميوات منهنجي مرڪ آهي،
پن منهنجي پوشاڪ آهن،
پنکڙيون منهنجي پيار جي پريت آهن،
مان سائي وڻ جي ٽاري آهيان،
هڪ سُهڻي سباجهي ناري آهيان.

مان رڻ ۾ هڪ راڻي آهيان،
مان اوندهه ۾ هڪ لاٽ آهيان،
اُميد آهيان، آسرو آهيان،
سڪ آهيان، سهڪار آهيان،
ڏڪار ۾ سڪار آهيان،
ساند حيف آهي پوءِ به مان ويچاري آهيان،
ناري به آهيان ’ڪاري‘ آهيان! ۽ ’ماري به آهيان‘!
پر پوءِ به مان هاري ناهيان!
ڇا جي لاءِ جو، مان اَحساس آهيان، حساس به آهيان،
رحمدل به آهيان، راز به آهيان،
پر پوءِ به مان بزدل نه آهيان،
مان جوش آهيان، جلوو آهيان ۽ جلاد به آهيان،
پر وري به
مان سائي وڻ جي ٽاري آهيان،
هڪ سهڻي سباجهي ناز واري ناري آهيان.

## غزل

### گوپ ڪمل

- ساھ سيني کي ئي مِنو چو آ،
موٽ جو خوف ايترو چو آ؟
- ڪوبہ منهنجي ڪا ڳالھہ سمجهي نٿو،
شهر جو شخص وائڙو چو آ؟
- ناهي ٻيڙي ڪَچي، ترڻ ڄاڻان،
پوءِ ٻيي ڪک جو آسرو چو آ؟
- پر ۾ ليٽيو اَچي تہ سوچيان پيو،
ٻِسترو ايڏو ويڪرو چو آ؟
- مُلڪ ۾ آ اَمن چوَن حاڪم،
سيني چهرن تي ڦَرڦِلو چو آ؟
- هڪ مصيبت وِيئہ تہ ٻي آيئہ،
تنهنجو تقدير سان ڦَڏو چو آ؟
- ڪوئي مَنتر پڙهي ڪَيئہ جادوُ،
تنهنجو دشمن بہ گَهٽگُهرو چو آ؟
- چوُنڪ تي پوسٽر جيان آهيان،
سڀ پُڇن پيا ڪمل ڳُجهو چو آ؟
- هار ڪاٺڻ ڪانپوءِ تنهنجو ڪمل،
صرف مئخانو ئي پَتو چو آ؟

❦❦❦

## غزل

### دروپدي چندناڻي (ڀوپال)

اَفسوس رهيو ڪجھ بہ مزو ڪين چمنَ ۾،
حالاتِ ڏنو ڪو بہ تڏو ناھ وطنَ ۾.

نيتا اَپينيتا بڻيا آدرش اڄوڪا،
آدرش ڏسي ڪين سگهن رامَ لکنَ ۾.

چا ڏوھُ ڏجي! نوُڌل تي پيڙهي وڏي آ،
طاقت نہ ليپي پير هٿن، ۽ نہ بدن ۾.

مالن ۾ لڳل بُتَ تي ڏسي ڪپڙا ونن ٿا،
عزت وڏن لءِ ڪين اٿن هاڻي تہ من ۾.

ڪُلم ڪلا ٿي پيار ڪري اَڄ تہ جواني،
شرم و حيا هاڻي لڪي وينو ڪمرن ۾.

مايوس نہ ٿي وقت پراڻو وري ايندو،
ايندا هو پُراڻا ئي طريقا بہ چلن ۾.

آ موتُ اڳيان اَک جي، ۽ مسڪائي رهيو آ،
باقي نہ رهي هام ڪا پَهُتا جي ڪفن ۾.

○○○

## غزل

### بَلوُ چوئٿاڻي

- هر قدم تي زندگيءَ جو داءُ آ،
ٿو لڳي جڻ زندگي پٽڪاءُ آ.
- جئن ندي وڌندي رهي پريتم مِلي
اَٽسهوُ ٻانڌن ٻڌو اَٽڪاءُ آ.
- سِڪ سندو سڏڙو ڪيو چِبرا مِليا،
شانت پربت مان ٻُڌو پرلاءُ آ.
- ناھ ساوڪ آ زمين ساڳي سُڪل،
بادلن ڪيڏو ڪيو ڇٽڪاءُ آ.
- واءُ ڪهڙو آ لڳو سنسار کي،
ياءُ جو ويرِي بڻيو اَڄ ياءُ آ.
- جنهن اَمانت ۾ خيانت آ ڪئي،
بي حيا کي تہ بہ نہ ڪو پڇتاءُ آ.
- هي شهر ويران ٿيو اَک ڇِنپ ۾،
ساموُنڊي طوفان جو ٽڪراءُ آ.
- داغُ آهي چنڊ ۾ هرڪو چوي،
پر سِتارن جو ڏنل هيِ گهاءُ آ.
- سچ نہ آ روشن نہ روشن چاندني،
۽ نہ ڪنهن فانوس ۾ ڀڪاءُ آ.

❦❦❦

## دوها

### شادبي ڪنعيو (جهوناڳڙھ)

١. اَڌ تنهنجو ٻيي ڏوھہ آ اَڌ منهنجو ٻيي ڏوھہ،
مِلي ڪري هڪ ٿي وڃون دوُري مِٽائي ڪوھہ.
٢. دِل مان نفرت کي ڪڍي تنهن ۾ ڌاريو پريم،
من مورت اَهڙي رکو جيئن چمڪائي فريم.
٣. ساوڪ جي سرهاڻ ۾ ناچ نچي من مور،
پنهنجي مستيءَ ۾ مگن ڪونہ ڪري ڪو شور.
٤. ڪورونا آٽي چڙيو من ۾ ڌاڍو ڦير،
ڪير نہ ڪنهنجو آ بڻيو ماٺهو ماٺهوءَ وير.
